
لاپته
محبت
نثار کوکر
روشني

# لاپته محبت

## نثار کوکر

روشني پبليڪيشن
2016

ڪمپوزنگ : شاھنواز ٽالپر

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# ڪمپوزر پاران

”انسان غلطين جو گهر آهي، ويسر سندس فطرت ۾ شامل آهي. اُن ڪري انسان جي لکت غلطين کان پاڪ ۽ صاف نہ ٿيندي، وس آهر ڪوشش ڪبي آهي تہ بهتر کان بهتر ڪيو وڃي. ڪٿي ڪا بہ غلطي هجي تہ ڪمپوزر پاران سمجهجو ۽ نشاندهي ڪجو.

**شاهنواز ٽالپر**
ڪمپوزر
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
sntalpur@gmail.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”مسافر محبتون“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ناماياري ليکڪ ۽ صحافي نثار ڪوکر جي صحافتي لکڻين، ڪالمن ۽ مقالن جون مجموعو آهي.
نثار جون هي لکڻيون صحافتي آهن، الائي ادبي پر اڪثر ماڻهو هنن لکڻين کي نثار جي نثري شاعري سڏين ٿا، حسن مجتبىٰ لکي ٿو:

”ڏوڪريءَ جو هي پيارو نثار ڪوکر رڳو رليو ڪونهي، پر هن سنڌ کي نه فقط ولوڙي جھاڳي راڳي ڏٺو آهي جيڪي ڏٺو سو لکيو پر هن ڦريل سنڌ جي ووڙ به ڪيئي آهي ڦريل سنڌ جي اها ووڙ ئي آهي انکي واپس موٽرائي آڻڻ جي جيڪا هن کي سمهڻ نه ٿي ڏي، جيڪا هن جي روح کي سدا سيلاني رکي ٿي. ملڪ ۽ سنڌ ۾ اها صحافت ناهي رهي، جنهن کي تحقيقاتي صحافت چيو ويندو هو، پر نثار جهڙا ڪي ڳاڻ ڳٿيا صحافي اجان رچ ۾ مورن راڙ آهن، جيڪي هن اينڪري ڪلجڳ ۾ نه موهيا نه منديا ويا آهن.“

هي ڪتاب **روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو. مهربانيون پياري نثار ڪوکر جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## سٽاءُ

- مسافر ليڪڪ جي لاپتہ محبت حسن مجتبيٰ

- تابوت ۾ تاريخ آ
- بشير قريشي ڪيس ۾ سنجيدگي جو سوال؟
- هنج سدائين ڏيرا
- ٻہ ڊاڪٽر ۽ ٽيون وڏيرو
- لاپتہ محبت
- ڪي رند ڪڙوڪرڪائين ٽا!
- سنڌ جو لوڙ ۾ ننڌڙڪا يومي پترا
- مُياس تہ معاف ٿئي!
- ڪا جا روح رهاڻ!
- پروفيسر ريٽائر ناهن ٿيندا؟
- رني ڪوٽ جو رڻ ۾ پريشان پريون!
- گوريلن جي موت جي موسم
- ٻوليون پنهنجي موت پاڻ ناهن مرنديون
- ٻي وسيءَ جي ميدان ۾ هارايل جنگيون!
- ايمانداري جي ندامت!
- اوپرا اديب!
- لاهي سگهڻ جهڙا ٽورا
- ڪارنهن جو ڪاروبار ۾ جرڳائي جج!
- ريجهو مل لاهوري.. منهنجو ليجنڊ
- ڳٽيون ٻہ چا ڳوڙها
- ٻي موت مرنڌڙعاشق
- اسان جا درد صوفي هن!
- هيڪلي عورت ۽ دوزخ جهڙي دنيا
- پوتار بمقابلہ پوتار!
- وطن ۾ ٻي وطن هجڻ جو احساس

- ٻوتان جي ”شڪاري“ هجڻ جي شاهدي ڏيندڙ ديوارون
- سوتليءَ ۾ ٻڏل ڪجھ ڪتاب!
- بلوچن جا ٻنڌ ۾ ننڌڙڪا ٻگت!
- آواز عورتن جا
- لقاءُ
- جن ساھ ڏئي ويساھ ڏنو!
- طبقو تبديل ڪرڻ وارو خفت!
- من ٻوتار
- بناز ۾ ممنوع محبت واري وڏيري
- وٽي ۾ برف
- جوڳين ڪان چڙهيل نانگ!
- قبر جنهان دي جيوي هو!
- ٿينڪ يو جسٽس!
- درويش جي دُنيا!
- مي رقصم وارو من!
- بادل کي سمجھاءِ!
- اڊائي ڪلاڪ ارباب سان!

# مسافر ليڪ جي لاپته محبت

نثار کوکر سنڌ جي تہ چڏيو پر ملڪ (سنڌ بہ هڪ ملڪ ئي آهي) پاڪستان جي انهن ٿورن صحافين منجهان هڪ آهي جن کي مسافر ليڪ سڏيو وڃي ٿو.
سنڌ ۽ ملڪ کان ٻاهرين ملڪن ۾ اچي ڪاهوڙين جيان پرڏيهي ليڪڪن تہ نوچيو ۽ ولوڙيو هو (خير سان جڏهن اجان نڪائي ملان، پيارا، ڏاڙيل ۽ خودڪش بمبار نہ پهتا هئا) تہ صدين سالن کان پرديسي ليڪڪن، مهم جو مردن توڙي عورتن هن ديس يا دنيا جي هن حصي کي چڱو موچارو ڦولهي لڌو هو. اهڙيون خبرون لکيون هيون جو پڙهندڙ وات ڪٽلي ڪري ويهن. هن وات ڪٽلي قوم، جنهن کي سنڌي چون، مان منهنجي مراد گهڻو ڪري سنڌي مسلمانن مان آهي، ڇو تہ سنڌورڪي واٽيا تہ پاڪستان کان بہ صديون پهرين پرديسن ۾ پڌاري پنهنجو نانءُ ۽ ناڻو پيدا ڪري چڪا هئا، اهي جن کي پتائي وٽجارا ڪوٺيو هو.
اهڙن کوجنا تي ليڪڪن مان هڪڙو جيڪو مون بہ وڏو ٿي ٻنجڻ چاهيو هو اهو سر رچرڊ ايف برٽن هو. جنهن ڪراچي ۾ ڇوڪرن جو چڪلو ڦولهي لڌو هو. جنهن اهو بہ ڦولهي لڌو هو تہ ڪهڙين ذاتين ۽ قبيلن جا بالغ ماڻهو ڇا زن ڇا مرد دن کان هيٺ وارا وار لاهيندا آهن يا نہ. پيرن فقيرن ۾ ويساهہ وسوڙيل قوم سنڌ جا ميلا ملاڪڙا، وڏيرا، موالي، چور، چورن جون نانيون ڇا هن، سڄي سنڌ صفا ڇا لڳي پيئي آهي، بس بابا هليا اچو. هن رڳو سنڌ نہ پر پنهنجي دور ۾ اوڻهين صدي جي پوياڙي وارن ڏهاڪن ۾ سڄي دنيا جو خفتي ايڏو تہ خفتي ليڪ هوجو چمڙا پوش ڪري عبدالله شيخ نالو رکي مڪي مديني وڃي حاجي جي روپ ۾ حج جا مشاهدا بہ ماڻي آيو هو پاڻ وڏو لقاءَ هو.
ڪنهن آفريقي اترادي عرب کي سونهون بنائي ساڻ ڪٽي مصر جي نيل شاهہ درياهہ جي مهم تي نڪتو جيئن پاڻ وٽ انور پيرزادو، بدر ابڙو اشتياق انصاري وارا نڪتا هئا يا اهي جاپاني سياح جن کي ڪماندو شيخ ڏاڙيل ۽ سندس ٽولي اغوا ڪيو هو خير اهو وري ڪنهن ٻي بادشاهي جو قصو ٿيندو. مطلب تہ سر رچرڊ برٽن وڏي فلم هو. هن سنڌ کي ولوڙي ڏنو هو. ولوڙي ڏسڻ ياد رکجو هتي، ڪيئين سالن تائين هن جو ڪتاب سنڌ ريوزيٽيڊ جي سنڌي ترجمي مان هن جي ڪراچي ۾ انگريز فوجن ۾ هم جنس پرستي جي حوالي سان ڦولي لڌل ڇوڪرن يا مردن جي چڪلي وارا حصا سنڌ ثقافت کاتي يا سنڌي ادبي بورڊ وارن سندي بالغ ٿيڻ تائين ڇپرائڻ کان لڪائي رکيا هئا. هاڻ خبر ڪونہ اٿم تہ هو بالغ ٿيا يا اجان ناهن ٿيا! پوءِ رچرڊ برٽن کي سندس ساڙ سڙئي باس ۽ سنڌ جي قبضي جي گنهگار چارلس نيپيئر کي سندس پنيان وڏي پنبڊي ٻاري ڏني هئي. اياز جنهن هن نيپيئر کي ڪتي جو وياءَ سڏيو هو

تنهن جو مجسمو لنڊن ۾ نثار ضرور ڏٺو هوندو. هاڻ مان کيس چوندس تہ هو ٻئي ڀيري جڏهن ولايت وڃي تہ سر رچرڊ ايف برٽن جي آخري آرامگاهہ تي حاضري ضرور ڏي.

سنڌ کي پنهنجي اکين کان گهٽ ڀيرن سان ڏسندڙ رچرڊ برٽن هڪڙي هنڌ لکيو تہ سنڌي ماڻهو کي جيڪا شيءِ وڻندي آهي اهو ان کي رڳو اک سان نہ پر هٿ لائي بہ ڏسندو آهي. سنڌ کي هڪڙي اک سان سر جان جيڪب بہ ڏٺو هو ۽ سنڌين کيس پنهنجين اکين ۾ جايون ڏيئي ڇڏيون هيون. ”سنڌ هڪ عجيب ملڪ آهي“ مونکي نوي واري ڏهائي ۾ پونوهار جا لوٽيانا پٽ پر ڏاڍو سهڻو ڏيهہ ڏوريندي ڪتاس جي پراڻي مندر وٽ هڪ پناڻ ملنگ چيو هو. مان، منهنجا يار فرجاد نبي ۽ مظهر زيدي ٻيو مون ساڻ هئا.

پر يار هي سنڌ آهي جتي نہ هر اگهاڙو شخص سرمد آهي نہ ئي جو هر نينگر ابيچند آهي، پر مان سوچيان ٿو جي ڇا ٿي پئي ها تہ هي عرياني جي جامي ۾ ڦرندڙ سرمد دارا جي تقدير جو حصو بڻجڻ دهلي وڃڻ بجاءِ ۽ سنڌ ۾ رهي پئي ها تہ پوءِ، ڇا سچي حياتي ۽ ان کان پوءِ بہ ابيچند سان گذارڻ لاءِ ڇا سنڌ گهٽي نہ هئي، پر دارا جي تقدير نہ سوچي، پوءِ هو اسان کي حسن درس ڪيئن ٻڌائي ها تہ ”ساري سنڌ پرين جو پاڇو“ هاڻ لڳي ٿو تہ هو رڳو رولاڪ شاعر نہ پر مسافر ليکڪ بہ هو.

جي ها، هاڻ اچون ٿا موٽي مسافر ليکڪن تي، مسافر ليکڪ سنڌ ۾ گهٽا آهن؟ ملڪ سڄي ۾ بہ ڪي ڳاڻ ڳٽيا، سلمان رشيد جيڪو جائو ئي ڪنهن ريلوي لائين واري گهر ۾ اسٽيشن ماسٽر جي گهر ريل جي ڇڪ ڇڪ ۽ سيٽي هن جي جڻ ستي ۾ وڌل، جيڪو لنڊي ڪوتل کان وٺي راجا جي ريل تي چڙهي ٿر مني تائين وڃي نڪتو منهنجي دوست گهڻ گهري مسافر ليکڪ گهڻ گهري مسافر ليکڪا عيني علي خان آهي جيڪا هنگلاج کان وٺي پشاور تائين ۽ نيويارڪ تائين رلي وڏا وڏا ليک لکي چڪي آهي- جيڪا لياري جي گهٽين ۾ گهمندي آهي ۽ سيني مسافر ليکڪن جو گرو ۽ فقط ۽ هڪڙو خورشيد قائمخاني هو.

اسانجو دوست سيد منير شاهہ جيترو رليو آهي جي باقاعده اهي رولاڪيون لکي ها تہ وڏو مسافر ليکڪ يا ٽريول رائيٽر هجي ها- هاڻ بہ آهي، اهڙي ريت لاڏائو قبيلي وارو روح رکندڙ منهنجي دوست امر سنڌو، منهنجو پيارو اسحاق مگريو صفا ڳالهہ ڇڏي ڏيو.

پر ڏوڪري جو هي پيارو نثار کوکر رڳو رليو ڪونهي، پر هن سنڌ کي نہ فقط ولوڙي جهاڳي راڳي ڏٺو آهي جيڪي ڏٺو سو لکيو پر هن ڦريل سنڌ جي ووڙ بہ ڪيئي آهي ڦريل سنڌ جي اها ووڙئي آهي انکي واپس موٽرائي آڻڻ جي جيڪا هن کي سمهڻ نہ ٿي ڏي، جيڪا هن جي روح کي سدا سيلاني رکي ٿي.

يعني تہ ڇا تو ڪڏهن سوچيو آهي ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي. هن نہ فقط پاڻ کي سنڌي صحافت ۾ مڃرايو آهي پر ارڊو صحافت ۾ بہ مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ نثار کوکر ۽ مان هڪڙي ڏينهن نيويارڪ ۾ ملنداسين ۽ ان جي رستن تي رلي رهيا هونداسين. اهو نثار ئي هو جنهن مون کي آمريڪا ۾ ئي سنڌ ۾ اسان ٻنهي کان وڌيڪ سڃاڻپندڙ آمريڪڻ سنڌياڻي پياري ايملي هائوز سان پهريون ڀيرو ملرايو هو.

مسافر ليڪن مان رضا علي عابدي جو ڪو بہ ميچي ڪونهي، نہ ئي مون واري مرشد وسعت الله خان جو.

نثار ڪوکر ڪي اها سدا جو سيلاني روح هن ڪي صحافت ۾ ڪٺي آيو هوندو ۽ هن اها صحافت ڪيئي آهي جيڪا هاڻ پياري غائبستان مان غائب ٿيندي پيئي وڃي ڇو تہ ان ۾ ڪيئي جان جا جوکا آهن ۽ هن مسافر ليڪ نثار ڪوکر اهي ڪنيا بہ آهن. هتي انهن جوکن جو ذڪر ضروري ناهي، نہ تہ وري جان جوکي ۾ اچي سگهيس ٿي.

اها صحافت جنهن ۾ ايوارڊ گهٽ ۽ خطرا وڌيڪ هوندا آهن. نثار اها وڏي واڪ ڪري ٿو. انهي ڪري ئي هن جي ڪتاب جو (سرو) عنوان ئي لاپتا محبت آهي. هن هڪڙي تحقيقي ڪهاڻي انهن ماڻهن جي بہ لکي آهي جن بابت اڄوڪي پاڪستاني ۽ سنڌي ميڊيا ۾ ورلي ئي ڪو نہ لکندو آهي. پاڪستاني رياست يا ايجنسين هٿان ڪنيي ڪڄي ويل ماڻهو نوجوان ۽ سياسي ڪارڪن- نثار هنن جي بہ ووڙ ڪيئي آهي. . . سنڌ جي غائب ڪيل جواني جي، چچريل لاشن جي ۽ انهن لاءِ اتاولين مائرن جي جيڪي هاڻ زندہ نڪي مردہ آهن.

اهڙيون ڪيئين ڪهاڻيون آهن. انهن ڪي آٽڻ لاءِ ۽ هو ڪي مضمون غائب مان نہ ٿو ڪٽي اچي پر اهو هن سنڌ ۽ ملڪ جو زمان حاضر آهي جنهن ۾ هو ان جي ڪهاڻي ٻڌائيندڙ بہ آهي. گر ٿي ويل محبتن جو جاڳيو ياڳيو بہ آهي تہ عاشق بہ. وڌيڪ پاڻ هن ڪتاب ۾ ڏسو سنڌي ويا ڪرڻ ياڳو پهريون وٺو ڪم اڪين ڪان. ڇو تہ اهو سچ جي ڪو ٻڌائڻ وارو ٻڌائي ها تہ ان ڪي ڏسڻ لاءِ اوشوچواڻي اکين جي بہ گهرج هوندي آهي.

اڇو تہ هن عاشق جي اک سان ڏسون پنهنجي پنهنجي عينڪ هڪ پاسي رکي. هي جوگيڙو رتو روح آهي. انهي فرقي جو فرد جنهن ڪي ڇون ساري سنڌ پرين جو پاڇو.

ملڪ ۽ سنڌ ۾ اها صحافت ناهي رهي، جنهن ڪي تحقيقاتي صحافت چيو ويندو هو پر نثار جهڙا ڪي ڳاڻ ڳٽيا صحافي اڃان رڃ ۾ مورن راڙ آهن. جيڪي هن اينڪري ڪلجڳ ۾ نہ موهيا نہ منديا ويا آهن.

گهڻو لکيو ٿورو سمجهندا.

**حسن مجتبيٰ**

نيويارڪ

مئي اٺاويهين 2016

ڇنڇر

# تابوت ۾ تاريخ آ

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۽ ٽيچنگ اسپتال جي وڏن ونگن واري مک دروازي تي ماڻهن جي اهڙي پيهہ هئي، جو گذرڻ محال هو. هونئن تہ لاڙڪاڻي جي وي آءِ پي روڊ سان لڳندڙ هر چوڪ تي ڪارڪنن جي رش هئي، پر چانڊڪا اسپتال ۾ جيئن تہ پوسٽ مارٽم ٿيڻو هو. تنهن ڪري سوڳوار ڪارڪنن جي رش تمام گهڻي هئي. بشير خان جي منهن جي جهلڪ ڏسڻ لئہ جڏهن قطارون ٺهڻ لڳيون تہ سوڳوار ماحول سڏڪا سڏڪا ٿي ويو. اسين جڏهن ڪاٻي پاسي واري فوٽ پاٿ تي چڙهي منهن ڏسڻ جي تياري ڪرڻ لڳاسين تہ اسپتال ۾ مريضن جي تيمارداري لاءِ آيل عورتن اسان کي مشورو ڏنو تہ رستي جي ٻنهي پاسي جڙندڙ قطارن مان ساڄي پاسي تي بيهو تہ منهن ڏسي سگهندئو. بشير خان جي جيئري توڙي مئي سندس چهري ۾ عوامي جهلڪ ۽ عوامي دلچسپي وڏيڪ هئي.

سندس مڙهہ واري ايمبولينس جيئن ئي مک دروازي ۾ داخل ٿي تہ ماڻهن جي رش تمام گهڻي وڌي ويئي ۽ مون کي مشهور صحافڻ ۽ ناول نگار اوريانا فلاسي جي ناول (آ مين) جا منظر ياد اچڻ لڳا، جنهن ۾ هوءَ مرندڙ سياستدان هيرو کي مخاطب ٿي لکي ٿي تہ، تنهنجي تابوت سان گڏ ماڻهن جون ڇوليون هڻندڙ سمنڊ گڏ هو. ماڻهن جون اهي ڇوليون ڪڏهن مونکي تنهنجي تابوت پرسان پيون ڪن تہ ڪڏهن ان کان گهڻو پري مرڪزي دائري لاءِ ٻاهر وڃي ڦتو پيون ڪن، پر آئون تنهنجي ان آخري سفر ۾ توسان گڏ پئي هليس. ائين ئي بشير خان جي آخري سفر ۾ آئون ڪارڪنن جي سمنڊ ۾ گهيريل هئس. ڪڏهن ويجهو تہ ڪڏهن پري ٿيندو رهيس، پر گڏ هئس.سڪرنڊ جي ايمبولينس جڏهن ويجهو پهتي تہ گلن جي چادرن ۽ اجرڪن ۾ ويڙهيل ان شخص جو چهرو اپري اڳيان آيو. جيڪو مشڪوڪ حالتن ۾ ماني کائڻ کان پوءِ مري ويو آهي. سندس چهرو لُڪن جي لوساٽيل ۽ ڊگهي سفر کان پوءِ بہ نہ ٿڪجندڙ شخص وارو چهرو هو.

فرد واحد جو جنازو ڪين آ دوستو!

تابوت ۾ تاريخ آ

هزارين ڪارڪنن ۽ همدردن جي گهيري ۾ آيل ايمبولينس ڪِوِل جيان رڙهندي مردي خاني طرف وڃي رهي هئي. ڪنهن بہ اسپتال جي ان جڳهہ کان الائي ڇو مونکي نفرت رهي آهي، ان طرف ويندي ڪنهن کي بہ نہ ڏسي سگهندو آهيان، هي تہ بشير خان جو مڙهہ هو- چانڊڪا ڪاليج ۾ اسپتال جي آڳنڌ ۾ سوڳوار ماحول سبب اداس ڪندڙ خاموشي ڇانيل هئي، شهر جا دڪان بہ بند هئا، بازارون ويران-لاڙڪاڻي جي هوائن ۾ اپريل جي اداسي ڪا نئين تہ ناهي. اڃان اهو سوچي رهيو هئس تہ هڪڙي ظالم ميسيج ڪيو تہ،

سنڌ! تنهنجي هوائن ۾ هُرندا سدا
هاءِ پهريان ڏينهن هي اپريل جا

بشير خان پنجاهه سالن کان مٿي وارو سفر طئہ ڪري هاڻي جڏهن رتيديري جي موٽڻ پور محلي طرف موٽيو آهي تہ ائين لڳي ٿو تہ هي شخص چائو ئي آزادي ۽ انقلاب جا جهنڊا بلند ڪرڻ لاءِ هو. سندس سياسي سفر تي نظر وجهبي تہ هو شاگرد سياست کان اهڙو تہ متحرڪ نظر اچي ٿو جو سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ جساف جو ميمبر ٿيڻ جي ڪجهہ ئي سالن اندر هو عهدي تي اچي وڃي ٿو ۽ چند ئي سالن ۾ مرڪزي عهدن تي بہ اچي ٿو وڃي.

ڪراچيءَ ۾ 23 مارچ جي موقعي تي لکين ماڻهو گڏ ڪرڻ کان پوءِ سندس سياسي قد تمام گهڻو مٿي ٿي ويو ۽ ڪنهن فقير مونکي چيو تہ توهان "جامائين" نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪيو. بشير خان قريشي، آصف بالادي ۽ ٻين سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ پڙهڻ ڪري سندن ويجهي سرڪل ۾ ڪين "جامائي" سڏيو ويندو آهي. سنڌ جي قوم پرست سياست ۾ خاص ڪري جيئي سنڌ جي نعري ۾ جهنڊي هيٺ هلندڙ جماعتن ۾ اڳواڻن بشير خان اهو پهريون اڳواڻ آهي، جنهن قوم پرست سياست کي عوامي انداز ڏنو. سندس تقرير ۽ ڳالهائڻ جو انداز اڄان تائين نج ڳوٺاڻو رهيو. سندس اٿڻي ويهڻي جا رويا ۽ طور طريقا بہ عوامي هئا. ڪراچي واري فريڊم مارچ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ حيدرآباد جي سول سوسائٽي سان ڊائلاگ پروگرام ۾ شريڪ ٿيو. هن سمورن پڙهيل لکيل دانشور ٽائيپ ماڻهن کي سڏن اکرن ۾ ٻڌايو تہ "ابا هن ملڪ کي جاڏهون تاڏهون همراهہ تاڙيون وڃا آٿو تہ ڪٿان نہ ڪٿان ڏک هٽي ڪيونس. اجايو جو ڪو ٻيو هٽي تنهن کان اسان چو نہ پنهنجو وارو وڃايون." هن جا لفظ ۽ انداز بلڪل سادو پر پيغام سخت-سن واري سيد جي پيغام کان جيئڻ سندس هم ذات ۽ هم طبقي وارا وڏيرا، پير، مير ، سردار پڇي ويا، تيئن ئي بشير خان کان ڪيترائي ماڻهو ڇرڪيل رهيا. پر هو مستقل ۽ مسلسل هلندو رهيو اهڙي وات تي جنهن جي راهہ اڻانگي ۽ سفر مشڪل.

جن کي عشق اندر ۾، تن کي اڄ نہ بک
وحدت منجهہ وصال جي ٿا سدا ماڻن سک.

بشير خان قريشي قوم پرست سياست جي مقبوليت واري ان درجي کي وڃي پهتو جتي شايد پهچڻ جي هر ڪنهن کي تمنا هجي. هن جيئي سنڌ ۽ آزاديءَ جي نعرن ۽ اجتماعن کي نشترپارڪ ۽ سن جي گهٽين مان ڪڍي تبت سينٽر ۽ ريگل چوڪ جهڙن عوامي جڳهن تي آندو جتي هو ڪڏهن لکين ماڻهن سان بيٺل هو تہ ڪڏهن سائين جي ايم سيد جي پوٽي زين شاهہ سان گڏجي پوليس جون لٺيون ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا شيل پيو کائي. پوليس تشدد بعد سندس ليڙون ليڙون ٿيل قميص ڏسي ڪنهن چيو تہ سنڌي وڏيرن کي ڇڏيو سنڌي غريب ماڻهو ڪراچي جي چوڪن تي ائين ئي ڪٽجي رهيو آهي. ريگل چوڪ تي ان اڪيلي ڪٽجندڙ بشير خان ڪجهہ ئي سالن ۾ ماڻهن جو اهڙو تہ نيٺ

ورڪ جوڙي ورتو جو شاهراهه فيصل تي ڪيس قتل ڪرڻ وارا پهتل مشڪوڪ ماڻهو جوابي حملي ۾ پاڻ قتل ٿي ويا. سندس ڪارڪن مشتاق خاصخيلي شهيد ٿي ويو. ان واقعي کان پوءِ ڪراچي ۾ ڪم ڪندڙ مختلف سياسي مافيائن ڪيس تمام گهڻو سنجيدگي سان ورتو. جيئن سنڌ جي سياست ۾ ڪنهن زماني ۾ گل محمد جکراڻيءَ جي موڙي مقبوليت هوندي هئي. ڪيس شاگرد ڪارڪن ايترو تہ پروٽوڪول ڏيندا هئا جو بشير قريشي پاڻ بندوق کڻي سندس پهرا ڏيندو هو. بشير خان جي منزل پارليامينٽ هائوس نہ هئي۽ هن پنهنجي راهه تبديل ڪرڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي ۽ حالتن ڪيس اهڙي مقام تي پهچايو جتي پهچڻ جي اڪثر ايم اين ايز ۽ سينيٽيرز خواهش ڪندا آهن. آئون بشير خان جا اهي فوٽو ڏسان ٿو جن ۾ هو لاڪپ ۾ اقبال عرف درياءَخان تنيو سان گڏ ويٺل آهي. گرمين سبب سندن قميصون لٿل آهن. هڪ ٻي تصوير ۾ ستار موريو گل محمد جکراڻي ۽ ٻيا بيٺل آهن. فوٽو ڏسي اهو ئي چئجي ٿو تہ وقت سدائين هڪ جهڙو نہ ٿو رهي. ڪو بہ ڪردار سدائين هڪ جهڙا نٿا بيهن ۽ بشير خان جو ڪردار مستقل مزاجي ۽ مسلسل جدوجهد سبب نمايان ٿي بيٺو آهي.

جيئڻان اڳي جي جيئا، جڳ جڳ سي جيئن،
اَوءِ موتي ڪين مرن، مرڻا اڳي جي مئا!

بشير خان قومپرست سياست کي عوامي رنگ ڏيڻ سان گڏ سنڌ جي مٽي ۽ خمير ۾ ڳوهيل صوفياڻي رنگ کي اپنايو. هن جي هٿ جوڙ نياز نوڙت سيني سان رهي ۽ هن پنهنجي انا کي در جهڪايو پر مقصد تان ڪنڌ نہ جهڪايو. هن جي برداشت ۾ عوامي انداز هو. ڪجھ سال اڳ کي ٽي اين نيوز لاءِ مون سندس انٽرويو ڪيو. جنهن ۾ اهڙا تہ چڀندڙ سوال ۽ مٿس لڳندڙ متضاد الزام شامل هئا، پر هن ڪا بہ ڪاوڙ نہ ڪئي. حالانڪ مونکي ذاتي طور خبر آهي تہ ڪيس تمام گهٽي جاين تي گهٽن ئي سوالن جا جواب ڏيڻا پيا هئا. ان برداشت ۽ ساٿ کي گڏ کڻي هلڻ واري لاڙي ئي ڪيس سمورن تضادن جي باوجود ڪارڪنن جو حقيقي ”وڏو“ بڻائي ڇڏيو. سندس ڪارڪن قرب ۽ پيار مان سندس نالو وٺڻ بدران ڪيس ”وڏو“ چوندا هئا.

اپريل جي اها رات چوڏهينءَ جي چنڊ جي رات هئي، ان رات دير سان آئون خيرپور ناٿن شاهه جي پوليس ڪانواءِ ٽوڙيندو لاڙڪاڻي پهچڻ جي ڪوشش ۾ هئس. نصير آباد کان پوءِ شروع ٿيندڙ سنسان روڊ تي پوندڙ پيرئي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ آئون اهو ئي سوچي رهيو هئس تہ سنڌ جي روڊن تي ڪيڏيون نہ سنڌ جون جوانيون ختم ٿيون آهن. سرمد سنڌيءَ کان حسن درس ۽ بشير قريشي تائين هي سڀ مسافر اويلا ڇو هوندا آهن . جيڪي چانڊوڪي راتين ۾ وڇڙي وڃن ٿا.

نڪا مند مرڻ جي، نڪو جيئڻ جام،
ويندو مثل واءُ جي، هي طلسم ترت تمام،
حياتي حرام، بنا يادگيري يار جي!

# بشير قريشي ڪيس ۾ سنجيدگي جو سوال

توڙي جو اها چانڊوڪي واري رات هئي، پر رتيديري ۾ اها رات ڪير جهڙي اڇاڻ واري روشني ڪرڻ بدران ڏنڌ ۾ وڪوڙيل هئي. ڪارڪنن جي اکين ۾ آيل ڳوڙها ته نظر پئي آيا، پر انهن اکين ۾ پري پري تائين بشير قريشي جي قاتلن جو نه ته خاڪو هو نه ئي اها ڪاوڙ ۾ ڪروڌ جيڪا ڏهاڪن کان ان سياسي فڪر سان وابسته ڪارڪنن جي اکين ۾ موجود رهي آهي. جنهن ڪري مٽن دوستن ۾ دشمنن ، تعريفون ۾ طنز ڪندڙ پنهي حلقن نالو ئي ديشي رکي ڇڏيو آهي، ڇو ته ڪارڪنن مٿان واضع نه هو ته اهو موت طبعي آهي يا قتل جي سازش جو نتيجو آهي.

رتيديري باءِ پاس لڳ ان رات اسان قطار ۾ ٿي بيناسين ته جيئن سنڌ جي هڪ ارڏي عاشق کي لحد ۾ لهندي ڏسي سگهون. اها قطار توڙي جو تمام ڊگهي هئي، پر ان قطار جي نمايان نالن ۾ پيپلز پارٽي نوشهروفيروز مان چونڊيل ايم اين اي سيد ظفر علي شاهه به موجود هو. سنڌي قومپرستي سان به جي ايم سيد جي نظريي واري قومپرستي به عجيب لاهن چاڙهن منجهان گذري آهي. جتي وفاقي سياست ۾ يقين رکندڙ پارٽيون ۾ اڳواڻ ڪڏهن ڪانئس ڪوهين ڏور ته ڪڏهن مرٽي پرٽي گڏ رهيا آهن. ان رات ڪارا ڪپڙا پاتل ڏاڏو اطهر سومرو روئي به رهيو هو ۽ ماٺهن جون قطارون به نهرائي رهيو هو. قبر جي چوڌاري گڏ ٿيل ڪارڪنن جي اڪثريت جيئي سنڌ وارا روايتي نعرا هڻي رهي هئي، ڇو ته ڪين اها واضع خبر نه پئجي سگهي هئي ته بشير خان جهڙي هارڊ ٽارگيٽ کي سافٽ ڪري ڪيئن ماريو ويو آهي ۽ قاتل ڪير آهي؟ سازش ڪٿي جڙي ان کي عملي جامو ڪنهن پارايو. ڪهڙا پراوا ۽ پنهنجا ان جو حصو بڻيا؟

بشير قريشي سونو ڇمڇو وات ۾ کڻي ڪنهن به سياسي وراثت واري رئيس، مير، پير جي گهر ۾ پيدا ڪونه ٿيو هو. هيٺيئن وچولي طبقي جا ڏنگا ٻار جيئن پلبا آهن. تيئن ئي هي ضيائي مارشلا جو تڙڪو لڳڻ ڪري وڌيڪ سخت ٿي پيو. هن جي ڪا برادري ۾ ڪو قبيلو نه هو سواءِ سنڌ ۾ سنڌ واسين جي. اهو ته هن ارڏي عاشق ۾ درويشاڻي دل واري صوفيءَ جي نياز نوڙت جو رستو هو جو سندس تڏو ڪنهن هڪ پارٽيءَ جو نه پر سنڌ جو تڏو بڻجي ويو. جتي نه پهچندڙ پنهنجو پاڻ کي مياري سمجهي پيو. اها بشير قريشي جي غير متنازعہ سياسي شخصيت هئي، جنهن جو اعتراف صوبائي گهرو وزير منظور وساڻ به ائين ٿو ڪري ته سنڌ لاءِ بشير قريشي جون خدمتون مون کان وڌيڪ آهن. شاباش آهي انهن چونڊيل اسيمبلي ميمبرن کي، جن رتيديري ۾ تڏي تي پهچي بشير قريشي سان محبت جو اظهار ڪيو. اهو تڏو به عجيب تڏو ليکيو ويندو، جتي ايم پي اي نعيم کرل کان وٺي اسپيڪر نثار احمد کهڙي تائين سياستدان پهتا. جتي قبيلائي فيصلا ڪندڙ وڏيري عابد جتوئي کان وٺي سردار منظور پنهور تائين قبيلائي سردار پهتا. رتيديري ۾ گڏ ٿيل انهن ڀانت ڀانت جي ماڻهن ۾ مون کي عمرڪوٽ مان کهي آيل ۾ ڏرتي جا گيت بنا لالچ جي ڏهاڪن کان ڳائيندڙ جمن دربدر به نظر آيو. سچي سنڌ اچي اها ئي

دانهن ڪئي تہ ڪونڊر ڪسجي ويو آهي. رتيديري ۾ ان رات سنڌ جي جواني لحد ۾ پئي لٿي ۽ ڪارا ڪپڙا پاتل ڪارڪن ماتم ڪندي روئيندي حليم باغيءَ جون اهي سٽون ٻڌيل هئا تہ:

اي زمانا! اسان جو قبيلو ڳڻئي،
خونِ عاشق ۾ پوءِ ڀي حرارت نہ آ.

رتيديري ۾ تڏي تي ويٺي مون بشير قريشيءَ جي سدوري ۽ وفادار ياءَ مقصود قريشيءَ کي پاڻي پيئندي ڏٺو تہ مون کي پڪ ٿي ويئي تہ بشير قريشي ڏنل زهر جو آسانيءَ سان شڪار ٿيو آهي. مقصود بہ پنهنجي ياءَ وانگر گلاس ۾ لاهي پاڻي پيئڻ بدران بوتل چپن تي رکي پاڻي پيئي ٿو ۽ ان رات بشير بہ سفر دوران ائين ئي پاڻي پيتو هو. پاڻي تہ هنن سڀني واٽ پيتو پر ڪهڙي جڳهہ تي ڪيس اها مخصوص بوتل ملي، ڪنهن کي پتو ناهي. بشير قريشي هوندي بہ معمولي سياسي اڳواڻ نہ هو پر 23 مارچ واري فريڊم مارچ سندس سياسي قد ڪاٺ ۾ ايترو تہ وڌو اضافو ڪري ڇڏيو جو هڪ سرڪاري بريفينگ دوران هڪ پٽريلي چهري واري بظاهر سويلين بيوروڪريٽ سندس تصوير تي ڳاڙهي فليش پوائنٽ هڻندي چيو "اس قسم کي لوگون کو مارنا پڙتا هي مجبوري هي." اهڙي ڏڪاريل ڏيهہ ۾ جتي سياست زمانن کان اميرن جي در جي ڪنيز ٻڌيل هجي ۽ ريموٽ ڪنٽرول ليڊرشپ سڄو ڏينهن ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ اچي واٽ هڻڻ واري محنت ڪندي هجي، اهڙي دور ۾ بشير قريشي جهڙو سڌو سادو ماڻهو اچي پنهنجي ڳاڙهي جهنڊي واري جماعت کي سنڌ جي ٽيون نمبر وڏي مقبول پارٽي بڻائي ڇڏي ۽ ڪراچي ۾ سنڌين کي "اسٽيڪ هولڊر" بڻائي ڇڏي، سا ڪا معمولي يا هضم ڪرڻ جهڙي ڳالهہ تہ نہ آهي. سنڌ جي مٽيءَ کي چمندڙ هن سياسي ملنگ پنهنجي پنڌ سان سياست جي روايتي اهل منصب، اهل تقويٰ ۽ مسند نشين کي ڇڙڪائي وڌو. سياسي روايتن تحت هڪ تڪ جي اسيمبلي سيٽ کٽڻ خاطر بہ توهان کي الاءِ ڪيترين رياستي ۽ غير رياستي درگاهن آڏو جهڪڻو پوي ٿو. پر هن ملنگ جي نظر ڪنهن اسيمبلي ميمبري يا سينيٽريءَ ۾ نہ رهي. تڏهن ئي هن پنهنجي ڪارڪنن لاءِ سياسي دستور بڻائي ڇڏيو هو تہ:

ڪنهن فرعون جي ڇا لئہ پوڄا ڪريون
هڪ خدا جي نرڙ تي نشاني هجي
(حليم باغي)

سنڌ سرڪار پاران بشير قريشي ڪيس ۾ جنهن طرح جي غير ذميواريءَ جو مظاهرو ڪيو ويو آهي تنهن مان سيني کي اندازو ٿي چڪو هوندو تہ بشير قريشي جي جيسم مان ورتل اصل جزا ڪيئن نہ غائب ٿيا هوندا. جيئن سنڌ سرڪار جي تشڪيل ڏنل ٽيم جا ڊاڪٽر ۽ پوليس عملدار پنهنجي پنهنجي دائرن اندر بشير قريشيءَ جي موت جي ڪارڻن جي جاچ ڪري رهيا آهن، تيئن ئي هڪ جاچ بشير قريشي سان پيار ڪندڙ ڪجهہ سلجهيل ماڻهن پاران جاري آهي، جيڪا ڪٿي بہ رپورٽ درج نہ ڪرائيندا، پر اها رپورٽ ائين سينہ بہ سينہ نسل در نسل هلندي رهندي، جيئن دودي سومري جي موت

جي رپورٽ باقاعدي جاري نہ ٿي هئي. پر اها رپورٽ سينہ بہ سينہ اسان ۽ اسان جي ايندڙ نسلن تائين پهتي آهي. اها رپورٽ مرتب ڪندڙ قبيلي جي حالت اها آهي، جيڪا شيخ اياز پنهنجي سٽن ۾ بيان ڪئي آهي. تہ
اسان ئي اسان آ. . . .
بہ چار پيرڙا ڪٽان تہ پن پن ٿي ڇٽان،

ان قبيلي جا ماڻهو جڏهن سڪرنڊ پهتا تہ کين خبر پئي تہ بشير قريشي چڪن تڪا ۽ چڪن ڪڙهائي واري ماني کائي اڪيلو وچي ڪمري ۾ ستو. سنڌس ڊرائيور، پاٽج ۽ ٻين کي بعد ۾ خبر پئي تہ هو ڪمري ۾ ڪنگهي رهيو آهي ۽ طبيعت خراب اٿس. بشير قريشي جنهن ڳوٺ ۾ ترسيل هو سو آهي دڙي مگسي، جيڪو سڪرنڊ کان اٺ ڏهہ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي مس آهي. بشير خان جي طبيعت خراب ٿيڻ شرط ڳوٺ جي هڪ ڊسپينسر کي سڏايو ويو جنهن سنڌس بلڊ پريشر زيرو طرف ويڻ جي دانهن ڪندي چيو همراهہ کي ڪٽو ڊاڪٽر ڏانهن. اهو تہ هر ايم بي بي ايس ڊاڪٽر بہ آسانيءَ سان ٻڌائي سگهي ٿو تہ ماني کائڻ کان پوءِ بلڊ پريشر گهٽ نہ ٿيندو آهي. پلي شگر جو مريض هجي. ڳوٺ مان نڪرڻ مهل بشير قريشي کي ڪٽي گاڏي ۾ ڪونہ رکيو ويو پر هو پاڻ هلي اچي گاڏي ۾ وينو. ڳوٺ کان سڪرنڊ تائين سنڌس ڊرائيور کي مشڪل سان 3 منٽ لڳا هوندا. پر سڪرنڊ پهچڻ شرط ڊاڪٽر گاڏي ۾ ئي وينل بشير قريشي جي طبيعت ڏسي ڪارڪنن کي چيو ”ابا سنڌي اڄ يتيم ٿي ويا“ بشير قريشيءَ جي گاڏيءَ سان ميزبانن جون بہ گاڏيون هيون. اهي سنڌس شاگردي واري زماني کان دوست ٻڌايا وڃن ٿا. جڏهن تہ سنڌس ڊرائيور بہ وفادار، ڪراچي واري حملي ۾ بہ ان مڙسي ڪري گاڏي ٽرن ڪئي، ٻيو سنڌس پاٽج تہ پوءِ شڪ ڪنهن تي ڪجي؟
ڪالهہ شام بشير خان قريشيءَ جي پاءُ مقصود قريشي سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ هن ٻڌايو تہ ”اسان کي اهڙا اطلاع مليا هئا تہ ادا کي ماني يا ڪپڙن ۾ اسپري ذريعي زهر ڏنو ويندو.“ هي پهاڙ جهڙوسياسي نظريو رکندڙ غريب ابوجهہ ڪارڪنن جو سادو ۽ سختيون ڪائيندڙ اڳواڻ هو جنهن شايد ان ڳالهہ کي ڪنهن خاطر ۾ نہ آندو هجي. هو ابن ڏاڏن کان ڪرپشن ڪري اقتداري سياست ۾اِن رهندڙ ڪردارن جيترو امير نہ هو جو بلٽ پروف گاڏين ۽ پرهيز جهڙن کاڌن طرف هليو وڃي ها. هو تہ اهڙو عوامي اڳواڻ هو. جنهن کي راهہ ويندي، ڳوٺ شهر مان گذرندي جيڪو مليو سو پي ڇڏيائين، استاد بخاري چواڻي تہ:
الاءِ تہ ڇا پنهنجن ڏنو بخاري،
لڳو زهر ٿي پر ڏوڪي ڇڏيو مون!

قومپرست سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي هاڻي اک پٽڻ گهرجي ڇو تہ هر پيري نئين حربي ۽ نئين هٿيار سان مٿن حملا ٿيندا رهن ٿا.

# هنج سدائين ڏيرا

ان ڏينهن جيئن ئي ٽنڊوالهيار کان موٽي آيس، شدت سان اهو احساس ٿيو ته "محبت هيڪلي آهي . . ." ۽ ان ظالم جادوگر جون اهي ستون به ذهن تي سوار رهيون ته "محبت سانڍيپي آهي . . كتا پالبا آهن، حياتي جو حساب تيسين تن سان رهي ٿو جيسين جند آجي نٿي ٿئي. كتا پاليندڙ ماڻهن جي هجوم اندر كو اهڙو ملي وڃي، جيكو محبت سانڍڻ جون ڳالهيون نه كري، پر عمل كري، ته آهي نه چريو! اهڙي ئي هك انهتر سالن جي چرئي سان عوامي هوٽل تي لنچ كري جڏهن واپس پئي آيس ته ان جي بيماري جو ذكر منهنجي زبان تان هٽي نه سگهيو. هو فوج منجهان ميجر جي عهدي تان اهڙي دور ۾ جبري رٽائر ٿيو جڏهن بنگلاديش نهڻ طرف وڃي رهيو هئو. ان جبري رٽائرمينٽ يا استعيفيٰ سبب كيس انهن رعايتن ۽ آسائشن كان سڄي عمر محروم ركيو ويو، جيكي هك فوجي آفيسر يا ميجر جي رٽائرمينيٽ جي شان وٽان هونديون آهن. "هوت وسي هر هنڌ، پر هنن ڳوليو هنگلاج ۾" وارين سٽن جيان هن پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمين سنڀالڻ كان پوءِ اڇي خانه بدوشن تي تحقيق كئي. ان خفت يا شوق ۽ ذوق ۾ همراه وڃي كوچڙن،كولهين، جوڳين ۽ جنڊا واڙن سان مٽو مٽي تي ركي، انهن وٽان راتين جون راتيون، ڏينهن جا ڏينهن ترسڻ كان پوءِ جڏهن واپس پنهنجي لكڻ واري ٽيبل تي موٽيو ته هك نه، پر پنج اٺ كتاب رهڙي ركيائين. هو پرجوش زندگي گذاريندڙ همراه هميشه چاق و چوبند. پنهنجي ڳوٺ ۾ به انهن اقليتن جي ويڙهي جي وچ ۾ رهي جتي چڱن ڀلن جا وضو ٽُٽيو پون، پر نام نهاد لبرلز جا به ٽشونك تي اڇيو وڃن.

سندس كجهه ايكڙن واري زرعي زمين تي مينگهواڙن جو ڳوٺ ٻڌل آهي، انهن گهرن جي وچ ۾ ناهيل سندس باذوق، پر جديد اوتاري تي آئون كجهه سال پهرين ترسي آيو هئس، جتي هن . . .سبزي، شامي كبابن ۽ بريڊ كي گڏائي فراءِ پان ۾ كجهه اهڙي طرح تريو هو جو ان ڊش جو نالو به اسان خانه بدوش ركي پئي مزا ورتا. ان ڊش ۾ چس وڌيك ان كري به هو جو خورشيد جي ڳالهين جي چاشني به ان ۾ شامل هئي. هن انهن خانه بدوشن منجهان ئي هك همراه كي كمدار كري ركيو. هن بنا ٽريننگ فيس وٺڻ جي سندس اهڙي كيپستي بلڊ كئي، جو همراه كمدار مان نيكيدار ۽ نيكيدار مان باغن جو مالك بڻجي پيو. زماني جي گردش گهمائي ڦيڙائي وري جڏهن ٽنڊو الهيار جي كنهن مختصر معاشقي جهڙين سوڙهين ۽ پركشش گهٽين ۾ پهچائي ڇڏيو. تڏهن هي شخص دنيا جهان كان لاتعلق بڻيو "وڏو الم" پاڙي ۾ پنهنجي گهر پرسان اهڙي دكاندار جي دكيءَ تي كرسي ركي ويٺل نظر آيو. جيكو سندس نظرياتي مخالف ٻڌيل آهي. هي كلين شيو سچل جي پيغام جو پيروكار ته "مذهبن ملك ۾ ماڻهو منجهايا" ۽ هو پنج وقته پابند. قدرت به ڇا ته جوڙ ۽ بي جوڙ خلقيا آهن. سندس جوان ۽

اولادي پٽ کيس مشورو ڏين ٿا تہ هو هر آچر تي ان زرعي زمين واري خانہ بدوشن جي آباد ڪيل ڳوٺ وڃي، پر هو چوي ٿو تہ ان ڳوٺ جو منهن تڏهن ڪان نٿو ڏسان، جڏهن ڪان اهو ڪمدار گذاري ويو آهي. آمريڪا ۽ ڪئناڊا مان ڪيس مائٽن عزيزن ۽ دوستن جا سڏ اچن ٿا تہ ٽڪيٽون پيون اچن، رڳو سنيري ڪپڙن جا ٻہ جوڙا ڪٽي تون اتان نڪر، پر هو خاموش، ان خاموشيءَ ۾ پاڻ کي وڏيڪ سزا ڏيڻ ۾ اٽڪاڻائيءَ ۾ موت جي ويجهو ڪرڻ خاطر پڙهن لکڻ بند ڪري ڇڏيو اٿائين. خاموشي ڪان پوءِ آهستي آهستي بخيل ۽ بيزار ڪندڙ پوڙهائپ طرف پيو وڃي، پر ڇو. . .؟ اهو سوال ڪانئس پڇڻ جي همت نہ ڪري سگهيس.

پنهنجي شهر جي شاهي بازار منجهان گهمندي ڪنهن دوست ڪيس هٿ جو سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪيس ڪاوڙ لڳي، حالانڪہ منجهند ٿي چڪي هئي، پر هن پنهنجي پسنديده منائي واري دڪان تان حلوه پوري ورتا. اسان صفائي ڪان محروم شور شرابي واري هوٽل تي ويهي منجهند جي ماني ڪاڌي، هن ڪولڊ ڊرنڪس جو آرڊر ڏنو، مون نہ ڪيس نہ چاهيندي بہ ڪجهہ واڪ ڪرڻ ۽ ٻاهر نڪري سوشل ٿيڻ، ٽي وي ڏسڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ جو مفت مشورو ڏنو. هن طنزيہ مسڪراهٽ سان چپ بند ڪيا ۽ اکين سان اهو چيائين تہ ڪيڏو نہ ”اياڻو آهين، ڇا اها خبر مون کي ناهي.“ ”خورشيد کي ڪا بيماري بہ ناهي تہ ائين پاڻ کي ڊپريشن ۾ ڇو پيو آڻي؟“ ٽنڊوالهيار ڪان واپسي تي مون کي خورشيد جي پراڻي ۽ گهاٽي دوست ٻڌايو تہ هن جي محبوب دوست هن جي اکين جي اڳيان گذاري وئي آهي، ان ڪري هو گرمين ۾ اسڪردو ۽ ٻين اترين علائقن ڏانهن هليو ويندو هو. اها تہ خبر هئي، پر هو ويندو لاهور مان پنهنجي ان سهٽيءَ جهڙي محبوب سان هو، جنهن لاءِ چيل آهي تہ ”ساهڙ ڏاران سهٽي نسورو ئي ناپاڪ.“ هو ٻئي ڄڻا اسڪردو ۾ هڪ اين جي او جو پروجيڪٽ بہ هلائيندا هئا، پر ويندا جڳ جهان ڪان پري ٿيڻ هئا. هو آڌيءَ رات اڌامڻ وارا پکي هئا.

پکي سڀ مڇن، هنج سدائين ڏٻرا
لوڪ ستو ننڊون ڪري هو آڌيءَ رات اٿن
پکيئڙن ڪڏهن سمهي سک نہ ماڻيون

اها رات ۽ اهو منظر هو تہ ڪنهن کي ٻڌائڻ لاءِ تيار بہ ناهي، پر سندس دوست چواڻي هڪ رات، اوچتو سندس دوست هٿ ڇڏائي ڪنهن ڪاهيءَ ۾ ڪري پيئي. صبح ٿيڻ تائين هو سندس لاحاصل تيمارداري ڪندو آيو صبح جو سندس اپيلن تي هڪ آرمي هيليڪاپٽر آيو، ڇو تہ هوءَ بہ ڪنهن مرحوم ڪرنل جي زال هئي، جڏهن هيلڪاپٽر ۾ ڪيس رکيائون تہ هن جو دم پرواز ڪري چڪو هئو.

اکين ڪين ڪمايو جو رت نہ رنائون
پلاڻيندي پريںءَ کي بيني ڏنائون
تن اکين کي آئون ڪجل ڪهڙو پايان

هو پتائي ايترو نہ چاڻيندو آهي، پر سندس چهري، اکين ۾ بند ٿي ويل زبان مان اها ئي جهونگار هئي.

ڪجهہ نفيس ماڻهن جي زندگي گذارڻ جا سپنا بہ عجيب ٿين ٿا ۽ ڪجهہ پيار ڪندڙ ماڻهن جي وڇوڙي جا خواب بہ حسرتن ڀريا هجن ٿا. ان رات سمنڊ جي سرد هوائن کي جڏهن ڪافيءَ جا ڍڪ بہ مات نہ ڏئي سگهيا تہ هو پنهنجي جسمن ۾ ساموندي لوڻياٺ واري نمي کڻي نڪتا. سندس رخ تہ ڪنهن جديد شاپنگ مال طرف هو پر رستي ۾ اچانڪ عبدالله شاهہ غازي جي مزار وٽ هن جديد دور جي صوفياڻيءَ کيس گاڏي روڪڻ ۽ مزار اندر هلڻ لاءِ چيو. هن مزار جي ڏاڪڻ وٽان قبرستان طرف وڃي کيس ان زال مڙس جي ڪلهو ڪلهي ۾ ملايل قبرون ڏيکاريندي ٻڌايو تہ هي وصيعت ڪري ويا هئا تہ کين هڪ ئي قبرستان ۾ گڏ دفن ڪجو. ”پاڻ بہ ائين ڪنداسين. جهونا ٿي ٻارن کي اهڙي وصيعت ڪري وينداسين.“ اهي جذباتي جملا ٻڌي همراهہ جي هٿن مان گل ڪري پيا. هن صوفياڻيءَ کي اها بدشگوني لڳي واپس موٽيا، پر سڄي رات سندن تعلق خوشگوار نہ رهيا. صبح جو هو ستو ئي پيو هو تہ فقيرياڻي ٻيهر اچي عبدالله شاهہ غازيءَ جي مزار تي پهتي، پر کيس اها يونيڪ جوڙي واري قبر نظر نہ آئي، جنهن جي سيرانديءَ کان کي لاجواب ڪلمات لکيل هئا، شام جو واپس اچي هوءَ سامان کڻي پنهنجي مائٽن جي گهر هلي ويئي، هن کي صرف فيس بڪ تي اهو ميسيج موڪليائين تہ:

پکي سپ مڇن، هنج سدائين ڏبرا

پنهنجو خيال رکجانءَ، فقير اجان ڪنهن ٻئي رڻ جا راهي آهن.

# ٻہ ڊاڪٽر ۽ ٽيون وڏيرو

اهو ڪو گهڻو پراڻو يا صفا انگريزن واري دور جو قصو تہ ڪونهي پر پوءِ بہ چڱو خاصو قصو پراڻو ضرور آهي، سمجهڻ لاءِ ڪٽي ائين سمجهو تہ اهو صدر ايوب جي سخت انتظامي ڍانچي وارو دور آهي، جڏهن اتر سنڌ جي هڪ گڙنگ وڏيري، جنهن بعد ۾ ٻين وڏيرن جي ديکا ديکي پاڻ کي سردار ۽ بعد ۾ چيف سردار سڏائڻ شروع ڪيو ان جي اوطاق تي سندس راڄ جو هڪ همراهہ پنهنجي انٽر پاس نوجوان پٽ کي نوڪريءَ لاءِ وٺس وٺي آيو. اهو پنهنجي پٽ کي وٺي ايندڙ همراهہ اٽڪل اڌڙوٽ وڏيري جي برادريءَ جو نہ هو جنهن کي هو قوم سڏيندو هو. اهو وڏيرو پنهنجي پٽڪي کي وڏا ور ڏيئي طرو ٻڌي اڇين ڪارين مڇن کي تيل هڻي اڇي اوطاق جي اڱڻ ۾ رکيل اڪيلي ڪاٺ واري واٽيل ڪرسي تي ويهندو هو. وڏيري ويهڻ شرط ان همراهہ کان حال احوال ورتا. جنهن کيس ٻڌايو تہ سندس پٽ سٺين مارڪن سان انٽر پاس ڪئي آهي، هاڻي کيس ڪٿي ڪلارڪي يا ماستري واري نوڪري ڏياريو تہ گهر جو چلهو سنئون ٻري.

وڏيري اها ڳالهہ ٻڌي تہ ڏاڍي مرڪندڙ چهري سان، پر سندس اندر صفا سڙي رک ٿي ويو ۽ هن کو بهانو بنائڻ بدران کيس کتو جواب ڏنو تہ، "اها سرڪار ڏاڍي سخت آئي آهي. نوڪريءَ جو ڪو آسرو ناهي، ها باقي تو وارو ڇوڪرو اهڙو هوشيار آهي تہ مان وٽ ويهاري وجينس، ٻني ٻاري جو پيو حساب ڪتاب ڪندو." وڏيري جي اهڙي بي رخيءَ واري ورندي ملڻ کان پوءِ اهو همراهہ اجا خاموش ٿي ٻيهر پوٽار کي عرض ڪرڻ جي همت اندر ۾ پيدا ڪري رهيو هئو تہ نوجوان پٽ جي باغي هٿ کيس ٻانهن مان پڪڙي پٽ تان اٿڻ تي مجبور ڪيو هو ٻئي پي پٽ غصي مان ٻرانگهون پريندا اجان اوطاق جو وڏو در بہ نہ ٽپيا هوندا تہ پنيان پوٽار جو ٺٺڪو سندس ڪنن تي پيو. . ان وڏيري سندن ذات کي ڪمتر جاڻائيندي پنهنجي منشيءَ کي پئي چيو. "جٽ پڙهيو جڳ اڙيو هاڻي هي . . . وارا بہ اڇي ماستر ڪلارڪ ٿيندا تہ پوءِ اسان جي اوطاق جو حاضريون ڪير ڀريندو." وڏيري جي انهن نفرت ڀريل جملن پيءُ جي ڪنن تي ڪو اثر نہ ڇڏيو پر ان نوجوان پٽ اتي ئي پڪو پهہ ڪيو تہ هو پنهنجي ذهانت ۽ علم سان سٺي نوڪري حاصل ڪري وٺندو. وقت جو چرخو وڏيري جي اوطاق ۽ غريب ٻار جي جهوپڙيءَ ۾ ساڳئي رفتار سان ڦرندو رهيو. نيٺ ان ڇوڪري ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. باغي ذهنن سان مليو ۽ هن وچي ڪميشن جو امتحان ڏنو ۽ هو باقاعده ڊاڪٽر ٿيڻ کان اڳ اسسٽنٽ ڪمشنر بڻجي ويو. هو نوڪريون ۽ بدليون پوڳينڊي پوڳينڊي جڏهن سينئير سطح تي پهتو تہ هن سرڪاري خزاني جا فنڊ صرف پنهنجي برادريءَ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيا. جنهن علائقي ۾ هن جي بدلي ٿي. هن پنهنجي ڇڙوڇڙ برادريءَ کي منظم ڪيو. انهن کي جائز توڙي ناجائز طريقن سان نوڪرين ۾ اڳتي آندو ۽

سرڪاري فنڊ سنڌن حوالي ڪيا. هو جڏهن ريٽائرمينٽ کي اچي ويجهو پهتو ته هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ان چيف سردار کان به وڏو بنگلو تعمير ڪرايو ۽ جڏهن هو موڪلن ۾ ڳوٺ وڃي ان ان بنگلي ۾ ڪرسي رکي ويهندو هو ته کيس ڏاڍي راحت ملندي هئي. اهڙي راحت کيس سرڪاري آفيسريءَ وارين ڪرسين تي ويهڻ سان به ڪڏهن نه ملي. هو پاڻ کي علائقي جو متبادل چيف سردار سمجهڻ لڳو ۽ هن پنهنجي برادري کي مسلح ڪري ٻين برادرين سان ويڙهائڻ شروع ڪيو. بعد ۾ ان قبيلائي جهيڙن ۾ هو جڏهن پنهنجي برادريءَ جي نمائندگي ڪندي ويهندو هو ته سندس اڇايل روح کي وڏي راحت ۽ تازگي ملي ويندي هئي ته هو ملڪ کي اصل معنائن ۾ هلائيندڙ سرداري ۽ جاگيردارانه مافيا جو حصو بڻجي پيو آهي. سندس علم، دانش، سندس سول بيوروڪريسيءَ جو تجربو اچي دنگ ٿيو هڪ وڏيري جي ڪاپي ڪرڻ تي....!

اهڙو ئي قصو هڪ ٻئي ڊاڪٽر جو آهي، جنهن ڪميشن ته پاس نه ڪئي، پر پنهنجي ڊاڪٽري پيشي جي انتهائي اهم شعبي دل جي مرضن جي ماهر واري ايف سي پي ايس ڊگري ورتي. هن اها ڊگري ته هڪ ٻاهرئين شهر مان ورتي، پر ڊاڪٽري اچي پنهنجي اباڻي شهر ۾ ڪيائين. جتي سندس مد مقابل ٻيو ڪو به ڊاڪٽر نه هو. ڪروڙين روپيا فيس ۽ آپريشن جي مد ۾ ڪمائي سالن تان پريڪٽس جاري رکيائين، پر جڏهن هڪ وزير سندس نالو ٽاپ تي هوندي به نئين جڙندڙ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وي سي شپ لاءِ سندس نالو رد ڪري پنهنجي ذات برادري جي هڪ نااهل ۽ بدعنوان يا بدنام زمانه ڊاڪٽر کي وي سي مقرر ڪيو ته اهو ڊاڪٽر صفا ٽپي ٻاهر ٿي ويو. هن پنهنجا مريض ۽ پنهنجا آپريشن هڪ پاسي رکي صرف هڪ ڪم کي ورتو ته ڪهڙي طرح پنهنجي ذات برادريءَ کي مضبوط ڪريان. هو جيڪو شينهن ۽ ٻاڙن سان پنهنجا فوٽو ڪيرائڻ جو جنون جي حد تائين شوقين هو. تنهن ان وي سي خلاف يونيورسٽي پروفيسرن ۽ ملازمن بجاءِ پنهنجي برادريءَ کان جلوس ڪيرايا. هو برادريءَ جي ڪمن ۾ ايترو الجهي ويو جو ڪانئس پنهنجي علم ۽ پيشوراڻي بلندي وسري ويئي. هن اهڙين ننڍين ننڍين حرڪتن لاءِ پئسا ڏيڻ شروع ڪيا، جيڪي حرڪتون ڳوٺن جا اڻ پڙهيل وڏيرا ڪندا آهن. اهڙين سرگرمين بعد سندس برادريءَ جي گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن برادريءَ جي سردار واري پڳ پارائي باقاعده کيس روبرو توڙي پرپٺ وڏو ۽ سردار ڪوٺڻ شروع ڪيو. هاڻي هو پنهنجي سرڪاري آفيس توڙي ڪلينڪ تي پهرين پنهنجي برادريءَ جي ماڻهن کي ڏسندو آهي، بعد ۾ ٻين مريضن جو وارو ايندو آهي.

انهن ٻنهي نامي گرامي ڊاڪٽرن جي ماجرا ڏسي پهرين ته مونکي حيرت ٿي، بعد ۾ افسوس. ڇو ته سنڌ جي شعوري ترقي جي ساراهه ته هر ڪو ڪندو هو پر اها شعوري تنزلي آهي، جيڪا پنهنجي اکين سان پاڻ پيو ڏسان، جنهن جي معنيٰ عام پڙهندڙ به اها ئي وٺندو ته اسان جي معاشري تان جاگيردارانه گرفت ڍري ناهي ٿي ۽ اها اڃان به ايتري ئي مضبوط آهي جو سنڌ جي انتهائي اعليٰ تعليم يافته ماڻهن يعني سي ايس ايس ۽ ايف سي پي ايس مان ڪامياب ٿيندڙ ماڻهن جون اصل

رول ماڊل ڳوٺ جو اهو وڏيرو آهي، جيڪو ننڍپڻ ۾ سندن شعوري ترقي ۾ رڪاوٽ هو پر جڏهن علم ۽ دولت اچڻ کان پوءِ کين پنهنجي زندگي گذارڻ جي چوائس ملي تہ هنن بہ پنهنجي برادري جو پوتار بڻجڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پوءِ اها ڪوشش ڪامياب رهي يا ناڪام. . .. اهو تہ ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو.

# لاپتہ محبت

سنڌ اندر اها عجيب موسم هئي، جڏهن هو ڪوٽڙي وارو روڊ ڪراس ڪندي سونڊا واري قبرستان طرف وڃي رهيا هئا. چوڻ لاءِ تہ اهي سردي وارا ڏينهن هئا، پر هن جي اندر جون جا جهولا پئي لڳا. هن پنهنجي ان سڪيلڏي ياءَ جي فرمائش تي گهر کان ٻاهر قدم رکڻ تي راضپو ڏيکاريو هو جيڪو لنڊن جي پڪڊلي سرڪس جا مزا ڇڏي وٽس موٽي آيو هو. اتي هن کي اسڪائيپ تي خبر پئي تہ سنجها جي طبيعت خراب آهي، هن جو واپس اچڻ ضروري ٿي پيو هو.

سندس گاڏي جيئن ئي باراڻ نئين واري پل ڪراس ڪئي تہ هن جو هياءُ يادن جي پٿريلي جبل تان نئين جي پاڻي جيان تيزرفتاري سان لڙهي ويو. ان سنهي وجود سان گهٽو ڪجهہ گڏ تہ ڪونہ هو پر يادن جي لوڙهي ۾ ڳالهين جو ڪو ڳوٺ ٻڌل ضرور هو جيڪو وقت جي وهڪري ۾ ڪئين لڙهيو تنهنجي انت بحر جي ڪيس ڪا خبر نہ پئي. سندس وجود تہ بظاهر ياءَ سان گڏ سونڊا طرف همسفر هو پر اصل سنجها تہ اتي ئي ٽڪي پئي، جتي اها پل هئي. . .ان ئي پل تي. . . ها ان ئي پل تي. . .هڪ ڏينهن اوچتو اچي هن ڪيس بيهاريو هو. . .انگريز دور جي پراڻين ڳاڙهين سرن جي پلرن تي بيهاريل پل جي هڪ ٿل واري دڪي تي بيهي هن ڪيس پنهنجي ڪتارا اسٽائيل وليز جيپ مان لاٿو. . هو هبڪي پئي، سرعام سڙڪ تي هو ڪيس ٻانهن کان وٺي ان پل جي وچ واري ٿنڀي تي بيهي رهيو. . .سچ لهڻ ۾ اجا دير هئي، پر ٿني جون ايڪڙ ٻيڪڙ سواريون تڏهن بہ آيون ويون پئي. هن جوس جو ٽن پري اڇليو ۽ ڪيس ڇڪي پنهنجي اڌ ڪليل شرٽ واري سيني سان لائي ڇڏيو. . . هن ٽڪڙ ۾ پاڻ ڇڏائيندي چيو. ”اهو ڪو طريقو آهي. . .ماڻهو ڏسي ڇا چوندا؟“

هوءَ شرم ۾ ڪاوڙ ۾ صفا ڳاڙهي ٿي ويئي، واپس وڃي پنهنجي سيٽ تي ويٺي. . هن پنهنجو اڌ ڇڪيل ڊنهل سگريٽ پل جي اونهائي ۾ اڇليو ۽ ڪيس ٻانهن کان وٺي اچي ان ئي پل وٽ بيهاريو ۽ سر عام وڏي آواز ۾ ڳائڻ لڳو. .

”تنهنجو منهنجو رشتو ناتو شايد موت ڇني. . .
هي ياري ڪا ٻي ياري آ. . لا. . هي ياري ڪا ٻي ياري آ. .
ناهي ماڻهن واري.“

ان وليز جيپ ۾ ڊنهل واري سفر کي ڪي پورا ٽي ورهيہ گذري چڪا هئا ۽ هو پورو اچي اناويهن سالن جو جوان ٿيو هو جو سندس لاش ان ئي باراڻ نئين وٽان وارثن کي مليو. . هو لاش جي ويجهو نہ وئي، نہ ئي اسپتال مان سندس لاش وصول ڪيو هئائين، ڇو تہ هن سندس وارث ٿيڻ کان پاڻ ٿي سال اڳ ئي انڪار ڪيو هو. هو ڪير هو، ڪٿان آيو هو. . ڪيس ڪا خبر نہ هئي، بس صرف ايتري خبر

هئس تہ پوري فيڪلٽي ۾ هن جو آواز ڏاڍو سريلو آهي ۽ ڳائي بہ مختلف ٿو. هن سندس سڪل منهن تي سهيلين ۾ ڪيتريون ئي ٺٺوليون ٺاهي سندس پرپٺ مشهور ڪري ڇڏيون هيون,پر هن کي نہ ٻڌايون هئائين. . نيٺ هڪ ڏينهن دل ۾ ٺهڪ ۽ اکين ۾ شرارت روڪي هن ڪائنس پڇيو هو تہ ”ماني نہ ملندي اٿئي ڇا, ايترو سنهو ٿي ويو آهين. . صفا ڏٻرو. . ؟“ هن جي شرارت ڀريل اکين کان بي نياز ٿي هن کيس وراڻيو هو, ”تون سنڌي لٽريچر جي شاگردياڻي آهين, ڀٽائي نہ پڙهيو اٿئي ڇا؟ جنهن اسان جهڙن ڪاهوڙين لاءِ ئي تہ چيو آهي تہ . . .

سڪا منهن سندن, پيرين پراٺا ڪيٽڙا. .
سا جوءِ ڏوري آئيا, سونهان جت منجهن,
ڳجها ڳجهيون ڪن, تهان پراهين پنڌ جون. . !

سو مرشد اسان تہ اها جوءِ ڏوري آيا آهيون, جتي سنڌ جون سوڪالڀ سجاڻ ڏريون بہ پير پسائي آيون آهن, پر پنهنجا پاند آجا اٿئي. . . “

هن کي سندس سيريس جواب نہ وڻيو ۽ اڌ سمجهہ ۾ آيس . . پر جڏهن بعد ۾ کيس خبر پئي تہ هو پنهنجي سياسي نظرين جي بنياد تي ڪجهہ مهينا لاپتہ ٻڌايو ويو هو ۽ وري واپس آيو آهي تہ کيس ڀٽائي جي سر ڪاهوڙي وارو اهو بيت پوري مفهوم ۽ معني سميت سمجهہ ۾ اچي ويو . هن کي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ هو فلسطيني رومال سدائين ڳچي ۾ ڳانو ڪري ڇو پائيندو هو ڇو سندس هٿ ۾ سدائين ڪتاب هوندو هو۽ ڇو اڪثر بنا ڪنهن اطلاع جي ڏينهن جا ڏينهن غائب ٿي ويندو هو.

هنن ڪڏهن بہ باقاعده ”آئي لويو“ چئي پنهنجي پيار جي شروعات نہ ڪئي هئي, پر هڪ ڀيري هو جڏهن ڪنارا وليز جيپ تي ڪراچي وٽي هلڻ جو چئي رهيو هو, تڏهن اوچتو هن يو ٽرن ورتو ۽ ڀٽائي جي در تي اچي کيس زيارت ڪرايائين. . اهو جمعي سندو ڏينهن هو. جمن فقير ۽ سندس ساٿي ڀٽائي جي اڱڻ ۾ ويراڳ ڪري ڪارا ڏاڳا وٽي دنبوري سان گسائي زيارتين ۾ ورهائي رهيا هئا. . هن بہ اڳتي وڌي اهي ڏاڳا ورتا ۽ ڪجهہ رقم فقيرن جي نذراني ۾ رکي. . پر کيس عجب لڳو تہ اهو دنبوري جو گسائي فقيرن جو وٽيل ڪارو ڏاڳو هن پائڻ کان نابري واري ۽ کيس اهو چئي موٽائي ڏنو تہ ” منهنجو پنهنجي ماءُ سان ڪو وچن ٿيل آهي. اهو اجازت نٿو ڏئي تہ ٻئي ڪنهن رسي ۾ پاڻ کي سوگهو ڪريان. . .“ سچي واٽ هوءَ منهن سجائي خاموش ويٺي رهي, پر لهڻ مهل پڇيائينس تہ ”تنهنجي امڙ جو نالو ڇا آهي؟“ اهڙي سوال تي هو ششدر نہ ٿيو پر کيس مذاق ڪندي چيائينس, ”ڇو دعائون وجهرائيندينئس ڇا؟“ ”نہ نہ . . پوءِ بہ خبر تہ پئي, اهڙي خوشنصيب ماءُ جي نالي جي, جنهن جو پٽ جواني ۾ بہ ايترو فرمانبدار آهي. . .“ هن جيپ کي ٽورو اڳتي ڪندي وراڻيس. . ”سنڌ منهنجي امان. . . “

اهو جواب ٻڌي هوءَ حيران ٿي وئي, تہ اهڙا ڪي مٿي ڦريا بہ ٿيندا آهن ڇا . . هوءَ پيار ۾ کيس مسلسل نظرانداز ڪندي رهي ۽ آخري سال تہ هوءَ صفا هن کان پري وڃڻ پئي چاهي, پر سندس شاعري, آواز۽ سندس جسم ۾ ڦهليل ٻنهل ۽ سگار جي خوشبو کيس بار بار هن ڏانهن ڇڪي موٽائي پئي آئي. .

. اهو ڪيس اندازو ئي نہ هو هن جو گلوڪار ٿيڻ جو خواب، شاعري ڪرڻ، سياست ڪرڻ، برساتن ۾ ڇڙواڳن جيان روڊن تي رلي ڳائڻ، سڀ ايترو جلد ختم ٿي ويندو... ۽ هو يارڻ نئين جي تري ۾ ڪنهن ڪنل هرڻي جيان ڪيرايو ويندو. . .

سندس ياءُ سوندا تہ ڪڏهوڪو ٽپي آيو پر هن ڪي مسلسل خاموش ڏسي هن ڪي هٿ سان ڌونڌاڙيندي چوڻ لڳو. هي بيبيبي.. ڪٿي گم آهين بابا...... پهريان مڪلي هلون يا ڪينجهر.....؟

هن ڪي بارڻ نئين ۾ ٿي سال اڳ ڪريل لاش اوچتو ياد اچي ويو.... ”مڪلي ٿا هلون جاني ياءُ....“

”چلو جيڪا توهان جي مرضي، پر ڪينجهر کان پهرين مڪلي ڇو...؟ سندس ياءُ ائين ئي لائيٽ موڊ ۾ پڇيس...

”اڄ آئون انهن فاتحن جو قبرون ٿي ڏسڻ چاهيان، جيڪي دور ديسن کان پنهنجا بکيا لشڪر ڪٺي سنڌ فتح ڪرڻ نڪتا، پر اڄ مڪلي ۾ بنا ڪتبي مدفون آهن... سندن پونيئر بہ سنڌي ٿي ويا آهن. ڇو تہ ٿي سال اڳ سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ماريل فقير ڇڱي ويو هو تہ ..... ڪير اسان ڌرتي ڌڻين جي ڪيتري بہ نسل ڪشي ڪري.. تون مان رهون نہ رهون.. فاتح سڀ سمهي پوندا.. پر سنڌ سدائين رهڻي آ....“

سندس ياءُ ڊپريشن جو شڪار ٿيل ييڻ جون همت واريون ڳالهيون ٻڌي وڏيڪ جذباتي ٿي ويو ۽ ڪانئس پڇيائين... ”اهو فقير ڪٿي آهي..منهنجو مطلب آهي.. ان جي قبر ڪٿي آهي....؟

هن ويران ٿيل اکيون مٿي ڪٽي ياءُ ڪي ڏٺو سندس آواز ڄڻ تہ بارڻ نئين جي پل هيٺان پئي آيو. چوڻ لڳي ..”ادا اهي فقير سنڌ ۾ لاپتہ ٿي مرندا رهندا آهن، پر سندن قبرن جا نشان نہ ليندا آهن.....!“

---

# ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائين ٿا!

ان ڏينهن بهاولپور کان رحيم يار خان ۽ صادق آباد واري رستي واپس سنڌ ايندي اهو احساس شايد ٿيو تہ سنڌ جو خوشحال ترين ۽ صنعتي ضلعو گهوٽڪي بہ صادق آباد جي ڀيٽ ۾ پوئتي پيل آهي. گهوٽڪي ۾ پاڻ جون فيڪٽريون، گئس ۽ تيل خا ذخيرا هوندي بہ گهوٽڪي وٽان گذرندڙ قومي شاهراه ٽٽل ڦٽل هئي، جڏهن تہ ساڳي ئي قومي شاهراه ڪوٽ سبزل کان پوءِ هڪ سڌريل معاشري واري گل و گلزار شاهراه ٿي پئي وئي. احمدپور شوقيہ جهڙي سرائيڪي پٽيءَ جي ننڍڙي علائقي ۾ جيڪو خوبصورت ٽول پلازه تعمير ٿيل آهي، اهو سکر، حيدرآباد تہ ڇڏيو ڪراچي ۾ بہ اهڙو ٽول پلازه تعمير ٿيل ناهي . وڏي صوبي ۽ ننڍين صوبن وچ ۾ اهو فرق ڇو آهي؟ ان فرق ڪري رنجشون ۽ ناراضگيون جنم وٺن ٿيون، مان ۽ منهنجي آسٽريلوي مهمان ڪيٽ ان موضوع تي ڳالهائيندا پئي آياسين تہ گهوٽڪي شهر ويجهو اچي ويو.

گهوٽڪيءَ جي ٽٽل ڀٽل روڊن پرسان گهاٽا نم جا وڻ اجا بہ پنهنجي خوبصورتي سبب پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. انهن وڻن کان پريان روڊ جي پرسان ئي پنجاب طرف هڪ ٽرين تيز رفتاريءَ سان وڃي رهي هئي. ان ٽرين ڪي ڏسي اسان جي ڳالهين جو رخ سنڌ جي ريلوي پٽڙين تي ٿيندڙ بم ڌماڪن طرف هليو ويو. اڄڪلهہ جي ڳالهہ آهي تہ ريلوي پٽڙين تي ٿيندڙ انهن بم ڌماڪن واري جاءِ تان اجان بہ ساڳيو "سنڌ لبريشن آرمي" وارو فوٽو اسٽيٽ ٿيل پمفليٽ ملي ٿو جيڪو پنج سال اڳ نوابشاه پرسان مليو هو، جنهن پمفليٽ موجب انهن بم ڌماڪن جي ذميواري سنڌ لبريشن آرمي جي ڪمانڊر غلام حسين چانڊيو قبول ڪئي هئي. ان شخص جو ۽ ان جي آرمي جو سنڌ اندر وجود بہ آهي يا نہ؟ اهو پتو تہ پاڪستان جون ڳجهيون ايجنسيون لڳائي رهيون آهن، پرانهن بم ڌماڪن جي باه جيئي سنڌ جي نعري هيٺ ڪم ڪندڙ لڳ ڀڳ سڀني تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. اهي بم ڌماڪا ايتري وڏي نوعيت جا بہ ناهن ۽ نہ ئي ان آرميءَ کي سنڌ اندر ڪا ايتري عوامي حمايت حاصل آهي. جو ان جي ڀيٽ انگريزن خلاف هلندڙ گوريلا جنگ يا حر تحريڪ سان ڪجي، پر الاءِ ڇو اهو پمفليٽي ڪامريڊ غلام حسين چانڊيو ائين نقلي نالو لڳي ٿو جيئن انگريز ڪاموري ايچ ٽي لئمبرڪ جي ڪتاب "وار" موجن غلام ڇڄرو يا سائين رکيو ولد واليڏنو ٻهڻ جا نالا ان زماني ۾ نقلي عرفيت سان ڀنن ۽ محفلن ذريعي جيل اندر توڙي ٻاهر گردش ۾ هئا. سنڌ جو تعارف هوندن تہ صوفين ۽ ولين جي سنڌڙي سونهاري وارو ڏنو وڃي ٿو پر ان اداس واديءَ جي لڳ ڀڳ هر نسل ۾

ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ئي سهي، پر اهڙا باغي روح ضرور پيدا ٿيندا ۽ گردش ڪندا رهيا آهن، جن جا حوالا ڀڏي اياز جون اهي سٽون ياد اچي وڃن ٿيون:

ٿي ماڪ وسي مئخاني تي،
ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائين ٿا!

ان ڏينهن هڪ اهڙي شخص سان سالن کان پوءِ ملاقات ٿئي، جيڪو قومپرست سياست ۾ پاڻ کي گوريلا ڪمانڊر سڏائيندي فخر محسوس ڪري ٿو. وچولي قد وارن اهڙن سنڌين کي فوج ۾ قد جي ڪمي سبب ڀرتي نہ ڪيو ويندو آهي، پر هن پاڻ ئي هٿيارن جي تربيت حاصل ڪئي. هو لڳ ڀڳ ٻارهن سال اڳ جڏهن مون سان مليو هو، تڏهن بہ روپوش هو ۽ اڄان بہ روپوش آهي. هو سرڪار کي تڏهن بہ سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ گهربل هو ۽ هاڻي تہ مٿس انعام اڪرام بہ رکيا ويا آهن. ٻارهن سال اڳ ان جي روپوش هوندي بہ اسان شايد سواري نہ ملڻ جي ڪري حيدرآباد کان ڄامشوري تائين پيرين پنڌ آيا هئاسين ۽ واٽ تي وسندڙ برسات اسان کي سڄو پسائي ڇڏيو هو. ڄامشوري پهچڻ کان پوءِ هو پنهنجي ٺڪاڻي طرف هليو ويو ۽ آئون پنهنجي هاسٽل جي دوستن طرف. پر هاڻي جڏهن هو مليو تہ هو بدليل بدليل هو. هن جي پروٽوڪول ۾ هن جا ڪارڪن حاضر حاضر هئا. هن انٽرويو لاءِ پنهنجو فوٽو ڪيائڻ کان اڳ ڪمري ۾ موجود پنهنجي ساٿين سان ٽڪڙي اجلاس ۾ صلاح ڪري ورتي تہ ڪيس ڏاڙهي سان فوٽو ڪيائڻ گهرجي يا شيو ڪرڻ کپي. فيصلو شيو ڪرڻ جي حق ۾ آيو تہ ٽڪڙا ريزر اچي ويا ۽ هن منٽن ۾ شيو ڪري فوٽو ڪيرايا.

”هي جيڪو سنڌ لبريشن آرمي وارو ڪمانڊر غلام حسين چانڊيو آهي، سي اصل ۾ توهان پاڻ تہ ناهيو؟“ منهنجي ان سوال جي جواب ۾ هن مرڪي صرف ايترو چيو تہ سنڌ سان ڏاڍاين جي خلاف جيڪو بہ جنهن طريقي سان مزاحمت ڪري ٿو اسان ان کي بهتر سمجهون ٿا. ان ۾ ڌماڪن جي حمايت هئي نہ مخالفت. سنڌ اندر ريلوي پٽڙين ۽ بجليءَ جي ٿنڀن ۾ جڏهن هلڪي نوعيت جا بم ڌماڪا ٿيڻ شروع ٿيا تہ سنڌ جي صحافتي لڏي ان کي ائين مذاق ڪري سمجهيو جيئن ڏهہ ٻارنهہ سال اڳ ڪوئيٽا جا صحافي انهن راڪيٽ حملن تي لطيفا ناهي کلندا هئا، جيڪي بلوچ لبريشن آرمي وارا ڪندا ۽ ذميواري قبوليندا هئا. ”بلوچن جي اها لبريشن آرمي ۽ ان جا گوريلا ايترو تہ هٽ جا سڌا آهن جو انهن جو هڪ بہ راڪيٽ ڪڏهن بہ پنهنجي نشاني تي نہ لڳو آهي ۽ نہ ئي ڪو نقصان ٿيو آهي.“ ڪوئيٽا جي هڪ پناڻ صحافي ان زماني ۾ کلندي ٻڌايو هو ۽ هاڻي اهو ساڳيو صحافي انهن گوريلا اڳواڻن جا انٽرويو ۽ انهن جي تربيت واري ويڊيو ناهي ٿو اچي. پر سندس ادارو عالمي ۽ غيرجانبدار هوندي بہ سندس اهي وڊيوز نشر نٿو ڪري سگهي. سنڌ لبريشن آرمي حقيقت آهي يا افسانو؟ ان سوال جو جواب ڳوليندي ڳوليندي ڳجهيون ايجنسيون ڪيترائي نوجوان گم ڪري ڇڏيا آهن. اهي نوجوان سياسي ڪارڪن هئا، پر ڳجهين ايجنسين جي رپورٽن آڌار پوليس عملدارن انهن کي غير ملڪي ايجنٽ قرار ڏئي ۽ ڪيس مڙهيا، جيڪي سالن جي عدالتي جنگ کان پوءِ هو ڪيس

کٿي ۾ سرڪاري بهتان غلط ثابت ڪري ٻاهر نڪتا. سنڌ جي قومپرست سياست ايتري تہ محدود ۽ هڪٻئي سان سلهاڙيل آهي، جو ان جي ننڍڙي ۾ ننڍڙي راز جي خبر بہ پل ڪن ۾ پکڙجي وڃي ٿي اهو آرمي جو راز ڳجهو ڪيئن ٿو رهي سگهي. اها ڳالهہ بہ قومپرست ڪارڪنن جي موبائيل فونن تي ايس ايم ايس ذريعي هلي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ لبريشن آرمي جي آڙ هڪ قومپرست تنظيم جي قيادت کي قتل ڪرڻ ۽ ڪچلڻ واري آپريشن جي مک ڪردار سنڌي پوليس عملدار تازو هڪ ٻي قومپرست جماعت جي اڳواڻ جي گهر وڃي نہ رڳو ماني کاڌي، پر ان کي مشورو ڏنو تہ جيئي سنڌ جي سيني ڏڙن کي گڏائي صرف مسلح جدوجهد کي پرچار ڪندڙ هڪ ڌر کي ڌار ڪري اڪيلو ڪري بيهاريو. سياست جي ان پرخار رستن ۾ ڪهڙو سچ ۽ ڪهڙو ڪوڙ اها تہ خبر ئي نٿي پوي.

ڪجهہ قومپرست ڪارڪنن ۾ بلوچ قومپرست بزرگ اڳواڻ نواب خير بخش مريءَ جي اها گفتگو زير بحث هلي ٿي، جنهن ۾ هن جنرل مشرف جي دور ۾ ڪجهہ سنڌي قومپرست اڳواڻن کي گهرائي مزاحمت بابت راءِ پڇي هئي تہ " اسان بلوچ تہ خودڪشي ڪرڻ وڃي رهيا آهيون، توهان سنڌي بہ هلندا ڇا؟" پوءِ ڪجهہ وقت جي وٿيءَ کان پوءِ مريءَ پاڻ انڪار ڪندي چيو هو"تين ڌر توهان سنڌين تي اعتبار نٿي ڪري" تہ سوچڻ جي ڳالهہ اها بہ آهي سنڌي قومپرستن تي عالمي برادريءَ ايترو بہ اعتبار ڇو نٿي ڪري، جيترو هنن جو بلوچن تي آهي؟ شايد سنڌي قومپرست ڇڙوڇڙ ۽ غير منظم رهيا آهن. تڏهن "اسان جڏهن توڙهي ڦاٽڪ خلاف هلچل هلائي تہ اها مزاحمت تمام سگهاري هئي، جنهن ڪري پاريسڙي ملڪ جي هڪ وزيراعظم اسان سان رابطو ڪيو." سالن تائين جيلن ۾ روپوشيءَ وارا ڏکيا ڏينهن گذاريندڙ هڪ انقلابي اڳواڻ ٻڌايو. "اسان ڏکيا سکيا پنڌ ڪري پنهنجي ايجنڊا تيار ڪري ان سان ملڻ وياسين، پر ايئرپورٽ تي خبر پئي تہ ان وزيراعظم کي ان جي محافظن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري اسان جي اها ملاقات نہ ٿي سگهي."

پراڻي سکر جي ريلوي ڪراسنگ پرسان جڏهن بہ گذرندو آهيان، مونکي اهو ننڍي عمر وارو باغي هيمون ڪالاڻي ياد اچي ويندو آهي، جيڪو ننڍي عمر ۾ ئي ڦاهي چڙهي ويو. پر پنهنجي ڌرتيءَ تان ڌارين کي تڙي ڪيڊڻ واري موقف تان پوئتي نہ هٽيو. سنڌي سماج هڪ مانار ۽ جاگيرداري قدرن ۽ ريتن رسمن جي سنگهرن ۾ جڪڙيل ماڻهن جو سماج آهي، جنهن انگريزن لاءِ بہ ايڏو وڏو مسئلو پيدا نہ ڪيو هو پر بغاوت تي لهي آيا تہ پنهنجي مرشد سورهيہ بادشاهہ خاطر ئي اهڙو رڻ ٻاريائون جو حر تحريڪ ڪچلڻ لاءِ مقرر ڪيل انگريز عملدار ايچ ٽي ليمبرڪ کي حرن جي بهادريءَ ۽ سچائي تي ميڄتا ڏيئي پئي. ائين ئي سنڌي مانار ۾ تہ رهيا، پر ضيائي مارشل لا جون هنن ڏچيون اڏائي ڇڏيون. سو ٽڏڙين راتين ۾ لوڪ سمهي مزي جون ننڊون ڪندو آهي، تڏهن باغي روح جاڳن ٿا ۽ اهي رند وڃي ڪنهن نہ ڪنهن مئخاني جو دڙ ڪڙڪائين ٿا.

# سنڌ جو لوڻ ۽ ننڌڙڪا يومي پترا

اهو هڪ عجيب اتفاق هيو تہ جن ڏينهن ۾ آئون ملائيشا جي ڌرتي ڇاولن يا يومي پترن کي مليل آئيني حقن بابت پڙهي رهيو هئس، انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي ٻن اهڙن عجيب ڪردارن سان ملاقات ٿي، جن کي سنڌ امڙ نسلن کان پنهنجي گود ۾ تاتي پالي وڏو ڪيو پر پوءِ بہ هو پنهنجو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ عيب محسوس ڪري رهيا هئا. ملائيشا جي يومي پترا پاليسي بابت اسانجا وڏيرا ۽ امير ڪبير ماڻهو تہ هاڻي خوب ڄاڻيندا هوندا، ڇو تہ هاڻي ڪيترن ئي سنڌي يوتارن پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ملائيشا جهڙي ملڪ کي چونديو آهي، جتي ڪاروبار، آزادي ۽ اسلام گڏ گڏ هلن ٿا. ملائيشا جي يومي پترن ڏانهن پوءِ ٿا هلون، پر اڇو تہ پهريان توهان کي پنهنجي ٻن ڪردارن سان ملايان، جنهن منجهان هڪ حيدرآباد جو حجام آهي.

ان ڏينهن سندس سيلون تي وڃي وار ٺهرائڻ لاءِ وينس تہ هن سلام دعا جي شروعات ڪئي. بعد ۾ مون بہ ڪانئس پڇي ورتو تہ پاڻ ڪير آهيو؟ هن وڏي نفرت سان پهرين اهو ٻڌايو تہ هي حجامڪو ڌنڌو سندن اباڻو پيشو ناهي پر مجبوري ۾ اهو روزگار ڪري رهيا آهن. هو اصل ۾ منگول ڪان آيل مغل آهن ، جيڪي ايراني نسل جا آهن. سنڌ ۾ سندن ستين پيڙهي آهي. هومنگول ۾ جنگين ڪان پڇي اچي سنڌ ۾ پهتا ۽ پناھ ورتائون. هو منگول آهن. مونکي ڏاڍي حيرانگي ٿي تہ سنڌ ايتري ترقي ڪري وئي آهي، جو ان ۾ هي سانورا حجام بہ هاڻي منگول ڪان پيا اچن. پر ان ئي لمحي پڪ ڪرڻ خاطر ڪانئس پڇيم، ادا توهان ڪڏهن ويا آهيو منگول...؟ هن وراڻيو تہ ، نہ هو تہ ڪڏهن نہ ويو آهي پر سندس ڏاڏو ويندو رهندو هو ۽ اهوئي ڪين اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو رهندو هو تہ هو اصل منگول آهن. جيڪو ايران جو علائقو آهي. مونکي خبر ناهي تہ ايران سان ڪهڙو منگول علائقو منسلڪ آهي پر هي واحد منگول هو. جنهن پنهنجي اصليت جو نہ ملڪ ڏٺو نہ اها زبان ٿو سمجهي پر هو سنڌي بدران پنهنجو پاڻ کي منگول سڏائڻ ۾ فخر محسوس ٿو ڪري!! اهو انفراريٽي ڪمپليڪس هيو يا ڪجھ ٻيو پر ان منگول حجام جون ڳالهيون ٻڌي مونکي پر سال واشنگٽن ۾ مليل اها برف جهڙي اڇي ٽوئرسٽ گائيڊ ياد اچي وئي، جنهن ٻڌايو تہ هو منگوليا جي منگول آهي پر هاڻي فخريہ آمريڪن آهي، ڇو تہ هن هڪ آمريڪي سان شادي ڪري وڏن سورن سان شهريت ورتي آهي. توڻي جو سندس پيءُ ماءُ هاڻي بہ منگوليا ۾ رهن ٿا، پر هو آمريڪن آهي. . حيدرآباد ۾ حجام جي قئنچي ڪنن پرسان هلندي مون اهيوئي سوچيو تہ، سنڌ جي لوڻ ۾ الائي جي ڇا آهي . . . جنهن کي ٿا ڪاريون، سو ڀٽائي جي ان سٽ جي عملي روپ وانگر ٿيو وڃي، تہ مٽ مئي جا نہ ٿيا . . . هيءُ تہ هڪ اڌ پڙهيل حجام هو جيڪو منگول ٿيڻ جو شوقين هو پر هلو

تہ هڪ ٻئي ڪردار سان ملون، جيڪو مونکي سٽي ريلوي اسٽيشن ڪراچي جي اسٽوري ريڪارڊ ڪرڻ دوران ويران پليٽ فارم تي مليو.

جيڪو پڙهيو لکيو بہ اهڙو جو ڳالهہ ڳالهہ ۾ لينن ۽ مارڪس جا حوالا پيو ڏئي. . . جنهن سڄي عمر مزدورن جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪئي هن ڪلي دل سان ٻڌايو تہ هو جڏهن يو-پي مان لڏي آيا تہ وٽن رهڻ لاءِ اجهو بہ نہ هيو پر سنڌ ۾ رهي ڪين عزت، روزگار ۽ هڪ جيون ساٿياڻي بہ ملي، جيڪا حيدرآباد جي طاهراڻي فيملي جي ڇوڪري هئي. ان مزدور اڳواڻ پنهنجي جدوجهد جي باري ۾ ڏاڍيون گهڻيون ۽ دلچسپ ڳالهيون بہ ٻڌايون، پر جڏهن پنهنجي زال جي باري ۾ ٻڌايائين تہ اها حيدرآباد جي سنڌياڻي آهي تہ مون وڏي چاهت مان مرڪي ڪائنس پڇيو تہ پوءِ توهان جي گهر ۾ سنڌي ٻولي رواني سان ڳالهائي ويندي هوندي، ڇو تہ مادري زبان جي نسبت سان توهان جا ٻار بہ گهر ۾ سنڌي ٻڌي ۽ سکي وڏا ٿيا هوندا. . . پر ان پوڙهي دانشور نما مزدور اڳواڻ تمام سنجيده ٿي سپاٽ چهري سان وراڻيو تہ، نہ اسانجا ٻار سنڌي ناهن ڳالهائيندا. اسانجي گهر ۾ سنڌي صرف تڏهن ڳالهائي ويندي آهي جڏهن منهنجي زال جا مائٽ گهر ايندا آهن. . . ائين ڇو آهي رضي صاحب؟ سنڌياڻي گهر مالڪياڻي، پر سنڌي ڪي گهر نيڪالي؟ . . .تہ هن ٺهڪ ڏئي چيو ائين سڀ ڪن ٿا ۽ سالن کان ڪندا پيا اچن. (سنڌين کان نفرت) . . . ! ان سلسلي ۾ هن هڪ مثال ٻڌايو تہ ريلوي جي عروج واري زماني ۾ سٺ ستر جي ڏهاڪن ۾ هو ريلوي ملازم هئڻ ناتي تڪڙو تڪڙو حيدرآباد ريل رستي ويندو رهندو هو. ان سفر دوران هو ڏسندو رهندو هو تہ ڪراچي يا ملير مان جيڪي سنڌي ماڻهو ٺٽي يا ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد وڃڻ لاءِ ٽرين ۾ چڙهندا هئا، انهن کي پنجاب يا پشاور ڏانهن ويندڙ مسافر سيٽون خالي هوندي بہ ڄاڻي واڻي ويهڻ لاءِ سيٽون نہ ڏيندا هئا. هن ڪڏهن غور نہ ڪيو تہ ائين هو ڇو ٿا ڪن، پر هو ائين ڪندا ضرور هئا.

سنڌي جيڪي هن ڌرتي جا يومي پترا آهن، انهن کي اوهان ٻوڏن ۾ لڙهندي، ٻندن تي ويهي خيرات ۾ مليل پلاءُ پٽ ٽانون بدران ڪوڏرن ۾ ڪائيندي يا پيٽ جي باھ اجهائيندي ڏٺو هوندو. ٻاهرين ماڻهن کي اوهان ايئرڪنڊيشنڊ گاڏين ۽ بنگلن ۾ ڏٺو هوندو پوءِ بہ هو چون ٿا اسان سنڌين سان گڏ نٿا رهي سگهون، ڏکيا آهيون. . .اسان هر حال ۾ الڳ صوبو وٺي رهنداسين. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسان هڪ نظر ايشيا ۾ ٿي هڪ ملڪ تي وجهون تہ خبر پوندي تہ ملائيشا لڳ ڀڳ ٽي ڪروڙ آبادي وارو اهڙو ملڪ آهي، جنهن کي آزادي اتفاق سان آگسٽ مهيني ۾ ٿي سهي پر اسان کان پورا ڏھ سال پوءِ ملي، يعني هو 1957ع ۾ آزاد ٿيا پر هن مهل اسان وانگر دنيا جهان ۾ دهشتگردي ڦهلائڻ سبب بدنام ڪونهن ۽ نہ ئي ناڪام رياستن جي لسٽ ۾ سندن ملڪ جو نالو اچي ٿو. انهن ڳالهين جي ابتڙ هنن وٽ ايشيا جي وڌندڙ ايڪانومي جو بهترين ريڪارڊ موجود آهي. سندن جي ڊي پي گذريل پنجاھ سالن کان سٺي شرح تي وڌي رهي آهي. سندن ملڪ جي ناماچاري هر هنڌ مشهور آهي، تڏهن ئي تہ منهنجو هڪ مسڪين ڳوٺائي بہ لکن ۾ ويزا وٺي ملائيشا مزدوري ڪرڻ ويو آهي. پاڪستاني اختياريون بہ سندن گڻ ڳائيندي ڪونہ ٿڪبيون آهن پر اسانکي ملائيشيا جي يومي پترا پاليسي کان ڪڏهن واقف نہ ڪيو

اٿائون. . تہ ڪيئن نہ ڪيئن اتان جي اصل رهاڪن يعني ملائي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ رياست ڪيترين ئي آئيني ضمانتون ڏنيون آهن. ملائيشا جي تيرنهن رياستن ۾ ڪيترن ئي نسلن جا ماڻهو رهن ٿا, جنهن ڪري اصل ڌرتي ڌڻي يا ملائي پنجاهہ سيڪڙو بچيا آهن. ٽيويهہ سيڪڙو چائينز آهن ۽ ست سيڪڙو انڊين بہ آهن, پر اتان جي رياست وائڙي ڪونہ ٿي آهي, جو ٻاهران لڏي ايندڙن کي اصل ڌرتي ڌڻين جي مٿان فوقيت يا اوليت ڏئي. اهڙن قدمن سبب ملائيشن حڪومت مٿان تنقيد بہ ٿي رهي آهي پر انهن تنقيدن کي پاسو رکي هو اڳتي وڌندا رهيا. ڪوالالمپور جي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪا بہ ملڪي توڙي غير ملڪي ڪمپني رجسٽرڊ ئي تڏهن ٿيندي, جڏهن ان ڪمپني جي ٽيهہ سيڪڙو مالڪي ڪنهن پومي پترن وٽ هوندي, اسان جي ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪيترا پومي پترا آهن, ڪيترن کي اچڻ تہ ڏنو ويو, حساب پاڻ لڳايو.

ملائيشا جي ڪنهن بہ علائقي ۾ نئين هائوسنگ ڪمپني لاءِ ضروري آهي تہ اها ست سيڪڙو رعايت پومي پترن کي ڏئي. . ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ ڪهڙي بحريہ ٽائون يا ٻي ڪمپني پومي پترن کي رعايت پئي ڏئي؟ پومي پترن لاءِ يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ داخلائن جون مخصوص سيٽون رکيل آهن, پر هتي گنگا ائين پئي ابتي وهي, جو اسان پنهنجي شهر ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ اجنبي آهيون.. . ملائيشا ۾ سٺ سيڪڙو کان وڌيڪ مسلمان آبادي رهي ٿي پر انهن ڪڏهن بہ اٺويہ سيڪڙو ٻڌن کي ائين ڪٽي تاراج نہ ڪيو آهي, جيئن اسان هندن, عيسائين ۽ ٻين مذهبي اقليتن کي ڪيو آهي. ملائيشا گهڻن حوالن سان ترقي ڪندڙ ملڪن ۽ قومن لاءِ مثال آهي, تڏهن ئي تہ ورلڊ بئنڪ پنهنجي پيسن تي تازو ئي تعليم واري وزير نثار کهڙي کي ايم پي ايز حسنين مرزا ۽ تيمور ٽالپر سميت هڪ وڏي وفد کي ملائيشا موڪليو تہ سنڌ جي تعليم بهتر بڻائڻ لاءِ ملائيشا مان ڪجهہ سکي اچو. جتي تعليمي شرح اسان کان گهٽي بهتر ۽ مٿي آهي. انهن ملائيشا وڃي خبر ناهي رڳو بيچيز گهميون يا ڪو پومي پترا جو سبق بہ ياد ڪري آيا. جيڪو اسان سنڌ جي ان اسيمبليءَ مان پاس ڪرائي سگهون تہ جيئن آئنده ڪنهن ٻاهران آيل لاڏائو ٽولي کي اها همت نہ ٿئي تہ سنڌ جي ورهاڱي لاءِ سوچي بہ سگهي يا نام نهاد انتظامي يونٽ ۽ صوبن جون ڳالهيون ڪري ڌرتي ڌڻين ۾ انتشار ڦهلائي سگهي.

# مُياس تہ معاف ٿئي!

مائي الهوڏائي، تنهنجو هاڻي الله واهي، ڪراچي جي اسپتال مان جڏهن تُنهنجي اڌ سڙيل وجود جو لاش اباڻي شهر ڏهرڪي لاءِ نڪتو هوندو تہ اهو نہ پڇجان تہ اهو لاش ڳوٺ پهچائڻ لاءِ تنهنجي پونئيرن کي ڪيترا ڪشالا ڪرڻا پيا هوندا، ڇاڪاڻ تہ رستي ويندي لاش خاموش رهندا آهن، پر تنهنجو لاش عورتن لاءِ جهنم بڻايل هن پوتارڪيءَ يونءِ مان گذرندي ڪيترائي سوال ڪندو پيو وڃي. اهو سوال تہ حڪمرانن ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيو تہ تنهنجي قاتلن ۽ زانين(ريپسٽ) جو ڇا ٿيو انهن جي گرفتاري ٿي يا انهن کي سزا ملي يا نہ؟ گهوٽڪي پوليس تہ تنهنجو ڪيس وٺڻ لاءِ تيار نہ هئي تہ ڪوان جي حدن ۾ ريپ جو واقعو بہ ٿيو آهي. اها پوليس تہ ان واقعي کي جنهن ۾ تنهنجي ڏهن سالن جي نياڻي زوري زنا کان پوءِ ساڙي ماري وئي ۽ توکي بہ ساڳئي جهنم جهڙي عذاب مان گذاريو ويو، پر گهوٽڪي پوليس ان کي تنهنجو رچايل ڊرامو پئي سمجهي، تڏهن تہ هنن پهريان ايف آءِ آر نہ ورتي ۽ جڏهن تنهنجا وارث سيشن جج وٽ دانهين ٿا، تڏهن وڃي هنن ايف آءِ آر درج ڪئي.

سنڌ ۾ واقعي دور متجن ٿا، پر ذهن ڪٿي ٿا متجن؟ گهوٽڪي پوليس جو ذهن بہ اڳوڻي آمر جنرل پرويز مشرف جي ذهن سان ملي ٿو، جنهن ريپ جو شڪار ٿيندڙ عورتن مٿان طنز ڪندي چيو هو تہ ”اهي عورتون ڄاڻي واڻي ريپ ٿو ڪرائين، تہ جيئن ڪين آمريڪا ۽ ڪئنڊا جي ويزا ملي وڃي.“ مشرف تہ اقتدار مان هليو ويو، پر اها ذهنيت حڪومتي ادارن ۽ مردن جي اڪثريت ۾ ڇڏي ويو تہ ريپ جي واقعن ۾ عورتن جا ڪي مفاد لڪيل هوندا آهن. تنهن ڪري جنرل ضياءَ وازي زماني ۾ ريپ ٿيل عورتن کي چار گواهہ پيش ڪرڻا پوندا هئا، جن عورت کي ريپ ٿيندي ڏٺو هجي، تيئن ئي هاڻوڪي دور ۾ اهو مائي الهودائي جهڙين عورتن کي واضع ڪرڻو پوندو تہ هنن ڪئنيڊا يا آمريڪا جي ويزا يا ڪنهن ٻئي مفاد لاءِ تہ ريپ نہ ڪرايو آهي! مائي الهوڏائي رلِيون وڪڻي گذر ڪندڙ اهڙي اڌڙوٽ عمر واري عورت هئي، جنهن کي ڪينجهو واري علائقي ۾ برسات ۽ طوفان سبب رات ترسائي، سندس 10 سالن جي نياڻي شرما سميت اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو ويو ۽ بعد ۾ جيئري باهہ ڏئي ساڙيو ويو. هوءَ اهڙي پورهيت عورت هئي، جنهن جا هٿ هنر سان سونا هئا، جنهن کي اسپتال جي ٻين عورتن پاران جيڪو مٿن ڪان وهاڻو ڏنو ويو هو، سو هٿ جي هنر آر جو پرت جو شاهڪار نمونو هو.

ائين بہ ناهي تہ حڪومتي ادارن مائي الهوڏائيءَ کي ڪو صفا وساري ڇڏيو هو، ڇاڪاڻ تہ سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ جڏهن اجتماعي دعائون ٿي رهيون هيون، تڏهن ڊپٽي اسپيڪر شهلا رضا هڪ اين جي او جي پرچي پڙهندي، مائي الهوڏائي جي ڪفن جي ڪنهن ڪُنڊ تي ڪنهن اداري جو مونوگرام نہ لڳل هجي. مائي الهوڏائي جو اڌ سڙيل لاش ڏسي نصيحتون ڪندڙ منجهان ڪنهن چيو،

”ان مائي جا گناھ بہ تہ ايترا هوندا، جو کيس جيئري جلي مرڻ جي سزا ملي“ مون کيس ٻڌايو تہ، ”ها واقعي مائي الھوڏائي جو ڏوھ آهي ۽ وڏي ۾ وڏو ڏوھ اھو اٿس تہ ھوءَ بدبودار سماج ۾ پيدا ٿي ۽ پورھيت ٿي پيدا ٿي“ ڇا ان کان وڌيڪ ڪو ڏوھ اڄوڪي سنڌ ۾ آهي تہ غربت پورھيت ٿي پيدا ٿجي، جنھن جي لچالٽ واقعي ڪي بہ ماڻھو مشڪوڪ نظرن سان ڏسندا. اهي ان وينا حيات کي مشڪوڪ نظرن سان نہ ڏسندا، پر غريب پورھيت نياڻيءَ جي لچالٽ کي سؤ پيرا چيڪ ۽ ري چيڪ ڪرڻو ٿو پوي، مون کي ھڪ اين جي او واري امير زاديءَ ٻڌايو تہ، ”توهان ليکارين جو غريبن لاءِ الاءِ اڇو ٿو هانءُ ڦاٽي، باقي جيترا ڊرامي باز اهي غريب اٿئي، ٻيو ڪجھہ نہ هوندو.“ مون کيس عرض ڪيو ”جيڪو بہ ٿئي، پر هڪ عورت ۽ هڪ انسان ناتي اوهان پنهنجي اداري جي فنڊن مان سندس علاج ڪرايو تہ بهتر نہ ٿيندو“ هن کُلهن کي انگريزن وارو جهٽڪو ڏيندي چيو. ”يار سچي ڳالھہ اھا آهي تہ اها مائي جيڪڏهن ڪاري ٿي مري ها تہ اسان فُل سپورٽ ڪريونس ها، ڇو تہ اڄڪلھہ پراجيڪٽ ڪارو ڪاري تي پيو هلي، باقي ريپ جو اڃا پروپوزل موڪليو آهي، جيڪو پراجيڪٽ منظور ناهي ٿيو سو في الحال تہ ڪا پوزيشن ناهي.“

هي استنبول ۽ انڊيا وچ ۾ساھ ڪٽندڙ اھڙي معاشري جا ادارا ۽ فرد آھن، جن کي جيئڙي ساڙي ماريل عورت جيڪا بہ هڪ انسان آهي، ان جو قدر ناهي. اهڙي بيحس معاشري ۾ استنبول جي انهن بهادر عورتن جو ڪھڙو ذڪر ڪجي، جن هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سان بس ڊرائيور پاران ڪيل ريپ کان پوءِ اهڙي تہ شاندار تحريڪ هلائي، جو ترڪي جي سياستدان بہ ڏڪي ويا. استنبول جي عورتن اها سموري تحريڪ ٽوئيٽر تي هلائي ۽ انهن مردن کي طنز جو نشانو بڻايو، جن جي نمائندگي ڪندي،ترڪيءَ جي هڪ سياسي اڳواڻ چيو هو تہ، ”استنبول جون عورتون لباس اهڙو مختصر ٿيون پائين، جو پاڻ ريپ جي دعوت ڏين ٿيون“ سندس اهڙي بيان کان پوءِ استنبول تہ ڇا سڄي دنيا جي عورتن ٽوئيٽر تي پنهنجون تصويرون ۽ پنهنجيون ڪهاڻيون شيئر ڪيون تہ انهن سان حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪيترا دفعا ۽ ڪھڙن ڪھڙن مردن ريپ ڪيو يا ريپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ استنبول جي عورتن جي آن لائين جدوجهد متاثر پئي ڪيو پر مرد بہ گهٽين مان نڪري چوراهن تي آيا ۽ هنن چيو ”جيڪڏهن عورتن جو لباس انهن لاءِ ريپ جو سبب ٿو بڻجي تہ اسان مرد بہ مني اسڪرٽس پايون ٿا ۽ عورتن سان يڪجهتي ٿا ڪريون“ استنبول جي عورتن جي تحريڪ کان اڳ انڊيا ۾ هڪ سگهاري تحريڪ تڏهن هلي، جڏهن هڪ شاگردياڻي کي هلندي بس ۾ ريپ ڪيو ويو. انڊيا جا انتهاپسند، عورتون توڙي مرد ان ريپ خلاف اهڙو تہ اٿيا، جو سرڪار کي قانون بدلائڻا پيا ۽ سزائون بدلائڻيون پيون، پر هيءَ سنڌ آهي، جتي جڏهن مائي الھوڏائي پنهنجي ڏهن سالن جي نياڻيءَ سميت ريپ کان پوءِ سڙي ٿي تہ حڪومتي ادارا سندس چال چلت تي شڪ ڪن ٿا ۽ سول سوسائٽي خاموش ٿي رهزنن کي رستو ڏئي ٿي. اهڙي سينواريل سماج ۾ جتي ادار ا موجود هجن، پر اهي عورتن خلاف تعصب واري ذهنيت سان ڀريل هجن. اهڙي معاشري ۾ ڇوڙ لاءِ تہ ڀلي نياڻيون ست قرآن هجن،

پر انهن جو حشر هو اهڙو تہ بري انجام جهڙو ڪن ٿا، جو متاثر عورتون دانهن ڪرڻ جي بہ قابل نٿيون رهن. تڏهن تہ ڍول فقير ڳائيندو رهي ٿو تہ،

”سور مڪائون سوڪڙي ڪري،

ڳالهہ انهيءَ آ ڳاري، هو جي ويا هليا “

# ڪاجا روح رهاڻ!

هاڻي جڏهن شڪارپور جي امام بارگاه تي خودڪش حملي بابت اها خبر پڙهيم تہ حملي ڪندڙ جو تعلق ازبڪ نسل سان هو تہ مون کي الائي ڇو اهو افغاني پناڻ ياد اچي ويو جيڪو مسڪرائيندڙ سنڌي مولوي سان گڏ مون کي پٽ شاهہ پرسان لاهوتي هوٽل تي مليو هو. اهو مسڪرائيندڙ مولوي منهنجو پراڻو دوست هو جنهن وٽ قومي شاهراهہ تي سفر ڪندي ڪڏهن ڪڏهن چانهہ پيئڻ لاءِ ترسي پوندو هئس. اها ڪجهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن مون مسڪرائيندڙ مولوي کي فون ڪري ٻڌايو تہ سندس ڳوٺ جي پرسان پهچڻ وارو آهيان تہ هن هڪدم چيو "باءِ پاس وٽان لاهوتي جون نئون هوٽل کُليو آهي اتي ويٺا آهيون هليو اچ" هوٽل تي پهچڻ سان خبر پئي تہ وٽس افغانستان کان مهمان آيل آهن، جن منجهان هڪ بزرگ، پر وڏي ڏاڙهي ۽ پٽڪي واري کي ڪي هو پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو.

اسان جي تعارف دوران جڏهن مسڪرائيندڙ مولوي ڪيس اسان جي حُجتي هجڻ بابت ٻڌايو تہ هن پڻ باقي ڪچهريءَ ۾ ڪو حجاب نہ ڪيو انهن ڏينهن ۾ هرات ۽ قنڌار مان عورتن کي ڪارنهن جي الزام هيٺ جيئرو قبر ۾ پورڻ ۽ سرعام گوليون هڻڻ جهڙيون تڪراري خبرون آيل هيون ۽ مون ساڻس ان موضوع تي پئي ڳالهايو. هو ماني کائي ويٺا هئا، صرف منهنجي لاءِ چانهہ جو آرڊر ڏنو هئائون. مون چانهہ جو ڪوپ هٿ ۾ ڪٽي، افغاني پناڻ کان نرميءَ سان پُڇي ورتو " توهان جا افغاني ايترييون بيرحم ڪارروايون ڪيئن ٿا ڪن؟ ۽ ايڏا پٿر دل ڇو آهن؟" منهنجي سوال ڪرڻ مهل هو وڏن شهپرن جي وچ مان رستو ناهي، ماچيس جي تيليءَ سان ڏند ڪوٽي رهيو هو. هن پنهنجو هٿ ڇپن جي وچ ۾ رکي، عجيب طرح جو ٺهڪ ڏنو ۽ مون کان پُڇيائين، "تو ڪڏهن ازبڪ ڏٺا آهن" مون صرف ڪنڌ سان "نہ" ڪئي تہ هن ٻيهر ٺهڪ ڏيندي چيو "تڏهن تہ توکي افغاني بيرحم ٿا لڳن؟" ازبڪ تہ اسان افغاني توکان وسري وڃون. ائين سمجهہ ازبڪن جو اسان ڪندي، ماٽ ڪرائي تہ "هي اخباري ماڻهو اٿئي، لکندو بہ آهي، تنهن ڪري وڏيڪ نہ ڳالهاءِ" سنڌي مولوي جي ان دوستاڻي تنبيهہ کان پوءِ اهو افغاني باقي ڪچهريءَ ۾ بلڪل لاتعلق بڻجي ويهي رهيو.

مسڪرائيندڙ مولويءَ سان منهنجي ملاقات 1990ع واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ سکر ۾ ٿي هئي، انهن ڏينهن ۾ هو سکر جي نشاط سئنيما پرسان تير چوڪ تي پنهنجي جماعت جا اهي جلسا اٽينڊ ڪرڻ ايندو هو جيڪي هو اسامہ بن لادن جي تعريف ۾ "اسامہ زنده آباد ڪانفرنسون ڪندا هئا. انهن ڪانفرنسن ۾ خيرپور ميرس مان اهو مولودائي بہ ايندو هو جيڪو پنهنجي سُريلي آواز ۾ اندين گانن جي ڌُنن تي اسامہ بن لادن لاءِ تعريف جا گل ڪٽي ايندو هو. انهن ڪانفرنسن ۾ جيڪو سندس مُک

مقرر هوندو هو. سو چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جو گريجوئيٽ هو جنهن کي شاگرديءَ واري زماني ۾ قومپرست ڪارڪنن ڏاڍو تنگ ڪيو هو ۽ انهن جو اثر مٿس اهڙو حاوي رهيو جو مقررن ۾ خطيب ٿي ويو پر قومپرست جو قومپرست رهيو. تنهن زماني ۾ اسامہ بن لادن جو نالو وٺڻ يا اسامہ زنده آباد ڪانفرنسون ڪرائڻ تي بہ پابندي مڙهيل ڪونہ هوندي هئي، تنهن ڪري جلسن ۾ شريڪ سمورا سنڌي اسامہ اسامہ ڪندا وتندا هئا. انهن سالن ۾ آئون ڪاوش اخبار لاءِ سکر ۾ رپورٽر طور ڪم ڪندو هئس ۽ پنهنجي ايڊيٽر سان صلاح مشورو ڪرڻ کان پوءِ اسان هڪ انويسٽيگيٽو اسٽوري انهن سنڌين بابت ڪئي هئي، جيڪي افغانستان تائين وڙهڻ ويا ۽ طالبان جي ڪابل ۾ حڪومت قائم ڪرائڻ ۾ مدد ڪري آيا هئا.

سکر جي بچل شاهہ مياڻي وارو اهو مولوي اجان جيئرو آهي، الائي نہ. جنهن سان منهنجون تير چوڪ تي تمام گهٽيون ڪچهريون ٿينديون هيون. انهن ڏينهن ۾ هو پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ميندي هڻندو هو ۽ پنهنجي پاڙي واري مسجد جو پيش امام بہ هوندو هو. دستار بدران گهوٽڪي جي ڪچي مان سنڌي ٽوپي ٺهرائي پائيندو هو. ان مينديءَ واري ڏاڙهي واري همراهہ ٻڌايو تہ، ”هو خيرپور، جيڪب آباد ۽ شڪارپور جي خانپور وارن علائقن مان بسون ڀري افغانستان ويا هئا، انهن جي ٻئچ کي ڪوئيٽا جي ٻاهران هڪ مدرسي ۾ ترسائڻ بعد هڪ رات اوچتو افغانستان روانو ڪيو ويو ۽ ٻئي ڏينهن هو قنڌار جي گورنر هائوس ۾ ناشتو ڪري رهيا هئا. هو طالبان کي ڪابل فتح ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ کان پوءِ خير سڳالي جي دوري تي ويا هئا. اڳوڻن ويڙهاڪن ۽ هاڻوڪن حڪمرانن کان هنن اها شڪايت نہ ڪئي هئي تہ کين ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڏنو ويو هو، ڇو تہ هو پنهنجي بسن تي خيرپور جي ڪارڪن جو ٻوريون ۽ ڀُڳڙا وڏي تعداد ۾ کڻي ويا هئا. ان مولويءَ جو اهو تفصيلي انٽرويو ان وقت ڪاوش ايڊيشن ۾ سندس فوٽو سميت شايع ٿيو هو جنهن ۾ هن اسامہ بن لادن سان رات جي ماني گڏجي کائڻ جو بہ ذڪر ڪيو هو. ان ذڪر دوران هن وڏي فخر سان ٻڌايو هو تہ اسامہ بن لادن جي ذاتي محافظن ۾ سنڌي ڇوڪرا تمام گهڻا هئا، ڇو تہ هو کين پسند ڪندو هو. اسامہ جو اولاد بہ مهمان نواز بہ اهڙو جو اسان کي پٽي هٽ ڏورايائون. افغانستان ۾ وڙهي واپس آيل سمورن ماڻهن کي سکر جي گهِٽتا گهر تي هڪ آجياڻو ڏنو ويو هو جنهن ۾ سکر جي هڪ مذهبي اڳواڻ خطاب ڪندي چيو تہ، ”اسان پاڙيسري ملڪ ۾ پنهنجي طرز جو نظام آڻڻ ۾ مدد ڪري آيا آهيون، حڪومت کي ڪو اعتراض هجي تہ ٻڌائي“ پر ان وقت جي حڪومت کين ڪجهہ نہ چيو ۽ هو آزاد گهُمندا رهيا.

پاڪستاني فوج جي ترجمان ميجر جنرل عاصم باجوه جي ٻن ڏينهن پهرين واري بريفينگ ٻڌي، مون کي اهي 1990ع واري ڏهاڪي جا سمورا مولوي ياد اچي ويا. جنرل عاصم باجوه پشاور جي آرمي پبلڪ اسڪول تي حملو ڪندڙن جا تفصيل ٻڌايا تہ”هو ڪيئن ۽ ڪهڙي رستي سان آيا ۽ ڪهڙي مسجد جي پيش امام جي گهر ترسيل هئا ۽ ڪهڙي طرح حملو ڪيائون.“ وقت ڪيڏو نہ ظالماڻي انداز سان هاڻ بدلجي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ هاڻي پيش امام فخر سان اهو چئي نٿو سگهي تہ

انهن حملي آورن جي هنن مدد ڪئي هئي. آرمي پبلڪ اسڪول پشاورو وارو حملو تہ ڇڏيو مون کي تہ ايبٽ آباد آپريشن وقت بہ سکر جي بچل شاهہ مياڻي وارو اهو مولوي ڏاڍو ياد آيو هو جنهن چاهيندي بہ پنهنجي محسن ۽ آئيڊيل اسامہ بن لادن جو تڏو نہ وڇايو ۽ نہ ئي سرعام ان غم جو ائين ملهائي سگهيو جيئن هو سندس تعريف ۾ اسامہ زنده باد ڪانفرنسون ڪرائيندا هئا. شڪارپور حملي کان پوءِ جڏهن هر طرف دانهون ٿيڻ لڳيون تہ مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ سنڌ جي نمائندگيءَ جي دعويٰ ڪندڙ حراسجي ويا آهن. هو اها جنگ جيڪا اڃا شروع مس ٿي آهي، سا هارائڻ جي خوف ۾ دانهون ڪري رهيا آهن پر مون کي الائي ڇو اها ڪا نئين ڳالهہ ڪونہ ٿي لڳي، شايد ان ڪري جو ڏهاڪن کان اتر سنڌ ۾ ڦهلجندڙ يا هٿ وٺي ڦهلائي ويندڙ انتهاپسنديءَ جو اکين ڏٺو گواهہ آهيان. شڪارپور ۾ ائين ٿيڻو هو ڇو تہ اتر سنڌ ۾ رڳو افغاني ۽ ازبڪ اڇي ڪونہ ٿا ترسن، پر اتر سنڌ جا ڪجهہ ماڻهو افغانستان ياترا ڪري اچن ٿا، اهو سلسلو سالن کان هلندڙ آهي تہ ان جا ڪجهہ تہ اثر ڪٿي نہ ڪٿي ۽ ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ ظاهر ٿيندا. شڪارپور ۾ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ئي آئون تہ خانپور جي انهن آرائين برادريءَ جي ماڻهن سان بہ ملي آيس، جن جا ٻچا افغانستان وڙهڻ لاءِ موڪليا ويا ۽ هو وري ڪڏهن واپس نہ ٿيا.

شڪارپور حملي کان پوءِ خوفزده ٿي ويل هڪ دوست، جڏهن روئڻهارڪو ٿي پُڇيو تہ، هاڻي اسان جي سنڌ جو ڇا ٿيندو، تہ کيس ٻڌايم تہ ”هي سالن ڏهاڪن کان انتهاپسنديءَ جي انويسٽمينٽ ڪندا پيا اچن، ان جا آثار ڪڏهن تہ ظاهر ضرور ٿيندا، پر اڪثريتي ۽ اصلي سنڌي ان طرف هرگز ڪونہ ويندا، ڇو تہ اهي استاد منظور علي خان جي آواز ۾ سچل سرمست جو ڪلام ٻڌي وڏا ٿيا آهن تہ ”عشق شرع ڪيا، لڳي او قاضيا، ڪهڙي مسئلي ڏسندين“ جنهن ۾ هو دوزخ جي دڙڪن واري همراهہ کي واضع ٿو ٻڌائي تہ ”برڪت يا نظر نہ آوي اسان بن باهيون سڙ مودي“ سو سنڌيت جو روح موهن جو دڙو جي جنهن مٽيءَ مان ڳوهيل آهي، ان تي ڏهاڪن جي انتهاپسنداڻيءَ انويسٽمينٽ کان پوءِ بہ ڪين ڪو هٿ سنڌي خودڪش بمبار نہ ملي سگهيو جيڪو پنهنجي ئي شيعا ڀائرن خلاف بم ڦاڙي ها، انهن ازلي وحشي ازبڪن کي آندو. شايد اهڙن ئي ماڻهن لاءِ اسان جي قومي شاعر اها سٽ چئي هئي تہ،

ڀاڙي ماڻهو ڀاڙي ٿي،
جلاد گهرايو بينا آهن.

شڪارپور حملي ڪانپوءِ سمورا سنڌي پوءِ اهي سني هجن يا شيعا، هندو هجن يا مسلمان سوڳ ۾ گڏ ٿي ويا، هڪ ٿي ويا ۽ انتهاپسندي خلاف هڪ ٿي بيهڻ جو عزم ڪيائون. حقيقت ۾ شڪارپور حملي کان وڌيڪ ان پيغام کي ڏسڻ جي ضرورت آهي، جيڪو سني توڙي شيعا، هندو توڙي مسلمانن سنڌين شڪارپور جي لکي در چوڪ تي پهچي ڏنو تہ، ”هي غم اسان سڀني جو غم آهي ۽ اسان سڀ سوڳوار آهيون.“

ڏماڪي يا ڪنهن بُري خبر جو آواز ۽ پڙاڏو گهٽو گونجندو آهي، تنهن ڪري سڀ ڪنهن چوڻ شروع ڪيو تہ "جو لوگ سنڌ ڪو صوفيانہ مزاج ڪي سر زمين سمجهہ تي هين وهہ احمقون ڪي جنت مين رهتي هين" اهڙيون ڳالهيون ڪندڙن جو ڏوهہ ناهي، ڇو تہ انهن کي شڪارپور جو صرف خودڪش حملو نظر ٿو اچي، اهو نظر نہ ٿو اچي تہ انهن سوڳوارن جي ڪفن دفن ۾ ڪنهن سني پاڙيسري بہ مدد ڪئي هئي. انهن موقعي پرستن کي سنڌ ۾ رڳو پورو پيل ٿو ياد اچي، جنهن کي زمين جي تڪرار تان مذهبي رنگ ڏنو ويو ۽ سنڌ جي سهپ ۽ رواداري تي حرف آندو ويو پر کين ڪپري روڊ سان تازو دفن ڪيل اسان جو بزرگ حاجي ڪاڪا نظر ئي نہ ٿو اچي، جنهن کي ميگهواڙن ۽ مسلمانن جي گڏيل قبرستان ۾ سرحدي دنگ تي دفن ڪيو ويو ۽ ان جي قبر تي سندس پُٽن ممتاز ڪاڪا، اعجاز ڪاڪا ۽ ٻين نالي وارو ڪتبو ئي حافظ نظاماڻي جي ان شعر سان لڳرايو تہ.

"ڪو آ رحمان جي پاسي، ڪو آ ڀڳوان جي پاسي،
منهنجو سجدو انهيءَ کي آ، جيڪو انسان جي پاسي."

سنڌ ۾ انتهاپسندي جي انويسٽمينٽ سالن ڏهاڪن کان جاري آهي، اڄ جا ڪجهہ نظار اوهان کي پنهنجن پنجنهن شهرن جي باءِ پاسن تي نظر ايندا رهندا ۽ اهي نظارا پنهنجو اثر اوهان جي شهرن ي ڇڏڻ چاهيندا، پر مون کي پڪ آهي تہ حالتون جهڙيون هجن، سنڌي واشنگٽن جي ان صوفي وانگر پنهنجي دل جي دنيا آباد رکيو ايندا، جيڪو واشنگٽن جي اوول ريسٽورنٽ مان نڪري، جڏهن گاڏيءَ ۾ وينو تہ ڪو انگلش ميوزڪ نہ لڳايائين، پر ڊول فقير جو سدا حيات آواز کوليائين، جنهن ۾ هو انوکي انداز واري هڪل ڪري چوي ٿو.

ڪا جا روح رهاڻ او جيڏيون ڙي،
ڪيئي مون پرين سان ويهي ويهي الا.

# پروفيسر ريٽائر ناهن ٿيندا ؟

اسان جي ملاقات اوچتو بلاول هائوس جي ڀرسان سمنڊ ڪناري ٺاهيل هڪ اپارٽمينٽ جي لفٽ ۾ٿي ويئي، منهنجي وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ هڪ اهڙي شخصيت سان ائين راهہ ويندي ملاقات ٿي ويندي، جنهن سنڌ جا اعليٰ تعليمي ادارا نشاني تي رکيا. هن سوڙهي لفٽ جو اڌ کلنڊڙ دروازو پاڻ کوليو. هميشہ جيان ڪي فائيل سندس بغل ۾ هئا. هڪ صحتمند پر پڪي عمر واري رعبدار خاتون کي هن ڀرريان اندر اچڻ جو چيو. بعد ۾ پاڻ لفٽ اندر داخل ٿيو. سندس هٿ ۾ ڪنيل فائيل ڪنهن وڏي اسپتال جا هئا. جيڪي هن رعبدار خاتون کي ڏيکاريندي ٻيهر ڊاڪٽر طرف هلڻ جي ڳالهہ ڪئي، بعد ۾ هو ان رعبدار خاتون اڳيان ائين خاموش ٿي ويو. جيئن ڪنهن دور ۾ سندس اڳيان يونيورسٽي جا تمام ذهين اسڪالر بہ خاموش ٿي ويندا هئا.

هو خاموش هو پر سندس اکيون هيڏانهن هوڏانهن لفٽ جي لوهي ديوارن ۾ انهن ۾ لڳل وڏن شيشن کي گهوريندڙيون رهيون. ان لمحي مون کي الاءِ ڇو ڄامشوري جو اهو آچر ڏينهن ياد اچي ويو. جنهن ڏينهن آفيسن وارو علائقو ويران هوندو آهي. ان مخصوص آچر تي سندس آفيس ۾ هڪ مخصوص قسم جي هلچل هئي. سندس اسٽاف کي حڪم هو تہ جيئن ئي وي آئي پي اچن، کين ٻاهر انتظار ڪرائڻ بدران سڌو سندس آفيس ۾ وٺي اچن. انتظار جي ان ڪيفيت ۾ هن صبح هوندي بہ سائيڊ ٽيبل تي پيل نمڪو ائين پئي بار بار وات ۾ وڌو. جيئن راتين جا پياڪ پنهنجي پيگ جي ڪڙاڻ مارڻ لاءِ نمڪي جو سهارو وٺندا آهن. سندس بيچيني وارو انتظار تڏهن ختم ٿيو جڏهن هڪ ريٽائر اهلڪار سادن ڪپڙن ۾ سندس آفيس ۾ گهڙيو. هن کيس ٻک وڌو ۽ اردو توڙي چست انگريزي ۾ کيس ٻڌائڻ لڳو تہ هن سندس وڏي تعريف ٻڌي آهي، ان ڪري ئي هن چاهيو تہ کيس پنهنجي ڪيمپس ۾ نئو عهدو تيار ڪري چيف سيڪورٽي آفيسر ڪري رکي تہ جيئن ڪيمپس ۾ امن امان بحال ڪرائي ڏئي.

اسان جي لفٽ اڃان ٻئين فلور تي پهتي هئي، جتي ڪجهہ مسافر لٿا تہ لفٽ ڄڻ خالي خالي ٿي پيئي. منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ بہ آئي تہ هن جي مقرري ڪيترن پيسن عيوض ٿي هئي، ان جا چوٻول تہ ڪيمپس ۾ هئا. پر پڪ پڪاڻي ڪنهن کي ڪا بہ نہ هئي، سندس خلاف تحريڪون بہ هليون پر جڏهن سندس مخالفن ڏٺو تہ هو ڪنهن طريقي سان کيڏانهن بہ وڃڻ وارو ڪونهي تہ سندس ڪٽر مخالفن بہ جنرل ضياءَ جي مجلس شورا جيان سندس حسن ڪارگردگي جي تعريف ڪرڻ شروع ڪري ڏني. وٽس اهي خواتين بہ شام جو وي سي هائوس جي لان تي چانهن پيئڻ پهتيون، جن پريس ڪلبن اڳين ڪيترن هفتن تائين سندس پتلا ساڙيا. اها سندس بهتر منظم جي نشاني هئي يا گورنر هائوس ۾ ويٺل سندس لابي جي ٽيڪي، پر هن پنهنجي مخالف شاگردن کي بہ پنهنجومداح ٺاهي

چڏيو. هن تہ وڏن نالن وارن اڳواڻن کي بہ ائين تريٽ ڪيو جيئن ڪيمپس جي ڪنهن لوڪل شاگرد اڳواڻ کي تيل جي پرچي ڏئي راضي ڪرائي وٺندو هو. سندس آفيس ۾ ايندڙ نام نهاد شاگرد اڳواڻن کي نون ڪپڙن ۽ نون بوٽن نہ پاڻ جوپهريان احساس ڏياري پوءِ کين روڪڙا نوٽ ڪڍي ڏيندو هو تہ ابا اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر پهريان وجي هنن پيسن مان ڪپڙا وٺو ۽ نوان موبائيل فون وٺو تہ جيئن شاگرد ليڊر تہ لڳو نہ. . . . . !

فليٽن جي لفٽ اوچتو چوٿين فلور تي بيهي رڪجي وئي. جڏهن ڪير بہ نہ لٿو ۽ نہ چڙهيو تہ هن مون ڏانهن اشارو ڪندي اشاري ۾ ئي پڇيو تہ توهان لهندا ڇا؟ پر مون ڪيس پنهنجي اشهد آڱر سان مٿي وڃڻ جو اشارو ڏنو ۽ هن ٻيهر ستين فلور جو بٽڻ دٻائي ڇڏيو. هن هڪ نظر پنهنجي رعبدار خاتون تي وڌي ۽ بي ساهي مرڪ چپن تي آندي. هن جي ان مٺل مرڪ تان مون کي سندس اها ساليانی ڊنر ياد اچي وئي ، جنهن ۾ هن پنهنجي ريٽائرمينٽ بابت اٿندڙ سوالن تي بہ ساڳي مٺل مرڪ ۽ دونهيدار تنقيد سان جواب ڏنو هو. اها ڊنر انگريز دور جي تعمير ٿيل هڪ خوبصورت عمارت جي احاطر ۾ ان طرح سان ٿي هئي. جهڙيون اسان انگريزن جي فلمن ۾ ڊنرز ڏسندا آهيون. هن کي استادن جي نئين باڊي جو حلف کڻائڻ لاءِ ان تقريب ۾ ورهاڱي کان اڳ واري وائسراءِ جي شان شوڪت سان سڏايو ويو. هن پنهنجي اقتداري دور ۾ ملازمن لاءِ ڪيل سهولتن جو ذڪر ڪيو ۽ بعد ۾ سڌو اچي، هن پنهنجي ريٽائرمينٽ بابت ڳالهايو. هن پنهنجي آواز ۾ وڌو رعب پريندي پهريان حاضرين جي تعريف ڪئي تہ اوهان مان ڪيترائي اسڪالر وينا آهن، اهي منهنجي ڳالهہ سمجهندا هوندا تہ ٻاهرين دنيا ۾ هڪ پي ايچ ڊي ڊاڪٽر جي ڪيتري اهميت آهي. پروفيسرن جي ڪيتري عزت آهي. هتي عجيب ڳالهيون پيون ٿين، جنهن کي ڏسو منهنجي عمر جي پويان لڳل آهي. جيڪو ٿو اچي، سو پڇي ٿو سائين ريٽائر ڪڏهن ٿا ٿيو؟ اڙي بابا ڇتڪي ڳاله نہ ڪريو. سڌريل دنيا ۾ وڃي جانچي ڏسو پروفيسر ريٽائر ناهن ٿيندا، قوم جا دماغ هوندا آهن. اهي ڪڏهن ريٽائر ناهن ٿيندا؟ سندس ريٽائرمينٽ واريون ڳالهيون ٻڌي مون کي ذهن ۾ آيو تہ کيس ٻڌايان تہ اصل حياتي پروفيسر استفن هاڪنگ ۽ نوم چوسڪي جهڙن پروفيسرن جي هوندي آهي. پنهنجي لکڻين ۽ عمل سان حڪمرانن جا ڇرڪ ٿا ڇڏائين، جڏهن اسرائيلي ملڪي سربراه جي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ دعوت پروفيسر اسٽيفن هاڪنگ اهو چئي واپس ڪئي تہ اوهانجي رياست فلسطينن سان ظلم پئي ڪري، ان ڪري مان شرڪت نہ ڪندس تہ سڄي دنيا حيران ٿي ويئي. اسٽيفن هاڪنگ جي اهڙي انڪار اسرائيل جهڙي نڪ جي پڪي ملڪ کي بہ پريشان ڪري ڇڏيو ۽ هنن ڪڙيون ملائيندي آمريڪي پروفيسر نوم چوسڪي تائين رستو ڪڍيو تہ اسٽيفن هاڪنگ جي انڪار پويان چومسڪي جو هٿ آهي. پروفيسر اهي ريٽائر ناهن ٿيندا، جيڪي مظلومن جي پاسي هجن.

سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ اهي پروفيسر اجان اڇا آهن، جن جون عمريون سداحيات هونديون..... ستون فلور اچي ويو ۽ هي پروفيسر جيڪو ڇهہ مهينا اڳ تائين رڙيون ڪري چئي رهيو

هو تہ پروفيسر ريٽائر ناهن ٿيندا، سو نوڪري مان ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ هاٽي لفٽ مان ريٽائر ٿي رهيو هو. هن لفٽ مان لهڻ مهل کيڪاريندي پڇيو توهان کي ڪٿي ڏٺو آهي . . .ياد نٿو پوي تہ ڪٿي؟ مون سندس بيگم جي هٿ ۾ کنيل شاپر اخلاقن کائڻس وٺي لفٽ ٻاهران رکندي چيو، ها ڪٿي ڏٺو هوندو پروفيسر صاحب . . .ڇو تہ منهنجو تعلق سنڌ جي ان رولاڪ نسل آهي ، جيڪو هر سال ڳوٺن مان خواب کڻي ڪراچي نہ، پر پنهنجي ڄامشوري تائين مس ايندو آهي تہ اوهان جهڙو ڪونہ ڪو پروفيسر کيس عمر ڀر جو عذاب عطا ڪندو آهي.

# رني ڪوٽ جو رڻ ۽ پريشان پريون!

اها ڊسمبر جي هڪ عام ڪچڙي منجهند هئي، جڏهن اسان رني ڪوٽ جي سن گيٽ اڳيان وچي گاڏي بيهاري، ڪاري جبل جي ڇانوَ ۾ سمنڊ جي سطح کان 2 هزار فوٽ بلنديءَ تي بيٺل قلعي جي ڪجهہ ديوارن ۾ ايتري تہ ڪشش رکيل آهي، جو انهن تائين پهچڻ لاءِ دل بي تاب ٿي پوي ٿي. صديون پراڻو سنڌ جو هي تاريخو قلعو ٽوٽي جو 1993ع کان اقوام متحده جي يونيسڪو جي عالمي هيريٽيج سائيٽس واري فهرست ۾ شامل آهي، پر سنڌ سرڪار ان قلعي بابت ايتري تہ خاموش ۽ لاتعلق ٿيل آهي، جو ان نہ پليڪار جو ڪو بورڊ هنيو آهي، نہ ئي قلعي جي ڇاڻ وڻ بابت ڪو گائيڊ موجود آهي. رني ڪوٽ ۾ ان وقت ويراني ڇانيل هئي، پر مختلف پهاڙن تي لڳ ڀڳ 20 ميل يا 35 ڪلوميٽرن تائين ڦهليل ان جي ديوارن ۾ اهڙي تہ ڪا ڪشش هئي، جو اسان جابلو رستن لاءِ مخصوص ڪيل بوٽن يا جاگرن کان سواءِ ئي ديوارن جو سفر ڪرڻ لاءِ چڙهي پياسين.

رني ڪوٽ جي هن وسيع تاريخي، پر ويران قلعي ۾ ان وقت صرف اسان ٻہ سياح موجود هئاسين، جيڪي ٻہ اوچتو انڊس هاءِ وي تان لهي ڪاري جبل طرف ڪاهي پيا هئاسين. حقيقت اها هئي تہ ان ڏينهن رني ڪوٽ اچڻ جو ڪو ارادو ڪونہ هو. حيدرآباد جي رسالا روڊ واري مشهور برياني اسان جي هٿ ۾ هئي، اها برياني کائڻ لاءِ ڪا خوبصورت هوادار جڳهہ ڳوليندي ڳوليندي اسان حيدرآباد کان 90 ڪلوميٽر پري هن قلعي ۾ ائين پهچي ويا هئاسين. جيئن ڪجهہ وقت اڳ گهاري جي مڇي کائڻ لاءِ اسان شاهراهہ فيصل تان نڪري اچي ٺٽي جي بازارن ۾ ڀٽڪندا هئاسين ۽ مڪليءَ جي ڪنهن بي نام پر چوطرف کليل ۽ هوادار مقبري هيٺان ويهي اسان ٺٽي جي مڇي ڇانورن جي ماني سان کاڌي هئي. پر برياني اڃان اسان جي هٿ ۾ هئي ۽ اسان رني ڪوٽ جي ڪنهن بہ هڪ چوٽيءَ تائين پهچڻ جي جستجو ۾ هئاسين. اوچين جابلو چوٽين تي اڏيل هن فوجي اهميت واري ڪوٽ جون ديوارون ڪٿي ڪشاديون تہ ڪٿي سوڙهيون ٿينديون پئي ويون، پر اسان پنهنجو سفر جاري رکيو. ان سفر ۾ سهڪي تہ آئون بہ پيو هئس، پرمنهنجي همسفر دوست تہ پنهنجو شولڊر بيگ رکي جوتا بہ ڪٽي ورتا هئا، پر سفر پوءِ بہ جاري هئو. هي قلعو نہ صرف دنيا جي سياحن جي وڏي اڪثريت جي اکين کان اوجهل آهي پر صديون گذرڻ جي باوجود اڃان تائين ڪيترن حوالن سان هڪ معمو بڻيل آهي. آرڪيالاجسٽ ۽ مورخ اڃان تائين متفق نہ ٿي سگهيا آهن تہ جنگي حڪمت عملي جي لحاظ کان هي بهترين قلعو ڪهڙي دور ۾ ۽ ڪنهن تعمير ڪرايو. ڪجهہ محققن جو خيال آهي تہ سنڌ تي عربن جي حڪمراني دوران هي قلعو تڏهن تعمير ڪيو ويو جڏهن عمر بن موسيٰ برميڪي هتي گورنر هو.

ٻہ هزار ڏهہ واري ڊسمبر ۾ رني ڪوٽ جي اترئين ديوار تي هزارين فوٽ اوچي برج تي ويهي اسان اهو بحث ڪري رهيا هئاسين تہ آخر درياهي پاسي کان ڪهڙيون فوجون حملا آور ٿينديون هونديون، جو هي شاندار قلعو انهن حملن کان بچاءَ لاءِ تعمير ٿيو ۽ اسان اهو بہ سوچيو پئي تہ اهو ڪهڙو پهريون فوجي جرنيل هوندو، جنهن هن قلعي جي برجن تي پالا ۽ تير ڪٽي بيٺل برجستن سپاهين کان سلامي ورتي هوندي، ڇا اهي سپاهي ۽ جرنيل سنڌي ڳالهائيندا هئا، ڪا خبر ناهي؟

رني ڪوٽ تي مفصل تحقيق ڪندڙ ۽ تي دفعا پيرين پنڌ هن قلعي جي ماپ وٺندڙ سائين بدر ابڙي جو خيال آهي تہ رني ڪوٽ وارو هي قلعو اهو ئي نيرون ڪوٽ آهي، جنهن جو چچنامي ۾ ذڪر ٿيل آهي. هن جو خيال آهي تہ تحفتہ الڪرام ۾ حيدرآباد جو پراڻو نالو نيرون ڪوٽ غلطيءَ وچان لکيل آهي. رني ڪوٽ جي سهڻي سفر تان واپس ٿي جڏهن بدر صاحب کي فون ڪيم تہ هن اهو ئي ٻڌايو تہ چچنامي ۾ جنهن نيرون ڪوٽ جو ذڪر آهي، سو رني ڪوٽ آهي. ان جي جاگرافي، جبل، چشما ۽ چراگاهہ ان جا گواهہ آهن. بدر ابڙي موجب سنڌ جي ٻئي ڪنهن قلعي ۾ چشمو آهي يا چراگاهہ هجي تہ ٻڌايو. هن ٻڌايو تہ قلعي جي مختلف تاريخي دورن ۾ مرمت ٿيندي رهي آهي. اليگزينڊر برنس بہ 1830ع ۾ اهو لکيو آهي تہ، ٽالپر حڪمرانن هن قلعي جي مرمت ڪرائي. رني ڪوٽ جي مرمت ۽ تعمير واري ان تاريخي بحث منجهان نڪرندي مون اهو پئي سوچيو تہ جنهن بادشاهہ يا جرنيل اهو قلعو تعمير ڪرايو يا جن بعد ۾ ان جي مرمت ڪرائي، سي ٿوري زحمت ڪري پٿر جي ڪنهن ٽڪري تي جيڪڏهن پنهنجو نالو ۽ تاريخ لکي وڃن ها تہ رني ڪوٽ بابت وڏو معمو حل ٿيل هجي ها.

بدر ابڙي جو رني ڪوٽ بابت مفصل ڪتاب بہ لکيل آهي، پر هن مون کي ٻڌايو تہ هن اٺ اٺ ڏينهن رني ڪوٽ ۾ گذاري مختلف وقتن تي ٽي دفعا ان قلعي جي ماپ ورتي آهي. بدر ابڙي صاحب جي اهڙي ڳالهہ ٻڌي منهنجو ڪانئس اهو سوال هو تہ ”سائين توهان ڪيئن ڪوٽ جون ديوارون چڙهيون، اسان تہ هڪ سفر ۾ ئي سهڪي پيا هئاسين.“ بدر هلڪو کلي وراڻيو تہ ”سائين عمر جي تقاضا بہ آهي.“ اها ڳالهہ ان وقت محسوس ٿي، جڏهن اسان قلعي جي اترئين ديوار جي اڌ تي ٺهيل برج تي وڃي دنگ ڪيو ۽ سهڪي ويهي رهياسين. رني ڪوٽ جي هنن ديوارن کي ڏسي لڳي ٿو تہ قلعي جي تعمير ۾ ان وقت جي ڪنهن ماهر فوجي جرنيل جي دلچسپي شامل هئي. ديوار تي ڪجهہ فوٽن جي مفاصلي سان اسان ان وقت جي تير انداز سپاهين لاءِ اهڙا تہ مورچا ٺهيل آهن، جتان هو هيناهين طرف حملا آور فوج مٿان آساني سان تير اڇلائي سگهن ٿا. رني ڪوٽ جي اوچي برج تي ويٺي جڏهن ٿڌي هوا اسان جا پگهر سڪائي رهي هئي، تڏهن آئون اهو ئي سوچي رهيو هئس تہ هن قلعي اندر سوين سال اڳ ڪهڙا سپاهي جرنيل رهندا هوندا. اهي سنڌ جا وا ڌرتيءَ جا محافظ هئا يا ڌاريا ڦورو لٽيرا ۽ غاصب هئا، ڪا خبر ناهي. اهو خيال سگريٽ جي دونهين سان گڏ اڏامي وڃي ٿو. سنڌ جي غلامين، آزادين، شڪستن ۽ فتحن جي داستانن جيان رني ڪوٽ جي تاريخ تي بہ اهڙي ڪا دز پيل آهي، جو هٽيو نٿي هٽجي.

سنڌ سرڪار جيڪڏهن سياحن لاءِ ماحول موافق بڻائي ته هن قلعي جي اوچن برجن تان بيهي ڪاري جبل ۾ لهندڙ سج جو نظارو ڪرڻ لاءِ دنيا جا سياح گڏ ٿي ويندا، پر هتي ته رني ڪوٽ ۾ سهولتن جي اٽاٽ جو رڻ متل آهي. پاڻي ڪونه ٿو ملي ته سياح ڪٿان ايندا. ائين به ناهي رني ڪوٽ رڳو تيرن، ڀالن، سپاهين، پٿرن ۽ اسلحي خانن جي قصن سان ڀريل آهي، پر هن قلعي جي ڀرپاسي ۾ رهندڙ گبولن وٽ اهي قصا به مشهور آهن ته هن قلعي ۾ ڪي پريون، حسن جو پريون ايندیون رهيون. رني ڪوٽ ڪي به وڏا دروازا موهني گيٽ ۽ سن گيٽ آهن، پر به ننڍا دروازا آمري گيٽ ۽ شاهه پير گيٽ به اٿس. موهني گيٽ ڀرسان قدرتي پاڻي واري چشمي کي "پرين جو تڙ" چيو وڃي ٿو جتي ڪنهن زماني ۾ چوڏهينءَ جي رات ڪوهه ڪاف جون پريون اچي تڙ ڪنديون هيون. چوڏهين جو چنڊ هاڻي به رني ڪوٽ مٿان پنهنجي ڪير جهڙي روشني هاري ٿو پر ان طرف پرين هاڻ اچڻ ڇڏي ڏنو آهي. هن قلعي طرف اچڻ ته انهن جوشيلن جوانن به ڇڏي ڏنو آهي، جيڪي اسي واري ڏهاڪي ۾ پاڻ کي سوڍا پٽ سنڌ جا سمجهندا هئا. ٿوڙهي ڦاٽڪ واقعي کان پوءِ روپوش ٿيل انهن جديد گوريلن کي جڏهن هن ڪوٽ جي اوٽ ۾ سن جي جهوني ترسايو هو هنن کيس ايلازن وارا نياپا اماڻيا هئا ته "سائين هتي مڃرن ڪائي ناس ڪيو آهي ۽ قلعي جي ويراني ته رات جو ڪائڻ ٿي اچي، اسان کي ڪٿي بئي هنڌ موڪليو." رني ڪوٽ اندر ان زماني ۾ روپوشيءَ جا ڪجهه هفتا گذاريندڙ هڪ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ ٻڌايو.

ڊسمبر جو ڏينهن مختصر سج نه چاهيندي به ڪاري جبل ۾ ٽپي هٽي موڪلائي رهيو هو. اسان ڏاڪڻين پٽ جي برج تان لهي واپس ٿياسين، ته مون کان هڪ جديد پريءَ پڇيو "هتي ته ڪا سهوليت ڪانهي، ريسٽورنٽ نه واش روم، نه ڪو گائيڊ، نه چوڪيدار، هتي پريون ڪيئن ايندیون هونديون." مون مرڪي کيس وراڻيو تون فڪر نه ڪر رني ڪوٽ جي هن رڻ ۾ هاڻي نه پريون اچن ٿيون، نه سپاهي جرنيل يا گوريلا، ڇو ته اسان پنهنجي ورثي کان لاتعلق بڻيل قوم آهيون. جانورن جي ڌڻ جيان اڳتي وڌندا پيا وڃون، پر خبر ناهي ته ڪير آهيون، ڪٿان آيا آهيون؟ واپسيءَ تي خاموشي ٿڪاوٽ واري به هئي پر ان خاموشيءَ ۾ هڪ خدشي جهڙي مايوسي اها به شامل هئي ته ڪٿي اڳتي هلي سکر جي بکر ۽ عمر ڪوٽ قلعن جيان سياڻي رني ڪوٽ به "ڏاڍن" جي قبضي ۾ نه اچي وڃي ۽ اسان عام ماڻهو ان ۾ داخل به نه ٿي سگهون.

# گوريلن جي موت جي موسم

ان ڏينهن هڪ صحافي جيسن ميڪلين جا اهي لفظ پڙهي چپ ٿي ويس ”جيڪڏهن توهان باغين جي اڳواڻي ڪرڻ جو فيصلو ڪريو ٿا تہ پوءِ صرف ٻن نتيجن تي ڪهاڻي ختم ٿي سگهي ٿي، يا تہ توهان صدارتي محل ۾ پيا سلاميون وٺندا يا وري اڪيلائي ۾ موت توهان جو مقدر بڻجندو.“ اهڙو ئي منظر ان وقت انڊيا جي تلگو ٽي وي تي چئنلز تي ڏسڻ ۾ آيو جڏهن 56 سالا گوريلا ليڊر مالو جولا ڪوٽيشور رائو يا عرف عام ۾ ڪشن جي رائو کي هڪ پوليس مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو.

انڊيا ۾ سيڪورٽي اهلڪارن لاءِ ٽن ڏهاڪن کان مٿي عرصي تائين ڏهڪاءَ جي علامت بڻيل ”ڪشن جي“ جنهن وقت پوليس جي گولين جو کاڄ بڻيو ان وقت هو جهارکنڊ ۽ ڏکڻ بنگال جي هڪ سرحدي ڳوٺ ۾ هڪ شاگرد جي ڪمري ۾ لڪيل هو. پوليس جي ڪڙڪ پوڻ تي هو پنهنجو ليپ ٽاپ ۽ موبائيل وغيره ڇڏي رائيفل کڻي جهنگ ۾ ڀڄي ويو. جنهن وقت پوليس سندس لاش ڏيکاريو، ان وقت ڪشن جي اونڌي منهن پيل هو، سندس ڪنن واري مشين ۽ چورايل سرڪاري رائيفل سندس لاش ڀرسان پيل هيون. ڪشن جي 20 هزار اهڙن گوريلن جو ڪمانڊر هو جنهن کي ”پيپلز وار گروپ“ سڏيو وڃي ٿو ۽ اهي گوريلا انڊيا لاءِ ڪنهن جهادي اڳواڻ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيا آهن. ڏهہ هزار ماڻهو هنن گڏريل ڏهاڪي ۾ قتل ڪيا ۽ انڊين سيڪورٽي اهلڪارن کي ڪشن جي هميشہ چئلينج ڪندو هو تہ ”پڪڙيو جي پڪڙي سگهو تہ“ هن جي سياسي تنظيم ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مائوسٽ) آهي. جنهن تحت هو انڊيا ۾ چيني ڪميونسٽ اڳواڻ مائوزي تنگ جيان انقلاب آڻڻ چاهين ٿا. ڪشن جي پنهنجي پيءُ کي آزادي جو سپاهي چوندو هو. جنهن برطانوي راڄ جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪئي، هن جي زال بہ سندس سياسي ۽ هٿياربند جدوجهد ۾ ساٿس گڏ هئي.

ڪشن جي، باقي مائو نواز باغين جي پاليسن جي ابتڙ، ميڊيا وارن کي ائين جهنگلن ۾ پنهنجي پناهگاهن تي سڏائيندو هو، جيئن ڪنهن وقت پاڪستان ۾ ڏهڪاءَ جي علامت بڻيل جهادي اڳواڻ بيت الله محسود پشاور ۽ اسلام آباد جي صحافين کي پنهنجي جائل پناهگاهن ۾ سڏائيندو هو. ڪشن جي اهڙن خيالن جو اظهار بار بار ڪندو هو تہ انڊيا جي آزادي کي 63 سال گذري چڪا آهن، پر عام ماڻهو يا قبائلي پٽني پيل علائقن جي ماڻهن کي بنيادي حق نہ ملي سگهيا آهن. آزادي جا ثمرات صرف دهلي، ممبئي ۽ گجرات وغيره تائين محدود رهجي ويا آهن.

ڪشن جي ڏکڻ بنگال ۾ زرعي زمين جي حقداريءَ لاءِ هارين جي حقن واري تحريڪ هلائي. بعد ۾ هنن شايد 2004ع ڌاري سمورن ڌرن کي ملائي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مائوسٽ) جو بنياد

وڏو. ڪشن جي هٿين خالي قبائلين کي اهو چوندو هو تہ ٽاٽن تي حملا ڪري هٿيار ڦري وٺو ۽ ڪاٽين جي ڪوٽائي ڪندڙ ٺيڪدارن وٽان ڏماڪيدار مادو ڦري پنهنجون ڪارروايون ڪريو. هن جو پختو يقين هو تہ ڇتيس ٻڙهہ ۽ جهار ڪنڊ وارن علائقن ۾ معدني وسيلن جي ڪاٽين جي کوٽائي اجان ڪي ڏهاڪا هلندي, ڇو تہ هڪ ٽريلين جا زير زمين خزانا هٿ ڪرڻ لاءِ ٺيڪيدارن حڪومتن سان ملي ٻوڙن جا ڳوٺ ڊاهي پٽ ڪيا هئا ۽ سمورا متاثر ڪشن جي واٽ وٺي پنهنجا حق وٺڻ لاءِ اٿين وڙهي رهيا هئا, جيئن ان ڏينهن مهتاب اڪبر راشديءَ ڪنهن شاعر جو اهو شعر ٻڌايو, جنهن جو مفهوم اهو هو تہ جي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تان ڌڪجي وڃان, ان کان اڳ ڪاش مان وڙهندي مران. ڪش جي صحافين ۽ ڪئميرائين کان لنوائيندو ڪونہ هو پر هن هميشہ پنهنجو چهرو لڪايو ۽ سندس سمورا انٽرويو پنيرا هئا. هڪ لک انڊين اهلڪار سندس تلاش تي مقرر ٿيل هئا, جنهن 100 ماڻهو پنهنجي هٿن سان مارڻ جو اعتراف ڪيو.

ڪشن جي مون کي ان ڪري بہ ياد آيو جو سنڌ ۾ بہ وقفي وقفي سان نوجوانن جا ڪجهہ جٿا هٿيار بند جدوجهد کان متاثر ٿي ڪڏهن چي گويرا سڏائين ٿا تہ ڪڏهن ابوجهاد عورتون ڪڏهن ليليٰ خالد سڏائين ٿيون ۽ ڪڏهن ايراني انقلابي ڇوڪري ڇورائين ٿيون ۽ اهي شيخ اياز جي انهن سٽن کي بہ ٻين دليلن سان گڏ جهونگارين ٿا تہ:

تون هونئن بہ مرندين ڪاڇي ۾

آءُ ڀهاڙي پاڇي ۾

هنن سرد راتين ۾ آءُ باھ تي هٿ سيڪيندي اهو ئي سوچيان ٿو تہ انهن ٻاہرن ٽانڊن جو ٻرڻ اجهامڻ وارو ايڊوينچر آخر ڪيستائين؟

# ٻوليون پنهنجي موت پاڻ ناهن مرنديون

ان ڏينهن صبح جو سوير اٿي چانهن جو ڪوپ تيار ڪري اچي ٽي وي ڪوليم تہ سامهون چاتل سچاتل چهرا ويٺا هئا. ڪي ٽي اين جي گڊ مارننگ شو ۾ ان ڏينهن مهمان هڪ پوليس ڊي آءِ جي هجي، جنهن کان سجاد سندس ڪيريئر جا ڏکيا ڏينهن پڇي رهيو هو. هونئن تہ گفتگو ڪافي دلچسپ ۽ معلوماتي هئي پر جڏهن اهو ڊي آءِ جي شڪارپور واقعي بابت ڳالهائي رهيو هو تہ منهنجي هٿ مان چانهن جو ڪوپ ذري گهٽ ڪري پيو هو. جڏهن ميزبان ڪانئس پڇيو تہ پلا اوهان شڪارپور ۾ رهيا تہ اهي ڏينهن اوهان جي جواني جا ۽ ڌوهارين خلاف ويڙهہ جا هئا تہ هن پنهنجا سڪٽا هٿ مهٽيندي چيو، ڏسو نہ اهي اسان جا شروعاتي ڏينهن هئا ۽ انهن ڏينهن ۾ اسان انقلاب پيا لايون. . . مهمان جا اهي لفظ ٻڌي مونکي حيرت ٿي تہ هاڻوڪو نسل تہ سنڌي درست نٿو ڳالهائي، پر اسان وانگي ساڳ پلي ۽ چانورن جي ماني کائي ڳوٺن ۾ پلجي جوان ٿيل نسل وارا ماڻهو بہ پنهنجي سنڌي ايتري زرد ڪري ويٺا آهن جو هو انقلاب آڻڻ بدران انقلاب لائين پيا . . .حالانڪ اسان جي سنڌي ٻولي ۾ رنگ يا ميندي لائيندا آهن.

مونکي حيرت ٿي تہ اسان کهڙي نہ قحط واري دور ۾ اچي ويا آهيون جتي سنڌي ٻولي سمورن وسيلن هوندي بہ وڏي ويجهي تہ نہ پئي پر پنهنجي موت پاڻ پئي مري ۽ اها ڪا پري ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾ ڪونہ پئي مري. اسان جي اکين جي ئي اڳيان آسپاس بلڪ آسپاس ڇا اسان جي ئي گهرن ۽ اسان جي محفلن ۽ ماڊرن ٽيڻ واري ڪلچر ۾ پئي مري. سنڌي ٻولي جا رشتن وارا لفظ تہ اسان جي گهرن ۾ تڏهن کان اچارڻ بدليا آهن، جڏهن ماءُ جي سڳي ڀيڻ کي ماسي چوڻ بند ڪيو ويو آهي ۽ گهرن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون نوڪرياڻيون ماسيون ٿي ويون آهن. انهن رشتن ۾ ڳاٽي اسان جي ڪا ياچائي ناهي، سڀ ياپيون ٿي ويون آهن، وڏي ڀيڻ يا ادي وڏي ناهي، سڀ آپيون ٿي ويون آهن ۽ ماسيون تہ ڪم واريون ٿيون تنهنڪري اصلي رشتن واريون ماسيون ۽ پڦيون خالائون ٿي ويون آهن. اهڙي ماحول مان پروش وٺي تيار ٿيل نسل کي تہ پت تي ريڙهيون پائيندڙ ڪرڙي چپڪلي ئي لڳندي نہ . . . انهن جو پير ترڪي پوي تہ دانهن ڪنديون تہ الائي ڇو اڄ فرش تان پير ڦسلي پيو!

اسان سنڌي فطري طور مظلوم ۽ دانهن ڪندڙ قوم آهيون ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اجتماعي طور اسان جي قوم سان وڏيون زيادتيون ٿيون آهن پر هاڻي خدارا گهرن ۾ ڳالهائي ويندڙ اسان جي اردو زده سنڌي لاءِ اهو عذر ڪير پيش نہ ڪري تہ اها بہ سامراجي سازش آهي. اسان کي پنهنجي ٻولي ايتري تہ پياري آهي جو اسان پنهنجي نئين نسل کي اها سيکاريون ئي نٿا ۽ ڪين اهڙن اسڪولن ۾ ڳريون فيون ڏئي داخل ڪرايون ٿا، جتي سنڌي نہ پڙهائي ويندي هجي. اسان دلي طور اهو قسم کڻي پنهنجي اولاد کي انگلش ميڊيم يا اردو ميڊيم اسڪولن ۾ داخل ڪرايون ٿا تہ جيئن هو وقت جي حاڪمن سان

گڏ هلي سگهن، ڇو تہ وقت ضرور بدليو آهي ۽ ٻوليون بہ بدليون آهن پر ان ڇوٽي جو روح اڃان ڪونہ بدليو آهي، جنهن ۾ چيو ويو هيو تہ ”فارسي گهوڙي چاڙهي سي . . .“ هاڻي اسان پنهنجي ٻارن کي اهڙو ماحول پيا ڏيون، جتي کين پنهنجن پاڙن جي خبر ناهي تہ اسان جي ٻولي ڪيتري نہ امير ۽ خوشحال آهي. جنهنکي هٿ وٺي ڪنگال ڪندا پيا وڃون. انهن ٻارڙن لاءِ ڳوٺن ۾ ٻڌل مينهون هاڻي ڀينسون ٿي ويون آهن. انهن جي دل انهن جو دل ٿي ويو آهي. اهڙا هٿرادو طريقا وٺي اسان پنهنجي ٻولي کي پاڻ پيا اردو يا انگريزي زده بڻايون، جنهن جو منهن نہ سر وڃي بڇندو. هڪڙا تہ فطري يا ٽيڪنڪل لفظ آهن جيڪي جديد ٻولين متعارف ڪرايا ۽ اهي اسان جون قديمي ٻوليون خوشيءَ سان قبول ڪري اپنائين ٿيون. جيئن گلاس، ٽيبل، ڪمپيوٽر، ليپ ٽاپ، موبائيل، فرج يا ٽيلفيون، انهن لفظن اچڻ سان ٻولي اڃان وڌيڪ خوبصورت ٿي. ان ۾ ايتريقدر انتها پسنديءَ انتهاپسند سنڌي نہ ٿيڻ گهرجي. جيئن اسان جو محترم سائين نجم عباسي صاحب هوندو هو جو هو پنهنجي ڪلينڪ جي پيڊ تي ٽيليفون نمبر بدران پريان ڳالهائڻو انگ لکندو هو. سالن تائين هو لکندو ۽ چوندو رهيو پر اهو لفظ ٽيليفون نمبر جو سنڌي متبادل نہ بڻجي سگهيو نہ ئي عوامي سطح تي ڳالهايو ويو. اهي ٽيڪنيڪل لفظ ڇڏي بقايا جيڪو اسان تفريح پروگرام ڪري رهيا آهيون، جو هڪ ڊي آءَ جي جي ليول جو ماڻهو تي وي تي ويهي چوي اسان انقلاب پيا لايون . . . گهٽ ۾ گهٽ اهو تماشو پنهنجي ٻولي سان پاڻ نہ ڪريو. ٻلي ڪيترا بہ امير بڻجي وڃو پر گهر ۾ ٻارن سان سنڌي ڳالهايو. اها تمام ٿوڙن ماڻهن کي خبر هوندي تہ ڪافي سنڌي ڪامورا پنهنجي اولاد جي پروش لاءِ گهرن ۾ ائين فلپائيني ماسيون يا ٽيوٽر پيا رکن، جيئن بينظير ڀٽو پنهنجي ٻارڙن لاءِ رکيون هيون. هاڻي زرداري کي ڪاپي ڪرڻ جي روش هلي پئي آهي تہ ان لحاظ کان بہ ان ايليٽ ڪلاس کي سوچڻ گهرجي تہ خود زرداري پنهنجي اڪيلي پٽ بلاول کي هاڻ سنڌي سيکارڻ لاءِ ٽيوٽر رکي ڏنو آهي. جيڪو ڪيس سنڌي ۽ پنجابي ٻوليون پيون سکياري. تنهنڪري ٻولين جي ۽ خاص ڪري مادري ٻولين جي اهميت سڄي دنيا ۾ هاڻ بہ آهي. ائين نہ هجي ها تہ سڄي دنيا اڄ انگريزي ٻولي ڳالهائي ها يا وري عربي يا فرينچ، پر صدين کان جنگين ۾ رهندڙ انهن ٻوليون ڳالهائيندڙن جي زوردار حملن جي باوجود مادري ٻوليون زنده آهن. لشڪري ٻولين جو وجود صرف رابطي جي زبانن تائين آهي، ان کان وڌيڪ انهن کي اهميت ئي ناهي. پر اسان سنڌي پنهنجي عجيب ڪلچرل ڪمپليڪس ۾ اچي جلدي پنهنجي ٻولي کي وساري ويهندا آهيون. ان طرح جا ڪيترائي مثال اوهان کي روزانو سامهون ملندا. حيدرآباد جي بازارن ۾ خريدارن جي سموري يا اڪثر رش سنڌي ڳالهائيندڙن جي هوندي، پيسو بہ سندن هوندو پر هو پينٽ پاتل سنڌي ڇوڪري کان بہ پڇندا بائي يہ ڪتني ڪا دوگي . . . . !!

اهڙي روش عام جام آهي پر جڏهن ڪو ماڻهو ان غلط العام روش خلاف ويندو آهي تہ مونکي سندس ڳالهہ ڏاڍي وڻندي آهي. ائين جيئن پيارو ستار زنگيجو جيڪو پلي تہ ڪراچي جي مارڪيٽ ۾ هجي يا سکر، حيدرآباد دڪاندار کان اڳهہ سنڌي ۾ پڇندو ۽ چانهن واري يا ماني واري کي سدائين آرڊر سنڌي

۾ ڏيندو. مونکي شروع ۾ سندس اها روش عجيب ۽ ٻاراڻي لڳي تہ ڪراچي ۾ هڪ ٽائر پنڪچر واري کي هو سنڌي ۾ سمجهائي رهيو هو. ستار مون کي ان جي وضاحت ڪجهہ هن طرح ڏني تہ. پيارا هي سنڌ ۾ رهن ٿا. ڪاروبار ڪن ٿا. سندن گراهڪ اسان سنڌي آهيون تنهنڪري هو سنڌي جلدي سکندا. بلي تہ ڦريون ڦيرو منهنجو آرڊر نہ سمجهن پر جڏهن پنجاهہ ٻيا گراهڪ ايندس تہ هي تہ ڇا پناڻ هوٽل وارو بہ پاڻهي سمجهي ويندو. ان تجربي آڏار ستار جيستائين ڊيفينس گارڊن ۾ هيو. هن سمورن هوٽل جي بيرن سان سنڌي ڳالهائي ۽ هاڻ اوهان بہ سلطان مسجد جي ڀرسان وڃي ڪڏهن ويهو ۽ پناڻ بيري کي سنڌي ۾ آرڊر ڏيو تہ پنج ڇانهيون ڪٽي اچ تہ ڏسو هو ڪيئن ٿو ڪٽي اچي. پر ائين ڪري ڪير. . . ؟ اسان تہ پنهنجي نسل کي پنهنجي اباڻي ٻولي کان پري ڪندا پيا وڃون. پنهنجي خوشحالي جي ضمانت سمجهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ اسان مالي طور سنڌ جي وڏيرن ۽ ڪامورن وانگي خوشحال ٿي وڃون. پر اسان جي ٻولي ڪنگال ئي رهجي وڃي ۽ جڏهن علڻ فقير جو ڪو آلاپ گهر ۾ هلايون تہ ”ٻولي منهنجي ٻانڀيپاٽياٽي الا. . . نا هيان خان ڪٽياٽي. . “ تہ اوهان جا نوان امير ٽيل ٻار ڪلي ڪلي خيرا ٿين ۽ اوهان کان پڇن تہ ابا يہ ڪيا هي، يار يہ بهي ڪوئي گانا هي . . . يہ لگائو اسان تي جاٽان بلو دي گهر . . . ڪني ڪني جاٽان بلو دي گهر . . . بس پوءِ ان مهل پنهنجي تازن امير ٽيل پٽن پوٽن جي محفل انجواءِ ڪجو ۽ ٿورو رقص ڪجو. پر پوءِ بہ جيڪڏهن ضمير جاڳي پوي ۽ ڇهنڊڙي هٽي تہ پنهنجي بيڊ روم جي ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي چور جي ماءُ وارا گونگا ڳوڙها ڳاڙجو ۽ اجرڪ جي پلئہ سان اگهي ان اجرڪ کان ئي معافي وٺي ڇڏجو تہ تنهنجو منهنجو ناتو رشتو شايد موت ڇني. . . .!

# بي وسي جي ميدان ۾ هار ايل جنگيون!

مون کي ان بيگم جو فوٽو ڏسڻ جي ڏاڍي تمنا هئي، جنهن عدالت ۾ اچي کنڌ ڌوڻي الائي زباني انڪار ڪيو ته سندس پنج سالہ معصوم نياڻي سنڌو جي ريپ ۽ قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪيل جوابدار اصلي ناهن. اهو فوٽو ڏسڻ جي ان ڪري به خواهش هئي، جو لڳ ڀڳ ڇهہ مهينا اڳ مون سندس هڪ ٻيو فوٽو ڪاوش اخبار ۾ ڏسي ڪيئي پل پنبڻيون پُسايون هيون. مون کيس بهادر عورتن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو هو ته واڳن جي وات جهڙي سنڌي مرداڻي سماج ۾ هڪ عورت اهڙي به آهي، جيڪا پنهنجي ڌي جو لاش پنهنجي هٿن تي کڻي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ ۽ انصاف ٻاڏائڻ لاءِ پهتي آهي. منجهس ايترو دل گردو باقي بچيل هو جو هوءَ پنهنجي رت جا ڳوڙها پيئندي به نياڻيءَ جو لاش کڻي اسپتال جي مرده خاني پهتي هئي. سندس جرئت کي هڪ ڀرپور سلام ڪيو هو مون وري تڏهن به جڏهن عدالتن پاران نوٽيس وٺڻ کان پوءِ سندس نياڻيءَ جو قتل ڪيس داخل ٿيو ۽ سندس گهر جي ٻاهران پوليس پڪٽ قائم ٿي.

بيگم جي بهادريءَ جو اجان وڌيڪ اعتراف تڏهن ڪرڻو پيم، جڏهن بيگم خون بخش ڪرائڻ لاءِ وٽس پهتل پهرين ميڙ، پاڪ ڪتاب ۽ سيدن جي ميڙ کي اهو چئي موٽايو هو ته هاڻي جيڪو فيصلو ڪندي عدالت ڪندي، ڇو ته سندس نياڻي جو قتل ڪيس 302،201،34 ۽ 376 جي پي پي سي قلمن لڳڻ ڪانپوءِ خاص عدالت ۾ پهتو هو. کيس انصاف ملڻ وارو هو پر ڇهن مهينن اندر پنهنجي ان پنجن سالن جي معصوم نياڻيءَ جي خون جو بار هوءَ نہ کڻي سگهي، جنهن کي ٻارنهن مهينا پيٽ ۾ پاليندي رهي ۽ هوءَ پنهنجي جرئت واري جنگ متبادل عدالتي نظام يعني راڄوڻي نظام هٿان هارائي وئي.

مون کي ساڻس ڪا بہ شڪايت ڪانهي، نہ ئي مون کي مناسب ٿو لڳي ته مٿس اجائي تهمت هڻي بنا ڪنهن پڪي ثابتيءَ جي اهو لکي ڇڏيان ته هن جوابدار ڌر کان پئسا وٺي ٺاهه ڪيو آهي، ڇو ته مرد هجي يا پيءُ هجي اهو ته اهڙي منافقت ڪري ويندو، پر عورت سان به ماءُ اها ڪڏهن به بخش نہ ڪندي، ان قاتل کي، جنهن سندس نياڻي جي عزت ۽ زندگي کسي هجي.

مائي بيگم سومرو لاڙڪاڻي جي ڪچي آباديءَ ۾ رهندڙ اهڙي بيوه عورت آهي، جنهن جي پنجن سالن جي معصوم نياڻي سنڌو سومرو کي صبح جو چانهه لاءِ بسڪوٽ وٺڻ مهل اغوا ڪري ساڻس ريپ ڪيو ويو ۽ شاهديون مٽائڻ خاطر کيس سروٽا هڻي قتل ڪري پاڙي جي ويران جڳهه ۾ تڙ تڪڙ ۾ دفن ڪيو ويو. نياڻيءَ سان زنا ۽ قتل ڪندڙ وحشي سندس جسم ته دفن ڪري ويا، پر سندس ڪيس جلد ئي عدالتن ۽ پوليس تائين پهتو. گرفتاريون عمل ۾ آيون ۽ قانوني ڪاروايون هلي رهيون هيون ته بيگم

سومرو اچي، پنهنجي نياڻيءَ جو ڪيس عدالتن جي ايوانن ۾ پاڻ دفن ڪيو جيڪو يقينن سندس لاءِ ڪو سولو ڪم نہ هو ڇو تہ اهڙا ميڙ منٿ وارا قافلا هن اڳ ۾ بہ ٽي دفعا واپس ڪيا هئا. سخت قبائلي ۽ ذات برادريءَ ۾ يقين رکندڙ سنڌي سماج ۾ هڪ اڻ پڙهيل عورت صدين کان رائج سسٽم سان ايترو ئي وڙهي سگهي ٿي. وڏيڪ ويڙهہ لاءِ ڪيس سگهہ گهرجي، آڪسيجن گهرجي، جيڪا هر سماج جي سول سوسائٽي فراهم ڪندي آهي، پر بيگم کي اها نہ ملي سگهي. عدالت ۾ جوابدارن جي شنازختي پريڊ ۾ ڪوڙا بيان ڏيڻ کان پوءِ هن پنهنجي گهر اچي، جيڪي پار ڪيا هوندا، سي ڪنهن نہ ٻُڌا هوندا، ڇو تہ اهڙي باضمير عورت کان سندس ماريل معصوم سنڌو اهو ضرور پُڇيو هوندو تہ، ”امان آخر ڪهڙي حساب ۾ تو منهنجو خون بخشيو!؟“ پوءِ پنهنجي ماءُ جي مجبوري ڏسي ۽ سمجهي فرمانبدار نياڻين وانگر هن بہ پريل اکيون کڻي بنا شڪايت جي چيو هوندس ”امان جي مياس معاف ٿئي. . . “

هي تہ هڪ اڻ پڙهيل ۽ عام عورت هئي، پر ڪنڊڪوٽ جي اها عورت تہ پڙهيل هئي، ڪيس قانون بہ ايندو هو تڏهن بہ هوءَ پنهنجي نياڻي ۽ ڏوهٽي جي ٻٽي قتل کي عدالتن ۾ هلائي نہ سگهي. فريادي ڌر وٽس قسمين قسمين سردار وني اچي پهتي، جو هوءَ لاجواب ٿي وئي، ڇو تہ فريادي ڌر پنهنجي قاتل همراهہ کي بچائڻ لاءِ گدوبندر واري چرين جي اسپتال مان ڪوڙو ميڊيڪل سرٽيفيڪٽ بہ وٺي آئي هئي تہ همراهہ چريائپ ۾ اهي خون ڪيا آهن. اهي خون اصل ۾ غيرت جي نالي ۾ هڪ ٽاڪ منجهند جو اڪيلي گهر ۾ ڪيا ويا، جنهن بعد قاتل گهر واري گهٽيءَ مان فائر ڪندي نڪتو ۽ ڪنهن بہ ڪيس ڪونہ روڪيو پوءِ ٿيو ائين جيئن سنڌي سماج ۾ صدين کان ٿيندو پيو اچي يعني راڄوٽي منٿ ميڙ قافلن جا ڪٽڪ. قبائلي رسمن جي وچ سير مان لُڙهندڙ حياتي گذارڻ جي باوجود هن پنهنجي اندر تعليم سان اجرو رکيو هو. ان عورت کي پنهنجي مڙس سان بي انتها محبت هئي، جنهن کيس ايترو بهادر بڻايو هو جو هن پنهنجي وڏي نياڻيءَ جو رشتو ريتن رسمن جي ابتڙ نياڻيءَ جي پسند سان هڪ پڙهيل لکيل خاندان ۾ ڪيو هو ۽ هو فخر سان پنهنجي نياڻيءَ جو تعارف ڪرائيندي چوندي هئي تہ سندس نياڻي جو سهرو پروفيسر آهي. اها تہ ڪيس خبر بعد ۾ پئي تہ جنهن بدبودار سنڌي مرداڻي سماج ۾ هو رهي ٿي، ان ۾ پٽيوالو هجي يا پروفيسر عورتن جي ڪارنهن واري قتل بابت سيني جي سوچ بالاخر هڪ ئي نتيجي تي پهچي ٿي تہ ”بري عورت“ جو قتل مڙس ماڻهوءَ کي بخش آهي.

اها پڙهيل لکيل عورت ڪنڊڪوٽ مان روزانو لاڙڪاڻو عدالتن جا چڪر لڳائيندي رهي تہ من ڪو سندس ڏيءُ ۽ ان جي نياڻيءَ جو تدارڪ ٿي سگهي، پر عدالتي ڪارواين مان سندس ارواح تڏهن ڪڇي ويو، جڏهن هڪ ڏينهن هن پنهنجي مقتول نياڻيءَ جي مڙس کي سندس پروفيسر پيءُ سميت عدالتي احاطي ۾ وڪيلن جي جهرمٽ ۾ ڏٺو. ان ڏينهن کان پوءِ هن عدالتن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ اهو ڪارو رئو پائڻ شروع ڪيو جيڪو هن پنهنجي ٻن نياڻين جي قتل خلاف ڄڻ تہ احتجاج طور پاتو هجي. عدالتن ۾ سرگرمي گهٽ ڪرڻ کان پوءِ وٽس پيهر اهو نام نهاد نيڪ مرد آيو جنهن کيس ميڙ وٺي اچڻ جو اطلاع هڪ ڌمڪي سميت ڏنو تہ پروفيسر وارا ڪالهہ نواب صاحب جي بنگلي تي ويا هئا، نواب

صاحب حڪم ڏنو آهي تہ اوهان ڪو تائيم ڏيو جڏهن ميڙ منٿ وٺي اچجي. ٻٽي قتل واري مقتول ڌر جي وارث اڪيلي عورت ڪمزور ٿيندي آهي، سو ان عورت کي احساس ان ڏينهن ٿيو. هن سگهاري عورت پنهنجي ڳوڙهن کي ضبط ڪندي، ڪيس ٻي اٿر آواز ۾ چيو ”پليي حاجي صاحب، نواب صاحب جو حڪم اکين تي، جڏهن چاهيو اچي وڃو.“ اها خوشخبري ٻُڌي حاجي تہ ٽپو ڏئي اٿيو سڌو نواب صاحب جي بنگلي تي، پر اها خبر اڪيلي گهر جي اداس درن ديوارن کي هئي تہ ان رات اها ڪاري چادر پائيندڙ عورت ڪيترو رُني هئي. پنهنجي نياڻي جي تصوير پلنگ تي رکي پاڻ هيٺ فرش تي ويهي ڪيس ٻاڏائيندي رهي تہ، ”اي منهنجي بي قصور بااخلاق سدا ملوڪ نياڻيءَ تي سگهئي تہ ڏينهن قيامت جي مون کي معاف ڪجانءِ، مون تنهنجو خون معاف نہ پئي ڪيو پر تنهنجي قتل ڪان پوءِ هي مرد ايترا گڏ ٿي ويا آهن. جيترا ڪنهن جهنگ ۾ بگهڙ بہ گڏ ڪونہ ٿيندا هوندا. انهن جون اڇيون، ڪاريون، ڳاڙهيون ڏاڙهيون ۽ انهن جا نوابي سرداري لقب مون کي نہ ٿا وڻن. نہ ئي مون کي پسند هئا، پر هڪ خوف آهي تہ مان بہ تو وانگر نہ ماري وڃان. . . مون کي بہ هِن سماج جي مردن سان گڏ رهڻو آهي، تنهن ڪري تي سگهئي تہ معاف ڪجان.“

هن کي ان پروفيسر تي بہ ان محل ڪا ڪاوڙ ڪانہ هئي، جنهن فيصلي ۾ گدوبندر مان آندل اهو ڪوڙو سرٽيفيڪٽ ڏيکاريو تہ سندس پُٽ چريو آهي ۽چريائپ جي دوري سبب هن اهڙو انتهائي قدم کنيو پر اها حقيقت صرف اها عورت يعني مقتولا جي ماءُ ڄاڻندي هئي تہ هو پنهنجي زال جي حسن کان خائف ۽ ڪڏهن ڪڏهن نامرديءَ جو شڪار شهپري مرد هو جنهن کي اهو خوف کائيندو رهيو تہ ايتري خوبصورت عورت صرف سندس يعني پنهنجي مڙس تائين محدود ڪيئن هوندي، ان خوف ۽ ان خود جي پيداوار شڪ ۾ اها معصوم نياڻي بہ اچي وئي، جنهن لاءِ هو اڪثر مذاق ۾ بہ خاندان وارن کان پُڇندو هو ”هي ڇوري منهنجي مهانڊي ناهي، اها ڪنهن تي ويئي آهي.“ اهي جملا سندس ايندڙ انتهائي قدم جي اڳڪٿي هئا. سا تہ ڪنهن کي خبر نہ پئي، پر حيرت سيني کي ان پروفيسر تي ٿي، جنهن وري بہ پنهنجي خوني پُٽ کي ميڙ منٿ قافلي ۽ نوابي راڄوڻي فيصلي معرفت بچائي ورتو.

معصوم ٻارڙن سان ريپ ۽ قتل خلاف قانون ۽ سزائون موجود آهن. عدالتي ڪاروايون ۽ ڪجهہ عدالتي فيصلا بہ موجود آهن. پر سنڌ جي مٽي ۾ صدين کان لڳل ناسور راڄوڻي نظام، انهن سمورن قانونن تي عملي طرح منڊيٽڙو ڦيري ويندل آهي، جنهن سماج ۾ اصل حڪمراني ڪنهن لکيل قانون جي نہ، پر اڻ لکيل راڄوڻي نظام جي هجي، ان سماج ۾ بيگم سومرو جهڙي اڪيلي عورت معصوم سنڌو جي قتل جو بار پنهنجي ڪلهن تي آخر ڪيستائين کڻي هلندي.

# ايمانداري جي ندامت!

هن سان منهنجي ڪا گهڻي ويجهڙائپ ته نه رهي آهي، پر پنهنجي پنهنجي حصي جا ڏک سُور تڏهن هڪٻئي سان ونڊ ڪندا آهيون، جڏهن به ملڻ جو ڪو موقعو ملي ويندو آهي. اسان پاڻ ۾ ملڻ جا هرويرو بهانو ڪونه ڳوليندا آهيون، نه ئي فون ڪري هڪٻئي سان ملون. پر ڪٿي به ڪڏهن به ملي وياسين ته بس حوالن ۾ اهڙا چٽاسين جڻ ته روز ملندا هجون. پر ان ڏينهن مونکي حيرانگي اها ٿي جو هن بار بار فون ڪري پڇيو ته ڪراچي ڪڏهن ايندين. ڪجھ ڳالهيون ڪرڻيون ۽ صلاح وٺڻي اٿم. سندس اهڙي حجت تي پنهنجو ڪو پروگرام نه هوندي به مون ڪيس ايندڙ آچر جو چئي هفتي لاءِ پاڻ تان بار لاهي ڇڏيو. پر ان دوران هن جي جڏهن به دفعا فون آئي ته سمجهي ويس ته ڪو مسئلو ضرور ٿيو هوندو. تنهن ڪري ساڻس ڪچهري جو ذهن ٺاهي سيڙجي صرف ان جهونيءَ جوڳيءَ سان ڪچهري ڪرڻ ويس، جنهن جي دل ٻارن جي مرڪ جهڙي پاڪيزه آهي. ڪيترا دفعا پڇيو اٿم پر ظالم اهڙو جو ڪڏهن ان جو راز نه ٻڌايو اٿائين ته هن خزان جهڙي جهان ۾ رڳرا ڪائيندي رهندي هن پنهنجي مرڪ ڪيئن بچائي رکي؟

ڪراچي ويندي رستي ۾ اهو سوچيندو ويس ته هو ڪهڙي ڪچهري ڪري سگهي ٿو. هڪ تازو ريٽائر ٿيل ماڻهو جنهن جي خاندان جا اڪثر ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهڻ ۽ نوڪريون ڪرڻ خاطر ملڪ کان ئي ٻاهر رهندا هجن. جيڪو پاڻ به اهڙو مست ملنگ هجي، جو وڏن وڏن سرڪاري عهدن تي رهندي به رشوت ۽ سفارش ڪلچر کان ڪان پري هجي. يعني سولي سنڌي ۾ ”ڪنهن ڪم جو نه هجي.“ ته اهڙي ماڻهوءَ کي ڪهڙو مسئلو درپيش اچي سگهي ٿو. جيڪو ڪنهن ڪنگلي ڪالم نگار سان ونڊ ڪري. سندس سادي زندگي ۾ ڪي عيش عشرت يا اهڙا ڪي ٻيا معاملا ته آهن ئي ڪونه. جيڪي اسان جي پوٽارن ۽ ڪامورن جي نجي زندگين سان وابسته آهن. هو شام جو ڪافي ۽ سگار تي گذارو ڪرڻ وارو. جنهن کي سنڌي طريقي سان پيئڻ پيئارڻ وارن ڪچهرين کان الرجي هجي. سو پلا ڪهڙي رنگين زندگي گذاريندو هوندو، جو هن سان ڪو مسئلو ٿي پوي. ڪڏهن ڪڏهن ڪچهرين ۾ هو سنڌ جي موچارن مهانڊن جا نالا ڪٿي ٻڌائيندو آهي ته ڪيئن نه اهي سندس پوسٽنگ دوران پنهنجن بنگلن تي اهڙيون دعوتون ڪندا هئا، جن ۾ ڪي جڳاڙي لاهور کان گهرايل رقاصائن کي دبئي مان گهرايل رقاصا ڪري پيش ڪندا هئا ۽ ڪيس آڇ ڪندا هئا ته اها ساڻس گڏ هلي، پر هو خاموشيءَ سان ماني جا ٻه گره کائي سرڪاري بنگلي تي واپس اچي ويندو هو. جنهن ڪري سنڌي پوٽارن جو هڪڙو ٽولو ڪيس ٽوڪ مان ”گورو صاحب“ چوندو هو. معاشري جا اهي طنز ۽ ٽوڪون پنهنجي سر تي کڻي به هو پنهنجو

ڪم ايمانداري سان ڪندو رهيو. ڪيس سرڪاري فرض نڀائڻ ۾ ڏکيائون بہ پيش آيون تہ پوتارن جون ڪچيون گاريون بہ کيس کائڻيون پيون، پر ڪم اهو ڪندو رهيو جنهن جي قانون ۾ اجازت هئي.

مون کي سندس ڪراچي واري گهر تائين پهچندي پهچندي شام ٿي ويئي ۽ هن رات جي ماني صلاح ڪئي. جيڪا مون يڪدم ان ڪري قبول ڪئي، جو هو سدائين چوندو هيو تہ ادا شهرن ۾ مهمانن کي هڪ دفعو صلاح ڪبي آهي، اگر نخرو ڏيکاريئي تہ بک پاڻ مرندين.ماني کان پوءِ سفيد پردن واري پنهنجي ڪمري ۾ سبز چانهہ جو آرڊر ڏئي هو جيئن ويٺو تيئن ٺڏو ساهہ ڪڍي پڇيائين تہ ادا ايمانداري ڪو گناهہ آهي ڇا؟ مون کي سندس اچانڪ ڇيل جملو پوري مفهوم سان گڏ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ وري پڇيومانس تہ سو ڪيئن سائين؟ هن حسب معمول پنهنجي ادا واري تڪيہ ڪلام سان ڳالهہ شروع ڪئي ۽ چوڻ لڳو ادا اوهان جا حڪمران قانون تہ مٿائي سگهن ٿا پوءِ اهو قانون ڇو نٿا مٿائين تہ ايمانداري گناهہ آهي، جيڪو سرڪاري ملازم ايمانداري ڏيکاريندو ان کي سزا ڏني ويندي. هن معاشري ۾ شريف ماڻهوءَ کي جيئڻ جو ڪو حق ناهي، اگر ڪو شرافت سان جيئڻ چاهيندو تہ کيس سرِ بازار سنگسار ڪيو ويندو. سنڌ ۾ اهڙو قانون ڇو نٿو لاڳو ٿئي ادا؟ مون خاموشيءَ سان کيس ٻڌو ۽ صرف ايترو چيم تہ، سائين خير تہ آهي، ڪو مسئلو ٿيو آهي ڇا؟ هن پوڙهپڻ وارو غصو ڏيکاريندي تلخ لهجي ۾ وراڻيو ادا مسئلو مون سان نہ توهان جي سماج سان ٿي پيو آهي. جتي ڏسندي ڏسندي ناڪاري روين وارا ماڻهو مک ۽ بااختيار جڳهين تي اچي ويا آهن ۽ انهن اچڻ سان سماجي رويا ۽ انهن جا مفهوم بدلائي ڇڏيا آهن. جنهن سماج ۾ ڪرپٽ ڪامورو تڪڙي ترقي ۽ بااختيار ڪرسي تي ويٺل هجي، جنهن معاشري ۾ بشني پوتار اسيمبلين ۾ ڪلها گسائيندي وزير ٿي وڃن، جنهن معاشري جي ريت رسم ڪميشن ۽ رشوت جو پيسو ٿي وڃي، ان معاشري ۾ تو يا مون غريب جي ڪير ٻڌندو.

مون خاموشيءَ سان گرين ٽي جي سُرڪ ڀري سندس سالن جو تجربو رکندڙ اکين ڏانهن نهاريو جن ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڀريل هئي. مون بہ ان ڪاوڙ ۾ پنهنجي ڪروڌ جو حصو ڀريندي چيو تہ، سائين معاف ڪجو پر ان معاشري جوڙڻ ۾ توهان جهڙن ڪامورن جو بہ حصو پڪي ضرور آهي، جن کي پوسٽنگ هر حال ۾ کپي، پوءِ پلي ان لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻو پوي. اوهان جي ڪلاس کي ايمانداري صرف تڏهن ياد ايندي آهي، جڏهن اوهان ريٽائر ٿيندا يا ريٽائرمينٽ کي ويجهو هوندا آهيو. منهنجي جملن جڻ تہ کيس تپائي باهہ ڪري ڇڏيو ۽ هن مون کي گهوريندي چيو تہ، مون سڄي عمر پنهنجي ٻارن کي شرافت ۽ ايمانداري جا درس ڏنا ۽ پنهنجو دامن بچائي هليس، تڏهن بہ تو جهڙو ماڻهو مونکي انهن جملن سان پيو نوازي . . . مون وضاحت ڪندي کيس چيو سائين ڳالهہ اوهان جي ڪاموري ڪلاس جي اجتماعي ذهنيت جي آهي، ان کي ذاتي حيثيت ۾ نہ نہ وٺو . . . تڏهن بہ هو تپي باهہ ٿي ويو، ادا ذاتي حيثيت ۾ ڪيئن نہ وٺان يار، مونکي منهنجو پٽ اچي چوي ٿو پپا اوهان اسان جي صحيح تربيت نہ ڪئي. سڄي عمر شرافت ۽ ايمانداري جا درس ڏنا ۽ سرڪاري منصب کي قوم جي امانت سمجهي ايمانداري سان هلائڻ جي نصيحت ڪئي پر اسان جي آفيسن ۾ تہ روزانو ان جي ابتڙ تماشا پيا ٿين. هن

پنهنجي ان پٽ جو ذڪر ڪيو جنهن تازو ڪميشن جو امتحان ڏئي اچي سنڌ ۾ سول سروس جوائن ڪئي آهي. ڳالهہ ڪندي ڪندي هن پنهنجي ان نياڻي جي بہ ڳالهہ ڪئي، جنهن کي هڪ جهوني سنڌي سيڪريٽري ماني لاءِ شام واري دعوت ڏئي گهرايو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ ايمانداري ۽ شرافت سان هاڻوڪي ڪاموري ڪلاس ۾ ترقي ڪانہ ٿيندي. جيڪڏهن ڪيس ايڊيشنل چارج وٺي آهي تہ سندس آفر تي غور ڪري.

هن پنهنجو چشمو صاف ڪندي ڳوڙهن کي لڪائيندي چيو ادا سڄي عمر ايمانداري سان سرڪاري ملازمت قوم جي امانت سمجهي هلايم ۽ هاڻي هي نتيجو . . . مونکي پنهنجي اولاد جي اڳيان شرمندو ٿيڻو پوي ٿو جڏهن هو فخر سان ٻڌائين ٿا تہ فلاڻي سيڪريٽريءَ جو نيب ۾ ارب روپين وارو اسڪيندل پيو هلي يا فلاڻي سيڪريٽريءَ هيترا ڪروڙ واپس ڪري نيب مان جند آجي ڪرائي آهي . . . سندس اهڙي لاچار واري گفتگو ٻڌي مون ڪانئس سوال ڪيو تہ ڪرپشن هنن ڪئي، نيب ۾ ڪيس هنن جا پيا هلن، پر توهان شرمسار ڇو پيا ٿيو. . . .؟ هن ڪلي وراڻيو تہ يار صفا ڪو زور آور آهين . . . ادا منهنجا ٻار بہ تہ ڪميشن پاس آهن اهي آفيسريون پيا هلائين . . . تو وانگر سدائين صحافي تہ نہ رهيا آهن . سندس اهي خبرون چارون مان نٿو سمجهان ڇا تہ ٻين سيڪريٽرين هيترا ارب ڪروڙ ڪمايا، يعني تو اسان لاءِ ڇا ڪيو؟ تو ڪرپشن ڇو نہ ڪئي . . . ؟ منهنجو ننڍو پٽ تہ صفا ڇڙي پوندو آهي ۽ انگريزي ۾ مخاطب ٿي انگريزن وانگر چوندو آهي تہ پپا اگر سنڌ ۾ سرڪاري ملازمت جا اصل معيار بي ايماني، رشوت خوري، اٽيڙهيل وڏيرن جي چمچاگيري هئي تہ اوهان اسان سان ڪوڙ ڇو ڳالهايو؟ اسان کي مس گائيڊ ڇو ڪيو تہ سچائي ۽ ايمانداري سان هلڻ سان ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي. اسان کي تہ وڏي ذهني عذاب ۾ وجهي ڇڏيو آهي تنهنجي تربيت. .. . ائين چئي هو جهونو مڙس پنهنجي آرام ڪرسي تي آهلجي پيو. چشمو لاهي هڪ هٿ ۾ ڪيائين ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي اکين کي پوري ڇڏيائين. ڄڻ تہ پنهنجي ايمانداري تي ندامت کي پوريندو هجي. . . سندس سفيد پردن کي ڪراچي سمنڊ واري هوا ڇيڙيندي اندر آئي پر ان بہ ڪو نئون نياپو اهڙو ڪونہ آندو تہ سنڌ مان اقربا پروري ۽ پوتارن جو راج هاڻي ختم ٿيندو.

# اوپرا اديب!

آگسٽ جو مهينو ايندي ئي  مون کي الائي جي ڇو پُراڻي حيدرآباد جي اها صدر واري گهٽي ياد اچي ويندي آهي، جيڪا ويهارو سال اڳ تائين ڏاڍي پرامن ۽ ڪنهن شخص جي ڪري ڪشش ڏياريندڙ هوندي هئي. ڊاڪٽرز جي بازار اچا ايترو ان گهٽي کي ويجهو ڪونہ پهتي هئي، نہ ئي شاپنگ پلازا ۽ گهڻ ماڙ عمارتن انهن چند بنگلن کي گهيري ورتو هو جن ۾ پراڻا حيدرآبادي رهندا هئا، جن مان اڪثر سنڌي هوندا هئا، پر انهن جي سنڌي اردو گاڏڙ اهڙي هوندي هئي، جو اهي اگر ڪنهن کي ڌمڪي بہ ڏيندا هئا تہ صرف ايترو چئي وٺندا هئا، ”اڙي هل هل تون ڪون سا مڙس ماڻهو هئي.“ عاط طور شريف ۽ هاٺوڪي قاسم آبادي ڪلچر کان پاڪ ان آباديءَ جي هڪ ننڍڙي بنگلي جي در واري دڪيءَ تي هو اڪثر شام جو اچي ويهندو هئو ۽ پنهنجي پسند جو سگريٽ پي دونهون هوا ۾ اڏائي چوندو هو ”يار مرد ڪيڏو بہ مڙس ماڻهو هجي، پر شادي کان پوءِ ڪوئي جهڙو يا گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙو ٿي ويندو آهي.“

پنهنجو پاڻ کي چرچو هڻي، هو ٻارن وانگر کلندو هو. سنڌس ڪا ادبي تنظيم نہ هئي، نہ ئي هو پنهنجي اديب يا دانشور هجڻ کي برادري يا لڏي طور هلائيندو هو تنهن ڪري هو عمر ڀر سدائين اڪيلو رهيو. ڪيئن چئجي تہ ڪيس خبر ڪونہ هئي تہ سنڌي سماج اچا ايندڙ تمام گهڻن سالن تائين ذات پات ۽ برادريءَ جي گهاٽي ڇانو ۾ ايترو تہ آرامي هوندو، جو ڪيس مئي پُڄاڻان ياد ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هوندو. پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي سنڌي ٻولي جي بقا خاطر راتين جون راتيون جاڳي لکندڙ اهو اديب حليم بروهي هو، جنهن کي عام پڙهندڙ صرف مزاح نگار طور سُڃاڻين ٿا، پر هي جديد دور جي موبائيل ۽ سوشل ميڊيا تي جيڪو اسان توهان رومن سنڌي ۾ نياپا لکون ٿا، ان جو خالق پڻ ٻيو ڪير نہ، پر اهو ساڳيو حليم بروهي هو، جنهن جو ”آڙاهہ“ ناول هاڻي ادبي مارڪيٽ ۾ ڳولئي ڪونہ ٿو لڀي. آگسٽ جي شروعات واري هفتي ۾ يعني پڇنين آگسٽ تي سندس سالگرهہ هئي، جيڪا نہ تو ملهائي، نہ مون ملهائي، ڇو تہ هو مروج سنڌي ادبي ميڙاڪن ۽ گڏجاڻين جي طور طريقن جو نقاد هو. جيڪو ڪتاب جي مهورت تي گلن جا هار پائيندڙ اديبن مان چرچا ناهي، ڪين چوندو هو، ”يار انهن جو مڱڻو ٿيو آهي يا نڪاح، جو هي گلن جا ها پيا پائين.“ هو چڱن ڀلن لٺ سردار اديبن ۽ دانشورن سان جواني ۾ ئي اٽين چٽي ٽڪر کائي وينو تہ، ”انهن ترجمن کان سواءِ ٻيو ڪهڙو تخليقي ادبي ڪم ڪيو آهي، جو جتي ڏس، جنهن اسٽيج تي ڏس، اهي صدارتي ڪرسين کي چنبڙيا پيا آهن. انهن جا خطبا سرڪاري اسٽيجن تي هڪڙا تہ قومپرستن جي اسٽيجن تي ٻيا هوندا آهن، پر هي جيڪو ڪجهہ ڪن پيا، سو ڪنهن بہ سماج ۾ اديب ۽ دانشور وارو ڪم ناهي.“

سندس اهڙي تکي ۽ تلخ تنقيد سبب هو پنهنجي حياتي ۾ ئي اڪيلو ٿي پيو هئو ۽ ڪيس ادبي برادري جهڙوڪر عاق ڪري ڇڏيو هو. سندس اها سزا هاڻي سندس موت کان پوءِ به شايد ختم نه ٿي آهي، ڇو ته اسان سنڌي ڏارين سان پُڇي سگهون الائي نه، پر پنهنجن سان پلاند پراڻا ناهيون ڪندا، تنهنڪري حليم بروهي کي ڇهين آگسٽ واري سالگرهه جي ڏينهن ائين ڪنهن به ياد نه ڪيو جيئن جولاءِ ۾ سندس ورسي واري ڏينهن ڪنهن به کيس ياد ڪرڻ جي تڪليف نه ڪئي. ٻيو ته ڇڏيو انهن نون نوابن به پنهنجي ان دور جي انگريزي ٻولي جي استاد حليم بروهي کي ياد نه ڪيو جن سُڄائي جي شاگرديءَ واري دور ۾ حليم بروهي جي گهر کي آستانو بڻائي ڇڏيو هو ۽ سندس ڪتليءَ مان چانهه جو چُسڪيون وٺندا هئا. هاڻي اهي ڪميشنون کائي توڙي جو ڪروڙ پتي ٿي ويا آهن، سندس شامن ۽ راتين جا ڪوڙا بل ئي لکن ۾ نڪرن ٿا، پر حليم کي ڪير ياد ڪري ته آخر ڇو؟ حليم بروهيءَ جا ڪيترا ڪتاب آهن، ڪهڙن موضوعن تي ۽ انهن مان ڪهڙا شايع ٿيڻ جهڙا آهن، سي موضوع اسان جي ادبي چڳن مڙسن جي مٿي جو سور ناهن، ڇو ته حليم پاڻ انتهائي شرارتي، غير سنجيده ۽ ادبي ادارن جو انڪاري هو. ٻلي ته هو سنڌي سماج ۾ ڄمڻ جي سزا اڳا پيو ڀوڳي. اها سزا حليم بروهي ته مرتئي کان پوءِ به ڀوڳي رهيو آهي، پر ڪوٽڙي جي پُل پرسان حياتي جا عذاب جهڙا پل گذاريندڙ علي بابا جي اها سزا سندس حياتيءَ ۾ ئي جاري آهي.

ڏسو اسان ڪيڏي نه ڊجيٽلائيز دور ۾ اچي ويا آهيون، جيڪا معلومات کپي، سا هڪ ڪلڪ ۾ گوگل ڪري، اسڪرين تي سامهون آڻي ٿا سگهون، پر هي بدنصيب ڌرتيءَ جا اهڙا لکاري آهن، جن کي ڪو گوگل به نه ٿو ڪري سگهي. علي بابا جي ڪهڙي سالگرهه ۽ ڪڏهن هئي، تنهن سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟ ڪوٽڙيءَ جو علي محمد رند بلوچ، جيڪو شروع ۾ علي سنڌي ۽ يا علي دراوڙ جي نالي سان ڪهاڻيون لکڻ پيو چاهي، پر جنرل ايوب جي ون يونٽ سبب سندس آخري نالو يعني سنڌي ادبي ميگزين جي ڪنهن ايڊيٽر کيس علي بابا ڪري ڇڏيو ۽ نالي جي اثر سبب هو باقي حياتيءَ ۾ ان سنڌيءَ کي ڳوليندو رهيو، جنهن مٿان پاڪ سرزمين تي پابندي پيل هئي، جيڪو علي کان ڄامشوري ۾ اهڙو وڇڙيو جو وري کيس نه ملي سگهيو. علي بابا کي حليم بروهي وانگر اها شڪايت ڪڏهن نه رهي ته ادبي اسٽيجن تي نچ تخليقي ڪم ڪندڙ اديبن بدران مترجمن ۽ مرتبن يعني ڪتاب سهڙيندڙن جي اينٽري آئو ٻيگٽ ڇو ٿي ڪئي وڃي، پر هن کي اها خبر نه پئجي سگهي ته سنڌيءَ ۾ ادب لکڻ جو معاوضو ڇو نٿو ملي. هن آصف فرخي کي هڪ پيري پارٽي جي گهر واري فون تان ٻُڌايو ته، "هاري زمين چند ڪلاڪ کيڙي ٿو، پر هارپو سندس حق آهي، ائين ئي مزدور مل ۾ ڪجهه ڪلاڪ ڊيوٽي ڪري ته اجورو کيس ملي ٿو، پر اسان اديب چوويهه ڪلاڪ ڪم ڪريون، تڏهن به ڪو معاوضو نه ٿو ملي ، آخر ڇو؟" علي بابا هاڻي عمر جي ان حصي کي پهتو آهي، جتي هو ٻيهر موهن جي دڙي جهڙو شاهڪار ناول نه ٿو لکي سگهي. هاڻي هو ته پنهنجن ڪهاڻين جي موضوعن جهڙو ٿيندو پيو وڃي. ڪڏهن پڇري جو پکي ته ڪڏهن گدوبندر جو چريو ته وري ڪڏهن ڪاوڙيل ماڻهو. پر وري به علي بابا کي اها خبر ڏاڍي

دير سان پوندي تہ سنڌي سماج ۾ ڪاوڙيل ماڻهو کي عوامي پذيرائي تہ ملي سگهي ٿي، پر ڪيس ادبي ڪرسي ڪونہ ملندي. ڇو تہ اها ڪرسي سر سر چوندڙن کي ئي ملندي رهي آهي. وقتي خوشامد علي بابا جي رت ۾ شامل ناهي، تنهن ڪري هو سن جي اسٽيجن تي اوهان کي نظر ايندو. پر اقتداري پوتارن، وزيرن ۽ مشيرن جي گلدستن ۽ جهرمٽ کان پري هوندو. سندس هڪ ديواني عاشق هڪ ڏينهن تر جي پوتار جي بنگلي تي علي بابا کي وٺي وڃي پوتار جي پرسان ويهاريو. جنهن ڪيس سُڃاڻڻ کان انڪار ڪندي، ٻين سان ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ علي بابا پنهنجي دوست کي سڏي، پنهنجي نماڻي آواز ۾ پرپور قوت سان ڪيس چيو "يار مون کي هتي هن جهنگلي جانور جي پرسان ڇو ويهاريو ٿئي." علي بابا کي خبر ئي نٿي پوي تہ سنڌي سماج هاڻ آدرشي ماڻهن جو آشرم بڻجڻ کان انڪاري آهي ۽ هر فيلڊ ۾ پوتار اهڙي تہ بُري طريقي سان ڪاهي پيا آهن، جو ڪتابن جون مهورتون بہ اڻ پڙهيل وزيرن کان وظيفن جي آسري ۾ ڪرايون پيون وڃن. اهري ماحول ۾ اسان علي بابا کي ياد ڪيون، سندس سالگره ملهايون تہ آخر ڪيئن؟ علي بابا نہ ڪنهن پراجيڪٽ ۾ ٺوڦ اچي، نہ وري ڪنهن پيڪيج ۾، سو پلو آهي تہ علي بابا ادبي پروگرامن کان پري هجي. اجايو پوتارن جي چاپلوسي ۽ جهرمٽ ۾ ڪا ڳڙٻڙ نہ پيدا ڪري وجهي.

آگسٽ جو مهينو ايندئي مون کي لڳ ساڙيندڙ سکر جون اهي شامون بہ ياد ايندڙيون آهن، جڏهن اسان سڄ لهڻ شرط گهنٽا گهر جو رُخ ڪندا هئاسين. سکر جي گهنٽا گهر جو پراڻو ماحول هالي ووڊ جي ڪنهن قديم فلم جهڙو هوندو هو. جتي هڪ طرف گنن مان گند صاف ڪرڻ وارا همراه ويٺل هوندا هئا تہ ٻيا ڏندن جا نقلي ڊاڪٽر، پر انهن جي پرسان ئي روڊ تي (ڇو تہ فوٽ پاٿ سکر جي ان روڊ تي هوندو ئي ناهي) ان ڪري روڊ ڪناري چاٽ رکي ويٺل همراه هوندو هو. پر اسان کي اهو يگانو جهونو مڙس پٽڙ جون مُنڊيون ڪپائيندڙ فوٽ پاٿي مُنڊي گرن وٽ ملندو هو. جتي هو ايترو سنجيده موڊ ۾ هوندو هو. ڄڻ تہ ڪا نئين راڳ جي ڌُن پيو ترتيب ڏئي. انهن مُنڊين جي سليڪشن واري مرحلي مان واندو ٿي، جڏهن اٿندو هو تہ ڪنهن يار دوست کي سُڃاڻڻ جهڙو ٿيندو هو. سندس ڳچيءَ ۾ فقيراڻا ڳانا ۽ مٿي ۾ سدائين تيل پيل هوندو هو. سکر جي ان گهنٽا گهر تي ئي هڪ پراڻو هوٽل ڪيفي الفريد جي نالي سان هوندو هو. جنهن کي هو پنهنجي شام جي چانهہ ۽ ڪچهري جو عارضي آستانو ناهي ويهندو هو. ان ئي ڪيفي تي اگر اسان جهڙو ڪو اوپرو عاشق ڪيس فرمائش ڪري ويهندو هو تہ هو ڌيمي سُر ۾ بنا سازن جي جهونگاري وٺندو هو "ڪڏهن ٽُنهنجي وارن سندي رات ٿيندي" يا وري "دامن لڳيان مولا مين تہ تيڏي هان . . ." خُماريل آواز واري ان سُريلي گائڪ سينگار علي سليم جي ورسي بہ آگسٽ ۾ هوندي آهي، پر اسان ملهائي نہ سگهندا آهيون. سينگار علي سليم جي ذاتي زندگي تہ ڇڏيو فني سفر تي ئي هڪ الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو پر هو ڪنهن ثقافتي ڪاموري جو ڪرو ڪٽندڙ نہ ٿي سگهيو نہ ئي ڪيس پنهنجي محنت جا مليل چيڪ ٻين ٻُڪين عملدارن کي ڏيڻ جي عادت هئي ۽ ڪيس گائڪي جي گهمنڊ ۾ ان وقت خبر نہ پئي تہ ڪيس اهي ڪوتاهہ قد اهڙو ڪاپاري ڌڪ هڻندا ، جو سندس

ڏنون ٻين گلوڪارن ۽ گلوڪارن کي ڏيئي ڇڏيندا. سينگار علي سليم سنڌ جو هڪ يگانو آواز هو جنهن جي حليم بروهي يا علي بابا وانگر ثقافتي حلقن ۾ ڪا گروپ بندي نہ هئي، نہ ئي سندن پي آر چڱي هئي، تنهن ڪري سينگار علي سليم جهڙو راڳي چند ڏُنن ڪان وڌيڪ ڪي ڪلام ڏئي نہ سگهيو ۽ پٿر جي شهر ۾ بي موت مري ويو. هر سال سينگار جي ورسي ملهائڻ تي منهنجي دل چوندي آهي ۽ ڪجھہ مخير حضرات سان رابطو بہ ڪندو آهيان، پر چڱن موچارن ماڻهن لاءِ بہ سينگار جڻ اوپرو راڳي آهي ۽ اوپرن ماڻهن کي ياد ڪرڻ لاءِ چند هزار پنهنجي کيسي مان ڏيڻ ڏاڍا ڏکيا آهن. سينگار علي سليم جي ورسي ان ڪري بہ ملهائڻ ڏاڍي ڏکي آهي، جو هو چوڏهين آگسٽ تي وفات ڪري ويو هو. ان ڪري اسان جا اڪثر سرڪاري اديب ان ڏينهن قومي پرچم جي سائي تلي هڪ هوندا آهن ۽ حليم بروهي، سينگار علي سليم ۽ علي بابا يا علي دراوڙ جهڙا ڪردار انهن استيجن ڪان پري ۽ اوپرا بيٺل هوندا آهن.

# لاهي سگهڻ جهڙا ٿورا

هاڻي جڏهن ڪو نوجوان سرڪاري عملدار پنهنجي ننڍپڻ جي پڙهائيءَ وارين محنتن ۾ سندس مقابلي واري امتحان ۾ ڪنهن پبلڪ لائبريري جي بي مثال ڪردار جي واکاڻ ڪندو آهي تہ مون کي تعجب بلڪل نہ لڳندو آهي. مون کي ايئن لڳندو آهي، ڄڻ تہ اها ڳالھ منهنجي اڳ ۾ ٻُڌل هجي. اها ڪهاڻي پهريون ڀيرو مون کي سکر جي ايس ايس پي هائوس ۾ تڏهوڪي پوليس عملدار ٻُڌائي هئي، جنهن کي خفت هوندو هو تہ "ڪاوش" ۾ روازنو سندس نالو ڇپجي ۽ انهن ڏينهن ۾ آئون ڪاوش سکر ۾ ڪم ڪندو هئس، تڏهن هو ڪنهن نہ ڪنهن بهاني مون کي پنهنجي آفيس يا هائوس تي لڳ ڀڳ روزانو گهُرائي چانھ پياريندو هو. چانھ جي انهن ڪوپن جي کڙڪڻ سان گڏ گڏ سندس ٺهڪ بہ کڙڪندا هئا،جيڪي سندس ماضيءَ جي غربت واري احساس کي گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا هئا.

انهن ئي ڪچهرين واري هڪ شام هن پکوڙن جو آرڊر ڏيندي چيو "يار پکوڙن واري ڳالھ تان ياد اچي وئي تہ بس توکي ٻُڌائي ٿو ڇڏايان تہ ادا اسان غريب جا ٻار ڪٿان سي ايس ايس ڪري سگهون ها، اگر منهنجي شهر ۾ اها شاهنواز لائبريري نہ هجي ها، جتي ڳوٺان صبح جو ماني کڻي ايندو هئس ۽ شام يا منجهند ڌاري پکوڙن سان کائيندو هئس. منهنجو بابو ڪو ايترو امير ڪونہ هو ادا منهنجي ابي کي تہ منهنجي ايس پي ٿيڻ جي خبر ئي تڏهن پئي، جڏهن سندس ٻوزر خراب ٿي پيو ۽ هو پاڙي جي مستريءَ وٽان مشينري کڻڻ آيو هو ڇو تہ هو ٻوزر جو ڊرائيور هوندو هو. ايتري شديد غربت ڏسڻ کان پوءِ منهنجي دل نہ چوندي هئي تہ ڪو شام جو ڳوٺ بہ موٽي وڃان ۽ وڃي ابي امان جو غربت سبب بيحال ڪنڌڙ جهيڙو ٻُڌان. امان بہ تنگدستيءَ مان تنگ ٿي پئي هئي. گهر ۾ ڪو اهڙو ماحول ڪونہ هوندو هو. جو سي ايس ايس جهڙي امتحان جي تياري ڪري سگهان ها. ٻين همراهن کي تہ پنهنجا بيوروڪريٽ بابو اسلام آباد ۽ لاهور کڻي امتحان ڏياريندا هئا، پر مون کي تہ ان ئي شهر جي لائبريري ۾ پڙهڻو هو. جتي شام جو هڪ ٽيوشن ڏئي، جيب خرچي ڪڍندو هئس."

سندس ڳالهين ئي ڳالهين دوران ڪيس تڪ جي ان ايم پي اي جي فون اچي وئي، جيڪو سدائين منسٽر رهڻ جو عادي هوندو هو تنهن سان وڏي حُجت ۾ ايئن ڳالهايائين، جهڙوڪر ٻاڻ ننڍپڻ جا دوست هجن. ڪيس گذريل رات جو ڪو لطيفو ڏُهرائيندي چيو هئائين، "سائين توهان جي ان مشوري کان پوءِ مون تہ صبح شام چڪن تڪ کائڻ شروع ڪيا آهن تہ ڪٿي اها ڪمزوري مون کي بہ نہ ٿي پوي، نيٺ مون کي بہ شادي ڪرڻي آهي." سندس فون تي ڳالهيون هلندي اردلي سندس چَپل کڻي آيو ۽ هن بوٽ کي اردليءَ جي هٿن ۾ لاهينديءَ اها چپل پاتي ۽ اشارن ۾ پکوڙا آڻڻ جو چيائينس، جڏهن پکوڙا اچي ويا تہ هن بہ فون بند ڪري رکي ۽ مون سان مخاطب ٿيندي چيائين، "سو ادا اهڙي غربت ڏسڻ کان پوءِ

مون تہ پھرين فرصت ۾ امڙ کي پاڻ سان گڏ رهائڻ شروع ڪيو تہ جيئن هو وڏيڪ ڏُک نہ ڏسي. هاڻي پنهنجي پاءَ کي پيٽرول پمپ بہ هٽائي ڏيان ٿو تہ جيئن هو بہ ڪنهن ڪاروبار سان لڳي وڃي.“ ان ملاقات ۾ ان پوليس آفيسر سان ڪچهريءَ کي ڪي ورهيہ گذري ويا آهن. انهن ڀنهي ڀائرن ڪاروبار بہ جام ڪيا ۽ ترقيون بہ ماڻيون. هاڻي شايد ڊي آءِ جي سطح تي وڃي پهتو هجي ۽ آخري پيرو تہ ٻُڍاپائين تہ مينهن جو واڙو بہ ڪوليو اٿس. پر هن کي پنهنجي پوري ڪيريئر ۾ اها فرصت ڪڏهن بہ نہ ملي تہ هو واپس ان شاهنواز لائبريري کي وڃي ڏسي تہ ڪٿي ڪنهن شئي جي ڪمي تہ ناهي، ڪٿي ان لائبريري کي سندس مدد يا سهڪار جي ضرورت تہ ناهي. اهو پوليس آفيسر ۽ اها لائبريري مون کي تڏهن ياد پيا، جڏهن تازو ڊاڪٽر ضمير آمريڪا مان واپس آيو ۽ هن اتان جي هڪ پبلڪ پارڪ جو فوٽو ڏيکاريو تہ، ”ڏس ان ملڪ جا ماڻهو پبلڪ پارڪ ۾ هڪ بينچ جو بہ عطيو ڏين ٿا.“ هن اها بئنچ هڪ ڍنڍ ڪناري باغ ۾ پيل ڏٺي هئي، جتي ان عطيو ڪندڙ جو نالو بہ لکيل هئس. ڊاڪٽر جي فوٽو تان مون کي ياد آيو تہ جڏهن ٻہ سال اڳ آئون برطانيا جي شهر برائيٽن ويو هئس، تڏهن بہ پبلڪ پارڪ ۽ سمنڊ ڪناري رکيل بينچن کي ڏسي مون کي ساڳي حيرانگي ٿي هئي تہ انهن بينچن تي ماڻهن جا نالا ڇو لکيل آهن؟ انهن عوامي جڳهن تي پيل بينچن تي لکيل نالا نوٽ ڪري، مون فوٽو البم بہ ٺاهيو هو جنهن ۾ سمنڊ ڪناري هڪ پُرفضا مقام تي رکيل ان ڪاٺ واري بينچ تان ڪارن اکرن ۾ لکيل هو تہ، ”هي بينچ منهنجي پياري دوست ڊيوڊ جي نالي، جيڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ سدائين واڪ ڪرڻ کان پوءِ هن جڳهہ تي اچي ساهي پٽيندو هو. سندس پسنديده جڳهہ تي هي بينچ آئون عطيو ڏيان ٿو تہ جيئن ڪير بہ هن بينچ تي ويهي ڪيس ياد ڪري تہ ڊيوڊ اسان توکي هڪ پل بہ نہ وساريو آهي.“ اهڙيون بينچون نہ صرف برائيٽن بيچ تي لڳل هيون ۽ شهر جي پبلڪ پارڪ ۾ پر مٿي جبلن تي قائم شهر هوو ۾ بہ ساڳيون بينچون لڳل هيون. انهن ڏينهن ۾ ئي مونکي خيال آيو هو تہ اسان جي سماج جي اڪثريت تہ اڻپڙهيل ٿي، پر جيڪي اسان جا پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار ماڻهو آهن. ڇا انهن ڪڏهن سوچيو آهي تہ زندگي ۾ ڪاميابين کان پوءِ پنهنجي ادارن کي پي بيڪ ڪريون، پنهنجي ادارن ۽ پنهنجي انهن ماڻهن جا ٿورا مڃون، جن ڪيريئر جي شروعات ۾ سندن مدد ڪئي ۽ کين اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهيو.

مون کي ٻين جي خبر ناهي، پر انهن چند سي ايس ايس آفيسرن جو پتو ضرور آهي جن کي مقابلي وارن امتحانن ۾ ڪامياب ڪرڻ ۾ انهن شاهنواز لائبريرين ۽ علامہ دائود پوٽو لائبريرين جو وڏو هٿ هو پر بعد ۾ انهن اعليٰ عملدارن انهن لائبريرين سان اهڙو حشر ڪيو جو ڪم نڪتو ڪاڳر ڦاٽو ... ڪڏهن واپس مُڙي نہ نهاريائون تہ انهن لائبريرين ۾ پنهنجي ياد ۾ ئي ڪي ڪاٺ واريون بينچون جوڙائي رکون، ڪي واٽر ڪولر لڳرايون ۽ يا ڪي ڪتابن جا شيلف ۽ ڪارنر قائم ڪرايون تہ جيئن ايندڙ نسل کي اتساهہ ۽ سهولتون ملن. ڪنهن هڪڙي ڪاٺ واري بينچ يا واٽر ڪولر تي آخر خرچ بہ ڪيترو ايندو... يقين ڪريو ايترو خرچ هرگز نہ ايندو جيترو هاڻي انهن آفيسرن جي رات جي دعوت جو خرچ آهي. ايترو خرچ بلڪل بہ نہ ايندو جيترو خرچ هو پنهنجي پنهنجي برادريءَ جي سردارن جي

ٺهل ٺڪور ۾ ادا ڪن ٿا. اهي سردار جن کين اڳتي وڌڻ ۽ تعليم وٺڻ کان روڪيو پر هو مصلحتن يا طبقي جي هڪجهڙائيءَ سبب هاڻي انهن سردارن جي بہ ٺهل ٺڪور ڪن ٿا ۽ سندن ٿورا مڃين ٿا تہ. ڇا هڪ پبلڪ لائبريري، جنهن توهان جي زندگي ئي بدلائي ڇڏي، ان کي پي بيڪ ڪرڻ يا ان جا ٿورا ڳائڻ ۽ لاهڻ جيترا پيسا توهان ويهين گريڊ جي آفيسرن وٽ نہ هوندا . . . يقينن هوندا. پر ڇاهي تہ اسان وٽ اهو ڪلچر ناهي، تڏهن تہ اوهان عقيدي جي بنياد تي کيسو خالي ڪريو ٿا. پر لائبريري ۾ ڪولر يا بينچ رکڻ کي عيب ٿا سمجهو.

# ڪارنهن جو ڪاروبار ۽ جرڳائي جج

ان رات ڪپري روڊ واري ميرپور جي ماڙي تي ويٺي، اسان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ان جج جي ڏاڍي ساراهه ڪئي، جنهن سرڪاري عملدارن ۽ ادارن مان اسان جي ڪچي ويل ويساهه کي ڪجهه يا اڌ بحال ڪرڻ ۾ پنهنجي فيصلن ذريعي وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ان محفل ۾ سندس تعريف ڪندڙ هڪ درويش دوست مون کي چيو "يار ان جج صاحب جي فيصلن جي واکاڻ ڪرڻ تي دل منهنجي به چوي ٿي، پر اسان ماضيءَ جي انهن ايماندار پوليس وارن جا ڏنگيل آهيون، جن کي نوي واري ڏهاڪي ۾ اسان جي اخبار ايتري پازيٽو ڪوريج ڏني، جو سندن مخالف توڙي عام ماڻهو ڪين ڪاوشي ايس پي چوڻ لڳا هئا، پر انهن به ساڳي سنڌي نفسيات واري ڳالهه ڪئي هئي، جنهن جي نشاندهي ڪندي هڪ پيري رسول بخش پليجي چيو هو ته : "اسان سنڌين کي ٽپهريءَ تي روضو ڪولڻ جي پٽ پيل آهي"، جو انهن پنهنجي عروج واري زماني ۾ انهن پوتارن جي بنگلن تي وڃي، معافيون وٺڻ شروع ڪيون، جيڪي سندن مقرريءَ سبب پنهنجن اباڻن گهرن ڏي نه اچي سگهندا هئا. انهن پوليس وارن کان خوف کائيندا هئا. پر انهن معافين واري عمل سبب هو هيٺا ۽ پوتار ٻيڻا طاقتور ٿي اڀريا. سو ان خوف کان دل چوندي به ڪلي ڪري ڪنهن جي تعريف ڪرڻ کان گريز ڪريون ٿا." پر هاڻي جڏهن لاڙڪاڻي هاءِ ڪورٽ مان جسٽس صلاح الدين پنهور جا فيصلا هر هفتي ڳالهائڻ ۽ وڏي واڪ ڳالهائڻ لڳا آهن ته مون کي ان عدالتي عمارت جون ڪيئي ڪهاڻيون ياد اچي ويون آهن، انهن جو ذڪر وري ڪنهن ٻي ساعت، پر اچو ته اتر سنڌ جي ان وڏي عدالت هلون، جنهن جي دائري ۾ جيڪب آباد ۽ ڪنڌڪوٽ جا اهي علائقا به اچن ٿا، جيڪي پنهنجو پاڻ کي سرداري سسٽم جو ڳڙهه سمجهن ٿا جتي قانون جي رٽ رن زال جي ايلازن جيان ڪنهن جي ڳن تي ڪونه ٿي پوي. هي اهي علائقا آهن، جتي ڊيره بگٽي واري رسم چرپيلي يعني باهه تي هلي ساک ڏيڻ واري رسم به جيئن جو تيئن زنده آهي. اها چرپيلي واري رسم چند سال پهريان جڏهن مون کي تي اين لاءِ ريڪارڊ ڪرڻ چاهي ته ڏسٽا وائسٽا سردار واعدن تان ڦري ويا، پر وري به شابش آهي، هاڻوڪي ٽرانسپوٽ واري صوبائي وزير ممتاز جکراڻيءَ کي، جيڪو ان وقت تعلقي ناظمي کان پوءِ آرام واري وقفي ۾ هو جنهن هڪ فيصلي ۾ چرپيلي ڪرائي، سمورين ڌرين جا موقف ريڪارڊ ڪرايا هئا. ان چرپيلي واري رسم جو مشير ديره بگٽيءَ مان خصوصي طور گهرايل هڪ بگٽي هو جنهن الزام هيٺ آيل همراهه جا پير چيڪ ڪري ٻڌايو ته "هن چوري ناهي ڪئي، چو جو باهه جي مچ وارن ٽانڊن تان گذرڻ کان پوءِ به سندس پير ۾ ڦلوڪڙا ناهن نڪتا." اهو قانون جي ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته چور خلاف ٻي ڪا شاهدي پيش ڪرڻ جي ضرورت ناهي، پر ڪيس ٻرندڙ ٽانڊن تان گذاريو ته سندس پير بيگناهي ثابت ڪندا؟

مون کي حيرت ٿيندي آهي، جڏهن نامر ناد پڙهيل لکيل سردار پڻ ان رسم کي دُرست قرار ڏيندي، ان وقت باھ جا پوڄاري ٿي چوندا آهن ”بيشڪ سائين باھ کي وڏي طاقت آهي.“ پر هي جسٽس ڪير آهي، جنهن اچي انهن باھ جي پوڄارين ۾ پاڄ وڌي آهي. جنهن علائقي جي اڻ لکيل سرداري نظام تحت متاثر ڌر کي پنهنجي مظلوميت يا بيڏوهي هجڻ واري ڳالھہ ثابت ڪرڻ لاءِ باھ جي ٽانڊن تان گذرڻو پوي ۽ نماڻيون اکيون جرڳائي سردار جي ججمينٽ جو انتظار ڪن. اهڙي علائقي ۾ اهڙي ماحول ۾ ماضي جو سُڃاڳ ٻار ۽ هاڻوڪو سُلجهيو جج جيڪڏهن ٽل يا تنگواٽيءَ جي نياڻين جي وڪري جو پاڻمرادو نوٽيس وٺي تہ اهو سماج ۾ نہ رڳو چڱائي وارو عمل آهي ، پر ان جا ايندڙ دور تي پڻ مثبت اثر پوڻا آهن. جسٽس صلاح الدين پنهور هوندئن تہ ڪافي فيصلا ڪيا هوندا، جيڪي عدالتي ريڪارڊ جو حصو آهن، پر مون کي سندس پهريون اهو فيصلو تفصيلي پڙهڻ جو موقعو مليو، جيڪو هن هڪ پورهيت پاران جرڳائي سردار جي فيصلي واري چٽي لاهڻ لاءِ نياڻيون بازار ۾ وٺي، سرعام وڪرو ڪرڻ جا هوڪا ڏنا هئا ۽ سندس مظلوميت جا هوڪا ڪاوش ۾ بہ ڇپيا هئا.

ڪنهن قبيلائي سماج ۾ اونده جو وجود تہ عام ڳالھہ آهي، پر جڏهن ان گُگھہ اونداھ مان ڪو روشني جو ڪرڻو اڀري ٿو تہ اسان جهڙن مايوس ماڻهن کي بہ زندگيءَ جو مقصد سٺل ٿيندي نظر اچي ٿو. اندازو ڪريو تہ روز اخبارن ۾ انهن علائقن مان اهي خبرون ايندڻيون هيون تہ اڄ فلاڻي سردار ٻن برادرين ۾ وچ هلندڙ تڪرار جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ڪارنهن جي تڪرار تان جهيڙي جو جرڳو پنج ڪروڙ ڏنڊ، ڏريون ڪير ڪنڊ . . . اهڙين خبرن سان گڏ وڏن شهپري سرداري يا جرڳائي ججن جا فوٽا ڇپجندا هئا، جيڪي پنهنجون فتوائون پڙهي ٻُڌائيندا هئا. انهن جا پنهنجا مشير پنهنجا شاهد ۽ پنهنجيون فتوائون هونديون هيون. انهن جرڳن کي سهوليت ڏيڻ لاءِ پوليس جا ايس ايس پي ايز ۽ ڊي آئي جي بہ سرڪٽ هائوسز جا دروازا کولرائي ڇڏيندا هئا. خير هاڻي تہ سرونگ ڊي آئي جي بہ سنڌ ۾ سردار پيا سڏرائين. جتي پوتار زندگيءَ جي هر پهلو تي حاوي هجي، جتي علم، ادب، آرٽ، موسيقي ۽ رقص سان گڏ وڏيرا بہ ڪلاسيڪل هجن تہ ان سماج جي ذهني اوسر تي ڪهڙو ماتم ڪجي، پرهاڻي انهن جرڳائي سردارن جي فيصلن تي لاڙڪاڻي هاءِ ڪورٽ جي فيصلن کان پوءِ چئڻ تہ ٽڏو پاڻي هارجي ويو آهي تہ بابا اهو ڪارنهن جو ڪاروبار بند ڪريو جرڳا غيرقانوني آهن. فيصلا ڪرڻ صرف عدالتن جو اختيار آهي. اڻپڙهيل پوتارن جي اوطاقن کي متبادل عدالتون نہ بڻايو اهڙي سخت ۽ واضع احڪامن کان پوءِ جرڳائي جج پنهنجي راڄ پاڳ کي بہ في الحال اهي ورنديون پيا ڏين، جيڪي هنن ڪجھہ سال اڳ سکر هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس رحمت حسين جعفري واري تاريخي فيصلي کان پوءِ ڏنيو هيون تہ بابا هاڻي فيصلا عدالتن ۾ ٿيندا. عدالتن ۾ وڃو يا في الحال جج بدلي ٿيڻ تائين انتظار ڪريو! سو اتر سنڌ جا ڪيترائي جرڳائي سردار ۽ پوتار لاڙڪاڻي هاءَ ڪورٽ جو اهو جج بدلي ٿيڻ جو انتظار پيا ڪن، جنهن سندن متبادل جرڳائي جهان کي وقتي طور تالوهڻائي ڇڏيو آهي.

جنهن ڏکي ديس ۾ اسان اک کولي آهي، ان جي رياست جي هر ناريءَ تي ڪونہ ڪو الو ٽنگيو پيو هوندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن انهن ٽنين مان ڪي اهڙا ڪردار بہ اڀري نروار ٿيندا آهن، جيڪي لوڪ کان لهوارو هلڻ جو هُنر سکي ايندا آهن. جسٽس صلاح الدين جيڪڏهن پنهنجي ذاتي سُک آرام لاءِ فڪرمند هجي ها تہ هو هن وقت پنهنجي والد سان گڏ لنڊن ۾ سيٽل هجي ها يا وري اهي نوڪريون ڪري گذارو ڪري ها، جيڪي هن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ۾ ئي ڇڏي ڏنيون هيون، سو ان جسٽس جو ڏس پتو تہ جيڪب آباد جو اهو چيف سردار بہ پُڇائيندو پيو وتي، جنهن کي گھمنڊ آهي تہ سندس اوطاق جرڳن سان آباد آهي ۽ آباد رهندي، پر هاڻي هو اهو بہ چوڻ لڳو آهي تہ جيڪڏهن جرڳا عدالت پاران غير قانوني قرار ڏنا ويا آهن تہ اسان قانون جا پاپند آهيون.
جسٽس صلاح الدين جي فيصلن جو پڙاڏو هاڻي سنڌ ۾ ايئن ٿيندو، جيئن سپريم ڪورٽ جي جسٽس کوسا جي انهن ريمارڪس جو سڄي ملڪ ۾ چرچو هو، جيڪي هن سلمان تاثير جي قتل ڪيس ۾ ڏنا تہ هڪ فرد کي سزا جو اختيار ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي، سو هاڻي تيستائين تہ مظلوم عورتن جي ڪا واهر ٿيندي رهندي، اسان اهڙي ڏکي ديس ۾ رهون ٿا، جتي قانون بہ عمل جو محتاج آهي ۽ اهو عمل بہ سرڪاري منصب سنڀاليندڙ هر عملدار جي ذاتي پسند ناپسند تحت ٿيندو آهي، ڇو تہ اسان جي ملڪ جون اسيمبليون روزانو قانون ٺاهينديون رهن ٿيون، پر انهن مان ڪيترن تي عمل ٿئي ٿو سا پاڻ سيني کي خبر آهي. وڏا جرم ۽ وڏا قانون تہ ڇڏيو صرف گاڏين تي فينسي نمبر پليٽون ۽ ڪارا شيشا هٽڻ کان منع ڪندڙ قانون تي ڏسو ڪير ٿو عمل ڪري، صرف ٽريفڪ جا ئي الائي ڪيترا قانون رائج آهن، پر مون هر خطرناڪ پل تان ٽريفڪ سپاهين کي وڏي لوڊ واريون گاڏيون پئسا وٺي، ڪراس ڪرائيندي ڏٺو آهي. ٻيو تہ ڇڏيو جنهن لاڙڪاڻي هاءِ ڪورٽ ۾ پاڻ جسٽس صلاح الدين صاحب عدالتون هلائي جرڳا غيرقانوني قرار ڏيئي رهيو آهي. ان ئي عدالت جي پرسان پوليس جا اهي عملدار رهن ٿا، جيڪي صبح شام جرڳا جرڳا ڪندا وتن ٿا، سو قانون تہ موجود آهي، پر ان تي عمل درآمد کي جيڪڏهن يقيني بڻايو وڃي تہ سمورو گند نہ سهي، ڪجهہ نہ ڪجهہ ماحول بهتر ٿي سگهي ٿو ۽ منهنجو تہ اهو پُختو يقين آهي تہ جيڪڏهن ڪا چڱائي ٿيڻي آهي تہ ايندڙ نوجوان نسل منجهان ٿيندي، جن جا ارادا پُختا ۽ نيتون شفاف هونديون، باقي پاڻ واري نسل تہ سالن کان رات جو راڻي واريون راڳڻيون ڳائي ڳائي پاڻي ولوڙي ولوڙي مَٽا اڇا ڪري ڇڏيا، پر وري ضد اهو تہ مکڻ ان پاڻيءَ مان ئي نڪرندو.

# ريجهو مل لاهوري . . . منهنجو ليجنڊ

سنڌ جي هن يگاني ڪردار جي ياد هوندئن ته اڪثر ايندي رهندي آهي پر جڏهن سنڌ جي ميونسپل ادارن جو ابتر بڻايل حالتون ۽ لاڳاپيل اختيارين جي آفريڪي آمرن جهڙي بيحسي ڏسندو آهيان ته مونکي اهو ماڻهو شدت سان ياد ايندو آهي، جنهن جي ڪردار کان اسان جو هاڻوڪو نسل شايد واقف نه هجي، ڇو ته اسان کي ڪنهن به نصابي ڪتاب ۾ يا خود لاڙڪاڻي جي ڪنهن چوڪ يا چوراهي تي انسانيت جي ان خدمتگار جو نالو نشان ئي نظر نٿو اچي. ريجهومل لاهوريءَ کي توهان ڪيترو سڃاڻو. . . ؟

ريجهو مل لاهوريءَ جي ڪردار بابت لاڙڪاڻي جي هاڻوڪي جوان ٿيل نسل کي به شايد خبر نه هُجي، ڇو ته اهڙا ڪردار ۽ انهن جي بايو ڊيٽا گُوگل تي سرچ ڪرڻ سان نه ٿي ملي. اهڙن ڪردارن جون جهڪيون جهڪيون يادگيريون هاڻي پوڙهپڻ طرف ويندڙ نسل جي ذهنن ۾ ئي سانڍيل آهن. جيئن لاڙڪاڻي جو سينئر وڪيل ۽ اڳوڻو ايم اين اي اقبال ميمڻ آهي. گذريل اليڪشن جي سرگرمي دوران اقبال ميمڻ سان سندس بنگلي جي هڪ ڪمري ۾ ملاقات ٿي ته اسان گهڻو تڻو اليڪشن جي باري ۾ ڳالهايو پر جڏهن شهر جي سُونهن سينگار جي ڳالهه نڪتي ته هن هڪ مجسمي جو ذڪر ڪيو، جيڪو سندن وچ شهر واري بنگلي جي گيٽ اڳيان چوراهي تي لڳل هوندو هو. ڪاري رنگ جي پلاسٽر آف پيرس سان لڳل اهو مجسمو ڪين صبح شام يادگيري ڏياريندو هو ته، هن شهر ۾ انسانيت جو هڪ خادم ريجهومل به ٿي گذريو آهي. جنهن جي خدمتن عيوض سندس مجسمو چوراهي تي لڳايو ويو هو. ريجهو مل جو اهو مجسمو ڪيڏانهن ويو، ان تلاش ڪرڻ کان اڳ اوهان پلي سعادت حسن منٽو جي ڪهاڻي (جوتي) پڙهو جنهن ۾ سر گنگا رام اسپتال جي بانيءَ جي مجسمي مٿان ڪُجهه جنونين ڪيئن نه حملو ڪري ڪيس جُوتن جو هار پئي پارايو ۽ جڏهن انهن حملي آورن مان هڪ پوليس جي گولين لڳڻ سبب زخمي ٿئي ٿو، ته ڪيس علاج لاءِ سر گنگارام خيراتي اسپتال آندو وڃي ٿو.

مون کي ان ريجهومل جو ڪردار ئي ذهن ۾ هو، جڏهن هڪ رات مون پنهنجي فيسبُڪ فرينڊز کان معلوم ڪيو هو ته، ليجنڊ لفظ جي سنڌي معنيٰ ڪهڙي ٿيندي، گهڻن ئي دوستن عظيم، شاندار ڪردار وارو ۽ ٻيا ڪي لفظ ٻُڌايا پر مون اهو سوچيو ته، چاپلوسيءَ جي جنهن دورِ حاضر مان اسان جو نسل گذري رهيو آهي، ان ۾ عظمتن جا عجيب معيار مقرر ٿي پيا آهن. تنهنڪري بهتر اهوئي رهندو ته هن فقير منش ماڻهوءَ کي ليجنڊ ئي قرار ڏجي. اهو انگريزي لفظ ليجنڊ مونکي تڏهن ذهن ۾ آيو، جڏهن ٻه سال اڳ هڪ آمريڪي جهاز جي ڊگهي سفر دوران بوريت ختم ڪرڻ لاءِ مون هالي ووڊ جي هڪ فلم ”آئي ايم ليجنڊ“ جي نالي سان ڏٺي. اها فلم جنهن وقت ختم ٿي رهي هئي، رات جي ان پهر اسان نيويارڪ شهر

جي خوبصورت روشنين واري ڪهڪشان مٿان لامارا ڏيئي ايئرپورٽ تي لهڻ وارا هئاسين. اها فلم بہ جنهن ناول تان ڪنئي ويئي آهي، ان جو مرڪزي شهر نيويارڪ ئي آهي. اها ان ناول تي هالي ووڊ جي ٽين فلم آهي، جيڪو رچرڊ مٿيسن لکيو آهي، ان جو موضوع سائنس فڪشن ۽ هارر آهي، جنهن ۾ ڪينسر جي هڪ وئڪسين تيار ڪرڻ دوران هڪ وائرس شهر ۾ پکڙجي وڃي ٿو جنهن جا متاثر ماڻهو پوائنتو روپ وٺي يا آدم خور بڻجي باقي بچيل انسانن کي کائين ٿا، انهيءَ وبا ڦهليل شهر ۾ هڪ ليفٽيننٽ ڪرنل رابرٽ نيل بچي ٿو جيڪو پنهنجي اپارٽمينٽ ۾ وئڪسين ۽ کاڌ خوراڪ بچائي رکي ٿو جيڪو شهر ۾ ريڊيو تي اعلان ڪري ٿو تہ وائرس سبب متاثر ماڻهو ساڻس ڪنهن گهٽيءَ، ڪنهن موڙ تي ملن، وٽس ڪاڏو ۽ علاج آهي پر وائرس سبب پوائتا بڻيل ماڻهو خود ان ليفٽيننٽ ڪرنل جي گهر تي حملو ڪن ٿا، تہ جيئن هن کي بہ چريو ڪري وجهن. انهن ڏانئڻن جو علاج تہ بيو آهي، پر هو سج جي روشني ۽ شيشي جي عڪس کان لڪي پيجي وڃن ٿا، هنن جو ڪردار اونداهين جي پوڄارين جهڙو آهي. جيڪي صرف اونده ۾ ئي پلجي جوان ٿين ٿا. اهڙي وبا کان بچائڻ لاءِ هو پنهنجي زال ۽ ڌيءُ کي ٻين ماڻهن سان گڏ شهر کان ٻاهر موڪلي ٿو ڇڏي. ان فلم سبب ان ناول جا ڪردار نيويارڪ شهر کان شفٽ ڪري ٻاهر آندا وڃن ٿا، جتي هالي ووڊ جو مهانگو ترين سِين بروڪلن برج تي فلمايو ٿو وڃي، جنهن ۾ شهر جي وبائي وائرس کان بچيل ماڻهن کي نيويارڪ کان ٻئي شهر ٻيڙين تي منتقل ڪيو ٿو وڃي. فلم جو صرف اهو هڪ سِين پنج ملين آمريڪي ڊالرن جي خرچ سان فلمايو ٿو وڃي.

اها فلم ڏسڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ 1942ع وارو اهو لاڙڪاڻو شهر ايري آيو جتي ڪالرا وبائي صورت اختيار ڪري ويئي هئي، جتي هڪ هڪ ڏينهن ۾ درجنين ماڻهن جا جنازا اٿين پئي ڪنيا ويا، جو هڪڙن کي قبرستان حوالي ڪرڻ کان پوءِ ٻين جون ارٿيون ڪڇڻ جي انتظار ۾ هيون. ان وقت حالتون ايتريون سنگين هيون، جو لاشن کي ڪلهو ڏيڻ ۽ سندس جنازي نماز پڙهڻ وارا ڪونہ هئا، جنهنڪري اجتماعي جنازا پڙهي لاشن کي ڏاند گاڏين تي ڪٽي قبرستان پهچايو پئي ويو. اهڙي وبائي بيماريءَ جي حالتن ۾ ان وقت جي لاڙڪاڻي ميونسپل هنگامي حالتن ۾ ڪم ڪرڻ لڳي. جنهن جو چيف اهو ريجهو مل لاهوري هو جنهن لاءِ ڪٿي ڪٿي اٿين بہ چيو وڃي ٿو تہ هُو ڊاڪٽر هو ۽ وبائي بيمارين جي ور چڙهيل مريضن جو علاج ڪندي پاڻ بہ ان بيماري جو شڪار ٿي ويو پر ليبر هال لاڙڪاڻي جي در تي وينڻي تاريخي ورق کولينديءَ استاد خالد ڀُٽايو تہ، ريجهومل ان وقت جي ميونسپل جو چيف هو. جيڪو پگهاردار نہ پر رضاڪاراڻي نموني ڪم ڪندو هو. جڏهن بيماري وبائي صورت اختيار ڪري وئي تہ، تہ سندس ويجهن رشتيدارن کيس اٿين لڏڻ جي صلاح ڏني، جيئن هاڻي بدامنيءَ جي ور چڙهيل شهرن مان هندو پنهنجي رشتيدارن کي لڏڻ جون صلاحون ڏيئي رهيا آهن پر هُو ريجهومل هو. جيڪو ڪامريڊ سوڀي جي آدرشن جيان اٽل بيهي رهيو تہ ڪجهہ بہ ٿي پوي، مونکي پنهنجي جنم ڀومي ڇڏڻي ڪونهي. لاڙڪاڻي شهر ۾ ان وقت جي لحاظ سان ريجهو مل پنهنجون

خدمتون تيستائين جاري رکيون، جيستائين ان وبائي بيماريءَ ڪيس بہ نهوڙي بستري پيڙو نہ ڪيو. سندس موت ان ئي سال ان وبائي بيماري جي سَٽ نہ سهڻ ڪري ٿيو. سندس لاڏاڻي تي ان وقت رڳو لاڙڪاڻو اداس نہ هو پر بمبئي کان لندن ۽ گلاسڪو تائين مختلف اخبارن ۾ سندس لاڏاڻي جون خبرون ڇپيون ۽ ڪيترن ئي شاعرن سندس موت کي انسانيت جو نقصان قرار ڏنو.

ائين بہ ناهي لاڙڪاڻي پنهنجي ان محسن کي صفا ڪو وساري ڇڏيو آهي، لاڙڪاڻي ۾ سندس ڪيل خدمتن عيوض مقامي ميونسپل هڪ چوڪ سندس نالي ڪيو ۽ ان جاءِ تي سندس ياد ۾ مجسمو بہ تيار ڪري لڳرايو تہ جيئن اتان گذرندڙ هر ماڻهوءَ کي خبر پوي تہ لاڙڪاڻي جو هڪ نيڪ مرد هِي ريجهومل لاهوري بہ هو. جيڪو لاهوري محلي ۾ رهڻ سبب پاڻ کي لاهوري سڏرائيندو هو. ريجهومل جو اهو مجسمو تيستائين ان چوڪ تي سينگاريل هو جيستائين هندستاني فسادن کان متاثر ٿي، اسان جا هندستاني پناهگير پاڪستان جي ٻين شهرن ۾ رهڻ شروع ڪيو... 

هندستاني مهاجرن پائرن جي لڏي اچڻ کان پوءِ ڪجهہ سال پوءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ جڏهن هڪ مشتعل جلوس نڪتو تہ انهن مهاجر پائرن ان جلوس ۾ تلوارون کڻي شرڪت ڪئي ۽ سندن تلوارن جو نشانو اهو ريجهومل جو مجسمو بڻيو جنهن بنا ڪنهن هندو مسلم فرق جي ڪالرا جهڙي وبا کي شهرين کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ريجهومل جي مجسمي جو هيٺيون ڌڙ تہ هنگامي ۾ مڪمل طور تباهہ ٿي ويو پر سندس مُنڍي ميونسپل وارا بچائي پنهنجي آفيس ۾ کڻي آيا. جيڪا ميونسپل جي ڪنهن ڪباڙخاني ۾ اڃان بہ آهي الاءِ نہ. ڇو تہ ميونسپل آفيس لاڙڪاڻي ڪيترائي دفعا وڃڻ ٿيو آهي پر ريجهومل جي مجسمي جو ڪو نالونشان نظر نٿو اچي.

آئي ايم ليجنڊ واري فلم مان ائين لڳي ٿو تہ دُنيا پنهنجي افسانوي ڪردارن کي بہ ڪيترو پنهجائپ ۽ پيار سان اپنائيندي رهي ٿي ۽ ان جي تشهير ڪري ٿي پر اسان بيمار معاشري جي بيمار ذهنيت جو مظاهرو ڪندي ريجهومل کان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪري وينا آهيون. لاڙڪاڻو ميونسپل پلي تہ انسانيت جي ان خدمتگار جي روپ کان منهن موڙي پر گهٽ ۾ گهٽ هندو پنچائت لاڙڪاڻي جا اڳواڻ تہ ائين نہ ڪن. ريجهومل جي مجسمي کي ڳولي ٻيو ڪو هنڌ نہ ملي، تڏهن بہ ڌرمشالا جي اندر ڪنهن ڪُنڊ ۾ هن فقير منش ريجهومل کي ياد ڪن، تہ جيئن اسان پنهنجي شاندار ماضيءَ کان ڪٽجي نہ سگهون. اسين ريجهومل جي ياد سان جُڙيل رهون، تہ جيئن اسان ۾ انساني قدرت جي گردش جيان روان دوان رهن.

# ڳٽيون ٻہ ڇا ڳوڙها!..

ان ڏينهن اي ميلز جانچيندي, هڪ اهڙي اي ميل تي نظر پئي جنهن جون عنوان هو ”ڊپريشن منهنجو ياءُ ڪسي ورتو“ عام طور اسان جي سماج ۾ ماڻهو اهو ضرور ٻڌائيندا آهن تہ سندن عزيز يا رشتيدار دل جي مرضن, ڪينسر يا ڪنهن ٻي موتمار بيماري سبب فوت ٿي ويو پر هتي آمريڪا ۾ رهندڙ ڊاڪٽر ٻڌائي رهيو هو تہ ڊپريشن جي بيماري سندس ياءُ جي حياتي ڪسي ورتي آهي. ڊاڪٽر علي نواز ميمڻ اهو بہ لکيو آهي تہ اسان ڊپريشن جي موتمار بيماريءَ کي لڪائيندا آهيون ۽ اهو ٻڌائيندي شرم محسوس ڪندا آهيون تہ ڪو مائٽ عزيز ڊپريشن جو شڪار آهي, پر هن پاڻ لکيو تہ سندس ننڍي ياءُ ڊاڪٽر جمال ناصر ميمڻ جي حياتي ڊپريشن جي مرض ڪسي ورتي آهي. ڊاڪٽر جمال ناصر ميمڻ نومبر جي ٽين چوٿين تاريخ تائين سماجي تعلقاتن جي ويب سائيٽ ”فيس بُڪ“ بہ استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر جمال ناصر ميمڻ بابت سندس وڏي ياءُ ٻڌايو تہ مرحوم ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي ذهين شاگردن منهان هڪ رهيو آهي. هن انگليڊ وڃي ڊرمٽالوجي ۾ ڊپلوما ڪئي ۽ واپس اچي سرڪاري نوڪري ۾ لڳو. هن اسلام آباد, ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ۾ نوڪريون ڪيون. هو سينٽرل جيل ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي جو ميڊيڪل آفيسر بہ رهيو پر جيل جون اندروني حالتون ڏسي استعيفيٰ ڏئي هليو آيو. ڊاڪٽر جمال ناصر خودڪشي ڪئي يا سندس موت ڪنهن ٻئي طريقي سان واقع ٿيو ان بابت سندس ياءُ تفصيل ڏيڻ کان معذرت ڪئي آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر جمال ناصر پنهنجي بيماري يعني ڊپريشن بابت ڪجهہ ليک لکيا آهن جيڪي انهن اي ميلز گروپس تي رکيا ويا آهن.

ڊاڪٽر جمال ناصر ميمڻ جي موت جي خبر پڙهڻ سان منهنجي ذهن جي اسڪرين تي ڪيترائي چاتل سڃاتل چهرا ۽ انهن جا ڳوڙها ظاهر ٿي پيا. زندگيءَ جي گردش ۾ مختلف شهرن ۾ حياتيءَ جي ڪاٽيل ڪيترن ئي سالن ۾ اهڙا چهرا بہ شناسائي لاءِ مليا, جن بابت اهو تصور ڪندي ئي ماڻهو روئي پئي تہ ”هي صورتون بہ هڪ ڏينهن خاڪ ٿينديون.“ لاڙڪاڻي ۾ اها سينگاريل سگريٽن جي ڪيبن جيتري سهٽي آهي, ايترو ئي ان ڪيبن تي لکيل نامعلوم ماڻهو جو اچاريل جملو تہ ”ڪيڏو بہ ڪر سينگار, پوءِ بہ مهمان مٽيءَ جو!“ مون کي خبر ناهي تہ اهو شخص مٽيءَ جو مهمان ٿي چڪو آهي يا نہ, جنهن سان نوي جي ڏهاڪي ۾ جاڻ سڃاڻ نہ هوندي بہ هڪ دوست معرفت آئون ”روم پارٽنر“ ٿيو هئس.

هڪ ڪمري تي مشتمل جاءِ هوندي هئي, جنهن ۾ سڄي عمر جيان اسان فرشي نشست ڪري سمهندا هئاسين. هو رات جو ٻين وڳي اٿي ڳاڙهي روشني وارو اڪين کي اصل ڪائيندڙ بلب ٻاري ڏهہ ٻاءِ ٻارنهن جي ڪمري ۾ ”واڪ“ ڪندو هو. واڪ دوران هو پنهنجي منهن چپن ۾ ڪجهہ چئي وجهندو هو. ننڍڙي ڪمري ۾ هو ايتري تہ سخت واڪ ڪندو هو جو اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سردي هوندي بہ هن کي

پگهر اچي ويندا هئا. ان وقت هن جي عمر ٽيويهہ سال بہ مڪمل نہ هئي سهڻو خوبصورت نوجوان هو پر ڪجهہ مهينن کان شيو نہ ڪرڻ سبب هن جي ڏاڙهي گهاٽو جهنگ بڻجي پئي هئي. اڌ ڪلاڪ جي واڪ ۽ پگهر نڪرڻ کان پوءِ هو ڪجهہ گهڙيون ڪمري ۾ پنهنجي بستري واري پاسي مٽي کي هٿ ڏئي ويهي رهندو هو. ڪجهہ ئي منٽن ۾ هن جي روئڻ جو آواز ايندو هو ۽ سڏڪن جي وچ ۾ چيل سندس ڪجهہ جملن منجهان صرف هڪ جملو سمجهہ ۾ ايندو هو تہ "چو. . . آخر چو پلا . . ." آئون ٻن هفتن کان وڌيڪ ان دوست سان نہ رهي سگهيس. مون کي سندس واقفڪار دوست ٻڌايو تہ هو پرسان واري فور اسٽار هوٽل جو مئنيجر هو ۽ هن جو ڪو خواب هو جيڪو چڪنا چور ٿيڻ کان پوءِ هن جي ننڊ اڏامي ويئي هئي ۽ هو رات جو پنهنجي ڪمري ۾ واڪ ڪندو هو. هن جون حالتون حبيب ساجد جي ان شعر سان ملندڙ جلندڙ هيون تہ:

پنبڻين جا پهرا رکيم

پوءِ بہ يرا ڪٽان

هڪ خواب اڏامي ويو!

شاعر جي مرضي آهي، خوابن تي ڪيترا بہ ڪٽي پنبڻين جا پهرا رکي، پر اصل پهرا تہ اسان جي سماج ۾ پيار تي لڳل آهن. وڏا ڪوٽ، چوڪيدارن جي فوج، وڏيون رڪاوٽون، پل پل جا پهرا پر دل آواره . . . سرداري محل مان اچل ڪائي وچي نوڪري پيشہ ماڻهوءَ جي دل سان ٽڪرائي، اهو چوڪري رهندي تہ ڪاسموپوليٽن ڪراچيءَ ۾ هئي پر سندس سردار پيءُ جي حويلي تي ايترا تہ پهرا لڳل هئا، جو هن کي پاڻ يقين نہ پئي آيو تہ حياتيءَ ۾ پيار بہ ڪنهن حرفتي چور جيان اچي سندس دل ۾ ڪاٽ هڻندو ۽ پنهنجي جاءِ پيدا ڪندو. هوءِ پنهنجي محبوب جي سدائين روئڻ واري عادت کان ايترو تہ بيزار ٿي پيئي جو انڊين گاني "هاءِ رام مجهہ بدها مل گيا" جي طرز تي هن گانو ناهيو تہ "هاءِ رام مون کي روئڻو راڻو ملي ويو." ۽ اهو گانو هو فون تي سر ۾ ڳائي کيس ٻڌاييندي هئي ۽ کلائيندي هئي. سندس اهو محبوب تہ اجا جيئرو آهي ۽ ان بهادر چوڪريءَ جو سيو ڪري رکيل ميسيج پڙهي بہ روئيندو رهي ٿو جنهن ۾ هن کيس رومن سنڌيءَ ۾ ميسيج لکي التجا ڪئي آهي تہ "منهنجي جان! ايترو نہ روئيندا ڪريو، توهان جا اهي ڳوڙها مون کي ٻوڙين ٿا."

سرداري گهراڻي پاران هڪ لوئر مڊل ڪلاسي چوڪري سان شاديءَ جي اجازت نہ ملڻ تا هن حويلي جون اوچيون ديوارون ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سردارن جي وفادارن پهريدارن کيس پڪڙي کنيي اچي پيءُ جي پيرن ۾ اڇليو. ان واقعي کان پوءِ هوءَ ڊپريشن جي مريضہ ٿي پئي ۽ پنهنجي ڪمري جو در بند ڪري پنهنجي محبوب کان بہ وڌيڪ روئڻ لڳي. صرف ڇهن مهينن جي عرصي ۾ هن روئي روئي پنهنجيون پنبڻيون ڳاري ڇڏيون ۽ پوءِ اچانڪ سردار جي حويليءَ مان سندس لاش ٻاهر نڪتو. خبر اها پئي تہ "وڏي سائنڻ جو ساهہ منجهي پيو پر ان جي پيڻ ان "روئڻي راڻي" کي ملامتي ميسيج موڪليو تہ "ڪمينا ٽڪي جا ماڻهو! تنهنجي ڪري منهنجي منڙي پيڻ پاڻ ماريو آهي، توکي مان

ڪڏهن بہ نہ بخشيندي‌س ياد رکي ڇڏ“ هاڻي تہ هن جي اڇي ڏاڙهي تي ڇڪي آهي ۽ هر خميس جي شام هن پٽ شاهہ تي وڃڻ کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو آهي، پر جڏهن بہ هو شاعريءَ جون اهي سٽون پڙهندو آهي تہ:

روئڻ سان جي ريجهين ها،
تہ مان نيڻن نير نہ روڪيان ها!

اهي سٽون پڙهي هو اوڇنگارون ڏيئي ويهندو آهي، درگاهن جا فقير کيس دلاسو ڏيندا آهن. جڏهن تہ پنهنجا ئي ٻار مٿس چٿرون ڪندا آهن، هن جي سامهون توڙي پرپٺ بہ. . .

چٿرون تہ سالن تائين ان عورت بہ برداشت ڪيون، جنهن منافقتن جي تهن ۾ ويڙهيل ۽ ڳنڍيل سنڌي سماج ۾ پنهنجو نصيب پاڻ ناهڻ چاهيو. هن کي ابتدا ۾ پنهنجي مائٽن جي چٿرن کي منهن ڏيڻو پيو جن سندس شاديءَ لاءِ پسند ڪيل ڇوڪري کي جاهل چئي رد ڪيو پر هن پنهنجي پيءُ کي اعتماد ۾ وٺي ان ئي ڇوڪري سان مڱڻو ڪري ڇڏيو پنهنجي جوانيءَ ۾ انتهائي خوبصورت، پر اعتماد، ذهين ۽ آزاد خيال رهندڙ ان عورت جو ان جاهل اعتماد توڙيو ۽ ڪنهن معمولي ڳالهہ تان مڱڻو توڙي ڳوٺ هليو ويو. انن ڏينهن ۾ اهو صرف مڱڻو نہ توڙيو ويو هو پر ان سدا ٻهڪندڙ ڇوڪريءَ جي هڪ آباد دنيا ٽٽي پئي هئي. هن کي پنهنجي پيءُ مڱڻي ٽٽن جي هڪ هفتي کان پوءِ اهڙين تہ ڏکارين اکين سان ڏٺو جو هن جي دل جا ٽوٽڻ ٽاورز هميشہ لاءِ ڪري پيا، هن کي لکڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جو وڏو شوق رهيو هو پر مڱڻي ٽٽڻ کان پوءِ تحقيق جا ڪتاب هن جي هٿن مان هميشہ لاءِ اڏامي ويا. هن جنون ۾ ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ڊائريءَ جي پنجاهہ صفحن تي پٽائي سرڪار جو صرف هڪ بيت لکي ڇڏيو تہ:

ڪارا ڪنديس ڪپڙا، نہ ڪلان نہ ٽلان
لڪن منجهہ لطيف چئي، آئون جانب لئہ جلان
ڪنهن سان سور سليان، منهنجوجيئري جيءُ جلي ويو

حالانڪ هوءَ گهر ۾ سيني ڀائرن ڀينرن کان وڏي هئي. پر هن پنهنجي پيءُ ماءُ کي ڪڏهن بہ شادي نہ ڪرڻ وارو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. سندس ننڍين ڀينرن ۽ ڀائرن جون شاديون ۽ ٻار ٿيا. هوءَ سيني جي خوشين ۾ خوش رهي پر جڏهن ننڍي گهر جي آدمشماري وڌي وئي ۽ سندس خيال رکندڙ ماءُ پيءُ بہ گذاري ويا تہ هن لاءَ گهر اوپرو بڻجي ويو. هن کي واضع انداز ۾ محسوس ڪرايو ويو تہ نوڪري بہ ڪرين ٿي تہ پنهنجو الڳ فليٽ وٺ. هوءِ ڪنهن کي ڪجهہ نہ چوندي هئي. صرف پنهنجي ڪمري ۾ روئيندي رهندي هئي، روئندي هن کي سال ٿي چڪا ۽ اڪيلائي اڏوهي جيان سندس اندر کائي ڇڏيو. دنيا جي ڪنهن ڪم ڪار ۾ سندس دلچسپي نہ رهي. هوءَ پر اعتماد ۽ آزاد خيال رهي، ان ڪري هن ڪڏهن بہ نشي کي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏنو. اڪيلائي جڏهن وڻ ويڙهيءَ جيان سندس وجود کي وڪوڙي وئي تڏهن آخر ڪجهہ ڏينهن هن پنج وقت نماز بہ شروع ڪئي.

ان ڏينهن آچر هو سڀ گهر ڀاتي دير تائين پنهنجي ٽڏن ڪمرن ۾ ستل هئا. هن نماز پڙهي پنهنجي لاءِ ڪافي ناهي. ڪجهه وقت ڀٽائيءَ جو رسالو پڙهيو ڪجهه ڳوڙها اچي پنن تي ڪريا ته هن اٿي پنهنجي ڪار جو در کوليو ۽ صبح جو سوير سمنڊ تي نڪري آئي. فليٽ جي سوڙهي ڪمري منجهان نڪري کليل سمنڊ تي پهچڻ جي باوجود هن جي اندر جي گهٽ ٻوسٽ ۾ ڪا گهٽتائي نه آئي. هن سروس ڪارڊ، شناختي ڪارڊ، بينڪ جا ڪاغذ ۽ ٻيون ضروري شيون پرس ۾ وجهي ڇڏيون هيون. پرس ڪٽي گاڏي ڪناري تي ڇڏي هوءَ سمنڊ کي پنهنجي ياڪر ۾ ڀرڻ لاءِ اهڙو اڳتي وڌي جو وري واپس نه اچي سگهي.

ڪيترائي ڪردار اسان جي آس پاس هلندا گهمندا رهن ٿا. جيڪي اصل ۾ ڊپريشن جا مريض آهن پر اهي هن ڀروپئي سماج ۾ پنهنجي شناخت لڪائي گهمن ٿا ته ڪٿي طعنن جا تير سندن حياتيءَ جا سال وقت کان اڳ نه کٽائي ڇڏين. . . هو ڪم ڪار کان واندا ٿي جڏهن پنهنجو پاڻ سان ويهن ٿا ته سندن ڳالهيون ڳوڙهن ۾ ائين گڏجي وڃن ٿيون، جيئن ڪچي جي سگهڙ مائي ڪٽڪ جو اٽو ڳوهي ڇڏي، هو روئيندا بي حساب آهن. اهي ڳوڙها مون ڀٽائي سرڪار جي بند پيل دروازي جي ڪڙي ۾ عصر ويل پوتي ٻڌي ويٺل هڪ امڙ جي اکين ۾ به ڏٺا آهن ته ڪارا ڪپڙا ڪري ڪارا ڳانا پائيندڙ ناريءَ جي اکين ۾ ڇلڪندي ڏٺا آهن. ڳوڙها ڳاڙيندڙ اکيون هر طرف آهن پر ڳوڙها اگهندڙ ڪٿي آهن. سعيد ميمڻ چواڻي ته:

اسان جا نيڻ سخي هن،
ڳٽيون به ڇا ڳوڙها!

# بي موت مرندڙ عاشق

اِهو منطق اڃان تائين سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيو آهي تہ جڏهن هن دکي ديس ۾ عاشقن ۽ انقلابين جو قدر ناهي. سندن جيئڻ جي گهٽتي تمام سوڙهي ۽ حياتي تمام مختصر آهي، تہ پوءِ هو جُمن دربدر جي سٽن جيان وٺي هر هر جنم ڇو پيا وَرن. سماجي بيحسي کين بار بار ڏکاري اهو پيغام پئي ڏئي تہ هِي سندن خوابن خيالن جو ديس ناهي رهيو. هِي تہ منافقتن کي درسي نصاب سمجهي لڪير جي فقيرن جو آستانو بڻجي پيو آهي. تڏهن بہ حق جو هوڪو ڏيڻ خاطر پوپٽن جيان آخر ڇو تہ اچن پيا. جيڪي محبتن جي مامرن ۾ حياتيون سفيد ڪرڻ کان پوءِ اهي گيت وڏي وندر مان ٿا ٻڌن تہ . . . ڪبهي هم بهي خوبصورت تهي . . . سنڌ ۾ اهڙن خوبصورت ماڻهن جو تعداد اڳ ئي محدود هو. تہ هو وري هِي عاشق بہ رُسي ان ڏيهہ هليو ويو جتان ڪتابن ۾ سانڍي رکڻ جهڙي ڪابہ خوشبو واپس ڪونہ وري آهي.

اهو بہ عجيب اتفاق آهي تہ هاڻي جڏهن سنڌ جي سُريلي شاعر حسن درس جي شاعريءَ مٿان ڪجهہ انتهاپسند ماڻهو اگهاڙپ جا الزام هڻي رهيا آهن. تہ سندس دفاع لاءِ اهو عاشق باقي ناهي رهيو. جيڪو سندن لاجواب شاعري برزبان ٻڌائي هر ڪنهن کي حيران ڪري ها. اصل ۾ هن جو نالو عاشق هو پر هو تہ ڪو محبوب ۽ محبتن جو قدر ڪرڻ وارو ماڻهو هو. تنهنڪري ئي تہ ڪيڏڻ جهڙي لاڙ جي ننيڍڙي شهر مان نڪري هو جڏهن هوائن ۾ هڳاءَ جيان هليو. تہ سندس خوشبوءَ ڇوڪير ڦلجندي وئي ۽ حسن درس جي معرفت مون تائين بہ پهتي. هِي ان عاشق انصاري جو ذڪر آهي، جنهنجو ذڪر آئون پنهنجي ويجهن دوستن سان وڏي چاهہ مان ڪندو هئس تہ يار! عاشق جهڙو ڪو محبوب ماڻهو ڪونهي، تڏهن ئي تہ هن پنهنجي شادي محبتن جي عالمي ڏينهن ويلنٽائن ڊي تي رکي هئي. انهن ڏينهن ۾ آئون ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي وچ ۾ سفر جام ڪندو هئس. ڪيس شادي تي نہ پهچڻ جو ڇيم. تہ هن هڪ نہ پر ڪيئي فونون ڪري شاعري ٻڌائي مونکي جڻ تہ قائل ڪري وڌو تہ آئون سندس ان شاديءَ ۾ ضرور شريڪ ٿيان. جيڪا ٻن حوالن سان ضرور ياد رکي ويندي. هڪ تہ ويلنٽائين ڊي تي رٿيل شادي ۽ ٻي سندس ڪمهلي موت سبب تمام مختصر ڄمار واري شادي.

ڏسو عاشقن جا ڪم جو هن جنهن مهيني فيبروري جي شادي لاءِ چونڊ ڪئي، ان ئي مهيني ۾ سندس دل کيس دوکو ڏنو ۽ هن جي حياتيءَ جو جام باقي نہ رهيو. حياتيءَ ۾ ڪي ڪي فيصلا تمام يادگار ۽ ڪجهہ ماڻهن لاءِ تمام عذابناڪ ثابت ٿين ٿا. هن جو ويلنٽائين ڊي تي شادي وارو فيصلو بہ ائين ئي محبتن لاءِ يادگار هو جيئن هڪ دوست موهن جي دڙي پرسان شادي ڪئي، تہ هن پنهنجي نئين ڪنوار کي گلن ۾ توري پوءِ پنهنجي گهر آندو. عاشق 29 سالن جي مختصر حياتيءَ ۾ دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو. سندس موت تي آئون کيس روايتي رودالين جيان ڪا ميار تہ نٿو ڏيڻ

چاهيان تہ هو نہ پيئي ها تہ شايد ايترو جلد جوانيءَ واري عمر ۾ نہ مري وڃي ها. هن جي حياتي جيتري هئي، هن پرپور پيار ۽ پنجهائپ سان گذاري، عاشقيءَ ۾ گذاري، محبتن ۾ گذاري. هاڻي اهو تہ نٿو چئي سگهجي تہ، حسن درس هن عاشق کي ڏسيءِ اهي سٽون لکيون هيون تہ.

”لڳي وئي لاڙسان آ لنئون،

اوهانکي ڀيو پلا ڇا چئون.؟

پر حقيقت ۾ هن کي ڏسي هن جي معصوم روين کي ڏسي مون کي ائين لڳندو هو تہ، هِي هن گدلي ماحول ۾ گهڻو وقت جيئرو نہ رهي سگهندو ۽ حسن جي انهن سِٽن جي پسمنظر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي هو ضرور موجود آهي. عاشق انصاري جي سڃاڻپ پيشي يا نوڪريءَ کان هٽي ڪري ليڪ ۽ ادب دوست واري هئي  پر مون ڪيس هميشہ حسن جو عاشق ڏٺو ۽ حسن جو حافظ سمجهيو. هن جي شاعري ٻڌائڻ واري خوبي ان رات بہ اسان سڀني دوستن کي ڏاڍي پسند آئي، جڏهن نئين سال جي خوشيءَ ۾ جان محمد لاڙڪاڻي ۾ مچ  مچايو جتي احسان سومرو ۽ يامين بلوچ جهڙا قدردان اڇي ميدان تي لٿا پر مون جڏهن عاشق کي فون ڪئي تہ هن بدين مان ويهي اسان جي لاڙڪاڻي واري محفل کي فون تي ئي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

عاشق اسلام آباد مان اينٿروپالاجيءَ ۾ ماسٽرس ڪئي، نوڪري پيشہ ماڻهو هو پنهنجي دوستن ۾ هو سدائين ڪلٽو ملٽو ۽ پيروڊيز جو ماهر هو. عاشق سنڌ جي انهي نسل سان تعلق رکندو هو جيڪو اسي واري ڏهاڪي ۾ اڀري جوان ٿيل سياسي تحريڪ کي ڌهندي مايوسين جي ڳُن ۾ ڪرندي ڏسي رهيو هو. هن جون ڪيتريون راتيون انهن انقلابي اڳواڻن جون پيروڊيز ڪندي گذريون، جن نئين نسل کي انقلاب جا ڏس ڏنا پر ڪين منزل تائين نہ پهچائي سگهيا ۽ پريل ٻيڙو وچ درياهہ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا. عاشق اهڙن انقلابين جو وڏو نقاد هو ۽ هن انهن تي وڏيون ڇٽرون پيروڊيز جي صورت ۾ ناهيون.

بدين جي شهر ڪيڙ جي ڪنهن محلي ۾ اڄ جڏهن ڊاڪٽر علم الدين انصاريءَ جي ڪلينڪ جي آسپاس هن عاشق  کي سندس ورسيءَ جي مناسبت سان ياد ڪيو ويندو، تہ پوءِ حسن درس کي بہ ضرور ياد ڪيو ويندو. جيڪو هن جو واقعي ڪو عاشق هو. جيڪو حسن درس تي حجتون بہ هلائيندو هو. عاشق پنهنجيون سموريون تخليقي صلاحيتون نثر ۾ لکڻ سان گڏ نظم ۾ حسن جي شاعريءَ ياد ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هيون. هن جون حسن سان وڏيون حجتون بہ هيون. ڪنهن محفل ۾ هو ڪيس بدين سڏائي ۽ حسن نہ اچي. ائين پلا ڪو ٿي سگهي ٿو. ڪنهن پيري هڪ محفل ۾ حسن جي اوچتو اچي وڃڻ تي سنگت ڪيس ڏسي حيران ٿي، تہ هن عاشق ڏانهن اشاروڪندي چيو يارا عاشق سَڏين ۽ محبوب نہ اچن ائين بہ ڪوٿي سگهي ٿو. حسن درس سان هن جي محبت ايتري شديد هئي جو هن حسن درس جي موت کي دل سان ڪونہ قبوليو. گهر ۾ بہ هر وقت يو ٽيوب تي حسن جي شاعري ٻڌندو ۽ روئندو رهندو هو. ان ئي ڪيفيت ۾ ڪيس جڏهن پٽ ڄائو تہ هن ان جو نالو حسن رکيو ۽ سيني

دوستن کي مبارڪون ڏيندي چوڙ لڳو حسن موتي آيو آهي. عاشق کي اها خبر ڪونہ هئي, اهو حسن, جڏهن مهيني ڏيڍ جو مس هوندو تہ سندس عاشق پيءُ بہ گذاري ويندو.

عاشق جي موت تي آئون صدمي ۾ انڪري هئس, تہ هي عجيب نِڌڻڪو ديس آهي, جتي مارين ۽ شڪارين جي حياتي وڏي پر عاشقن ۽ محبتن جي حياتي تمام مختصر ري ٿي. هن عاشق جي حياتي مونکي هميشہ لاڙ جي ڪنهن مختصر محبت جي ڪهاڻي جيئان ياد اچي اداس ڪري ويندي آهي تہ آئون حسن جي شاعريءَ پڙهندو آهيان جنهن ۾ هو چوي ٿو:

محبت هيڪلي آهي.

# اسان جا درد صوفي هن!...

اها حيدرآباد جي عام رواجي گرمين ۾ شام هئي، جڏهن موبائيل تي ڪال آئي، ”ها ڪامريڊ ڪٿي؟“ چاتل سچاتل ڇهڪندڙ آواز ۾ هن پڇيو. مون ڪيس سادي ورندي ڏني، ”فليٽ تي تون ڪٿي؟“ چڱو لهي اچ، آئون هيٺ بيٺو آهيان. اهو حسن جو اوچتو سرپرائيز ڏيڻ وارو دلبرانہ انداز هو. گاڏي جي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو هو موبائيل تي بہ ڳالهائي رهيو هو ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي وارن کي بہ سيٽ ڪري رهيو هو. موبائيل تي ڳالهہ ختم ڪرڻ کان پوءِ هن گاڏي کي اڳتي ڪاهيو ۽ پڇيو ”ڪر خبر ڪيڏانهن هلون“ مون بنا سوچڻ جي چيو ”هل تہ ڪٿي هلي چانهہ ٿا پيئون“ هن ڪلندي چيو ”هي بہ ڪو ٽائيم آهي چانهن پيئڻ جو. هونئن بہ توهان سنڌين جيڪا چانهہ سان ويڌن ڪئي آهي، سا ڪنهن ٻئي نہ ڪئي هوندي چڏ چانهہ کي اچ هلون ٿا ائين ئي هوا خوريءَ لاءِ“ گاڏي جي ڊرائيونگ سيٽ بہ وٽس هئي ۽ ارادا بہ ان جا فالو ڪرڻ ۾ خاموشي سان هائوڪار ڪان سواءِ ڪو چارو نہ هو.

ان گفتگو جو تفصيل ۽ تت اهڙو هو جو ان بحث جي پڇاڙي هن شاندار لفظن سان ڪئي تہ ”منهنجي دل آهي شاعر واري“ حسن درس لاءِ ڪير ڪيئن بہ چوي ۽ ڇا بہ سوچي. پر ان حقيقت کان ڪير انڪار نٿو ڪري سگهي تہ هو هڪ حساس ۽ حسناڪ دل رکندڙ شاعر هو جنهن ۾ شهري ماڻهن جا انداز بہ شامل هئا تہ ڀهڙاري جا ويليوز بہ منهنجي ئي اصرار تي صدر ۾ مسٽر واري جي چاٽ کائڻ وياسون تہ هن سامهون واري گاڏي ۾ وينل حسينائن جي ٽولي کي ڏسي ”حُسن بہ حياتي وڏائي ٿو ۽ دل کي ٽيڪ ڏيئي ٿو.“ حسن عام زندگي عام انداز ۾ ئي گذاريندو هو. هو شاعرن واري اجائي آڪڙ، وڏائي، حد کان وڌيڪ مصنوعي قسم واري نياز نوڙت کان آجو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙن نون دوستن سان ڪچهري ڪندو هو. جيڪي کيس شاعر طور نہ سڃاڻندا هئا. انهن کي پنهنجي ادائن سان ڪڏهن راضي تہ ڪڏهن ناراض ڪندو هو پر بعد ۾ جڏهن انهن کي ماڻهن کي خبر پوندي هئي تہ هو حيران ٿي ويندا هئا تہ اهو شخص ”شاعر“ بہ آهي.

جڏهن سفر ۾ حسن سان گڏ هوندا هئاسين تہ پاڻ کي ڪاليج ۾ نوان پهتل ڇوڪرا محسوس ڪندا هئاسين. ائين اسان ڇوڪراٽيون حرڪندا ڪندا وڃي هڪڙي شام ڪوٽڙيءَ جي ڪرسچن ڪالوني پهتاسين. پراسرار ۽ گمنام گهٽيون لتاڙي وڃي هڪ قبرستان آڏو بيناسين، هن فون ڪري وڌيڪ رستي بابت پڇيو. منهنجي بيزاري باوجود هو سوڙهين ۽ اونداهين گهٽين مان ٽيندو هڪ لوهي در اڳيان اچي بيٺو. حسن جو اهڙي گهر ۾ پهچڻ جڻ ڪنهن مرشد جو اچي وڃڻ هو. ٿوري دير ۾ چانهہ، بسڪيٽ اچي ويا، هارمونيم اچي ويو ۽ راڳ شروع ٿي ويو. ان محفل مان زبردستي واندا ٿي اٿياسين تہ ڪوٽڙي ڄامشورو روڊ تي هڪ وڏيري جي اوطاق ۾ موسيقيءَ جي محفل متل هئي. سمورا سازندا،

گلوڪار حسن جا چڙ ته مريد. هارمونيم جي ڏن ڪان وٺي طلبي وڃڻ جي انداز تائين هر آئيٽم پڌو ته صبح جا چار ٿي ويا. حسن جڳهہ سوڙهي بہ هوندي سمورن سازندن ۽ فنڪارن ڪي گاڏي ۾ ڪنيو انهن سان انهن جي ئي مسئلن تي اڻ ڪٽ ڳالهين جو سلسلو جاري رکيو. ان رات آئون ته گلستان سجاد وٽان لهي ويس، پر هو فنڪارن ۽ سازندن کي فنڪار ڪالوني ڇڏڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

حسن جي محبت ۽ سڪ جو سڳو ڪڏهن بہ ڪچي تند نہ رهيو. هو پنهنجي پيار ۽ سڪ جي رشتي کي اهڙي ته ڳنڍي ڏيئي پڌي رکندو هو. جو وقت جي وٿي ان ۾ وڇوٽي وارو وار جيترو بہ فرق نہ وجهي سگهندي هئي. هو جڏهن انگريزيءَ جي ناول نگار محمد حنيف سان ملڻ هليو ته مون کي اندازو نہ هو هو ڏهن سالن کان پوءِ ملي رهيا آهن. محمد حنيف جي ڪلفٽن واري بنگلي جي لان تي اسان رات کي اڌاري ڏينهن ڪيو. پر هنن جا قصا نہ پئي کُٽا، جنهن ۾ ڪلڻ جو ايترو سامان هو جو ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پئي وياسين. پر ان محفل کي شاعري طرف حنيف موٽايو. حسن درس سنڌيءَ ۾ پنهنجي شاعري پڌائي رهيو هو ۽ حنيف اردو ۾ ان جي تعريف ڪري رهيو هو. محمد حنيف حسن جي شاعريءَ جو ايتري ته مداح آهي، جو هاڻي سندس شاعري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي. حسن جي اها عجيب ۽ خوبصورت طبيعت واري ادا هئي، جو هن ڪڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجي شاعريءَ يا شخصيت تي لکڻ لاءِ سڏو يا اشاري ۾ اهو نہ چيو ته منهنجي تعريف ڪريو. هو پنهنجي تعريف کان پري ڀڄندو رهيو ۽ تعريف سندس ڪڍ پئي گهمندي رهي.

اسان کي نہ ڪوئي درزي مليو،

نہ کي ماپ من جي، نہ ڪا ڪور ٿي

حسن جيڪو يارن جو يار، دوستن جو دوست رهيو، تنهن جي زندگيءَ ۾ ڪي لمحا چڙ ته بيهجي ويل هئا. هونئن ته ڪا خبر نہ پوندي هئي پر جڏهن اسان اڪ ڪڪڙي ڪري اچي ڊفينس واري مرچي تي بيهندا هئاسين ته هو مينو پڙڻ کان اڳ ئي ئي چوندو هو "منهنجي لاءِ ٻهاري ٻوٽي چئوس" ان ٻهاري ٻوٽي کائڻ سان هو حياتيءَ جي انهن هرڪ جهڙن لمحن ۾ واپس هليو ويندو هو. جيڪي بقول حسن جي ته هن ڪراچي ڊفينس واري ڪڏا مارڪيٽ ۾ گذاريا هئا. ائين ئي جڏهن فليٽ تي اڪيلا وينا يو ٽيوب تان سانگس پڌندا هئاسين ته هو نصرت فتح علي خان جو هڪ مخصوص ڪلام هلائڻ لاءِ چوندو هو. اهو ڪلام پڌڻ سان هو ذهني طرح ڪراچي جي ان فليٽ ۾ هليو ويندو هو جتي هن هڪ هفتو پنهنجي ان وقت جي عشق سان گڏ گذاريو هو.

ننگا پڏا سڻاسين آواز عورتن جا

دلڪش بدن، سمندر انداز عورتن جا

مرد کي مصيبت آهي ڇهڻ جي عادت

۽ ڇوڪرين ڇتين کي آهي کهڻ جي عادت

انهن ئي ڇهڻ ۽ ڪهڻ جي عادتن واري ذڪر ۾ هڪ ڏينهن جڏهن آئون اداس ويٺو هئس تہ حسن مامري کي پاڻيي ويو ۽ هن ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ "ائين ٿيندو آهي چاليهہ سالن ۾ عشق نہ ڪنهن کي ٻڌائڻ جهڙو نہ ڪنهن کان لڪائڻ جهڙو." حسن جي ڳالهہ ڪرڻ وارو انداز اهڙو تہ دلڪش ۽ من موهيندڙ هوندو هو جو گهٽ ۾ گهٽ مون کان تہ ڪل روڪيو نہ رڪندي هئي. سنڌين تي، سنڌي اديبن دانشورن تي سنڌي ڇوڪرين تي، راڳين تي اهڙا اهڙا تہ لطيفن جهڙا گفتا پيو ٻڌائيندو هو جو ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پوندو هئس. حسن جو سارون سارينديي سندس ئي سٽن طرف ڌيان وڃي ٿو تہ

وس ۾ ناهين جو وساري ڇڏين
رات ناهين جو گذاري ڇڏيان
درد آهن تہ دل ڏکائين ٿا
پڪي هجن تہ اڏاري ڇڏيان

حسن جي سدا ملوڪ جوان جماڻ شخصيت ۽ سندس ايندڙ نسلن تائين زنده رهندڙ شاعري کان گهڻا ماڻهو متاثر، تہ ڪجهہ ماڻهو ساڙ بہ ڪائيندا هئا/آهن. سپ اديب سريلي ۽ سيبتي نصير مرزا جهڙا حقيقت پسند ناهن، جيڪي کلي دل سان اعترافي بيان لکن تہ "تي نہ سگهيس شاعر." ڪجهہ ماڻهن آخري سالن ۾ مهينن ۾ حسن جي دل ڏاڍي ڏکائي. ڪيس اجايو پريشان ڪرڻ، تڪليفن ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو پر هن ڪڏهن بہ ڪا شڪايت نہ ڪئي، صرف ايترو چيو تہ.

"اسان جا درد صوفي هن،
اوهان جا قهر ڪوفي هن!

# هيڪلي عورت ۽ دوزخ جهڙي دنيا

عورت پنهنجي وجود ۾ ڪيترين ئي وفائون ۽ پنجهائپ جا پاڇا رکندي هجي، پر جڏهن وحشتن جي گهڙي اچي ٿي تہ عورت دوزخ جهڙي دنيا ۾ هيڪلي رهجي وڃي ٿي، هجوم جي نگاهن ۾ لڪل خنجر هٿن تائين پهچي وڃن ٿا ۽ پوءِ هن جي سڄي ڪائنات لٽجي وڃي ٿي.

دهليءَ ۾ تازو ائين ئي ٿيو ميڊيڪل ڪاليج جي هڪ 23 سالہ شاگرديائي، پنهنجي دوست سان گڏ فلم جو شو ڏسي واپس ٿي، تہ کين پنهنجي منزل طرف رڪشا نہ مليو. هنن هڪ بس يا ڪوچ کي هٿ ڏنو جنهن جي درين تي پردا لڳل هئا بس اندر ڊرائيور سميت 6 ماڻهو ويٺل هئا. انهن عورت کي اڪيلو سمجهي مٿس بگهڙن جيان جنسي حملو ڪري ڏنو. عورت جي مرد دوست کي لوهي سيخون هڻي زخمي ڪيائون، عورت کي جنسي تشدد جو نشانو بڻائڻ کان پوءِ ٻنهي کي زخمي حالت ۾ هلندڙ بس مان روڊ تي اڇلي ڇڏيو.

سورنهن ڊسمبر تي دهلي جهڙي ان شهر ۾ اهو واقعو پيش آيو جتي سرڪاري انگن اکرن موجب هر 14 ڪلاڪن کان پوءِ هڪ عورت سان ريپ ٿئي ٿو. اها عورت اسپتال ۾ پنهنجي حياتيءَ جي جنگ وڙهندي رهي، جتي هن اشارن سان پنهنجي ياءَ کي ٻڌايو تہ هاڻي هوءَ ٻي دنيا طرف وڃي پئي. سندس علاج دهليءَ کان پوءِ سينگارپور ۾ سرڪاري خرچ تي ڪرايو ويو پر هوءَ حياتيءَ جي جنگ هارائي ويٺي. هڪ انڊين اخبار ڏاڍي سٺن لفظن واري سرخي هنئي تہ:

Girl goes to sleep_Nation wakes up.

ٻين لفظن ۾ نياڻي ابدي ننڊ سمهي رهي، پر قوم جاڳي پئي.

انڊيا ۾ دنيا جي ٻين سڌريل معاشرن جي قانون جيان، ريپ جو شڪار ٿيندڙ عورت جو نالو ۽ فوٽو سرعام ظاهر نہ ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري اڄان تائين ان ميڊيڪل شاگرديائيءَ جي سڃاڻپ هڪ 23 سالا عورت بڻيل آهي. ان جي نالي ۽ فوٽو کي قانون جي احترام ۾ عام نہ ڪيو ويو آهي. دهلي ريپ ڪيس جو اهو تہ هڪ پاسو آهي ،بلڪل ائين جيئن اسان سنڌ ۾ پڙهندا رهندا آهيون تہ فلاڻي ڇوڪري سان ميرپورخاص ۾ لڄالٽ ٿي، يا دادو ۾ عورت سان اجتماعي لڄالٽ جو واقعوپيش آيو. عورتن مٿان ٿيندڙ تشدد واريون اهي خبرون توهان ۽ اسان روزانہ معمول جي اخباري خبرن جيان پڙهندا آهيون ۽ وري ساڳيو دنيا داري جي جهنجهٽن ۾ قابو ٿي پوندا آهيون. جن ڏينهن ۾ دهلي ريپ ڪيس جون خبرون هلي رهيون هيون، انهن ئي ڏينهن ۾ دادو ضلعي جي ڪنهن ڳوٺ مان هڪ عورت جو هٿ پير ٻڌل لاش هٿ آيو هو ان لاش جي ان ئي حالت ۾ تصوير ڏسي، منهنجي تہ دل دهلجي وئي هئي. اها تصوير ائين دل ڏڪائيندڙ هئي جو ان حقيقي تصوير کي سنڌي معاشري ۾ مرد جي درندگي ۽ عورت

جي بيوسيءَ کان سواءِ ڪجهڙو عنوان ڏجي. اها تصوير ڏسي انفرادي طور پلي تہ ڪجهہ اهل دل ماڻهن جي دل دهلجي ويئي، پر عملي طور اسان ائين ئي خاموش هئاسين. جيئن ٽنڊو محمد خان جي هڪ ٻارنهن سالا بارڙيءَ جي تذليل جي آيل وڊيو تي خاموش آهيون يا جيئن اسان ڪجهہ وقت اڳ هڪ وڏيريءَ جي هٿ ۾ ڪنيل ڪارنهن جيڪا هن پيرسن هاريءَ جي منهن تي ملي هئي، ان واقعي تي بہ اسين قبرستان جهڙي خاموشيءَ ۾ بت بڻيل هئاسين. پر منهنجا سائين! هر هنڌ اهڙي خاموشي ناهي. هر هنڌ رات انڌاري ضرور آهي، پر ان کي "چئلينج" ڪرڻ واري جنريشن جڏهن جوان ٿي پوي، تہ پوءِ ڪهڙي رات آهي، جيڪا پاڙي ۾ سدائين ترسي پئي هجي.

انڊيا ۾ هن پيري عجب اهو ٿيو جو دهلي ريپ واقعي کان پوءِ اها جنريشن جاڳي پئي، جنهن جي هٿ ۾ انصاف لاءِ بينرز ڪنيل هئا، جنهن جي چهري تي ان واقعي خلاف "ڪاوڙ ۾ ڪروڌ" پريل هو. اهي ماڻهو پاڻمرادو سوشل نيٽ ورڪنگ يا انٽرنيٽ ۽ ايس ايم ايس جي سڏ تي گهرن مان نڪري آيا. انڊيا جي ۽ صوبي دهليءَ جي هاڻوڪي پيڙهي جيئن تہ انگريزيءَ وافر مقدار ۾ پئي ڳالهائي، تنهنڪري هنن جو نعرو اهو هو تہ ريپ لاءِ گنجائش ناهي. هاڻي دنگ ٿيو.

Enough is enough.

ماڻهو هئا، جو هزارن جي تعداد ۾ هڪ گمنام ڇوڪريءَ سان ٿيل اجتماعي لڄالٽ تي گڏ ٿيندا ويا. هوءَ 23 سالہ ميڊيڪل شاگرداڻي ضرور هئي، پر مظاهرين مان ڪنهن جي رت جي رشتي يا قبيلي برادريءَ جي نہ هئي. ڊسمبر جي ٿڌين راتن ۾ ميڻ بتيون ڪڻي نڪتل هزارين ماڻهو ڏسي، ائين ئي لڳي ٿو تہ جڏهن سماج جاڳي پون، جڏهن جاڳرتا عوامي سطح تائين اچي وڃي تہ پوءِ هڪ واقعو ئي پوري ملڪ کي ڌوڏي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. ماڻهو بنا ڪنہ ذات پات، مذهب، رنگ ۽ نسل جي احتجاج ۾ گڏ ٿيندا ويا. انڊيا جي آزادي جي نشان "راج گهاٽ" کان وٺي جنتر منتر چوڪ تائين رڳو مظاهرين جا ميڙ هئا. مظاهرين مان ڪجهہ وڏيڪ سرگرم ماڻهو تہ گهرن ۾ ئي ڪونہ ويا ۽ چوڪن تي سمهي رهيا. عورتن سان انياءَ ۽ امتيازي سلوڪ تي اهڙي عوامي اٿل پٿل ڏسي، حڪمران جماعت ڪانگريس پارٽيءَ جي سربراهہ سونيا گانڌيءَ بہ مظاهرين جي نمائندن سان ملاقات ڪري کين چانهہ پياري ۽ ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏياريو. سونيا گانڌي کين ٻڌايو تہ واقعي ۾ ملوث سمورا 6 ملزم گرفتار ٿي چُڪا آهن. هاڻي عدالتن جو ڪم آهي ڪنهن کي ڦاهي ڏيڻ منهنجي مينڊيٽ ۾ ناهي، پر ماڻهو هئا تہ مُڙن ئي ڪونہ مطالبو اهو تہ دهليءَ کي عورتن لاءِ محفوظ بڻايو.

اهو مظاهرين جو دٻاءُ ئي هو جو جڏهن سينگاپور مان ان ڇوڪريءَ جو لاش دهلي پهتو تہ ملڪ جو وزيراعظم غمزده ٿي ايئرپورٽ تي سونيا سان گڏ بيٺل هو. انڊيا سوڳ ۾ هليو ويو تہ انڊين آرمي بہ نئين سال جي جشن واريون پريڊون ملتوي ڪري ڇڏيون. انڊيا ۾ نئين سال جي جشن بدران سوڳ ئي سوڳ ملهايو ويو.

جڏهن احتجاج ۾ ماڻهن جا آواز ايترا اوچا ٿي وڃن تہ پوءِ بالي ووڊ جا اسٽار ڪٽي ٿا پاڻ تي ضبط ڪري سگهن. اميتاڀ بچن جهڙي ليجنڊ اداڪار دهلي ريپ جي نہ صرف مذمت ڪئي پر ان جو شڪار عورت لاءِ هڪ نظم پنهنجي آواز ۾ اپ لوڊ ڪيو. ائين شاهہ رخ خان جو ٽوئيٽر تي پيغام عام ٿيو ان واقعي کان پوءِ مونکي مرد سڏائڻ تي شرم اچي ٿو آئون عورتن جي عزت ڪرڻ چاهيان ٿو تہ جيئن منهنجي ڌيئرن جي بہ معاشرو عزت ڪري.

انڊيا ۾ عورتن جي جنسي تشدد جي روڪٿام لاءِ موجود قانون ۾ ترميم ڪري, انهن کي اجان وڌيڪ سخت بڻايو پيو وڃي ۽ تجويز آهي تہ اهو قانون ان دهلي ريپ ڪيس ۾ حياتيءَ جي جنگ هارائيندڙ بهادر نياڻيءَ جي نالي پٺيان هوندو. انڊيا ۾ ان ڪيس کان پوءِ عوامي جاڳرتا جي اٿل ڏسي, مونکي "رنگ دي بسنتي" فلم ياد اچي وئي. اوم پرڪاش مهرا جنهن جو ليکڪ ۽ ڊائريڪٽر هو سا فلم 2006 ۾ رليز ٿي هئي. ان فلم ۾ هڪ پائليٽ دوست جي حادثي تي دفاعي وزارت ۾ ڪرپشن خلاف ڪجهہ ماڻهو آواز اٿارين ٿا ۽ پوءِ اهو عوامي احتجاج ٿي وڃي ٿو.

دهلي وارو واقعو انڊيا جي تاريخ ۾ ملڪي قانون کي ڌوڏي ڇڏيندڙ واقعو آهي, جديد انڊيا جي ان معاشري ۾ جتي ڪرپشن گهر ڪري وئي آهي, جتي حڪمران اشرافيہ جا ميمبر عورتن سان ريپ ۾ ملوث هجن, جتي خود صدر پرناب مکرجي وارو پٽ اڀيجيت مکرجي اسان واري اڳوڻي آمر ڪمانڊو جنرل مشرف جيان چوندو وتي تہ عورتن سان ريپ تي احتجاج ڪرڻ بہ فيشن بڻجي پيو آهي, جتي عورتون ڊينٽنگ پينٽنگ (فيشن) ڪرائي پهچن ٿيون. اهڙي ڪرپٽ ۽ مريض ذهنيت وارن حڪمرانن کي عوامي طاقت سان چئلينج ڪرڻ اجوڪي جديد دنيا جو وڏو ڪارنامو آهي

دهلي ريپ ڪيس جي مسلسل اسٽڊي ڪرڻ کان پوءِ آئون اهو ٿي سوچيندو رهيس تہ سنڌي سماج کي آخر ڇا ٿي ويو آهي, ڇا سانت جي سراب ۾ اسان جي هيءَ پيڙهي بہ پاڻ ڳاري گذاري ويندي؟ عوامي احتجاج, ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي ڪا نوس شڪل وٺڻ ۾ اجا ڪي ورهيہ لڳندا.

# پوتار بمقابلہ پوتار!...

ان ڏينهن ڪراچي جي هڪ پوش علائقي ۾ سنڌ جي هڪ پوتار جي بنگلي تي پوتارن جو وڏو ميڙ متل هو. ان ميڙ ۾ سنڌ جا لڳ ڀڳ هر عمر جا ۽ هر علائقي جا پوتار گڏ ٿيل هئا. اهي ميزبان پوتار جي نوجوان پٽ جي خون جي ڪيس مان آجو ٿيڻ جي خوشي ملهائي رهيا هئا. ان نوجوان پوتار کي ڪنهن عدالت نہ پر پوليس پنهنجي رپورٽ ۾ آجو قرار ڏئي عدالت ۾ پيش ڪيو هو ۽ هو شهر جي ارب پتي واپاري جي قتل ڪيس مان آجو ٿي ويو هو. هر طبقي جي خوشي ۽ غم جا پنهنجا الڳ طريقا ٿين ٿا, غريب ماڻهو جهمريون پائي, نچي ڪُڏي خوشي ملهائين ٿا, پر اڪثر پوتار گلاس کڙڪائي, بوتلون نچائي, بار بي ڪيو ڪائي خوش ٿين ٿا. ان محفل ۾ پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل هڪ وزير کان اڳوڻي آمر جنرل پرويز مشرف جي حڪومت ۾ حصيدار رهڻ واري هڪ پوتار جهومندي پڇيو "يلا اسان کي ڪڏهن ٿا اقتدار جو وارو ڏيو؟" پ پ سان لاڳاپيل پوتار وزير کيس کلهي تي پيار مان ٿڦڪي هڻندي چيو "برداشت ڪر يا ڪراس ڪر."

سنڌ جي اقتدار ۽ سياست جو المناڪ پهلو رهيو آهي تہ ملڪ ۾ جمهوريت هجي يا آمريت, پر اقتدار جا مزا سدائين موقعي پرست پوتار يا وڏيرڪي طبقي ورتا آهن. اقتدار جو ثمر يلي تہ اها نام نهاد جمهوريت ڇو نہ هجي, ان ۾ بہ اقتدار جو حقيقي ثمر عوام تائين پهچي نہ سگهيو آهي. جنهنڪري ماڻهو ڪجهہ سالن جي جمهوري ساهي يا دور کان پوءِ ان مان بہ بيزار ٿي چوڻ شروع ڪن ٿا تہ "ادي مئي , ادو ڇائو اسان ايتري جا ايترا!" سنڌ جي ٻوڏ ستايل ماڻهن جي غلاميءَ جهڙين زندگين ۾ ذلتن جو اضافو اڄ بہ ٿي رهيو آهي, پر اهي بيوسي واري خاموشيءَ ۾ هليا وڃن ٿا. جڏهن تہ باغي ڪارڪن اڄ بہ پنهنجي اندر ۾ موجوده حڪومت بابت ڪيترائي سوال ڪٽي گهمندو رهي ٿو. پر کيس اقتداري سياست جي حوالي سان ڪو متبادل بہ نظر نٿو اچي ۽ هو خاموش ٿيو وڃي. "پيپلز پارٽي جي قيادت ان خوش فهمي يا غلط فهميءَ ۾ رهي ٿي تہ سنڌ اسان جي هٿن مان ڪيڏانهن بہ نہ ويندي, پر هر دور ۾ ايئن نہ ٿيندو, ايندڙ دور هنن لاءِ ڏکيو هوندو." پيپلز پارٽيءَ جي هڪ باغي ڪارڪن ان ڏينهن سياسي بحث دوران چيو.

سنڌ اندر پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن ۾ پاڪستاني اردو پريس جي اها خبر اڄڪلهہ عام جام بحث هيٺ آهي, جنهن ۾ لکيل آهي تہ ايوان صدر جا معاملا طارق عزيز هلائي رهيو آهي. طارق عزيز اڳوڻي آمر پرويز مشرف جو ڪلاس فيلو ۽ خاص مددگار رهيو آهي. مشرف جي دور ۾ هن اچي ايوان صدر اندر ديرو ڄمايو. جيڪو اخباري اطلاعن مطابق اڃا بہ قائم آهي. طارق عزيز ايون صدر ۾ موجود آهي يا نہ, جيڪڏهن آهي تہ هڪ آمر جي باقيات جو جمهوري صدر جي دور ۾ ايوان صدر اندر ڪهڙو

ڪردار آهي، ان بابت ايوان صدر پاران اجان تائين ڪا بہ وضاحت جاري نہ ڪئي ويئي آهي. ڪجهہ تجزئي نگارن جو خيال آهي تہ مسلم ليگ (ق) جي اڳواڻ چوڌري پرويز الاهي سان هلي وڃي پاڪر پائي جو ڪريڊٽ اڪيلي سر سينيٽر بابر اعواڻ کي نٿو وڃي، ڇو تہ چوڌري پرويز الاهي ان کان اڳ طارق عزيز معرفت ايوان صدر ۾ وڃي ”اصل تي وڏي مالڪ“ سان ٻاڪر پائي ملاقاتون ڪري چڪو آهي. اها تہ اسلام آباد جي اقتداري ايوانن جي حڪمت عملي هوندي، پر سنڌ اندر رهندڙ پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن هڪٻئي کان پڇي رهيا آهن تہ اها ”قاتل ليگ ڪڏهن کان اسان جي پاڪر ليگ ٿي ويئي آهي!؟“ پيپلز پارٽيءَ جي نظرياتي ڪارڪنن جي ان ويڳاڻپ ۽ مايوسيءَ بابت هڪ بحث دوران مون هڪ سينئير اڳواڻ کان پڇيو تہ ”اهي منجهائيندڙ سوال ۽ ڳالهيون توهان پنهنجي پارٽي ايوانن اندر کڻڻ بدران ٻاهر گهٽين ۽ هوٽلن ۾ ڇو ٿا ڪريو؟“ جواب ۾ هن صرف ايترو چيو تہ ”ايوانن ۾ اهڙي حالت ٿيندي هجي، جهڙي يوسف ٽالپر ۽ ظفر شاهہ سان ٿي تہ پوءِ اسان ڇا ڪريون.“

ان ڳالهہ جو پسمنظر سمجهائڻ لاءِ هن پيپلزپارٽيءَ سنڌ ڪائونسل جي مهينو اڳ ٿيل اجلاس جو تفصيلي احوال ڏنو جنهن جو هو پاڻ بہ ميمبر آهي. ان سينئير پ پ اڳواڻ بقول، ظفر شاهہ ۽ يوسف ٽالپر جڏهن پارٽي وزيرن تي تنقيد ۽ ڪم نہ ٿيڻ جي شڪايت ڪئي تہ ٻنهي کي تقرير بند ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ويو. پيپلز پارٽيءَ هڪ جمهوري پارٽي سمجهي وڃي ٿي، پر ان جي ايوان ۾ جڏهن سينئير اڳواڻن کي ڪارڪنن هٿان هوٽنگ ڪرائي خاموش ڪرايو وڃي تہ پوءِ ٻيا سينئير اڳواڻ خاموش رهڻ ۾ ئي عافيت سمجهندا. سنڌ ڪائونسل جي ان ايوان جي هڪ ٻي اهم تقرير ان وزير جي هئي، جنهن بينظير ڀٽو جي ٻن ساٿين ڊاڪٽر صفدر عباسي ۽ ناهيد خان کي گهٽ وڌ ڳالهائي، کين بينظير ڀٽو جي قتل جو ذميوار قرار ڏنو. پيپلز پارٽي پنهنجي ايوانن اندر جڏهن بينظير ڀٽو صاحبہ جي قتل جا ذميوار مقتول اڳواڻ جا اهي پراڻا ساٿي قرار ڏنا وڃن. جن جو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب ڊاٽر آف دي ايسٽ ۾ بہ ڪيو آهي تہ پوءِ جنرل پرويز مشرف، چوڌري پرويز الاهي الزام کان ڪيئن نہ آجا ٿيندا.

انهن مايوس ۽ غريب ماڻهن کي ڪير سمجهائي تہ هي نظرياتي سياست کي دفن ڪرڻ ۽ اقتداري سياست کي عروج تي پهچائڻ جو دور آهي. اهڙي اقتداري سياست جنهن ۾ ڪوبہ اصول، ڪو بہ نظريو نہ هجي، پر نظر صرف اقتدار جي ڪرسي تي هجي. سنڌ اندر جمهوريت جي نالي ۾ اڄڪلهہ اهي ڀوتار اقتدار جا مزا ماڻي رهيا آهن ۽ سڀاڻي جي اقتدار ۾ اچڻ جي تياري بہ اهي ڀوتار ڪري رهيا آهن، جن ويچارن تي هروڀرو ”اسٽيبلشمنٽ جا ماڻهو“ هجڻ جو ٺپو لڳو پيو آهي. حالانڪ وڏي نظر ڪري ڏسجي تہ اقتداري سياست ۾ ”داخلا جا حق ۽ واسطا“ وڏن ڀائرن وٽ محفوظ آهن. جنهن کي چاهين داخل ٿيڻ ڏين ۽ جنهن کي چاهين ٻاهر بيهاري ڇڏين. اسٽيبلشمنٽ جا ڀوتار هجن يا نام نهاد جمهوريت جا ڀوتار هڪ ئي ڳئون جا چور آهن. جنهن کي هو واري واري سان ڪُهي يا ڏُهي رفو چڪر ٿيو وڃن ٿا. ان اقتداري راند ۾ ڪو بہ سنئون يا بهتر وارو آپشن رکيل ئي ناهي، تہ عوام ويچارو ڇا ڪري؟ سياسي اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ واري هن دور ۾ سنڌ جي ماڻهن کي هر طرف ڦهليل هر قسم جي ڀوتارن ۽

پيرن کان سواءِ ڪو عوامي هڏ ڏوکي ماڻهو نظر نٿو اچي تہ ڇا ڪري؟ سنڌ جي ترقي ۽ روشن خياليءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ اهي پوتار هجي يا اسٽيبلشمنٽ جو پوتار. جيئن لاڙ جي دلت هارين جون حياتيون نجي جيل هلائيندڙ پوتارن وٽ گروي پيل آهن. سنڌ جي خدمت ڪرڻ بهاني ڌرتي ڏٽين جو رت ست چوسيندڙ ان پوتار طبقي ڪڏهن ڪنهن عوامي پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ پناهہ ورتي آهي تہ ڪڏهن آمر سان گڏ بيٺو آهي پر هن ڪوشش ڪري غريب کي غريب ۽ امير کي امير رکيو آهي. اهو پوتار هر دور ۾ پنهنجي وفاداري اسٽيبلشمنٽ کان ”ڪليئر“ ڪرائيندو رهي ٿو. ان وٽ سالن کان ڦريل لٽيل عوامي دولت ايتري آهي جو هو پيو ڪم بہ ڪم نٿو ڪري. سواءِ اقتدار ۾ رهڻ يا پيهر اقتدار ۾ اچڻ جي تياري ڪرڻ جي.

ڪنهن دوست ان ڏينهن پنهنجي راءِ ڏني تہ ايندڙ چونڊن ۾ پيپلز پارٽيءَ جو متبادل سنڌ جا قومپرست هوندا, ڇو تہ نواز شريف يا ”ق“ ليگ (هاڻي ان کي قاتل نٿا چئون, ڇو تہ مالڪ پاڻ ئي ان ٽرم کان هٽ ڪٽي ويا آهن) جو سنڌ ۾ ڪو بنياد ڪونهي, ان اميد پرست سياسي ڪارڪن ۽ آفيسر مون سان شرط رکيو تہ سنڌي قومپرست هن ڀيري ڌهن کان ويهہ سيٽون کٽي ايندا.مون کيس گذارش ڪئي تہ قومپرست ڪجهہ سيٽون ضرور کٽيندا , پر ايتري وڏي انگ ۾ شايد نہ ڇو تہ سنڌ جي اقتداري سياست تي پوتار نانگ جيان ڦڻ ڪڍيو اڄ بہ ويٺو آهي. پر اهو پوتار, پوتار آ! ان جو سنڌ ۾ في الحال ڪو متبادل ناهي. سنڌي ماڻهو جڏهن اک پٽين ۽ هي زرعي سماج ڊهي ڪو نئون سماج جڙي ڇو تہ شيخ اياز بہ ان تبديليءَ واري اميد سان پوتارن جي محڪوم بڻايل خلق کي آواز ڏنو هو تہ:

انڌير نہ ڪوئي رهڻو آ
اڄ ظلم نهوڙي ايندا سين
هي جهنڊو کوڙي ايندا سين
ان جي ڳاڙهي مستيءَ ۾
۽ هن پنهنجي پوري وستيءَ ۾
ڪو سورج ٻاري ايندا سين
ڪو ڏينهن اڀاري ايندا سين

پر اهو سمورو سورج جيستائين اڀري تيستائين پوتارن جو راڄ رهڻو آهي.

# وطن ۾ بي وطن هجڻ جو احساس ۽ بيحسي

سنڌ جي نگران ڪابينا ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ميمبرن جو اتي ۾ لوڻ برابر تعداد ڏسي، مون کي ايئن جهٽڪو لڳو جڻ پيرن هيٺان ڌرتي کسڪي وئي هجي، اها شاباش تہ ڪاوش وارن کي هجي، جن اها خبر تفصيل سان پنهنجي فرنٽ پيج تي اهميت سان لڳائي، چو تہ اسين اهو تہ ڪو نہ ٿا لکي سگهون تہ ”اردو ڪا جنازه هي، ذرا دهوم سي نڪلي.“ اسين ڏاڍا روايتن جا پاسدار ۽ امين ماڻهو آهيون. پلي تہ حالتون اسان اڪثريتي ڌرتي ڏٽين جو جنازو ڪڍي ڇڏين، پر اسان جا سياسي اڪابرين پنهنجي پُر مغز خطابن ۾ فرمائين ٿا تہ ”قومپرستي“ حرام آهي. اسان جي ڌرتيءَ مٿان ماضيءَ جي اهڙن حڪمرانن جا اقتدار جي رات چانيل آهي ۽ انهن جي اقتدار کان پوءِ اسان جي ”جمهوري“ حڪمرانن وري بيٺي کسر اڳا ڪڍي جو ويندي ويندي ڪراچي جا سامونڊي پيٽ بہ وڪڻي ويا. سو اسان وري بہ اهڙن پوٽارن کي چونڊڻ طرف وڃون پيا. جن جاتڪ، پارٽيون ۽ جهنڊا مختلف ضرور آهن، پر سندن اليڪشن منشور هڪ ئي آهي، تہ ڪنهن بہ طريقي سان اقتدار ۾ اچيجي. اقتدار ڪا بري شئي ناهي پر جيڪڏهن اهو منصب سنڌ جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ استعمال ڪجي.

اليڪشني سرگرمين ۾ ڏينهن رات مصروف بڻجي ويل پوٽارن مان ڇا ڪنهن جي ايجنڊا تي سنڌ ۽ سنڌي بہ آهن يا صرف اقتدار؟ نگران ڪابينا ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن وزيرن جي انگ ۽ سندن وزارتن جي قلمدانن کي ڏسي مون کي اسلام آباد جي اها بيورو ڪريسيءَ ياد اچي ٿي،جنهن جي سوچ ۾ سنڌي نڪما، نا اهل ۽ پاڪستان جي اقتداري سيٽ اپ ۾ ”مس فٽ“ ماڻهو آهن. ”يار ڪسي پنڊي ڪي بندي ڪو بهيجنا، پشاور اور لاهور ڪا بهي چل جائيگا، مگر پليز ڪسي ”سائين“ ڪو مت بهيجنا، معاملات خراب هوجائينگي.“ ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي سرڪار اداري جي چيف جا اهي لفظ مون کان ڪڏُهن بہ وسري نہ سگهندا. جيڪي هن پنهنجي اداري جي هڪ سنڌي ڊائريڪٽر جي بدلي روڪرائڻ لاءِ اسلام آباد ۾ پنهنجي آفيس وارن کي چيا هئا، اها سوچ ئي آهي، جنهن صديون پراڻي هن قوم کي اهڙو تہ ديوار سان لڳائي ڇڏيو آهي، جو ملڪ جي اعليٰ ادارن جي اهم پوسٽن تي رهندڙ ڪمانڊو پرويز مشرف بہ ڪي ٽي اين نيوز تي انٽرويو ڏئي ديده دليريءَ سان للڪاري رهيو هو تہ ”آهي ڪو توهان ۾ اهڙو اهل ماڻهو جنهن کي آءِ جي يا چيف سيڪريٽري لڳائجي؟“ جنهن وقت جنرل مشرف اها ڳالهہ ڪري رهيو هو تڏهن هو اهو وساري ويٺو هو تہ ملڪ جي واحد وسيع اداري، جنهن جو هوچيف هو ان ۾ بہ سنڌين کي سپاهي طور داخل ٿيڻ جي پنج انچ قد واري گهربل رعايت تڏهن ملي هئي جڏهن ايم آر ڊي جهڙي خوني تحريڪ کان پوءِ جنرل اسلم بيگ اچي بينظير صاحبہ سان اقتدار جي ڊيل ڪئي هئي.

جڏهن اهم ادارن جي فيصلہ ڪن ماڻهن جي دماغ ۾ اها سوچ گهر ڪري ويئل هجي تہ پوءِ سٺ سالن ۾ سنڌي ڇوڪرو ڪيترا بہ ذهانت ۾ ڇٽا پيٽيءَ وارا امتحان پاس ڪري، اهو ڪرنل يا وڌ کان وڌ برگيڊيئر ٿيندو. فور اسٽار جنرل پرويز مشرف يا چيف آرمي اسٽاف جي عهدي تائين رسڻ تہ سنڌين لاءِ "دهلي دور است" واري ڳالهہ آهي. اهڙي مائينڊ سيٽ واري بيوروڪريسيءَ جي راڄ ۾ سنڌي نگران وزير کي ملندي بہ تہ جهنگلي جيوت ۽ ماهيگيريءَ جي منسٽري ۽ شهري بابو کي ملندي صحت جي اها وزارت، جيڪا سندس "ڊيڊي" مرڻ مهل ڇڏي ويو هو. خبر ناهي اجا ڪيئن واضع ڪري سنڌين کي حڪمران ٻڌائين تہ توهان گهٽ ذات وارا شهري آهيو ۽ اسين اوچي ذات وارا. اهو فرق اجان وڌندو ۽ سنڌي اقتداري پوتار اها هش ۾ خوش ٿي فيڊرل لاجز جي ڪمرن مان اڌ رات جو نيم بيهوشيءَ واري حالت ڳوٺ فون ڪري راڄن کي مبارڪون ڏيندو تہ "ابا مبارڪون! نيٺ پاڻ بہ وزير ٿي وياسين! هاڻي تو واري تڙ تي جهنگلي جيوت جو خير ناهي، اچي ٿا سنگت کي شڪار ڪرايون."

سنڌي پنهنجي ئي ڌرتيءَ جنهن ۾ سياسي ۽ نسلي جبر هيٺ حياتيون گذارين پيا، ان گهٽ ۾ ٻوسٽ جي دور ۾ ڪو نيلسن منڊيلا يا ڪو گانڌي تہ پيدا ٿي ڪونہ ٿو سگهي، جنهن کي وڪالت جو ڪوٽ ۽ اعليٰ تعليم جي ڊگري هوندي بہ گورن انگريزن ريل جي فرسٽ ڪلاس ڏٻي مان ٽڪيٽ هجڻ باوجود اهو چئي لاهي ڇڏيو هو تہ "انڊين ٿرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪن، هو فرسٽ ڪلاس ۾ نٿا چڙهي سگهن." ان ريلوي اسٽيشن تي اها سرد رات ۽ اها قومي تذليل گانڌيءَ جي حياتيءَ جو مقصد هميشہ بدلائڻ لئہ ڪافي هئي. هن اها ٽڪيٽ ۽ اهو پاسپورٽ اتي ئي دڪندڙ سگريءَ ۾ ساڙي ڇڏيو ۽ پنهنجو پاڻ سان واعدو ڪيو تہ هو اها نسل پرستي ختم ٿيڻ تائين، ڪڏهن بہ ريل جي فرسٽ ڪلاس ڏٻي ۾ نہ چڙهندو.

پر هيءَ تہ سنڌ آهي، جتي صلاحڪاري ۽ وزارت جي آسري گورنر هائوس ۽ وزيراعليٰ هائوس جون ڏاڪڻيون، پوتار ۽ باغي فرد گڏ گڏ چڙهن ٿا. مون کي خبر ناهي تہ ان ڳوٺ جي اها سڙڪ اڃا تعمير ٿي آهي الائي نہ؟ جنهن تي ان دور جي باغياڻي ۽ ڦيدياڻي هڪ طويل آزاد نظم لکيو هو تہ "اسان جو اقتداري پوتار 5 سال پورا ڪري وري اليڪشن ۾ بيٺو آهي، پر اسان جي ڳوٺ جي سڙڪ اڃا بہ ڪچي آهي." وزارتون صلاحڪاريون ۽ عهدا ماڻڻ هر فرد جي پنهنجي ترجيح ۽ پسند آهي، پر ڪنهن باغيءَ کي وزارت جو قسم کڻندو ڏسي اهو نسل کهڙي ڪنڊ ۾ پنهنجو منهن مٿو پٽي، جيڪو "جلاوطن" ۽ "ڪربلا" جهڙا ڪتاب پڙهي وڏو ٿيو ۽ ان جو ڪروڙ "سروم دکم دکم" سان پريل هجي. جڏهن هو ڌرتيءَ کي پنهنجي پيرن هيٺان کسڪندو ڏسي، جڏهن هو ساحلي اجگر شهر ۾ رهي تہ سهي، پر ڪڏهن پاڻ کي ڪرد سمجهي تہ ڪڏهن غزا جي پٽيءَ ۾ قاتل فلسطيني نسل سمجهي ۽ ڪڏهن ريڊ انڊين سمجهي رڙيون ڪري ۽ محبوبائن کي ميسيج ڪري تہ "وطن ۾ بي وطن معشوق ۽ عاشق جو ملڻ کهڙو؟" هي ان نسل جو الميو آهي جنهن پنهنجي محبتن جو محور دنيا جي نظرن ۾ محدود، پر پنهنجي دل ۾ ڪشادو سمجهي سنڌ ۽ سنڌيت کي رکيو آهي، جيڪو هوچي منهہ جا ترجما ڪيل اهي

ڪتاب پڙهي وڏو ٿيو هجي، جن ۾ لکيل هو تہ ”تنهنجو علم تنهنجي قوم جي امانت آهي.“ هو پنهنجي پيرن هيٺان کسڪندڙ زمين ۽ سنڌيت جي وجود جو سوال ڪري ٿو تہ ڪيس مافيائن جو ڊپ ڏيئي، ڪبوتر جيان خطري مهل اکيون ٻوٽي ڇڏڻ جي هدايت ڪئي وڃي ٿي.

گذريل آڪٽوبر ۾ لنڊن ۾ پارت سنڌيءَ سان ٿيل ملاقات مون ڪان شايد ڪڏهن بہ نہ وسري، مناما ڪان هيٿرو ايئرپورٽ تائين ٿڪائيندڙ فلائيٽ ۽ ايئرپورٽ تي سيڪورٽي پڇاڳاڇا ڪان پوءِ، جڏهن آئون اچي ڪمري ۾ ڪريس تہ دروازي تي ٺڪ ٺڪ تي ٿڪل آواز ۾ پڇيم، ”ڪير . . .؟“ تہ پريان سنڌيءَ ۾ همراهہ ڳالهايو ”سائين هتي ڪو سنڌ ڪان پائي مهمان ٿي آيو آهي ڇا؟“ لنڊن ۾ اوچتو اوپري ماڻهوءَ واتان سنڌي ٻڌي، ٽپ ڏئي اٿيس. دروازو کولي ڪيس ويهاريم. پارت سنڌيءَ ٻڌايو تہ سندس والد ڪراچيءَ جو وڏو تاجر هو. ورهاڱي ڪان اڳ سندن نجي پارو هائوس شهر کي بجلي سپلاءِ ڪندو هو. ورهاڱي وارن فسادن ڪان پوءِ سندس والد خاندان سميت آفريڪي ملڪ گهانا هليو ويو، ڪاروبار ڪيائين، پر جڏهن آفريڪي ماڻهن ايشيائي ماڻهن خلاف واپار تي قبضي جي الزام هيٺ تحريڪ هلائي، تہ هو اتان پڇي اچي لنڊن پهتا، جتي هو ننڍا وڏا ڪاروبار ڪن ٿا. 45سالن جي پارت سنڌيءپڳل ٽٽل پر سٺي سنڌيءَ پئي ڳالهائي، هن ڪڏهن سنڌ نہ ڏٺي آهي، سنڌي اسڪول ۾ نہ پڙهيو آهي، پر پنهنجي ماءُ جي واتان سنڌي ٻڌي سکيو آهي، ڪيس تڙپ ڏاڍي آهي، پنهنجي وطن جا وڻ ڏسڻ جي، پر هو اچي نٿو سگهي ڇو تہ هڪ نسل ڪان پوءِ سندس پاڙون ڪٽيل آهن.

خدا نہ ڪري، جو اسان جي ايندڙ نسل جي گهٽائيءَ جو مستقبل پارت سنڌيءَ جهڙو ٿئجي، پر اها هڪ حقيقت آهي تہ سنڌ اندر ئي سنڌيت جو وجود خطري ۾ آهي. 25 لک پناهگيرن جي ڪراچيءَ ۾ موجودگي تہ سرڪار پاڻ مڃي ٿي، سو سنڌين جيڪڏهن اک نہ پٽي ۽ ڪبوتر واري ڪار جاري رکي تہ اسان سنڌين جون بہ وڏن شهرن ۾ اقليتي برادريءَ واريون ايئن بسون هلنديون، جيئن پارسين، ڪڇي ميمڻن ۽ خواجہ جماعت جون گاڏيون هلنديون رهن ٿيون.

# پوتارن جي ”شڪاري“ هجڻ جي شاهدي ڏيندڙ ديوارون

ان رات اسان محبتن جي نالي منسوب سنڌ جي سهڻي شهر ٺٽي جي ٺنڊي باگي ۾ سنڌ جي سخي ڏاتارن ۽ محبت ڪندڙن تي پئي ڳالهايو. ٺنڊي باگي ۾ ان رات اهڙيون ته مست هوائون لڳيون، جن ويڄهن وڻن جون ٽاريون مستيءَ ۾ ٽلجندڙ محبوبن جي زلفن جيان، ڪڏهن هڪ پاسي پئي ڪريون ته ڪڏهن ٻئي پاسي. اها محفل توڙي جو محبت جي ذڪر سان سرشار هئي، جنهن ۾ عثمان، نصرالله ۽ ٻين دوستن پنهنجي پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي پئي ڳالهايو ۽ ان ذڪر ۾ وڌيڪ مٺاڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، پر الائي ڇو منهنجي اداس من اندر ۾ اهڙي ته ڪڙاڻ لهندي پئي وئي، جهڙي ڪنهن سينگاريل سيني ۾ ڪهاڙي لهندي هجي، مون ڪنهن دوست سان ذڪر ته نه ڪيو پر منهنجو من اداس هو. اها رات به ڪاري هئي ۽ گذري به وئي.

اسان جو سفر ٺٽي کان اڃا اڳتي لاءِ جاري ٿيو. اسان ڏيپلي کان ٽڙ ۾ داخل ٿيڻا هئاسين. پر رستو جهڏي باءِ پاس وارو ورتوسين. جڏهن جهڏي باءِ پاس تي پهتاسين ته گندي پاڻي جو نالو ٽپي، جيڪو شايد پراڻ درياهه جو پراڻو وهڪرو هو اڃا اڳتي ٿياسين ته هڪ ويران ۽ سنسان رستو ديوين سان ڍڪيل نظر آيو. اهو رستو ڏسندي ئي مونکي سکر ايئرپورٽ جي آسپاس وارا علائقا ياد اچي ويا. جتان آيل هڪ خبر مونکي ڪيترين ئي راتين جا اوجاڳا ڏنا آهن. پوتارن کي ووڙن جون پيتيون پيري ڏيندڙ خلق لاءِ ته اها عام خبر آهي پر مون جهڙي ڪمزور ماڻهوءَ لاءِ اها ڪا هڪ خبر نه. پر اهو سنڌي سماج جي جاگيردانه اخلاقيات جو هلندڙ تسلسل آهي، جيڪو اڃا تائين هن دور ۾ به جاري آهي. اها ڪيڏي نه اجرج جي ڳالهه آهي، ته جڏهن باقي دنيا جا انسان مريخ تي زندگي تلاش ڪرڻ جي جستجو ۾ مصروف آهن. تڏهن گهر جون عورتون قتل ڪري ويران واهن ۽ جهنگ جي گهاٽن ٻوڙن ۾ اڇلائي جاگيردانه غيرت کي تسڪين ڏئي فرار ٿيون ٿا.

هاڻي ان ڳالهه جو مون کي ڪو اونو ناهي ته اها ڪلثوم بي بي هئي، شمشاد يا صغريٰ، پر اها خوشي هر برادريءَ کي آهي، ته اها ضدي ۽ پيار جي هوڏ تي قائم رهڻ واري هئي، ڪنهن ”مڙس ماڻهوءَ“ ڪيس قتل ڪري قبيلي جي باقي عورتن لاءِ مثال قائم ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي ان قبيلي جون عورتون محبت کان وانجهيل زندگي گذارڻ کي ترجيح ڏينديون. ٿورو تصور ڪريو ته اسان ڪهڙي نه پٿر واري وحشي دور ۾ پيا گذاريون، جتي ان عورت کي گوليون هڻي قتل ڪرڻ کان پوءِ ”غيرت جي رسم“ پوري ڪرڻ خاطر سندس نڪ، ڪن ۽ چوٽيون چاقون سان ڪٽيون ويون. سکر جا اخباري فوٽو گرافر ۽ سول اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم ڪندڙ عملو اهو ٻڌائيندي هراسجي وڃي ٿو ته ان اڌڙوٽ اڻ سڃاتل عورت جي لاش تي

پيل چولو لاهڻ کان پوءِ سندس وجود تي سگريٽن جا ڏنل ڏنپ واضع هئا. اهي تہ ڪنهن اهڙي شخص ڏنا هوندا، جيڪو انهن چاهتن جو چاره گر هوندو.

عجب رسم هئي، چاره گرون ڪي محفل مين،
لگا ڪي زخم، نمڪ سي مساج ڪرتي هين!

سفر منهنجو لاڙ کان ٿر طرف هو پر الڪو اتر کان لڳل هو اها اڏزوت عورت، جنهن جي شناخت لاءِ ٻن ڌرين جا ماڻهو پهتا، تہ اسان جي ڏيہُ آهي، پر آئون سمجهان ٿو تہ اها نہ گهمرن جي نياڻي هئي، نہ پٽين جي هئي. اها سنڌين جي بہ نہ هئي، پر اهو چچريل لاش تاريخ جي جاگيردانہ جبر وارن ڏينهن ۾ چمندڙ هر ان سنڌي عورت جو آهي، جنهن پنهنجي آزادي، پنهنجو وجود اتم ۾ عظيم رکيو آهي. ڪردن، عربن ۾ ترڪن جي تہ مونکي خبر ناهي، پر منهنجو من سنڌو بئراج جي ٿياس تي ٽنگيل آهي، ڇو تہ ان ۾ بہ اها پوتارڪين رسمن جيان خون ڪائي وچڻ جي عادت آهي. ورنہ گڊو ۾ سکر کان ايترين تہ ڪاريون ان درياھ ۾ ڪرن ٿيون، جو ان جوپاٽي اسان ڪي ڪوتڙي وٽ ڳاڙهو ملڻ ڪپي.

ان ڏينهن ڏيپلي کان پوءِ جڏهن اسان مٺي پهتاسين ۾ مٺي بہ لتاڙي سانجهيءَ ٽاڻي جڏهن نئوڪوٽ جي پرسان عليم سومري جي ڳوٺ پهتاسين، تڏهن بہ اهو چچريل لاش منهنجي سوچن جو پيڇو ڪندو رهيو ۾ آئون بيوقوف جيان خالد ڪنيار کان وٺي ادي پناٽيءَ تائين هر ڪنهن ٽريءَ کان اهو پڇندو رهيس تہ هتي پلا ڪارو ڪاريءَ يا غيرت جي نالي تي ڪيتريون عورتون قتل ٿين ٿيون؟ ٽري ۾ لاڙي محبتي ماڻهو سي ان ڳالھ تي ضرور حيران ٿيا، پر ميٺ محبت سان ٻڌايائون تہ اهڙي ڪا بلا هن پاسي اجان پلجي جوان ڪونہ ٿي آهي، جيڪا ازدها بنجي عورتن جي ڳچي پڪڙي، ان جو رت چوسي ڪين ساٽو ڪري ڦٽو ڪري. اهو سفر جاري هو تہ منهنجي هڪ پراڻي دوست جا بار بار فون آيا، اتفاق اهو ٿيو جو ٽنڊي باگي ٻاهران بلوچ قبيلي جي مالوند پر لاڏائو ماڻهن جو پڙاءُ ڏسي، آئون لهي پيس ۾ ڪئميرا مين منور پُٽي کي ان شام جي لهندڙ سج جي روشنيءَ  ۾ سانجهيءَ ٽاڻي قبيلي کي رات ٽڪائڻ جي تيارين جي فلمبندي ڪرڻ لاءِ چيم. ان وقت مونکي اهو ننڍو زميندار دوست ياد آيو جنهن جي ڪجھ سال اڳ اهڙي لاڏائو قبيلي جي ڇوڪري سان اک اڙجي ويئي هئي، هن ڪانئن سنگ گهريو، موٽ ۾ هنن پيسن جي جڏهن گهر ڪئي ، تہ هو اهو چئي هٿ ڪٽي ويو، تہ محبت پيسن تي خريد نہ ڪبي آهي. ان ڳالھ کي زمانا گذري ويا، اهي لاڏائو لڏي ويا، پر اسان جي يار شادي وري سڄي عمر پر نہ ڪئي.

ان ڏينهن ٽنڊي باگي پرسان انهن لاڏائو قبيلن جي فلمبنديءَ دوران سندس ڪال آئي ۾ هن ٻڌايو تہ سندس ان پراڻي محبوبا کي قتل ڪيو ويو آهي، سندس خون لوڙهڻ کان بچائڻ ۾ سندس مدد ڪريان. هن ٻڌايو تہ ڇوڪريءَ جي ويڳي پيءُ ٽن ٻارن جي ماءُ کي باڍ پرسان زمينن ۾ پڙاءَ دوران زهر ڏيڻ کان پوءِ گهٽتا ڏيئي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو آهي. ان مقتول ڇوڪريءَ جي ماءُ اسان جي دوست کي ٻڌايو تہ هو پاٽي پرائڻ بهاني ڪيس وٺي ويو. جهوپڙن کان پريان واھ ۾ ٽي ٻيا مرد لڪل ويٺا هئا، جنکي ڏسي هو

سندن ارادا سمجهي وئي، جڏهن ڪيس گُهٽا ڏيڻ ۾ تشدد ڪرڻ لڳا تہ ڇوڪريءَ همت ڪري ڪين ڇيو. . ”اجايو ايذاءَ نہ ڏيو هڪڙي ڄڻي آهيان بندوق هٽي جان ڇڏايو.“

ڪنهن ڇيو ڪارو ڪاريءَ خلاف سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون سازي اڳواٽ ئي ٿيل آهي، پر وڌيڪ ضرورت پوي تہ هاڻي ڪافي سنجيده پڙهيل لکيل عورتون اسيمبلي فلور تي اچي ويون آهن. مون مرڪي ڇيو تہ بيشڪ آيون آهن. سٺي ڳالهہ بہ آهي، پر انهن ڪي اهي ئي اقتداري پوتار چونڊرائي آيا آهن، جنجي اڪثريت ذهنن ۾ انهن مقتول عورتن جا حسين چهرا ائين ٽنگيل آهن، جيئن سندن بنگلن ۾ شڪار ٿيل هرڻين جون منڍيون ٽنگيل هونديون آهن ۽ اهي ديوارون سندن وڏي شڪاري هجڻ جون هر وقت شاهدي ڏينديون رهنديون آهن. ائين ئي اقتداري وڏيرن جي ذهنن ۾ سندن گهرن ۾ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل سمورين سئوٽن ۽ ماساتن جون منڍيون ٽنگيل آهن. قانون سازي ڪيتري بہ ٿي وڃي، پر اصل ڳالهہ تہ ان عمل جي آهي تہ انهن تي عمل ڪيترو ٿئي ٿو. ڪارو ڪاريءَ خلاف قانونسازي ۽ عملي قانوني حرڪت ۾ جيڪڏهن وڏي وٿي نہ هجي ها، تہ روزانو سنڌ ۾ ٽن ڪان چار عورتون ان الزام هيٺ قتل ٿين ها ڇا؟ پر جيئن تہ اسان هڪ مهذب معاشري بدران پوتارڪي ۽ جاگيردانہ سوچ جي متعارف ڪرايل اخلاقيات هيٺ زندگيون پيا گذاريون، جتي اسان مردن ڪي تہ ڇوٽ ڏنل آهي، پر عورت جي وهي ائين ويندي رهي ٿي.

# سوتليءَ ۾ ٻذل ڪجهہ ڪتاب!

ان ڏينهن اجان صبح واري چانهہ مس ختم ڪئي هئي، جو هڪ اڻ سڃاتل نمبر تان ڪال آئي، ”سائين اسان نسيم نگر وٽ بيٺا آهيون، اوهان کي ڪتاب ڏيڻو آهي، ڪٿي اچون؟“ اهڙي حجت ۽ پنجهائپ سان آيل ڪال تي مون کي ڪا بہ بخيلي نہ ٿي، بلڪ ڪنهن ڪتاب جي اچڻ جو ٻڌي اهڙي راحت ٿي، جهڙي ڪنهن دل گهرئي دوست جي دل اندر اچڻ وقت ٿيندي آهي. همراه ٻڌايل ايڊريس تي اچي پهتا، پر همراهہ هڪ نہ پر همراهن جو ٽولو هو. خوش خير عافيت کان پوءِ هنن جيڪو ڪتاب منهنجي حوالي ڪيو هاڻي تہ اهوئي ياد رهجي ويو آهي. هي سهڻي انداز ۾ ڇپايل هڪ ڳوناٺي شاعر جو پهريون ڪتاب آهي، پلوڙ شاعر اشرف پلي جي ڪتاب جو عنوان آهي ”جوڀن پهريان ڏينهن“ اشرف پلي سان منهنجي ڪا روبرو ملاقات تہ ناهي، پر سندس ڪتاب اندر پڪڙيل شاعري پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائي ٿي.

هڪ هنڌ هن لکيو آهي تہ،

يادگيريون ڇڏي چنگ چڙن جي پنيان
نيڻ ڇوتا وڃو بي وڙن جي پنيان
جام جي شام هئي، ناڻ ڪنهن پلا
ڪير پياسا ستا مئڪدن جي پنيان

هن ڪتاب ۾ اشرف پلي پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائيندي هيئن لکيو آهي تہ ”آئون بنيادي طور ڳوناٺو آهيان، ان ڪري ڳوناٺي فطرت منهنجي مزاجن تي پوري ريت ڇانيل رهي آهي. ڳوٺ جن ۾ تالهين جي وڏن وڻن تان پکي، ”لڪڙي جل بني ڪوئل“ جهڙيون سوڳ ڀريون لاتيون تا لنوَن. انهن ڳوٺن جي خاموش سانجهين ۾ مون پنهنجي شاعريءَ جا ڪردار ڳولي لڌا آهن.“ اشرف پليءَ جي هڪڙي سٽي ڳالهہ پڙهڻ لاءِ اها ملي تہ هو شاعريءَ کي بہ عشق جيان اظهاري ٿو. جيئن عاشقن لاءِ عشق جي ڪا جسٽيفڪيشن ناهي هوندي، ائين ئي اشرف چوي ٿو تہ ”مون وٽ شاعري لاءِ ڪا واضع جسٽيفڪيشن ناهي، آئون بس لکندو رهيو آهيان. بنا ساڳي جي ۽ بنا فُل اسٽاپ جي. هڪ سؤ چوئيتاليهہ صفحن تي مشتمل ڪتاب جو مهاڳ ناميارو نقاد اڪبر لغاري لکيو آهي. اڪبر جو خيال آهي تہ ”غزل جي شاعري ۾ داخليت کي وڏي اهميت آهي، جيڪا اشرف ڏاڍي خوبصورتيءَ سان نڀائي آهي. سندس شاعري پڙهندي ڪٿي بہ ائين نٿو لڳي تہ هن شاعري ڪرڻ جي ”ڪوشش“ ڪئي آهي. شاعري سندس اندر مان ائين اڇل ڪائي نڪتي آهي، جيئن برسات کان پوءِ صحرا ۾ حسن ڦٽي نڪرندو آهي.

بي وڙي او هوا! هن کي ڇئجان وڃي

حال هيٺا اٿئي، تنهنجي رولاڪ جا

اشرف پلي اڄوڪي بدلجندڙ قدرن واري سنڌ، جتي ڳوٺاڻو هجڻ پنجابين جي پيندو جهڙو طعنو بڻجندو پيو وڃي. ان دور ۾ هن فخر سان پنهنجي ڪتاب لاءِ لکيو آهي تہ ”اريبم . . .سنڌ ۽ سنڌ جي ڳوٺن ڪي. . . “

پاڻ گدري مثل، وقت ڪاتيءَ جيان
درد دل ۾ رهيو گهر جي پاتيءَ جيان

اشرف پلي اڄوڪي سنڌ ۾ پلجندڙ ان ٿهيءَ جو شاعر آهي، جنهن جي ڳوٺ مان ٽالهيون ۽ نمون ختم ٿيندڙيون پيون وڃن ۽ جنهن کي شهري مزاج اپنائڻ ۾ اجان وقت لڳندو. هو ڪنڪريٽ جي ڍير ۾ بدلجي ويل شهرن کان دور پنهنجي روحل واءِ ۾ وسن ٿا ۽ محبتن کي ماڳ ڀني مٺخاني جيان ياد ڪن ٿا.

اسان جي اسان کي آ دعا اها
پرين تو پڄاڻان پٿر ٿي وڃون

اشرف کي اجان اڳتي سفر ڪرڻو آهي، ان ڪري کيس اها ئي دعا تي شل هو ”آدو ملاح“ ”اڏبريس“ ، ”تحرير“ ۽ ”حويلي“ جهڙا شاهڪار نظم سرجندو رهي ۽ ٻين شاعرن لاءِ اها بہ دعا تہ شل سيني کي اڪبر پلي جهڙا پائر ملن. جنهن پنهنجي پاڻ اشرف پلي جو ڪتاب ڇپائي وڏي ڪاج جهڙي خوشي ملهائي. اجان شاعري جي هڳاءُ حاوي هو تہ هڪ ئي ڪتاب ۾ سمايل بہ ناوليٽ اچي پهتا. هي ناوليٽ پيڻ شبانہ سنڌيءَ لکيا آهن، جيڪي پڙهن وٽان آهن. ادي شبانہ سنڌي ڪافي وقت کان ڪهاڻيون ۽ ناول لکندي پئي اچي، پر شايد پنهنجي گهريلو مصروفيات سبب هوءَ ڪجهہ سالن لاءِ ادبي دنيا مان غائب ٿي وئي هئي. هاڻي جڏهن سندس واپسي ٿي آهي تہ هوءَ اهي ئي موضوع ڪٽي موٽي آهي، جيڪي سندس آس پاس رهن ٿا. عورتن جي احساسن ۽ جذباتي رشتن کي پيڻ شبانہ سنڌي سهڻي نموني چٽيو آهي. خاص ڪري هن ڪتاب ۾ شامل سندس پهريون ناوليٽ پڙهڻ وٽان آهي، جنهن جي آخر ۾ هوءَ لکي ٿي تہ ”ڪوملي جڏهن ڄائي هئي تہ هن ماءُ جي اکين مان ڳوڙها وهندي ڏٺا هئا. نميءَ کي ماءُ جا چيل اهي لفظ ياد اچي ويا، نمي اهي ڳوڙها تنهنجي ڄمڻ تي بہ وهيا هئا، اهي ڳوڙها منهنجي ڄمڻ تي منهنجي ماءُ جي اکين مان بہ وهيا هوندا. اهي ڳوڙها ڌيءَ ڄمڻ تي هر ماءُ جي اکين مان وهندا آهن.

هڪ سؤ اٺاويهہ صفحن تي مشتمل هي بہ ناوليٽ شبانہ سنڌي پنهنجي ڇئن امڙين هڪ پڦي ۽ هڪ خالا سميت دنيا جي مڙني دکن عورتن جي نانءُ ڪيا آهن. هي ڪتاب جيئن ايندا پئي ويا، سي مون ٽيبل تي ڦهليل ان سوٽليءَ ۾ پئي رکيا، جنهن سوٽليءَ ۾ سريلي شاعر امر اقبال پنهنجا بہ ڪتاب ٻڌي ڪوريئر ڪيا هئا. هن پنهنجي شعري مجموعي جو نالو ئي پنهنجي نفي سان ڏنو آهي تہ ”ڇا رکيو آهي امر اقبال ۾. . .“ امر اقبال نظم، وائي، بيت ۽ هائيڪا لکيا آهن پر هن جا جذبا غزل ۾ وڌيڪ نکري اظهارجي اچن ٿا. امر هر شاعر جيان مختلف ڪيفتن ۽ خيالن کي ڪيچ ڪيو آهي.

اوچتو ننڊ مان جاڳي پيو هان
لڳي ٿو ڳوٺ جون ڪجيون ٽيون سڏن
فليٽن جي وچ ۾ ڦاسي پيو هان

سويل اشرف پليءَ جي شاعري واري ذڪر وقت جيڪا ڳوناٽي ۽ شهري ڪيفيت ذڪر هيٺ آئي، سا ڪيفت امر اقبال مٿين سٽن ۾ ڪجھ واضع ڪئي آهي. امر پيار جي احساس ۽ جديد رومانس جو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي ٿهيءَ جا احساس ايمانداريءَ سان چٽيندي چوي ٿو.

پري محفل ۾ واڻڙو ڪري ڇڏيو مون کي
هن ڏنو اڻ ڏنو ڪري ڇڏيو مون کي
لوڪ سارو ڇو لاتعلق ٿيو آهي ؟
هڪڙي پياريءَ جو پنهنجو ڪري ڇڏيو مون کي

امر اقبال جو چوڻ آهي ته، ”هي ڪتاب لڳ ڀڳ ٻن ڏهاڪن تي ڦهلي منهنجي شاعراڻن احساسن ۽ ڪيفيتن جو مجموعو آهي، جيڪي اڳ ۾ شايع ٿيل شعري ڪتابن ”سمنڊ اڪيلو آهي“ ۽ ”اڪين مان ٿميل نظم“ ۾ شامل نه ٿي سگهيا آهن. امر ڪجين جي ديس ۾ سچل جو پاڙيسري آهي، پنهنجي آس پاس ڦهليل ڪوڙ ڪُميت جي بازار کي ڏسي هن سچل کي ئي سڏ ڪيو آهي ته:

سچل! تنهنجو سچ ڪٿي آ؟
هاڻ ته هر ڪنهن گام گهٽيءَ ۾
ڪوڙ ٿو چمڪي ڪنهن سڪي جيان
هي درازن جي ڌرتي ۽
گيڙو سچ جا پويان پاڇا
وحدت وارو ساز ٿو سڏڪي...

امر کي سچ اها سگهه ڏيندو ته هو پنهنجي هنن ۽ ٻين سمورين سٽن تي قائم رهندو، ڇو ته شاعري هڪ مخصوص خيالي وهڪري ۾ سرجي ته وڃي ٿي، پر دنياداري ۽ تعلق داري جڏهن سامهون اچي ٿي ته پوءِ ڪجھ ماڻهن کي پنهنجي سٽن تان هٿ ڪڍڻو پوي ٿو. جيئن ماضي ۾ انقلابي شاعريءَ سان ماحول کي گرمائيندڙ ۽ مڪارن کي شرمائيندڙ شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي هن شعر بابت مون ٻڌو آهي ته هو ان کان لاتعلق ٿيڻجي ويو آهي ۽ ڪٿي چيو اٿس ته مون اهڙي شاعري نه ڪئي آهي، جهڙي مير حسن آريسر انقلابي شاعريءَ جي چونڊ مجموعي ”ٿي تند وڙهي تلوارن سان“ ۾ ڏني آهي. ميرحسن پاران سسهيڙيل ان ڪتاب جي صفحي نمبر هڪ سؤ پنج تي ڊاڪٽر آڪاش جو جيڪو نظم ڏنل آهي، تنهن جو عنوان آهي ”فاضل بنا راهوڪي“

پروٽوڪول جي گاڏين هوندي
بلبلن هوندي، ماڻهن هوندي

ٺڪن ۾ جھونگارن هوندي
پوءِ بہ ڪيڏي سڄ لڳي ٿي
راهوڪيءَ ۾ رُڃ لڳي ٿي
مان روز ٿو هڪڙو خواب ڏسان
او فاضل! يار عذاب ڏسان
ڇڻ ڪنهن تنهنجي ڪک مان نڪتل
ماٺهوءَ توکي ماريو آهي

شاعري جو ذڪر نڪتو آهي تہ سنڌ جي سانوري، پر سريلي شاعر سعيد ميمڻ ڪي ڇو وسارجي، جيڪو اڄڪلهہ بيمار هوندي بہ شاعري سرجيندو رهي ٿو. سندس تازو ڪتاب دل دنبورو بہ منهنجي ٽيبل تي ڦهليل ڪتابن واري ان سوٽليءَ اندر آهي. مون کي خبر آهي تہ سعيد ايترو سمنڊ جي ويجهو نہ رهيو آهي، پر هن ڏاڍيون خوبصورت سٽون چيون آهن تہ:

سعيد چمڪي ٿو سمنڊ جو سينو
چنڊ هن کي چمي رهيو آهي

سعيد درياهي ماڻهو ۽ کهول ۾ رهندڙ تنها شخص آهي، تڏهن ئي تہ هن جي شاعريءَ ۾ داخليت جو اثر وڌيڪ آهي

زخم سارا سبي رهيو آهيان
تون نہ آهين بہ جي رهيو آهيان
گهر جي پارت هجڻ او تنهائي
مان سفر تي وجي رهيو آهيان

# بلوچن جا پنڌ ۽ ننڌڙا ڪا پگت!

ان ڏينهن هڪ ٽي وي ٽاڪ شو ۾ بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير اختر مينگل لاهور اسٽوڊيو ۾ ويٺل هڪ آمر جي حمايتيءَ کي فون تي چيو ته ”اهو پاڪستان توهان کي ۽ توهان جي جنرل پرويز مشرف کي مبارڪ هجي، منهنجو ان ملڪ سان ڪو به تعلق ناهي، جنهن جي شهرن ۾ منهنجيون نياڻيون قتل ٿين ۽ نوجوانن جا لاش، جهنگلن جبلن اندر لاوارث حالت ۾ اڇليا وڃن.“ اختر مينگل پنهنجي ٿيءَ جي انهن سياستدانن منجهان هڪ آهي، جيڪو شائسته زبان ۾ پنهنجو موقف جرئتمنداڻي انداز ۾ رکندو آهي. ان ٽي وي ٽاڪ شو ۾ جنرل پرويز مشرف جي پارٽيءَ جو اڳواڻ بئريسٽر سيف موجود هو. بئريسٽر ان جماعت جي نمائندگي ڪري رهيو هو جنهن جي سربراهه بلوچستان کي انگريزي محاوري ”پوائنٽ آف نو ريٽرن“ تي اچي پهچايو آهي. جنرل (ر) پرويز مشرف جيڪو فوجي سربراهه سان گڏ جڏهن صدر بڻجي وينو ته هن کي اقتدار جو اهڙو نشو چڙهيو جنهن ۾ هن اصل ڌرتي ڌڻين جي ريتن رسمن ۽ اخلاقيات کي لتاڙيندڙ اهو اعلان ڪيو هو ته ”بلوچ سردار اڃان تائين شايد ستر واري ڏهاڪي ۾ پيا رهن، پر کين ياد رکڻ کپي ته انهن کي ائين مارينداسين، جو کين پتو ئي نه پوندو ته ڪٿان اچي لڳو.“

اڳوڻي آمر جيڪو فوجيورديءَ کي پنهنجي کل چوندو هو تنهن جي اها کل ته چيف جسٽس جي بحاليءَ لاءِ هليل تحريڪ دوران ڪارن ڪوٽن وارن وڪيلن لهرائي ڇڏي، پر بلوچستان ۾ ڪيل سندس ارهه زورائيءَ جو ڪيتو اڃان تائين سڀ ڌريون لوڙين پيون. اختر مينگل تمام گهڻي اعتماد ۽ حوش حواس ۾ ڳالهائي رهيو هو سندس ڳالهه تان مون کي هاڻوڪي صوبائي وزير پير مظهر جي اها وڊيو ڪلپ ياد اچي وئي، جيڪا اڃان به يوٽيوب تي موجود آهي ۽ ڪنهن اردو ٽي وي چئنل ترجمي سميت نشر به ڪئي هئي، محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ غم کان بي قابو ٿي وڊيو ڪلپ ۾ پير مظهر روئي رهيو آهي ۽ روئيندي روئيندي چوي ٿو ته هو آزاد سنڌ جو شهري آهي. سندس اهڙي پاڪستان سان ڪو به تعلق ناهي، جنهن اندر وفاق جي زنجير سمجهي ويندڙ اسان جي قائد کي شهيد ڪيو ويو.

پير مظهر جي اقتدار کان ٻاهر هجڻ وارن ڏينهن ۾ ڪنهن سنڌي ٽي وي چئنل جي نمائندي کي ڏنل انٽرويو جي هاڻي ڪا به حيثيث ناهي، ڇو ته پير مظهر ۽ سندس پارٽي اقتدار جي حصول خاطر وفاق جي ان ٽٽل زنجير جي ڪڙ ۾ ٻيهر اچي ويا آهن. جنهن فارمولي تحت لنڊن جي هڪ بلوچ اڳواڻ اٿان جي سنڌي چيٽرنگ ڪلاس کي طعنو ڏنو هو ته ”توهان سنڌي روئڻ مهل بلوچن سان ۽ کائڻ مهل پنجابين سان گڏ هوندا آهيو.“ پير مظهر جي ان غمزده انٽرويو کان ته هاڻي پاڻ انٽرويو ڏيندڙ به لاتعلقي جو اظهار ڪندو، پر اها انهن سنڌي دوستن لاءِ مثالي گذارش آهي، جيڪي بلوچن جي

جدوجهد کي سنڌ ۾ سنڌين جي حالتن سان اڪثر پيٽرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهو الميو بہ ايندڙ تاريخدانن کي لکڻو پوندو تہ اقتدار جي ڏينهن ۾ هڪ ئي لائيٽر مان سگريٽ دکائيندڙ ذوالفقار علي ڀٽيءَ ۽ نواب اڪبر بگٽيءَ کي ڪيئن نہ پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ غير فطري موت ڏنو. هاڻي جڏهن آمريڪي ڪانگريس ۾ ريپلڪن پارٽي جي نمائندي ڊينا روبارڪر بلوچستان جي حق خود اراديت ۽ آزادي بابت قرار داد جمع ڪرائي آهي تہ هر طرف هڪ قسم جي هلچل مچي وئي آهي. ان قرار داد جمع ڪرائڻ کان صرف هڪ هفتو اڳ ساڻئي نمائندي روبارڪر بلوچستان تي هڪ ٻڌڻي بہ سڏائي، جنهن تي پڻ پاڪستان طرفان ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويو هو.

جنهن وقت آمريڪي ڪانگريس ۾ اها قرار داد جمع ٿي رهي هئي، ان وقت ڪراچيءَ ۾ بي ايس او آزاد جي اڳوڻي وائس چيئرمين ثنا سنگت بلوچ جي پيڻ بک هڙتال ڪيمپ تي نعرا هڻي رهي هئي تہ لاپتہ بلوچ نوجوانن کي ظاهر ڪيو ۽ عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي. ثنا سنگت بلوچ بہ هزار اٺ ۾ مستونگ ضلعي جي ڪولپور واري علائقي مان لاپتہ ٿيو ۽ فيبروري بہ هزار ٻارنهن ۾ سندس تشدد ٿيل لاش مليو. ثنا سنگت جي پيڻ زرينہ بلوچ چوي ٿي تہ هن جي جسم تي اناويهہ گوليون لڳل هيون. بلوچستان ۾ هن وقت بااختيار صرف ۽ صرف اهي آهن، جن وٽ بندوق آهي ۽ انهن منجهان بہ اهي بندوقباز وڏيڪ بااختيار آهن، جن وٽ سرڪاري وردي بہ آهي، پر هاڻي حالتون اڃ ايتريون تہ خراب ٿي چڪيون آهن، جو بلوچستان جا اصل ڌڻي ٻڌيل آءِ جي ايف سي بلوچستان بہ چوي ٿو تہ اسان وزيراعليٰ رئيساڻي جي صلاح مشوري سان هلندا آهيون. بلوچستان ۾ بظاهر تہ فوج موجود ناهي. پر پاڪستاني فوج جو ميجر جنرل عبيدالله، ايف سي جو آءِ جي ٻڌيل آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ڪيس پنجاهہ هزار وارو لشڪر مليل آهي ۽ بلوچ مزاحمت ڪندڙ ڪي وڌ ۾ وڌ بہ هزار ٿيندا هن. نالا ڪٽي ٿي وي انٽرويو ۾ چيو تہ برهمداغ بگٽي، حربيار مري ۽ ڊاڪٽر الهہ نذر بلوچ انهن مسلح گروپن جي اڳواڻي ڪن ٿا، جن وٽ پرڏيهي هٿيار ۽ پئسا بہ آهن. هاڻي سوئيزرلينڊ ۾ سياسي پناهہ وٺي رهندڙ برهمداغ بگٽيءَ ۽ حربيار مريءَ هڪ ملاقات ڪري آزاديءَ جو چارٽر بہ تيار ڪيو آهي، پر گرائونڊ تي الهہ نذر جو ڪردار سرڪار بہ مڃي ٿي. برهمداغ ڀلي تہ سوئيزرلينڊ رهي، افغانستان يا ڪئناڊا ۾ پر هن ڊيرا بگٽي ۽ سوئي وارن علائقن ۾ هن جي رٽ اڃان بہ هلي ٿي. ڪجهہ وقت اڳ جڏهن آئون ڊيرا بگٽي نوابن جو گولين ۽ مارٽر گولن سان تباهہ ٿيل گهر ڏسڻ ويو هئس تہ مون کي هر طرف برهمداغ جا ماڻهو متحرڪ نظر آيا. بگٽي نوابن جي بنگلن جي قطارن اندر ڪنڊ ۾ برهمداغ جو زير زمين ڪمرو بہ نهيل هو. جتي اسان سان گڏ هليل سپاهين بيهي تصويرون ڪڍيون. بلوچستان جي اهڙي ئي هڪ دوري تان واپس ايندي اڇي ڏهرڪي ۾ دم پٽيو هو. تڏهن سينئر ۽ ڪاهوڙي ڪامريڊ مانڌل شر کي فون ڪري ڪچهري ڪئي مانڌل شر پنهنجي علائقي مان گيس جي ذخيرن جي استعمال کان اڳ مقامي آباديءَ جي ترقي ۽ تعليم لاءِ ڪي شرط رکيا. جنهن تان ڪيس وڏي جدوجهد ڪرڻي پئي، ڪائنس پڇيم تہ تر جي وڏيرن ۽ سردارن کي بہ گڏائين ها تہ شايد اڃان وڌيڪ ڪامياب ٿين ها. ڪامريڊ ڪلندي هڪ سردار جو قصو ٻڌايو تہ

ڪيئن نہ ان ڪيس ڳالهين جي ميز تي آندو ۽ ڪيس دوستاڻي تنبيهہ ۾ چيو تہ، ”چو ٿو هرويرو اسان کي اڪبر بگٽي بنائڻ جي ڪوشش ڪرين، تون پلي ڪوشش ڪر، اسان ڪڏهن بہ نہ ٿينداسين.“ سنڌي وڏيرن ۽ سردارن لاءِ نسلن کان اها ڳالهہ مشهور آهي تہ هو اقتدار خاطر پنهنجي قومي مفادن تان تمام آسانيءَ سان هٿ کڻي وڃن ٿا. بلوچن ۽ بلوچستان جي تازو اپري آيل معاملن تي بحثا بحثي وارن ڏينهن ۾ هڪ اڻ ڄاتل نمبر تان ڪال آئي ۽ همراهہ هڪ ميار ڏئي فون بند ڪري ڇڏي تہ ”ادا ڀيلي اسان ننڍڙڪا پڳت سنگهہ آهيون، مڙئي پارت هجئي.“

آئون سنڌ جي اهڙن ڪارڪنن کي سواءِ ان جي ڇا چوان تہ جيڪڏهن واقعي پڳت آهيو تہ پوءِ پنهنجي ئي ماڻهن اندر ننڍڙڪا ڇو آهيو؟ پنهنجي روين، عملن ۽ طريقيڪار تي ڀيهر غور ڪريو شايد ڪا شيءِ ڪٿان مسنگ هجي. اسان جو نوجوان نسل تہ فيس بڪ، ٽوئيٽر ۽ سوشل ميڊيا جي ٻين ٽولز کي ذاتي خوشين جي حصول لاءِ استعمال ڪري ٿو پر ان ئي سوشل ميڊيا کي بلوچ نوجوانن جيترو پنهنجي قومي مفاد ۾ استعمال ڪيو آهي، سو ڏسڻ وٽان آهي. عام طور پنتي پيل سمجهيا ويندڙ اهي بلوچ هاڻي انٽرنيٽ جي دنيا جا اهي ماهر ٻڌيل آهن، جن آمريڪي پرڏيهي کاتي کان ٽوئيٽر تان بلوچستان بابت ڳڻتيءَ جا پيغام هلرايا. آمريڪي ڪانگريس ۾ بلوچستان بابت قرار داد جمع ٿيڻ جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ ڪو هاڻي بلوچستان آزاد ٿيو ٿئي. پر اها پاڪستان لاءِ ڳڻتي ۽ ڇڙ ڏيارڻ جهڙي ڳالهہ ضرور آهي، ان قسم جي قرار دادن ۽ عالمي سماعتن کان پوءِ بہ جيڪڏهن اسٽيبلشمينٽ حواسن کان ڪم نہ ورتو ۽ بلوچن جي ڇچريل لاشن ڏيڻ جو سلسلو بند نہ ڪيو تہ پوءِ لڳي ائين ٿو تہ دنيا جو اڪيلو چڱو مڙس آمريڪا هاڻي بلوچن جي مامري تي خاموش ڪونہ ويهندو ۽ اها ٽڪ ٽڪ پٺي هلندي.

# آواز عورتن جا

دنيا جي انهن پنجويهہ تمام طاقتور عورتن جي لسٽ هڪ اهم عالمي رسالي تازو شايع ڪئي آهي، جنهن ۾ سنڌ سطح تي ڊاڊو ڳوليو پر شازيہ مري کان وٺي سسئي پليجو تائين ڪنهن جو بہ نالو شامل نہ هو. دنيا جي طاقتور عورتن جي ان فهرست ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ مختلف ڪنڊن ۾ ملڪن منجهان اهڙين عورتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي، جيڪي پنهنجي پنهنجي ڪردار سبب لاڳاپيل سماجن توڙي عالمي سطح تي اثرانداز ٿين ٿيون. ان فهرست سان ڪجهہ ماڻهو اختلاف رکن ٿا ۽ ڪجهہ ان کي مغربي پروپيگندا جو حصو سمجهن ٿا پر اهڙي فهرست جيئن تہ ڀھريون پيرو مرتب ٿي آهي، سو ان ۾ ماڻهن جي دلچسپي بہ وڌندي پئي وڃي.

دنيا جي 25 طاقتور ترين عورتن واري ان فهرست ۾ چين جي 66 سالن جي سياستدان ليويا ندونگ بہ شامل آهي، جيڪا چين جي حڪومت ڪندڙ ڪميونسٽ پارٽي جي 25 ميمبرن واري پولٽ بيورو جي اڪيلي عورت ميمبر آهي. ڪيس يونيورسٽي آف نيوبارڪ مان اعزازي پي ايچ ڊي ڊگري مليل آهي ۽ سندس سڃاڻپ هو جنتائو جي ويجهو هئڻ واري بہ آهي.

طاقتور ترين عورتن جي ان فهرست ۾ مختلف شعبن مان اهڙيون عورتون شامل ڪيون ويون آهن، جن جا ڪردار تہ اهميت جوڳا آهن پر انهن ڪي روزمره جي زندگيءَ ۾ عوامي سطح تي گهٽ سڃاتو وڃي ٿو. ان فهرست ۾ نيوزيلينڊ جي اڳوڻي وزيراعظم، 62 سالن جي هيلن ڪلارڪ بہ شامل آهي، جيڪا هاڻي اقوام متحده جي اداري يو اين ڊي پي جي سربراه آهي. سندس هٿ ۾ 5 بلين ڊالرز جي بجيٽ آهي، جيڪا هو 177 ملڪن ۾ ڦهليل پنهنجي اٺ هزار ملازمن جي مدد سان غربت جي خاتمي ۽ ماحوليات وغيره تي خرچ ڪري ٿي. ان فهرست ۾ نائيجيريا جي ناڻي واري وزير نگوزي اوڪونجو اويلا بہ شامل آهي. هارورڊ جي تعليم يافتہ 57 سالن جي نگوزي ڪي تازو ڏکڻ آفريڪا لاءِ نائيجيريا ورلڊ بئنڪ جي سربراهيءَ لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي.

ڄاڻايل فهرست ۾ آفريڪي ملڪ گيمبيا جي اها قانوندان فاطوبہ شامل آهي، جيڪا انٽرنيشنل ڪرمنل ڪورٽ ۾ تازو ئي چيف پراسيڪيوٽر مقرر ٿي آهي. اها 51 سالن جي قانوندان فاطو نائيجيريا ۾ پڙهي آهي ۽ هاڻي ڪيس نئين ذميواري ملي آهي. انصاف جي عالمي عدالت ۾ تازو جيڪي ڪيس هلي رهيا آهن، انهن ملزمن جو تعلق بہ فاط جي آفريڪي ڪنڊ سان آهي، جن ۾ سوڊان جو عمر حسن البشير، ”خدا جي مزاحمتي فوج“ نالي لشڪر جو سربراه جوزف ڪوني، ۽ آئيوري ڪوسٽ واري لارينٽ جباجو جا ڪيس شامل آهن.

عورتن واري ان فهرست مصر جي ڪنهن انقلابي اڳواڻي ڪندڙ عورت کي تہ شامل نہ ڪيو ويو آهي پر 61 سالن جي فائزه ابوالناغہ جو نالو ضرور شامل ڪيو ويو آهي. فائزه اڳوڻي آمر حسني مبارڪ جي زال سان ويجهڙائپ سبب پرڏيهي مامرن ۾ اهم جاءِ والاري ويئي ۽ مصري سفارتڪاريءَ ۾ سندس وڏو نالو آهي. چون ٿا تہ آمريڪا ۽ مصر وچ ۾ وڇوٽيون پيدا ڪرڻ ۾ فائزه جو وڏو هٿ آهي، جنهن ”بلين دالرز ۾ ملندڙ آمريڪي امداد ڪيئن خرچ ڪجي؟“ واري مامري تي سختي ڏيکاري. مصر ۾ انقلاب جي هڪ سال کان پوءِ جڏهن حسني مبارڪ بہ هاڻي منظر تي ناهي، تڏهن بہ فائزه هاڻوڪي فوجي حڪمران جي سفارتڪاريءَ ۾ اصل طاقت بڻيل آهي. قاهره جي مظاهرن ۾ حصو وٺندڙ سوين اين جي اوز ڪارڪنن جا ڪيس اڄا بہ سندس هٿ ۾ آهن، جن ۾ گرفتار ٿيل 19 آمريڪي اين جي اوز ورڪر بہ شامل آهن. آمريڪين کي خدشو آهي تہ فائزه جي سخت ڪردار سبب مصر کي ملندڙ 1.5 بلين ڊالرز واري آمريڪي امدا بہ رولڙي جو شڪار ٿي سگهي ٿي.

چاڻايل فهرست ۾ اترڪوريا جي حڪمران گهراڻي جي 65 سالن جي عورت ڪم ڪيانگ بہ شامل آهي، جيڪا حڪمران جماعت جي پولٽ بيورو جي ميمبر آهي. اها خاتون اترڪوريا جي باني ڪم ال سنگ جي ڌيءَ ۽ اڳوڻي حڪمران ڪمجونگ جي ڀيڻ ۽ موجوده حڪمران ڪم جونگ اين جي پڦي آهي. سندس ڪردار اترڪوريا ۾ ان ڪري بہ اهم آهي جو هوءَ 40 سالن کان حڪمراني ڪندڙ سرڪل جو حصو رهي آهي.

چاڻايل فهرست ۾ برطانيا جي هوم سيڪريٽري ٿيريسامي جو بہ نالو شامل آهي، جنهن پنهنجي پارٽيءَ جي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو هو تہ سندن هارائڻ جا سبب اهي آهن جو ماڻهو سندن جماعت کي ”نيستي پارٽي“ سمجهن ٿا. ٿيريسامي 55 سالن جي اهڙي طاقتور خاتون آهي، جيڪا برطانيا جي چئن اهم آفيسن مان هڪ جي مالڪ آهي. وزيراعظم، ماليات جي چانسلر، ۽ پرڏيهي سيڪريٽري سان گڏ برطانيا ۾ سندس آفيس اهم سمجهي وڃي ٿي. ائين تہ ان فهرست ۾ فلسطيني جماعت پي ايل او جي سفارتڪار حنان اشراوي جو ۽ ڪوسوو جي صدر ايٽي فني جهجاجا جا نالا بہ شامل آهن پر فهرست مرتب ڪندڙن جي اک جو ڪمال ڏسو، جو هنن هو جنتائو کان پوءِ چين جي خاتون پينگ ليوان پاڻ بہ پيپلز ليبريشن آرمي ۾ ميجر جنرل جي عهدي تي آهي. سندس آواز تمام سريلو آهي. هن چين جي فوج لاءِ ڪيترائي نغما ڳايا آهن، جن مان هڪ ”اسان جو مستقبل اميدن جي ميدان ۾ آهي.“ چين جي فوج ۾ مقبول آهي. پينگ ليوان سماجي ڪمن ۾ حصي وٺڻ سبب پنهنجي سياستدان مڙس کان بہ وڌيڪ مقبول آهي. جنهنڪري صحت جي عالمي اداري ٽي بي ۽ ايڊز جهڙن مرضن بابت ڪيس خير سگالي سفير مقرر ڪيو آهي.

اهي تہ ٿيون دنيا جون طاقتور ترين عورتون — پاڻ پنهنجي سنڌ ۾ جيڪڏهن اهڙي ڪا فهرست ناهيون تہ ڪير ڪير ان شامل ٿي سگهي ٿو؟ ماڻهو تہ تازو مقرر ٿيل ۽ تڪرار جي ور چڙهيل شهناز پير مظهر ۽ وحيده شاه جا نالا وٺن ٿا پر حقيقي انداز ۾ ڏسجي تہ فنڪشنل ليگ جي ماروي راشدي، پيپلز

پارٽي جي سسئي پليجو ۽ سوتا جي ڊاڪٽر عرفانہ ملاح جا نالا تہ آسانيءَ سان ان فهرست ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. جن مرداڻي سماج ۾ مرداڻي ماٿ اڳيان مزاحمت ڪئي ۽ پنهنجو ڪردار جوڙيو. هاڻي موڪل تي ويل وي سي نذير مغل جهڙن ماڻهن ڪي عام نظرن ۾ بدعنوان سمجهيو ويجي ٿو پر ماروي ۽ عرفانہ کي اهڙي هٺ ڌرمي وارن مردن کي چئلينج ڪندڙ ۽ کين هارائيندڙ بهادر عورتون سمجهيو ويجي ٿو.

# لقاءُ

تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ حياتيءَ جي هيلوڪن لقائن کي ڇڏي ٿورو مڙي پنتي نهاريان ٿو تہ اڄايل مورن جهڙي رڙ نڪريو وڃي. ڇا تہ سادي ۽ سياويڪ زندگي هئي! جنهن ۾ ڪي جيب ڪترا ماٺهو دستانا پاتل دوستن جي روپ ۾ اڃا سامهون ڪونہ آيا هئا. جڏهن اسان گڏجي ويهي پيزا کائيندي بہ پٽ ۾ ڇري هٽڻ واري زماني ساز ريتن کان اڻ واقف هئاسين. جڏهن پنجين رپين جا پڪوڙا ۽ چانورن جي ماني کائي بہ اسان گلزار جي گيتن ۾ مست مگن رهندا هئاسين.

ان حَسين زماني کان حياتيءَ هاٿي تہ گهٽو پري ڪري ڇڏيو آهي. پر سنڌوڪناريءَ زيتونن جي باغن ۾ ويڙهيل عاقل جو اهو ڳوٺ اڃا بہ سڏي ٿو جتي سنڌ جي هڪ اڳوٽي پريميءَ جي قبر اڄ بہ اداسيءَ جو اهڃاڻ بڻيل آهي. ان ئي ڳوٺ جي هڪ ڪچي گهر جي آڳر ۾ نمن هيٺان رکيل کٽن تي ويهي اسان سياسي ۽ ادبي ڪچهريون ڪندا هئاسين. ان ڪچي گهر جي ٻاهران تختيءَ تي نمايان اکرن ۾ "فقير منزل" لکيل هوندو هو. تنهنڪري ئي اسان پنهنجي پياري دوست قاسم ڪيهر کي فقير قاسم ڪري سڏيندا هئاسين. قاسم ڪيهر جي ان زماني کان ادب ۽ آرٽ سان دلچسپي اعليٰ درجي واري رهي آهي. انهن ڏينهن جون يادگيريون هڪ الڳ داستان جو حصو آهن. جنهن ۾ تمام بهترين ۽ ايوارڊ يافتہ انگريزي فلمون ڏسڻ بہ شامل آهي. جن جي چونڊ قاسم ڪيهر ۽ قدير شيخ ڪندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ قاسم جڏهن کان مون هن ئي اخبار ڪاوش جي صفحن تي ناز نوتڪاٽيءَ جي ماءُ جو فوٽو ڏٺو آهي. مونکي اها فلم بار بار ياد اچي رهي آهي. هالي ووڊ جي ان ناياب فلم جو نالو پڇان ها تہ هڪ پل ۾ قاسم ڪيهر کي ايس ايم ايس ڪري پڇي بہ سگهان پيو پر دل چيو ان کي بہ لاپتہ رهڻ ڏجي. ان سا ڪو مطلب؟

فلم هڪ اهڙي انقلابي شاعر ۽ ڪارڪن جي باري ۾ آهي. جيڪو جيل ۾ آهي. جيل اندر سياسي قيدين واريون سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ هو ساٿيءَ سان گڏجي بک هڙتال ڪري ٿو. سا بہ مرڻ گهڙيءَ تائين. سندس ملاقات لاءِ ڪنهن بہ اڳواڻ يا ڪارڪن کي اجازت ناهي. خبر بہ ٻاهر دير سان ٿي وڃي پر هن جي امڙ لاڳيتو نہ رڳو سندس ملاقات تي ايندي رهي ٿي پر ڪيس يقين بہ ڏياريندي رهي ٿي تہ هوءَ ساڻس گڏ آهي. ان بک هڙتالي قيديءَ جي پنهنجي ماءُ سان شايد سندس اها آخري ملاقات هجي ٿي. جڏهن هو جيل جي سيخن اندران آخريون ٽپائي ماءُ جي آڱرين کي ڇهي چوي ٿو: "زندگيءَ جو ڪو پتو ناهي پر آئون تنهنجو ٿورو مڃڻ چاهيان ٿو ڇو تہ منهنجي سياسي نظرين سان متفق نہ هوندي بہ تون مون سان هن ڏکي گهڙيءَ ۾ گڏ بيٺي رهينءَ. ٿينڪ يو موم. . "

خبر ناهي گولاڙجيءَ مان گم ٿي ويل استاد اسماعيل عرف ناز نوتڪاڻي کي اها مهلت ملي به سگهندي الاءِ نہ. تہ هو پنهنجي ان ماءُ جا ڳوڙها اگهي، جيڪا سندس سياسي نظرين سان الاءِ متفق هوندي الاءِ نہ هوندي. ساڻس گڏ بيٺل آهي. ڪاوش ۾ ناز نوتڪاڻيءَ جي ماءُ ج ڇپيل فوٽو ڏسي، مونکي لڳو پٽن کي تڪليفن ۾ ڏسي مائرون لڇي ڦٿڪي پون ٿيون. اهي ساڻن گڏ آهن پر اسين مڊل ڪلاسي دانشور اهڙين مائرن ۽ پٽن کان لاتعلق بڻجي لقاءُ ڏسي رهيا آهيون. اهڙو لقاءُ، اهڙو ڪينواس جيڪو آهستي آهستي سڄي سنڌ جي شهرن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻيندو پيو وڃي. مصيبت اها آهي تہ سنڌ ۾ تہ ڪا عاصما جهانگير جهڙي عورت ۽ آءِ اي رحمان جهڙو ڪو جهونو بہ ناهي، جنهن کي زندگيءَ سان ايترو پيار هجي، جو سياسي نظرين جي بنياد تي باهہ ۾ سڙندڙ پراون پٽن جو سيڪ انهن کي اچي ۽ اهي لڇي ڦٿڪي دانهن ڪن تہ ڇا بہ هجي کين قانوني مدد تہ فراهم ڪريو. قانوني مدد جو حق تہ ڪانئن نہ کسيو. سنڌ جي نام نهاد پڙهيل لکيل ۽ مڊل ڪلاسي دانش جي زمين تي اڄڪلهہ خوشامد ۽ چاپلوسي جو فصل پچي ايترو تہ تيار ٿي چڪو آهي جو ذات خي خول کان ٻاهر نهارڻ ممنوع بڻجي ويو آهي.

اها ڳالهہ بہ ڪا گهٽ پراڻي ناهي، جڏهن سنڌ جا بہ ترقي پسند ۽ نوجوان دانشور هڪ سرڪاري اداري جي سيٽ حاصل ڪرڻ تان هڪ ٻئي سان ضد پيل هئا، انهن مان هڪ گهڻ پاڙهو دانشور ٻئي تي دهمان ڪندي چيو "اڙي ڇٽ جا پٽ! توکي خبر ئي ناهي تہ فلاڻي ايجنسيءَ جو ميجر منهنجو دوست آهي، ائين ڪنيجي ويندين، خبر ئي نہ پوندئي." تڏهن اڳيون همراهہ بہ ڪٿان مڙڻ وارو هو. ڪيس وراڻيائين، "گهوڙڙئي جا پٽ! تون بہ پنهنجو خيال ڪجانءِ، فلاڻو ڪرنل منهنجو دوست ٿي نہ، مائٽ بہ اٿئي."

سنڌ ۾ عجيب ماجرا آهي تہ هاڻي مسنگ يا لاپتہ ٿيڻ بہ هڪ مهڻو ۽ ڌمڪي بڻجي پيو آهي. ان ڏينهن هڪ سرگرم عورت کي ڪاڪي وزير فون ڪري ست سُريون ٻڌايون ۽ آخر ۾ اها ڌمڪي ڏنائين تہ "مائي ڏاڍو ٿي اڄڪلهہ وات هڻين. يلا مسنگ ٿيڻ جو شوق اٿئي ڇا؟"

سنڌ جي آلوده بڻجي پيل دانش گهرن ۾ ڪنهن کي ڳڻتي هجي يا نہ پر سپريم ڪورٽ پاران لاپتہ ماڻهن بابت جوڙيل عدالتي ڪميشن کي ضرور آهي. جنهن جي سربراهہ جسٽس (ر) جاويد اقبال پنهنجي رپورٽ ذريعي اسان جهڙن پاڻمرادو بڻجي ويل انڌن ٻوڙن ۽ گونگن کي آگاهہ ڪيو تہ پاڪستان مان لاپتہ ماڻهن جو گهڻو تعداد بلوچستان نہ پر سنڌ وارن جو آهي، جن کي ڪٿي ۽ ڪيئن رکيو ويو آهي، سو هاڻي ڪو راز ناهي رهيو. جسٽس (ر) جاويد اقبال جي ان رپورٽ کان پوءِ هڪ ماستر دانشور چيو: ادا ڇورا ڪم جو اهڙا ڪندا تہ پوءِ ائين تہ ٿيندن. هن ڳالهہ کي مذاق ۾ ٽاريندي چيو "ابا اهي پاڻ ٿي تہ فارسيءَ جو اهو شعر ٻڌائيندا آهن تہ، اي سنڌ! تنهنجي عشق جي ڏوهہ ۾ ڏس هي مونکي ڪهن ٿا . ڪهڙو نہ سٺو لقاءُ آهي، تون بہ ڪوٺي تي چڙهي اچي ڏس!! . . . سو ابا اسان بہ پنهنجي ڇت تي چڙهي لقاءُ ڏسون پيا. سنڌ جي هڪ پوري نسل تي اڄ امتحان جي آزمائشي گهڙي آيل آهي ۽ اسين وظيفي خور درٻارين جيان ان نسل جو سياسي نظرياتي اختلافن جي بنياد تي ذڪر ڪرڻ کان بہ ڪراهت

محسوس ڪريون ٿا. اسان جي آسپاس روزانو ٿيندڙ ان لقاءُ کان اسان ايترو تہ اکيون پوري ويٺل آهيون جو گھوٽڪي جي اها خبر بہ اسان کي الجزيره وارا ٻڌائين ٿا تہ ذاڪر بوزدار کي امتحاني سينٽر تان پرچو ڏيندي پڪڙي ويا.

اهي ڇوڪرا جن جي جسمن تي سگريٽ اجھايا پيا وڃن سي جيئن تيئن ڪري پنهنجو وارو تہ وڃائي ويندا پر اسين هڪ خوشامدي طبقو ٿي رهجي ويندا سين. اسين وظيفي خور ۽ تعريفن جون پُلون اڏيندڙ هڪ وزير جي معاملي تي هڪ سؤ نالن جي لسٽ سان وقت جي بادشاهہ کي عرض تہ لکي موڪليون ٿا پر سنڌ اندر جاري انساني حقن جي لتاڙ خلاف اسان نام ڪئين مردن جي ديس ۾ اڪيلي مرد عاصما جهانگير جو انتظار ٿا ڪريون تہ هوءَ بيان جاري ڪري. اسين واقعي هڪ رحم جوڳي حالت ۾ آهيون. صرف تماشو ۽ لقاءُ ڏسڻ جا عادي گوڏن نڪتل ملهہ.

جسٽس (ر) جاويد اقبال جي ڪميشن رپورٽ کان پوءِ هڪ پرڏيهي صحافيءَ اسلام آباد ۾ مونکان پڇيو تہ اهي ڪير آهن، جيڪي سنڌ مان لاپتہ ٿيندا ۽ مرندا رهن ٿا.

مون ان انگريز صحافيءَ جي شفاف نيرين اکين ۾ نهاري ٽڏو ساهہ پريو ۽ وراڻيو "اهو هڪ بدنصيب واديءَ جو ننڍڙڪو نسل آهي، جيڪو پنهنجي عشق هٿان ائين مجبور آهي، جيئن چنڊ لاءِ چڪور ۽ شمع لاءِ پروانا. جن جو سندن معاشرو بہ وارث ڪونہ ٿو ٿئي پر هو آهن، جو ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون پسو پرڏيهين جون ڪندا پيا وڃن.

# جن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو!

ٽُنهنجي خون ناحق کي هاڻي پورا پنجٽيهه سال ٿي ويندا. مون هڪ نسل جي عمر جيتري عرصي کان پوءِ به تنهنجي خون سان ڪو انصاف ٿيندي نظر ڪونه ٿو اچي. اهو انصاف ذاتي حوالي سان ڪونه ٿيندو آهي، ڇو ته نج سياسي ڪارڪنن جي خون جون قربانيون ڪنهن ذاتي جهيڙي واريون نه هونديون آهن، جو قبائلي سردارن جو ڪو جرڳو ويهي خون بها جا پئسا ڳٽي ڏئي. ان عرصي دوران پنهنجي ملڪ ۾ هڪ نه، ٻه ٻه نه، پر پوريون ٽي جمهوريتون بحال ٿيون، سي به پنهنجي سنڌي اڳواڻيءَ واريون جمهوريتون ۽ هاڻي به جمهوري راڄ ڇئجي ٿو پر اهو پلو تنهنجي خون جي الزام کان عدالتي ڪٽهڙي مان آجو بيٺل آهي، جنهن تو جهڙي ڪمزور کي گرفتار ڪري پڪڙڻ مهل هلندڙ بس مان تنهنجي پويان ٽپو ڏنو هو. تنهنجي خون کي پورا پنجٽيهه ورهيه گذريا، پر جنهن مقصد لاءِ تون جان ڏني، سا منزل يعني انقلاب ته هن سينواريل سماج ۾ نه اچي سگهيو آهي، پر هاڻوڪي نئين نسل ۾ ان جو تصور به ڌُنڌلو ٿيندو پيو وڃي.

هاڻي ڪي ڪاهوڙي تو جيان سائيڪلو اسٽائل پمفليٽ ڇپرائي ڪونه ٿا ورهائين، نه ئي ڪو نقلي پروفيسر دونهيدار ليڪچر پيو ڏئي، پر هاڻي اهڙا ڪيئي ڪاهوڙي دانشور گڏ ٿي پنهنجي پنهنجي سول سوسائٽي جوڙي وينا آهن، جيڪي جمهوري سرڪار کان پنهنجي انقلابي هئڻ ناتي رعايتون وٺندڙن جي قطار ۾ آهن ۽ وقت اچڻ مهل تنهنجي تصوير ائين اسٽيج تي رکن ٿا، جيئن شهر جا فيشني ڇوڪرا ڪامريڊ چي گويرا جي تصوير پنهنجي نئين ماڊل واري گاڏيءَ تي هٽائي هلن ٿا ۽ ڪين ان جي ڪارنامن جي ته ڇڏيو نالي جي به خبر ناهي هوندي ته چي گويرا آخر ڪير هو ۽ ڪٿان جو هو.

انهن سالن دوران انقلاب جي نالي ۾ ڪهڙا تماشا ٿيا ۽ تنهنجي ساٿين مان ڪيترا داٽا ڪٽي، ڪيئن ۽ ڪيتري دام ۾ ڪريا، سا ڪهاڻي ٻئي پيري سهي، پر تنهنجي تصوير هاڻي به ائين ميارون پئي موڪلي، جيئن انور پيرزاديءَ پنهنجي شاعري ۾ پٽائي کي ميارون موڪليون هيون ته ”اي چنڊ پٽائي کي چئجان. . . جنهن رات ۾ تو تي گيت لکيا، سا رات اڃا به جاري آ . . . “ سو ڪامريڊ سنڌ مٿان اها رات اڃا به جاري آهي، جنهن رات جي اونداهيءَ ۾ تنهنجو لاش ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ لاوارث حالت ۾ پيل هو ائين ئي سنڌ اڃا تازو ئي پنهنجي لاپتہ ٿيل راجا ڏاهر جو لاش وصول ڪيو آهي . تنهنجي لاش کان ويندي ڏاهر جي لاش تائين سنڌ گهٽو ئي پوڄيو آهي، پر سنڌ کي اها صُبح نصيب نه ٿي سگهي، جنهن لاءِ اسان جي نسلن اوجاڳا ڪٽيا ۽ رت ڏنائون. ڪنهن طعنو ڏنو ته زرعي سماجن ۾ انقلاب ايترو آساني سان نه ايندا آهن، اهو طعنو ٻُڌي مون کي تنهنجو چهرو ياد اچي ويو جيڪو اسان جي نسل لاءِ انقلاب جي علامت بڻيل هو پر اها به حقيقت آهي ته سنڌ جي اجتماعي بيحسي انهن

ننڍڙڪن سياسي ورڪرن جي خون تي اجا بہ ساڳي آهي، جيڪا پنجٽيهہ ورهيہ اڳ تنهنجي خون تي هئي. ائين نہ هجي ها تہ سنڌ جو عاشق صادق عبدالواحد آريسر تنهنجي خون تي " هي لاش ڪنهن جو آهي" جهڙيون رات ڏاڙيندڙ سٽون نہ لکي ها ۽ نہ ئي ان جي آخر ۾ سنڌ جي عام ماڻهن کي ميار ڏئي ها تہ اوهان کي ڪراچيءَ جي اسپتال جي سردخاني ۾ پيل لاش وڏي واڪي ٻڏائي رهيو آهي، اهو لاش، سنڌ جي هڪ ڪميونيسٽ حريت پسند جو آهي، جنهن جو نالو نذير عباسي آهي. شايد! توهان سڃاڻندا نہ هجو ، ڇو تہ توهان يا مير علي مراد کي سڃاڻندا آهيو يا چارلس نيپيئر کي. سنڌ جي اها ئي ويجهي واري نظر هاڻي بہ خراب آهي ، هو پري ئي وڏي صاحب کي سڃاڻن ٿا ۽ وري وڏي رئيس کي. سنڌ جي اهڙي رويي کان تنگ ٿي، شيخ اياز تہ چيو هو تہ "پنهنجا ڦٽ پراڻا هئا يا هي ويڄ اياڻا هئا."

تنهنجي ورسيءَ جي مناسبت سان اهو آسانيءَ سان لکي پئي سگهيس تہ تو ٽنڊوالهيار جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ غريب پورهيت جان محمد عباسي جي گهر ۾ جنم ورتو ۽ پنهنجي شاگرديءَ واري خرچ پرڻ لاءِ ملز ۾ مزدوريون ڪيون ۽ مزدور هاريءَ جي حڪمرانيءَ واري حق لاءِ جدوجهد ڪندي، پنهنجي جان ڏني . . . پر اهو سفر ايترو آسان ناهي، ڇو تہ تنهنجي انقلابي شخصيت جي ڇاپ هر انقلابيءَ جي من تي اجا بہ ايتري تازي اڪريل آهي، جيتري ڪنهن محبوبا جي ڇپن تي پيار جي پهرين چُمي اڪريل هوندي آهي. 1980ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ 1990ع واري ڏهاڪي جا اهي شروعاتي سال جڏهن تنهنجي تصوير هاسٽل جي سُلجهيل سياسي ڪارڪنن جي ديوارن تي نمايان هوندي هئي، تڏهن تنهنجو معصوم چهرو پاڻ ئي پاڻ انصاف، آزادي ۽ انقلاب جي ڳُر ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ يا تہ نظير عباسي جي تصوير هوندي هئي يا وري چي گويرا جي، جيڪا هاسٽل جي ديوارن تي لڳل هوندي هئي.

منهنجي توسان ڪا روبرو ملاقات ٿيل ڪونہ هئي، نہ ئي ڪو توهان جي پارٽيءَ جو ڪو پيڊ يا پڪو ورڪر هئس. پر مون کي تنهنجي ذاتي ۽ سياسي شخصيت پرزن پرزن ۾ سالن سالن ۾ ملندي رهي ۽ آئون ان سنڌي ڪميونسٽ پارٽي جي تصوير ذرا ذرا ڪري ڳنڍيندو ۽ تصورن ۾ جوڙيندو رهيس، جنهن هٿين خالي رات جي بگهڙن کي للڪاري وڌو هو. جيڪو ڪنهن رئيس يا نواب جي اولاد ڪونہ هو. پر هڪ عام سنڌي پورهيت جو پُٽ هو. جنهن پنهنجي جوانيءَ جي جوش ۾ ڪميونسٽ نظريو اختيار ڪيو ورنہ سندس ساٿ ۾ اهي بہ يو پي سي پي جا انقلابي هئا، جن پنهنجي انقلابي هجڻ واري ڪوٽا تي پنهنجون اهي ڏيئرون ۽ پُٽ بہ ماسڪو تعليم لاءِ موڪليا، جن واپسيءَ تي ملڻ لاءِ ايندڙ ڪامريڊن کي پهرين وضاحت اها پئي ڏني تہ "ديکهيئي پهلي بات يہ کہ مين الحمدالله ماسڪو مين رھ ڪر ڀي مسلمان هون اور پانچ وقتي هون . . . اپي آگي بات ڪرين . . . "

مون کي تہ هاڻي تائين خبر ناهي تہ تنهنجي نياڻي ڪٿي پڙهي ۽ ڪيئن وڏي ٿي، پر ان جي شادي جي دعوت ۾ آئون ضرور ويو هئس. جيڪا تنهنجي عاشق ڪامريڊ غلام رسول سهتي سندس مان ۾ رچائي هئي، مون کي تنهنجيون ڳالهيون ان ڪامريڊ شبير شر بہ جام ٻڌايون، جيڪو شايد ان ڏينهن

توسان گڏ ڪراچيءَ ۾ سائيڪلو اسٽائل پمفليٽ ڇپيو تيار ڪري، جنهن ڏينهن رهڻ ٽولو ٽوڪي ڪنهڻ آيو هو . . . اسان جي نسل تنهنجي يادگي اڻين ساڏيو جيئڻ اياز ڇپيو ته.

”مون وينديءَ تن جا پير ڏٺا مون ڇا ڇا ماڙس متير ڏٺا . . .

اهو به هڪ دور هيو جنهن ۾

ڇا نعرا هئا، ڇا نينهن هئا،

هو ماڙس هئا يا شينهن هئا،

ڪي ڏونگر ڏيل ڏڪائي ويا

گجگوڙ ڪري گرمائي ويا . . . “

تنهنجي ساٿين کي متان اها منيان لڳي ته آئون بار بار توکي سنڌي ڀيو لکان، ڇو ته ان وقت جي مروج سياسي ريتن موجب اوهان جي راهه ”ميرا ڪوئي ديس نهين ميرا ديس جهان . . .“ پر يار مون ملتان کان مانسره ۽ مانجهند کان مانچسٽر لنڊن تائين گهڻو جهان سفر ۾ گذاريو آهي. مون کي نذير عباسي جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ نظر آيو آهي ته اها ڪنڊ ڪنهن نه ڪنهن سنڌيءَ جي دل واري ڪنڊ آهي. تنهنجا آدرش تنهنجا نظريا پلي ته ڪهڙا به هجن، پر اهي بدبودار سينواريل سماج کي بدلائڻ جا خواب هئا. هن اسٽيٽسڪوکي جيئڻ جو تيئن رکڻ وارا جتن ڪونه هئا. تنهنجي راهه اجا تائين ڏُنڌلي ڪونه ٿي آهي، جيئن شيخ اياز جو ”وڄون وسڻ آيون“ وارو ڪتاب سنڌ جي جوانيءَ ۾ ممنوع يا فرسوده ڪونه ٿيو آهي.

هاڻي ته سنڌ ۾ اهو ماحول ناهي رهيو جڏهن بيدل مسرور جو ميوزڪ بينڊ هر هنڌ ڳائيندو هو ته ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“ پر هاڻي خود بيدل مسرور انقلاب کان وڌيڪ انهن جنن ڀوتن جي ڀوبان ڊوڙندي ملي ٿو. جيڪي سندس سچل واري گهر مان وقت بوقت غائب ٿيندا رهن ٿا. اهڙي ماحول ۾ سنڌ جو ڀوتارڪو نظام اڃا وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي. هاري ۽ مزدور هاڻي انقلابي هر اول دستو نه، پر ڀوتار جا ڪمدار ٻڌيل آهن. اهڙي گگهه اونداهه ۾ وري به تو جهڙا ڪي چريا سنڌ پيدا ڪندي رهي ٿي. جيڪي ديس ۾ ڦهليل دهشت ۽ منافقت کان پري گذاريندي ڪويلين کي وطن واسين لاءِ سنديس ڏين ٿا ته

”وڃو ڪويليو وڃو

وڃي پرين کي چئو

اڃان ڀيو جيئان . . .

ڪڏهن اڪت مران ته پوءِ به چار لڙڪ هارجو . . .

ڪڏهن ڪڏهن ته سارجو ته ڪير ماڳ ۾ مُئو . . .“

# طبقو تبديل ڪرڻ وارو خفت!

اها نئين سال جي آجيان واري هڪ عجيب رات هئي، جڏهن اسان لاڙڪاڻي جي هڪ لوئر مڊل ڪلاس محلي جي زير تعمير گهر جي هڪ ڪمري ۾ گڏ ٿيا هئاسين. مختلف شعبن سان اسان لاڳاپيل ڇهہ دوست اهڙي ڪمري ۾ گڏ ٿيا هئاسين، جتي بجلي بہ ڪونہ هئي ۽ ٻهراڙي جي اوطاق جيان اسان شهري ڪمري جي وچ ۾ باهہ جو مچ ٻاري هٿ سيڪڻ لڳاسين. ان محفل ۾ اڪثريت اهڙن دوستن جي هئي جيڪي پنهنجي پنهنجي زندگين ۾ ناولن جا نہ رڳو ڪردار هئا، پر مڪمل ناول هئا.

جڏهن باهہ جي دونهينءَ ۽ سيءَ ڪان آجا ٿياسين تہ سڀني پنهنجا پنهنجا گلاس سنڀاليا. اسان جي هڪ پراڻي ليڪڪ دوست سگريٽ ناهڻ شروع ڪيا تہ بحث ادب ۽ سياست ڪان نڪري وڃي گاڏين جي ماڊلن، گهرن جي تعمير ۽ ڏاڏي پوٽن زالن مان بيزار ٿيڻ وارن موضوعن تي پهتو. ”الله جو شڪر آهي . . .گهر ۾ هر گنج پيو آهي پر مون واري مائي ڦري ڦري تريل ٻڌاتا ۽ چانورن جي ماني پچايو ويٺي آهي، ڪجي تہ ڇا ڪجي!“ ان صحافي دوست چيو جيڪو شروع ۾ ڪنهن ننڍڙي شهر ۾ درزڪو ڪم سڪندو هو. بعد ۾ هنن مگ ڦريون ۽ ڪيڪ پيسٽريون بہ هڪ گهورڙيو تي وڪٽيون، پر هاڻي هن پنهنجو حلقو تبديل ڪري ورتو آهي. لاڙڪاڻي شهر ۾ گهر نما بنگلي جي تعمير ۽ ننڍڙي گاڏيءَ کي هو پنهنجي زندگيءَ جي وڏي حاصلات سمجهي ٿو. ان رات هن وڏي بيزارگيءَ مان سڀني دوستن کان صلاح پڇي تہ هن کي ٻي شادي ڪرڻ کپي يا نہ؟ ان صلاح سان گڏ هن هڪ رومانٽڪ منظر پيش ڪندي چيو تہ، ”مون کي هاڻي هوندئن تہ ڪنهن شيءِ جي ڪمي ناهي پر قرب جي ڪمي ضرور آهي.“ سگريٽ جو وڏو ڪش هڻڻ کان پوءِ دونهون، پنهنجي نڪ ذريعي ڇپن تي بيٺل گهاٽن شهپرن ۾ ڇڏيندي هن ڪجهہ تفصيل ٻڌايا، ”منهنجي دل هميشہ چوندي آهي تہ رات جو يا ڏينهن جو جڏهن بہ مان گهر ۾ داخل ٿيان تہ منهنجي گهر واري منهنجي لاءِ دروازو کولي، هٿ ۾ گل هجيس يا مان کيس ڏيان تہ اجان پلو پر اسان جي زالن ۾ اهڙو افعال ڪونهي.“ هن آخر ۾ ڳالهہ گڏائي پنهنجو نج ذاتي مسئلو اسان سڀني جو اجتماعي مسئلو ڪري پيش ڪيو.

ان محفل ۾ هڪ ڪروءِ بيباڪ ليکڪ بہ ويٺل هو جنهن جي لکيل ناولن ۽ ڊرامن جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ ڦهليل هئي، جو جيئن لکڻ ۾ تيز هو تيئن هو ڳالهائڻ ۾ تکو هو. ان پنهنجي ڪاميابيءَ جو راز گهٽو ڪم ڪرڻ ٻڌايو هو. باهہ جي شعلن تي ان اونداهي رات ۾ برندڙ سندس وڏيون اکيون مون کي اڄ بہ ياد آهن. هن پنهنجي ڪهاڻي ائين ٻڌائي تہ ”هن ئي شهر ۾ اسان کي لنچ ڪرڻ تہ ڇڏيو گڏجي چانهہ پيئڻ جيترا پئسا بہ ڪونہ هوندا هئا. اڄ الله مالڪ آهي گاڏي آهي، پنهنجي ڊبل استوري جڳهہ آهي، اجان جستجو جاري آهي.“ ان دوست پنهنجو طبقو تبديل ٿيڻ جي ڪهاڻي سان گڏ اهو بہ ٻڌايو تہ

ڪيئن نہ هن سرڪاري ملازمت سان گڏ گاڏين ۾ جڳهين جي خريد و فروخت جو ڪم بہ شروع ڪيو آهي. بچيل وقت ۾ هو لائيف انشورنس ڪمپني جون پاليسيون وڪڻي بہ پئسا ڪمائي ٿو.

طبقو تبديل ڪرڻ واري ڪهاڻيءَ ۾ صرف اهي بہ ڪردار ئي ڪافي ناهن. ان ڪهاڻيءَ ۾ ڪامريڊ ڪي ڪيئن وسارجي، جنهن جي ڪل لاڳت جلوس ڪيڻ، تقريرون ڪرڻ ۾ آفيسن جا گهيراءُ ڪرڻ آهي. ٻارنهن سالن جي مختصر عرصي ۾ هن ٻڌايو تہ هن جا پير پٽ کان پلنگ تي، پيادل کان ايڪس ايل آئي گاڏيءَ ۾ اچي ويا آهن.

گاڏي تہ هاڻي ان "ميڊيم" جي بہ لگزري ٿي ويئي آهي، جنهن کي نوڪري ڪرڻ ۾ بيوٽي پارلر کولڻ کان پهرين مڙس مار ڪيڊي طلاق ڏئي ڇڏي هئي، جنهن شخص سان هن ٻي شادي ڪئي، ان کي هو لائيف پارٽنر کان وڌيڪ بزنس پارٽنر سڏيندي آئي آهي. لاڙڪاڻي جهڙي ننڍڙي شهر ۾ هن جو بيوٽي پارلر ائين هلي رهيو آهي،جيئن سيزن ۾ سنڌڙي انب هلي پون. پر طبقو تبديل ٿيڻ کان پوءِ هن کي هڪ تبديلي پنهنجي ذهن ۾ بہ محسوس ٿي آهي. هوءَ فيس بُڪ تہ اجان استعمال نٿي ڪري، پر پنهنجي هڪ پراڻي فون فرينڊ کي ٻڌايائين تہ"يار خدا جو ڏنو سڀ ڪجهہ آهي پر ان جي باوجود هڪ رات بہ سڪون جي ننڊ نہ آئي آهي. دل چوي ٿي تہ ٻہ ٽي ڏينهن لاڳيتي ننڊ ڪريان." اها اٺ سال اڳ جي ڪيل ڪچهري هئي ۽ هاڻي جڏهن ان ميڊيم جي ان فون فرينڊ کان حال احوال ورتو تہ هن افسوس سان چيو تہ "يار هوءَ تہ گذاري وئي."

"سو ڪيئن؟" منهنجي فطري سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ روزانو ننڊ جون گوريون تہ هوءَ وٺندي هئي، پر ان رات گورين کان پوءِ بہ جڏهن ڪيس ننڊ نہ آئي تہ هن حد کان وڌيڪ ٻہ گوريون ورتيون ۽ گذاري ويئي. ان خاتون جي موت جو افسوس مون کي ان ڪري ٿيو جو طبقو تبديل ڪرڻ واري هڻ وٺ ۾ اهو ليڪ دوست بہ هارائي وينو هو جنهن جو پاڪر ڪميونسٽن جهڙو ۽ مرڪڻ سنڌي قومپرستن جهڙو هوندو هو.

ان ليڪ دوست جي ٽڏي تي وينِي ٻيا تہ سندس اولاد سان تعزيت لاءِ هٿ کڻي رهيا هئا. پر آئون اهو سوچي رهيو هئس تہ اسان جي سنڌي سماج ۾ ماڻهو ايمانداري سان ڪيڏي بہ محنت ڪري پر ان جو گهر سچل ڳوٺ کان ڪلفٽن يا ڊفينس ۾ شفٽ نٿو ٿئي سگهي. اسان موٽر سائيڪل تان لهي مهراڻ ۾ الٽو گاڏي ۾ پلي اچي وڃون، پر وڏيون گاڏيون، وڏا بنگلا ۽ وڏيون محفلون اسان اڄ بہ افورڊ نٿا ڪري سگهون. پوءِ ڪهڙي تڪڙ آهي پنهنجي حياتي جا پل بلڊپريشر ، ٽينشن، يا وري هاءِ بلڊ پريشر جي ور چاڙهڻ جي؟ ان دوست کي ٽي راتيون مسلسل جاڳڻ، ٽي ڏينهن لاڳيتون گاڏين جي خريد وفروخت ڪرڻ وارن خفن سبب يا گهڻا سگريٽ پيئڻ سبب اوچتو ساهہ جي تڪليف ٿي. اڌ رات جو سندس سچل ڳوٺ جهڙي محلي ۾ ڪا بہ اسپتال ڪليل نہ هئي. هن کي اسپتال نيو پئي ويو تہ هن دم ڏٺي حوالي ڪيو. اسان جهڙن بند ۽ غلام سماجن ۾ پڙهيل لکيل محنتي ماڻهن جا صرف ڏکين کان سکيا ڏينهن تبديل ٿي سگهن ٿا، پر طبقا شايد ڪڏهن بہ نہ. ڇو تہ طبقو تبديل صرف پوتارن ۾ انهن جي وانن جوئي عوامي پئسن تي هنيل راتاهن کان پوءِ ٿيندو.

# من پوتار

ان ڏينهن اسان ڪراچي جي سدا مصروف شاهراهه فيصل ڪي اڏ ۾ ڇڏي گلستان جوهر ڏانهن لڏي ڀياسين، جتي اسان کي هڪ دوست سان ملي واپس ٽيڻو هو. ڪراچيءَ جي اها شام هلڪي جهڙ ڦڙ واري هئي پر ڪراچيءَ جي هوا پوءِ به خماريندڙ هئي. جوهر جي ان روڊ ڪناري، جتي هاٽي دادو، ميهڙ، ڪنڌڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي جا ڇوڪرا چنگجيون به هلائين ٿا، ان ئي روڊ جي پاسي ۾ هڪ باربي ڪيو ٽائپ هوٽل جي پرسان وڃي ويٺاسين. آرڊر ۾ هميشه جيان هن ڏاڳا ڪباب چئي منهنجي منهن تي مرڪ آڻي ڇڏي، ڇو ته آئون ڪيس هميشه چيڙائيندو رهندو آهيان ته اهي ڏاڳا ڪباب به سندس حسن ۽ زندگيءَ جيان منجهائيندڙ آهن. باربي ڪيو آرڊر ڪرڻ کان پوءِ اسان ٽنهي ڄڻن جڏهن گفتگو شروع ڪئي ته اهو ڄڻ ته ادب، سياست ۽ صحافت جو سلاد ٿي پيو، ڇو ته جنهن دوست سان ملڻ وياسين. ان جو تعلق ادب سان، خاتون جو تعلق سياست ۽ منهنجو صحافت سان هو.

ڳالهه ڦرندي گهرندي جڏهن سنڌ ۾ ادارن جي اٿاٽ تي اچي پهتي ته مون کين ٻڌايو ته سنڌي سماج ۾ ڳوٺ، ڳوٺ جو وڏيرو يا پوتار وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ اسان چاهيون يا نه چاهيون پر پوءِ به ڳوٺ وارو پوتار اسان جو هميشه رول ماڊل رهي ٿو. اسين پڙهي لکي شهرن ۾ شفٽ ٿي پنهنجا ٻار پيلي انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهايون پر اسان جي هٿ ۾ جڏهن به ڪي اختيار اچن ٿا ته اسان جي اندر ۾ ويٺل پوتار جاڳي پوي ٿو ۽ اسان ادارن ناهڻ بدران پنهنجا نوازي، شخصيت پسندي کي فروغ ڏيون ٿا. ان ڳالهه ٻولهه دوران باربي ڪيو اچي ويو ۽ هن ڏاڳا ڪباب جا ڏاڳا الڳ ڪندي گرم نانءَ جي ٽڪري ۾ ڪجهه ڪباب ويڙهي چٽڻيءَ ۾ ٻوڙي ماءُ جيان گرهه مون ڏانهن وڌايو ڇو ته منهنجا هٿ به ڪولڊ ڊرنڪس ۾ قابو هئا. هن کلندي پوئين سيٽ تي ويٺل منهنجي اديب دوست کي چيو "پوتار جا اصل متاثرين ته اسان آهيون، پارٽيءَ ۾ اڳتي ڪونه پيا وڌڻ ڏين ۽ اڏ پوتار ته هي صحافي به ٿي پيا آهن، جيڪي بليڪ ميلنگ کان سواءِ اسان جي ڪا خبر ڪونه ٿا هلائين."

گلستان جوهر ۾ ان وقت هڪ لساني تنظيم جو وڏو جلوس روايتي نعرن ۽ شور شرابي سان گذريو، جنهن ۾ منهنجي لاءِ نئين ڳالهه اهي جديد هٿيار هئا، جيڪي سندن گاڏين ۾ اڳواٽي ڪنڌڙ همراهه نمائشي طور هٿن ۾ کڻي بيٺل هئا.

"هنن ته سڀ حدون ڪراس ڪري ڇڏيون آهن." ان سياستدان خاتون چيو، جنهن جي موٽ ۾ سنو بحث به ڇڙي پيو پر مون ان ۾ صرف ايترو واڌارو ڪيو ته، ڇا به هجي، سوين هزارين اختلافن جي باوجود هنن هڪ نظام پنهنجي پارٽي اندر رائج ڪيو ۽ نوان ادارا جوڙيا آهن. مون کي خبر نه هئي ته به

سال اڳ ڪراچيءَ ۾ روڊ ڪناري بيٺل گاڏيءَ ۾ باربي ڪيو دوران ڪيل اهو بحث هاڻي حيدرآباد ۾ عملي طور منهنجي سامهون ايندو.

ان ڏينهن قاسم آباد ۾ هڪ قومپرست ڪارڪن جي مرتئي تي وياسين. جنازي نماز کان پوءِ جڏهن ميت کي قبرستان ڏانهن کڻي وڃڻ جو مامرو آيو ته ان ئي لساني تنظيم جي سماجي خدمت واري شعبيءَ جي ميت بس کي گهرائڻو پيو. حالانڪ پنهنجي جيئريءَ حياتيءَ ۾ اسان جو اهو سياسي ڪارڪن دوست ان لساني تنظيم کي سنڌ دشمن ۽ ڌرتي دشمن سمجهندو هو پر ادارن جي اڻاٺ ۽ شهري ڪلچر نه اپنائڻ سبب ان ڪارڪن جي ميت کي ان ئي ميت بس ۾ کنيو ويو. جيڪا لطيف آباد کان آيل هئي.

قاسم آباد سڄي سنڌ ۾ سنڌين جو هڪ شهري علائقو تصور ڪيو وڃي ٿو جتي بلڊر توهان کي سنڌ جي دبئي جا آسرا ڏيئي پئسا سيڙپ ڪرڻ لاءِ روز روز چوندا. جتي گهڻ ماڙ عمارتون ڏسي لڳندو ته سنڌي مڊل ڪلاس اپري اچي ڪراچي ۽ لاهور جي مڊل ڪلاس سان ڪلهو ملايو آهي پر ان پري قاسم آباد ۾ ڪنهن سنڌيءَ جو لاش کڻڻ لاءِ اسان جي پنهنجي ڪا هڪڙي ميت بس سروس به ناهي، ڇو ته اسان انهن ڪمن جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ تيار ناهيون، ڇو ته اسان سڀ پنهنجي پنهنجي اندر ۾ هڪ ننڍڙو پوتار وسايو ويٺا آهيون ۽ پوتارن جي ترجيح ادارا ناهڻ نه پر تباهه ڪرڻ هوندو آهي. ادارا شهري ڪلچر وارا ماڻهو ناهيندا آهن. پوتار ته اوطاقون، بينڪون ۽ فقيرن لاءِ اوتارا ٺهرائيندا آهن. اهي ادارا ڪيئن ناهيندا؟ ان قسم جو خيال مون کي تڏهن به آيو هو جڏهن سنڌ جي ارڏي پٽ بشير خان قريشي جي ميت کي مون هڪ مذهبي ۽ سياسي تنظيم جي ايمبولينس ۾ پيل ڏٺو هو. انهن تنظيمن ۽ فردن سان اسانکي نظرياتي ۽ سياسي هڪ هزار اختلاف هجن پر ڇا اسان پنهنجي سماج ۾ اهڙو سسٽم، اهڙا ڪي ادارا ناهي سگهيا آهيون؟ ڇا هڪ ميت بس سروس ۽ هڪ ايمبولينس سروس هلائڻ اسان سيني مڊل ڪلاسي سنڌين جي وس کان ٻاهر آهي؟ مڊل ڪلاسي سنڌي ان ڪري ٿو لکان، جو اهي شيون، اهي ادارا ۽ اهي سروسز انهن جي ئي ڪم جون آهن. پوتارن جا ته لاش به هيليڪاپٽرن ۽ جهازن ۾ ايندا آهن ته پوءِ اهي پوتار اسان جي مرڻي پرڻي جي ضرورتن جو خيال ڇو ڪندا؟ مون کي اها خبر ڪالهه پئي ته حيدرآباد ۾ هندو ڪميونٽي لاءِ هڪ ميت بس سروس آهي. توڙي جو اهي سڀ هندو سنڌي آهن. پوءِ به پاڪستان هندو ڪائونسل جي ميت بس ۾ مسلمان جو جنازو ڪيئن وڃي !!. . . اهو توڙي جو سانيڪو سال کن اڳ وارو جهيڙو آهي پر ڇا ڪجي، سنڌي سماج لاٽونءَ واري ٽِڪَ ٻڌي اتي جو اتي بيٺل آهي. جتي ريلوي اسٽيشن تي به هندو پاڻي ۽ مسلم پاڻي هوندا هئا.

ڪجهه پڙهيل لکيل ماڻهن جي اها تنقيد آئون اڪثر ٻڌندو رهندو آهيان ته سنڌي ماڻهن کي شهري ٿيڻ ۾ اڃا هڪ صدي ٻي به لڳندي. هو ان جو دليل اهو ٻڌائيندا آهن ته سنڌي ماڻهو شهرن ۽ ميگا شهرن ۾ به جڏهن پاڙي، مُحلي ۽ ٽائون جا نالا "ڳوٺ" رکن ته پوءِ ڪلچر به ته ڳوٺ وارو ئي هوندو نه. ۽

ڳوٺ ۾ جيئن تہ هڪ پوتار ضروري آهي. تيئن انهن شهري ڳوٺن ۾ بہ رٽائرڊ ڪامورا پوتار بڻجي ويهڻ چاهين ٿا پر اهي ادارا قائم ڪرڻ ۽ شهري ڪلچر اپنائڻ کان قاصر آهن.

هونئن تہ ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي کي آئون هڪ انسان دوست ڊاڪٽر سمجهان ٿو جيڪو نسل, رنگ مذهب کان مٿانهون ٿي ڪم ڪري ٿو پر ڇا ڪو سنڌي ڊاڪٽر ان جهوني ۽ اتساهيندڙ مسيحا جهڙو ڊاڪٽر بڻجي اهڙو ادارو قائم نٿو ڪري سگهي؟ ڇا اسان جا سڀ ڊاڪٽر ڪروڙپتي ٿيڻ جي ڊوڙ ۽ شوق ۾ جهونا ٿي لوڙي لوڙي مري ويندا پر ڌرتيءَ وارن کي ڪو ادارو جوڙي نہ ڏيندا؟ ڇا سنڌين ۾ ڪو ايڌي, ڪو ڇيپا, ڪو سيلاني بڻجي نٿو سگهي, يا ڪا عاصمہ جهانگير بڻجي نٿي اڀري سگهي؟ في الحال تہ منهنجو جواب آهي هڪ وڏي نہ . . .ڇو تہ اصل مفهوم مڊل ڪلاس سنڌ ۾ اڃان اسريو ئي ناهي, هي لوئر ڪلاسي اهي پڙهيل لکيل ماڻهو آهن, جن علم حاصل ڪيو رشوتي نوڪري وٺڻ لاءِ, جڏهن پئسو جام گڏ ٿي ويو تہ ڳوٺ ۾ پوتار جي بنگلي جهڙو بنگلو جوڙائي هنن بہ هڪ نئين پوتار گهراڻي کي اڀاري آندو.

سوچ, سمجهہ, شعور جي اٽاٽ ۽ ڏيکاءُ پسندي جي حد تہ ڏسو جو سنڌ ۾ مک شاهراهن تي اهي بورڊ لڳي ويا آهن تہ فلاڻي اڳوڻي چيف سيڪريٽري جو ڳوٺ هن پاسي آهي ۽ فلاڻي رٽائرڊ جج صاحب جي رهائش گاهہ هن پاسي آهي. ڪجهہ خدا جو خوف ڪريو! ڇا ڪراچي جي ڪلفٽن ۽ ڊفينس تہ ڇڏيو, گلشن اقبال ۽ نرسريءَ, ناظم آباد جي هر ہي گهٽيءَ ۾ اهڙا رٽائرڊ ۽ حاضر سروس ڪامورا گهٽ آهن؟! اهي تہ پاڙي جي سبزي واري کان پيندبيون, بصر وٺندي ملندا پر اسان پوتار ۽ ٻيا وري انهن جا واڻا ۽ نوڪر چاڪر. هاڻي اهڙي بہ ڪا خوشفهمي مون کي ناهي تہ, ٻيو نہ تہ قاسم آباد ۽ ڪراچي جا سنڌيءَ مڊل ڪلاسي پڙهيل لکيل سنڌي پاڻ ۾ گڏجي چندو ڪري هڪ ميت بس سروس ترت شروع ڪندا, تہ جيئن سياڻي ”ڏارين“ جي طعنن کان بچي سگهن, باقي ايمبوليسن سروس تہ اسان جي ڪلهن کان ڳرو بار هوندي. اسين اهي ادارا ۽ سروس ان ڪري نٿا شروع ڪري سگهون جو اسان مان هر هڪ جي من ۾ هڪ پوتار وسي ٿو, جيڪو معاشري تي چڱائي ۽ اجتماعي ڀلائي واري ڪم کان ڪوهين دور هجي ٿو ڇو تہ پوتارن جون ترجيحات هن ڳالهہ مان واضع آهن تہ سانگهڙ جو هڪ شهپري ۽ نوشهروفيروز جو هڪ سادي طبيعت سياستدان جهاز ۾ سفر ڪري رهيا هئا. سڄي واٽ وارو وقت ٻنهي پوتارن ايم اين اي هاسٽل اسلام آباد ۾ ڇيرين جا ڇمڪا ڪندڙ هڪ ماهہ جبين جي حسن جي تعريف ۾ ڪٽي ڇڏيو. سندن سيٽ جي پويان هڪ سفيد پوش سنڌي نوڪري پيشہ شخص پنهنجي گهر واريءَ سميت ويٺل هو, هن رستي ۾ کين تہ نہ ٽوڪيو باقي ڪراچي ايئرپورٽ تي لهڻ شرط هنن ٻنهي سان تعارف ڪرائي عزت سان هٿ ڏئي کين اها ميار ڏني تہ سائين توهان جي سڄي رستي گفتگو ڪو بہ ماڻهو پنهنجي فيملي سان گڏ ٻڌڻ افورڊ نہ پيو ڪري سگهي. منهنجي گهر واري توهان ٻنهي اعليٰ سياسي شخصيتن کان ڏاڍو متاثر هئي ۽ هن ٻڌڻ پئي چاهيو تہ توهان پنهنجي تڪ ۽ عام سنڌي ماڻهن جا ڪي مسئلا ڊسڪس ڪندا. پر هاڻيءَ هو سامهون سامان پئي ڪٺي ۽ توهان جهڙن

پوتارن کي سلام ڪرڻ بہ پنهنجي توهين ٿي سمجهي. سو پوتار جي ترجيح جديد مجرن تان هٽي تہ ميت بس ۽ ايمبولينس سروس جهڙان ادارن ۽ سماجي شهري ڪمن طرف وجي.

انقلابي شاعر حبيب جالب چواٽي،

نہ ڊرتي هين نہ نادم هين
هان ڪهني ڪو بس خادم هين
يهان الٽي گنگا بهتي هي
يہ ديس هي انڌي لوگون ڪا
اي چاند يهان نہ نڪلا ڪر

# بناز ۽ ممنوع محبت واري وڏيري

هاڻي جڏهن عراقي ڪرد ڇوڪري جي قتل تي ٺهيل اها فلم ريندينس فلم فيسٽيول ۾ پيش ڪئي پئي وڃي، تڏهن ان ڊاڪيومينٽري فلم کي ڏسندي الاءِ ڇو اها اداس وڏيري ياد اچي وئي، جيڪا باٿ آئي لينڊ جي ڊگهن وڻن سان ڍڪيل روڊن تي روئيندي ڊرائيونگ ڪندي ملي هئي. هن جو تڪيو ڪلام هو "باهہ لڳيس . . . ". بناز ان اوڻيهہ سالن جي عراقي ڪرد ڇوڪري جو نالو آهي، جنهن کي 2006ع ۾ سندس پيءُ چاچي ۽ ڳوٺان گهرايل ٻن ڪرائي جي قاتلن ڏکڻ لنڊن ۾ قتل ڪري ڇڏيو هو. بناز جو پيءُ محمود اڳوڻو عراقي فوجي هو جنهن صدام حسين جي ڏينهن ۾ برطانيہ پهچي وڃي زال ۽ پنجن ڌيئرن سميت سياسي پناهہ ورتي هئي. عراقي ڪرد محمود پنهنجا ماڻهو ۽ پنهنجو ملڪ تہ ڇڏي آيو پر پنهنجي اباڻي ميراث "غيرت" ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڳنڍ ٻڌيو کنيو آيو، بلڪل ائين جيئن سنڌي وڏيريءَ جي پيائرن هنن کي پڙهايو ۽ رهايو تہ ڪلفٽن ۽ ڊفينس جي پوش علائقن ۾، پر وقت تي "ڪارنهن" واري اباڻي ڪهاڙي کڻڻ ۾ دير نہ ڪيائون.

سنڌي وڏيري، جيڪا اڪثر اداس شامن جي ڊپريشن وارا پهر ٽارڻ لاءِ ڪنهن سپر اسٽور جي رش ۾ گم ٿي ويندي هئي، تنهن ڪجهہ وقت کان پوءِ بوريت جا اهي پهر هڪ ريسٽورنٽ جي ڏيمي روشني ۽ هلڪي پر لائيو ميوزڪ ۾ گذارڻ شروع ڪيا. ڪراچيءَ جي اهڙي ئي هڪ حسين شام دوران هن پنهنجي اشهد آڱر ۾ پاتل ٻڙي واري منڊيءَ سان ڪافيءَ جي خالي مگ کي کڙڪائيندي مون کان پڇيو "ساچاهہ وند. . . هڪڙي ڳالهہ تہ سمجهاءِ!" . . . سنڌ جي پڙهيل لکيل مڊل ڪلاسي دانشورن جي وقتي قلابازين سبب هوءَ طنز مان مونکي "مسٽر ساچاهہ وند" ڪوٺيندي هئي . . . "ڳالهہ اها سمجهاءِ تہ توهان ڪارو ڪاري الزام هيٺ قتل ٿيل عورتن کي ڪارنهن جو الزام هيٺ قتل ڇو لکندا آهيو؟ انهن کي تہ محبت جي الزام ۾ قتل ٿيل لکو نہ . . ." هن پنهنجي تازو ڊائي ڪرايل وارن جي ڇڳ کي جهٽڪي سان اکين تان هٽائيندي پڇيو.

وڏيريءَ جي ڪچهريءَ ۾ پوءِ موٽي ٿا اچون. في الحال هلون ٿا ڏکڻ لنڊن. جتي اوڻيهہ سالن جي بناز ان ئي محبت جي الزام هيٺ قتل ٿي، برطانيہ جيئن تہ عراقي ڪردستان يا سنڌ ناهي، جنهن جنهن کي وٽي،جيئن وٽي ۽ جنهن مهل وٽي قتل ڪري ڇڏجي، تنهن ڪري ٻهريان تي مهينا هو لاپتہ رهي. پوليس کي بناز جي ڳٽتي ان ڪري هئي، جو هن حياتيءَ ۾ 3 دفعا پوليس وٽ اچي بيان رڪارڊ ڪرايو هوتہ هو ماڻهو منهنجو پيڇو پيا ڪن، مونکي ڪنهن بہ وقت ڪجهہ بہ ٿيو تہ ان جا ذميوار اهي شخص هوندا. پوليس لاءِ بناز جو اهو بيان ئي ڪافي هو. تنهنڪري پوليس بناز جي تلاش شروع ڪري ڏني. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ بناز هڪ ريپ ٿيل ۽ گهٽا ڏئي ماريل عورت جي لاش جي صورت ۾ ملي. پوليس سندس پيءُ ۽ چاچي کي گرفتار ڪيو هوءِ هو حيران هئا تہ خاندان جي ڇوڪريءَ جي لاپتہ ٿيڻ توڙي

قتل بابت سندس خاندان کي ڪا ڳڻتي ڪانہ هئي. لنڊن پوليس سالن جي محنت کان پوءِ بناز جي قتل جي الزام هيٺ سندس پيءُ ۽ چاچي کي تہ عمر قيد جي سزا ڏياري پر قتل کان پوءِ عراق ڀڄي ويل سندن ٻن ساٿين کي بہ واپس لنڊن آڻي جيل اماڻي ڇڏيو. اها ڊاڪيومينٽري فلم هڪ نارورري ڄائي پنجابي پختون مائٽن جي نياڻي پروڊيوسر ”ديا“ ناهي آهي.

لنڊن پوليس جو چوڻ آهي تہ بناز جي خاندان مان سندس صرف هڪ ڀيڻ پوليس سان سهڪار ڪيو جيڪا بناز سان پيار ڪندي هئي. بناز جي مائيٽاڻي شادي مان طلاق ٿي چڪي هئي ۽ هوءَ لنڊن ۾ محبت جي اسير ٿي چڪي هئي. بناز پنهنجي اڳوڻي مڙس بابت پوليس کي جيڪو بيان ڏنو هو سو سنڌي سماج ۾ مرداڻي سوچ پاران عورت لاءِ جوڙيل چوڻيءَ سان ڪيڏو نہ ٺهڪي اچي ٿو! بناز پنهنجي مڙس بابت چيو تہ مونکي ائين لڳندو ڄڻ تہ آئون سندس پيرن جي ڪا جتي هجان, جنهنکي هو جڏهن چاهي استعمال ڪري ۽ جڏهن چاهي ڦِٽو ڪري ڇڏي. ائين ئي سنڌي وڏيريءَ جي شخصي طور يا اعتماد يا آزاد خيال ننڍي ڀيڻ پنهنجي پوڙهي سياستدان مڙس لاءِ چوندي هئي. جيڪو ڪنهن زماني ۾ خانداني مجبوريءَ سبب هڪ دفعو ايم پي اي ٿي ويو پر ريٽائرمينٽ جي عمر ۾ بہ مهمانن سان هٿ ملائيندي يا وزيٽنگ ڪارڊ پيش ڪندي مستقل ٿي ويل کنگهہ روڪيندي چوندو هو ”ايڪس ايم پي اي“.

ان اڌڙوٽ عمر جي وئي ڪاهي چڙهيل وڏيريءَ سان ڀهرين اچانڪ سان ملاقات تہ ”آغاز“ تي ٿي, جتي اسان حقو پاڻي وٺڻ هر هفتي ويندا هئاسين. ان اسٽور ۾ پرفيومز واري پاسي کان گذرندي الٽرا ماڊرن بيهڪ واري عورت تي نظر پئي, جيڪا مختلف برانڊ وارا پرفيوم چيڪ ڪري رهي هئي, هن اوچتو هڪ بيڪار پرفيوم پنهنجي نڪ جي ويجهو آندو هوندن تہ سيلز بواءِ سان هن ڳالهايو انگريزي ۾ پئي, پر جڏهن پرفيوم جي تيز بوءِ کيس تنگ ڪيو تہ هن کان سنڌي ۾ بي اختيار سندس تڪيو ڪلام نڪري ويو ”باھ لڳيس!“ سندس تڪيہ ڪلام منهنجي چهري تي فطري مرڪ آڻي ڇڏي. جنهن کي ڏسي هن پڇيو ”آر يو سنڌي؟“ مون هائوڪار ڪئي پر اهو بہ ٻڌايومانس تہ ” وڏيرڪا بيٺا ٽائيپ ناهيان“ جنهن تي هوءَ کلي پئي.

ان ملاقات کي اڃا ڪجهہ ئي ڏينهن ٿيا هئا تہ آئون باٿ آئي لينڊ ۾ ڪنهن ڪم سانگي نڪري ويس. شام جو هلڪي هلڪي برسات پئجي رهي هئي ۽ منهنجو پنڌ بہ ڪونہ پئي کٽو اوچتو سامهون اينڊڙ گاڏي ذري گهٽ مون پيادل ماڻهوءَ جو سر ڪٽڻ واري هئي. اها گاڏي ائين ٽيڙ ڪائي هلي رهي هئي ڄڻ تہ نشي ۾ هجي. گاڏي رڪي, ڊرائيور سائيڊ جو شيشو کليو تہ ساڳي وڏيري ويٺل هئي. گاڏي اندر ڪلام پئي هليو ”روئندي عمر گذاري, يار دي خبر نہ ڪائي.“ ان ڪلام سبب الاءِ ڪنهن ڪنهن تڪليف سبب ڳوڙها وڏيريءَ جي ڳلن تان ائين تيز ڳڙي رهيا هئا, جيئن جبل تان برساتي پاڻي. هن ڀهريان معذرت ڪئي, بعد ۾ ڄاڻ سڃاڻ کان پوءِ اتي ڊراپ ڪيو جتي مونکي وڃڻو هو. ان ڄاڻ سڃاڻ جي سالن دوران هن پنهنجي بناز جهڙي ڀيڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي, پائرن جنهن جي پوڙهي

”ايڪس ايم پي اي“ سان شادي ڪرائي ڇڏي. سال ڪان پوءِ هن طلاق وٺڻ چاهي ته پائرن نه مڃيو ٻيو سال هوءَ ڳوٺان نڪري ڪراچيءَ ۾ مڙس ڪان ڌار اچي ويهي رهي. پائرن ڪيس سمجهايو ته ان ”ايڪس ايم پي اي“ جي عمر جي هاڻ ڪا گارنٽي ناهي، تڪڙ نه ڪر، سندس سڀ ملڪيت هٿ ڪريون ۽ پوڙهو مري ته جان ڇٽي پر هن ائين نه ڪيو. ”ساڄاهه وند! توکي خبر آهي ته محبت ۾ ڪيڏو گهمنڊ ۽ غرور هوندو آهي. هن جي پرواز ستين آسمان تي هوندي آهي. منهنجي پيءُ به ائين ڪيو پنهنجي هڪ پراڻي ڪلاس فيلو سان ٽيل محبت جي خاڪ ۾ هن ٻيهر چڻنگ ٻاري، پوءِ ته محبتن جا مچ ٻري پيا.“

وڏيريءَ سائيٽڪيءَ ڊرائنگ روم جي هر فرنيچر تي اداس نظر اڇليندي چيو ”هوءَ حياتي جي آخري ٻن سالن ۾ ڏاڍي خوش خوش رهندي ۽ ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ ڏيندي هئي. هن خانداني رسمون، بندشون، عزتون، ملڪيتون، جائيدادون سڀ اسان کي ڏنيون ۽ پاڻ صرف هڪ محبت ڪنيائين. اها به ڪيس راس نه آئي.“ وڏيريءَ قسطن ۾ ڳالهه ڪندي ٻڌايو ته سندس پائر ڳوٺ واري بنگلي تي فيملي جي ”مينگو پارٽي“ جو چئي هن کي دوکي سان وٺي ويا. ڳوٺ واري بنگلي تي وڃڻ کان اڳ هن پنهنجي وڏي پيءُ کي ٻڌايو ته هوءَ ايندڙ هفتي هميشه هميشه لاءِ نيويارڪ پئي وڃي، جتي سندس اهو محبتي ڪلاس فيلو رهندو هو. هو ٻئي گڏ رهندا، ٻئي نوڪري ڪندا، گهر ٺاهيندا پر هن ڪارنهن جي جهنم مان ته نڪرندا. وڏيري ٻڌايو ته سندس پيءُ ڳوٺ وڃڻ کان اڳ ڪار پورچ مان موٽي آئي. ”منهنجي اجرڪ پائي، مٿوڍڪي ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ ۾ ڏسي چيائين: ”آپي! پنهنجي ثقافت به لش اٿئي.“ اجرڪ، ڳوٺ جي گرمي ۽ مينگو پارٽي . . . .هو ڪلها لوڏيءَ وڃي ڊبل ڪيبن ۾ پائرن سان ويٺي، پر وڏيري کي خبر نه هئي ته هوءَ سندس اها آخري ادا ڏسي رهي هئي. هن ٻڌايو ته پائرن ڳوٺ واري بنگلي کان ڪجهه ئي ڪلوميٽرن تي وهندڙ درياهه ڪناري گاڏي بيهاري ڇڏي، وڏيري هوٽل جي ٽيبل تي ٻئي ٻانهون ڪوڙي ڪنڌ جهڪائي چيو ”خبر اٿئي! ڪراچي مان نڪري عام طور اسان ستين وڳي شام تائين ڳوٺ پهچي ويندا آهيون. ان شام ستين وڳي منهنجي اجرڪ ۾ ويڙهيل پيءُ مينگو پارٽي اٽينڊ نه ڪري سگهي ان کي رستي ۾ لاهي درياهه ڪناري گوليون هڻي لاش درياهه ۾ لوڙهيو ويو.“ وڏيريءَ ٻڌايو ته پيءُ جي قتل کان پوءِ مون کي شام جو ستين وڳي واري ٽائيم، ”مينگوز ”انبن“ ۽ گرميءَ جي ڏينهن کان سخت چڙ آهي. اهي شيون مونکي ڊپريشن ڪري ڇڏينديون آهن. باقي اجرڪ مان شوق سان پائيندي آهيان، ڇو ته اها محبت ۽ شهادت جي نشاني آهي، قبر تائين گڏ هلي ٿي.

ڳوڙها ته هن جا سڪي چڪا هئا پر هن ڦڪري طنز مان چيو ”بندوق گاردن نه هلائي هئي، منهنجي پائرن هلائي، آخر غيرت وارا هئا . . . پرائي مرد هٿان ڪيئن مارائين ها پنهنجي سڪيلڏي پيءُ کي.“ . . . .مونکي خبر ناهي ته پڃري ۾ بند آسٽريلوي طوطن ۽ ايڪوريم جي ننڍين مڇين سان اڪثر پنهنجي اڪيلائي شيئر ڪندڙ اها وڏيري اڄان به جيئري آهي يا نه. پر اها حقيقت آهي ته عراق هجي يا انگلينڊ يا سونهاري سنڌ . . . پر ان ۾ بناز ۽ اداس وڏيريءَ جهڙين عورتن لاءِ محبت ممنوع ٻٽيل آهي.

# وڻي ۾ برف

سنڌ جي سياسي ڪارڪنن لاءِ پنهنجي ڌرتي ئيءِ پنهنجي سماج اندر اهڙيون حالتون پيدا ٿي پيون آهن. جيڪي ترڪيءَ جي نوبل انعام حاصل ڪندڙ ليکڪ ارهان پامڪ جي ڪتابن ۾ ترڪيءَ جي باغي نسل بابت سانديل آهن. هاڻوڪي ترڪي پامڪ جي ناولن ۾ هلندڙ ڪهاڻين کان گهڻو ڪجهہ مختلف ۽ بهتر ٿي آهي پر ان ڪي اجان بہ پامڪ جي نظر سان ڏسڻ جي ضرورت آهي.

اجان گذريل ڏينهن ئي ترڪيءَ جي هڪ ڪورٽ 330 حاضر سروس ۽ ريٽائرڊ اهڙن فوجين کي ارڙنهن کان ويهن سالن جون سزائون ڏيئي جيل موڪليو آهي، جن مٿان ترڪيءَ جي سويلين حڪمران طيب اردگان جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جا منصوبا جوڙڻ وارا الزام هئا. جيئن اسان وٽ آڌي رات جي گدڙن واري سازش ظاهر ٿي هئي، پر ڪنهن کي بہ سزا ڪانہ ملي هئي. تيئن ئي ترڪيءَ ۾ ۾ زورائتو هٿوڙو هڻڻ واري سازش بي نقاب ٿي آهي، جنهن موجب استنبول جي هڪ مسجد ۾ بم ڌماڪو ڪري يونان سان ڦڏو ڪرائي فوجي مداخلت لاءِ رستو ڪوليو ويجي ها پر سازش وقت کان اڳ پڌري ٿي پئي، ترڪيءَ ۾ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هجي ها. ڇو تہ 1960ع کان 1980ع تائين جي وچ واري عرصي ۾ ترڪي ۾ ٽي فوجون بغاوتون ٿي چڪيون آهن. جن جي نتيجي ۾ 1977ع ۾ پهريون پيرو اسلامي حڪومت قائم ٿي، پر هاڻي هڪ ڏهاڪي کان طيب اردگان ويٺل آهي ۽ پنهنجي جنرلن کي جيل پيڙو ڪيو اٿس.

اها ڳالهہ ارهان پامڪ بہ پنهنجي استنبول واري اپارٽمينٽ ۾ ويٺي مڃي ٿو تہ ترڪيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ بدليو آهي . . . پر جي نہ بدليو آهي تہ سنڌ ۾ ڪجهہ نہ بدليو آهي. سنڌ اجان بہ ارهان پامڪ جي ناول "سِنو" جي ڪردارن واري دور ۾ رهي ٿي ۽ اها ئي ٻولي ڳالهائي ٿي. ناول "سِنو" جو هيرو ۽ جلاوطن شاعر "ڪا" جڏهن وطن واپس اچي ٿو تہ ترڪي شدت پسنديءَ جي ور چڙهيل آهي. هو سياست ڪندو هو پر وطن واپس اچڻ کان پوءِ هن جي آڏو سياست جي معنيٰ ئي بدلجي وڃي ٿي. هو صحافت شروع ڪري ٿو ۽ اخبار ڪيس "ڪرس" جهڙي ڏورانهين برفاني علائقي ۾ انهن نوجوان ڇوڪرين جي خودڪشيءَ جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ موڪلي ٿي، جتي ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڇوڪريون اسڪارف پائڻ ۽ نہ پائڻ جهڙي مونجهاري سبب خودڪشي ڪن ٿيون. هو لکي ٿو تہ خودڪشي ڪندڙ ڇوڪرين کي ايتري بہ نويڪلائي نٿي ملي، جو هو زهريلي دوا کائڻ کان پوءِ آرام سان اڪيلون سمهي موت طرف هليون وڃن پر اهڙي ڪيفيت ۾ بہ ڪجهہ ماڻهو سندس آسپاس رهن ٿا. پامڪ جي ناول "سِنو" جو هيرو، "ڪرس" شهر جي بئڪري ۾ ٿيل قتل کان پوءِ ائين ڦاسي پوي ٿو جيئن گذريل ڏينهن پريس ڪلبن ۾ صحافي گهيراءَ سبب ڦاسي پيا.

سنڌ ۾ پلي تہ جلاوطن باغي (اهڙا ڪي روح اجا بہ آهن ڇا؟) موٽي اچن. پر انهن ڪي اها اسي واري سنڌ نہ ملندي، جنهن ۾ سڄي سڄي رات ڪائنات، وجوديت ۽ ٻين انيڪ سياسي فلسفن تي بحثا بحثي ٿيندي هئي، جنهن ۾ ”تنهنجو دين توسان، منهنجو دين مونسان“ جا عملي مظاهرا هوندا هئا ۽ اعليٰ سياسي آدرش اتم هوندا هئا سامراج ۽ مِني سامراج تي رات ڪٽندي هئي. هاڻي دور ڇا بدليو آهي، سنڌ جي سياسي ڪارڪن جي سوچ جو رخ ئي بدلجي ويو آهي. ”سِنو“ ناول جي هيرو ”ڪا“ جي محبوبا جهڙا ڊائلاگ اسان ڪي سنڌ جي نوجوانن جي ڪچهرين ۾ ملن ٿا. جن ۾ هوءَ چوي ٿي تہ ”اسان جهڙي ظالم سماج / ملڪ ۾، جتي انساني زندگي اڳ ۾ ئي سستي هجي، اتي پنهنجو پاڻ ڪي پنهنجن نظرين ۽ اعليٰ آدرشن لاءِ ختم يا تباهہ ڪري ڇڏڻ وڏي بيوقوفي آهي.“ مون ڪي تہ اهو معلوم ناهي تہ سنڌ جي ڪيترن سياسي ڪارڪنن اهو ناول پڙهيو هوندو پر اهو ڊائلاگ پلي تہ ترڪي 4 جو هجي، ان جو پڙاڏو عملي شڪل ۾ مون ڪي اڄ جي سنڌ اندر ملي ٿو. منهنجي ڪالمن ڪي سالن کان پڙهندڙ ڪجهہ مهربانن جو خيال آهي تہ اهڙن ڪردارن جا نالا لکڻ کپن، جن جا آئون صرف حوالا ڏيندو آهيان پر منهنجي نظر ۾ اسان جو سماجي تاڃي پيٽو اجا بلوغت ۽ برداشت جي ان سطح تي نہ پهتو آهي، تنهن ڪري پردي رکڻ جي روايت برقرار رکندي بہ مثال توهان کي ٻڌائي قصو ڪوتاهہ ٿا ڪريون.

منهنجي سنڌ جي هڪ سهڻي شهر ۾ اسان جو هڪ روشن خيال، ترقي پسند لڏي جو اهم ڪردار رهندو هو. ان ڪي وقت ۽ حالتن آڏار جيل، تڪليفون، روپوشيون ڏسڻيون پيون. آمريت ختم ٿي، جمهوريت آئي تہ ڪامريڊ وچي اسيمبليءَ پهتو پر هن پنهنجي سوچ ۽ فڪري ڌارا جي ڦهلاءُ نہ تہ ڪو مظبوط يا ڪمزور بنياد رکيو نہ ئي ان سلسلي ڪي ڪنهن اداري جهڙو روپ ڏيئي سگهيو. پر شخصي ۽ ذاتي حيثيث ۾ هن مختلف حڪومتن کان رعايتون وٺڻ کان نہ ڪيٻايو. انهن ذاتي رعايتن جا تفصيل نٿا لکون، جو ڳالهہ پڌري ٿي پوندي، نتيجي ۾ هو عمر سان گڏ پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ قيد ٿي پيو. پٽ، پوٽا، ڏوهٽا، ڏوهٽيون- جيڪي هاڻي يو ٽيوب ۽ فيس بُڪ جي دنيا ۾ اچي ويا. تن ڪيس گهر جو پراڻو فرنيچر سمجهي ڪنڊ ۾ ئي رکي ڇڏيو ۽ هو اعليٰ آدرش، دانش، فهم، ادارڪ ۽ وسيلا هوندي بہ روشن خيال دڳ لاءِ ڪو ادارو ناهڻ بنا لاڏاڻو ڪري ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ائين لڳو جڻ جائو ئي ڪونہ هو.

سونهاري سنڌ جي هڪ ٻئي موچاري ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ عيد جي موقعي تي تاريخن بابت ٿيل تڪرار کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مولويءَ ڪي سڏايو. ڪيس ”سياڻي“ تي عيد نماز پڙهڻ لاءِ چيائين. مولويءَ ڪيس ٻڌايو تہ سياڻي سرڪاري عيد آهي، ان کان ٻئي ڏينهن عالمن جي اصل عيد آهي، سا ضرور پڙهائبي. وڏيرو معنيٰ ڳوٺ جو مالڪ، مٿان وزيراعليٰ، تنهن ڪيس چنڊ پٽيندي چيو تہ ”ڪجهہ خيال ڪر، رهين منهنجي ڳوٺ ۾ ٿو پر چوڻ منهنجو نٿو وٺين. نڪري وڃ سياڻي کان منهنجي ڳوٺ مان.“ مولوي ڪيس وراڻيو: ”وڏيرا الله وڏو آهي، چوويهہ ڪلاڪ وڏو ٽائيم آهي نڪري ويندس.“ ان ڳوٺ مان نڪري مولوي هڪ وڏي شهر جي ٻاهران اچي گهر، مسجد ۽ مدرسو اڏيو. وقت

گذرندو رهيو. شهر جي آبادي وڌندي رهي، چندا ۽ زڪواتون بہ اينديون رهيون، سياسي ۽ سماجي حالتون بہ بدلجنديون رهيون . سيني فيڪٽرز گڏجي سڏجي ان ڳوٺاڻي مولوي صاحب جي مدرسي کي هڪ وڏي عاليشان اداري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو جيڪو هاڻي وچ شهر ۾ اچي ويو آهي. هاڻي ان مولوي صاحب جي پٽ جو هڪ پنڌ قطر، ٻيو سعودي، ٽيون مصر آهي.

ڳالهہ ڪي جي موٽايون ترڪيءَ واري ناول نگار ارهان پامڪ جي ”سِنو“ ناول طرف، تہ سائين منهنجا، نتيجو اهو ئي نڪري ٿو تہ وٽي ملندي تہ سماج اندر برف تہ ڄمندي.

# جوڳين کان چڙهيل نانگ!

ڊسمبر جا ڏينهن جڏهن بہ وڃڻ وارا ٿيندا آهن تہ هو پنهنجو هٿ کنهن نہ کنهن اهڙي حرڪت ۾ ڏيئي ڇڏيندو آهي، جتان ڪيس ڪونہ ڪو نقصان پهچي. دنيا ۾ هر ماڻهو پنهنجو فائدو ڳوليندو آهي، پر هن جهڙا ڪجھ چريا مڙس ڏسي وائسي جاڻي واڻي يارنهن هزار وولٽيج واري تار ۾ هٿ وجهندا آهن. هن پنهنجي زندگي ۾ اها حرڪت ڪجھ سال اڳ مليل خاتون کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ شروع ڪئي آهي، هنن جي رمز پري زندگي ڪڏهن شروع ٿي ۽ ڪهڙي عروج تي پهتي، اهو وري ڪڏهن ٻئي پيري جو ذڪر آهي، پر في الحال ان ڊسمبر رات طرف موٽون ٿا. جيڪا اتفاق سان ان سال چانڊوڪي رات هئي، ان شام هو گهران نڪتا تہ ڪا سٺي فلم ڏسڻ لاءِ هئا. پر هميشہ جيان اچانڪ روٽ بدلائي اچي ڪلفٽن "سي ويو" پهتا. هو سمنڊ ڪناري ڪجھ دير سان پهتا هئا. ڇو تہ هنن کي ڪنهن بار بي ڪيو ڊنر جو خيال ٿي پيو ۽ هو هلڪي بک مارڻ لاءِ ريشمي ۽ ڏاڳا ڪباب کائڻ ويهي رهيا. هوءَ جنهن جون اکيون ڊنر دوران هميشہ لذيذ، کاڌن تي مرڪوز هونديون هيون. تنهن هن جي پيار پري مرڪ ڏسڻ کانسواءِ چئي ڇڏيو "منهنجي زندگي بہ ههڙن ڏاڳن ۾ الجهيل اٿئي." هو ڪيس پيار مان تڪي رهيو هو ۽ هوءَ مسلسل ڪبابن مان ڏاڳا الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ڊسمبر جي سرد رات جو ڦڪل حصو ٻئي ڄڻا سمنڊ ڪناري لوئيءَ ۾ ويڙهجي ويهڻ کان پوءِ هن ڪيس چيو "ماڻهو چون ٿا مان ڪافر ٿي ويو آهيان، بت پرست ٿي پيو آهيان. پر هنن تہ ڪڏهن تو جهڙو بت ڏٺوئي ناهي." هوءَ روايتي عورتن جيان پنهنجي تعريف تي ٻهڪي نہ پوندي هئي، ان ڪري هن ڪيس پرپور چنڊ ڏي اشارو ڪندي چيو "هلو مون کي گهر ڊراپ ڪر، هاڻي گهڻي دير ٿي چڪي آهي." هن هميشہ جيان پنهنجي جذبن تي ضبط ڪيو ۽ هن جو حڪم مڃيو.

گاڏي جڏهن شاهراهہ فيصل تي ڊوڙڻ لڳي تہ هن ميوزڪ جو آواز هلڪو ڪندي ڪانئس پڇيو. "هڪ ڳالهہ تہ ٻڌايو، توهان شاديءَ کان اڳ ۾ ڪهڙي ملڪيت منهنجي نالي ڪندئو. ڇو تہ مون کي حاصل ڪرڻ ايترو آسان ڪونهي." خوبصورت بت جڏهن ڳالهايو تہ بت پرستن کان چرڪ نڪري ويو. ڄڻ اوچتو ڪو اسپيڊ بريڪر سندس سامهون اچي ويو. ڄڻ اچانڪ ڪيس نانگ ڏنگي وڌو. هو منٽ ڪلاڪ جي بقايا ڊرائيو دوران خاموش رهيو ۽ ميوزڪ جو آواز ڪنن جا پردا ڦاڙڻ جي حد تائين وڌائي ڇڏيائين. هو ڪيس آخري دفعو ڊراپ ڪري آيو. وري ڪڏهن بہ پڪ نہ ڪرڻ لاءِ — گاڏي جو دروازو کولي هوءَ اڃان لهڻ واري هئي تہ هن ڪيس ٻانهن کان پڪڙي ويهاريو. گاڏيءَ جو دروازو اڌ کليل هو پر هن گهٽيءَ مان گذرندڙ ماڻهن جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ ڪيس استاد بخاريءَ جي شاعري ٻڌائي تہ:

نہ گناهہ آهيون نہ ثواب آهيون

اسين ڏينهن ڏٺي جا خواب آهيون
جي نہ پڙهين تہ آهيون ڪورا ڪاغذ
جي پڙهين تہ ڪيئي ڪتاب آهيون!

هو اجان تائين ڊسمبر جي ان رات ۽ ان بت کي پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڙي آيل خوبصورت نانگ سمجهندو آهي. انسانن جي روپ ۾ چرندڙ پرندڙ اهڙا ڪيئي نانگ اسان مان اڪثر ماڻهن جي زندگين ۾ مختلف استيجن ي ايندا رهن ٿا ۽ اسان لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪندا رهن ٿا. اهڙو ئي هڪ لنبي بلا جهڙو نانگ تازو هڪ معصوم شاگرد کي ڏنگي ويو آهي. هن تازو ماس ڪميونيڪيشن مان ماسترس ڪئي، پر رزلٽ اچڻ تي کيس خبر پئي تہ ان ئي استاد کيس ڏنگي ڪيرائي وڌو آهي، جنهن جي ماضيءَ جي صحافت ۽ ترقي پسندي کان متاثر ٿي هو سندس بيحد عزت ڪندو هو. جديد جوڳي چون ٿا تہ اهڙي لنبي بلا ڪوتاه قد هوندي بہ وسان ڪونہ ٿي گهٽائي ۽ موقعو ملڻ تي ٽر جي ٽوهر جهڙو معصوم زندگين ۾ پيوست ڪريو ڇڏي ٿي. "پر مان تہ هن جي وڏ ۾ وڏ عزت ڪندو هئس، ان جي ڏنل هر اسائينمينٽ پوري ڪندو هئس ۽ فيڪلٽي جي اخبار بہ مان اڪيلي سر ڪڍندو هئس، صرف هڪ ڏينهن هن کي ذاتي ڪم کان جواب ڏنم تہ سائين هاڻي منهنجا امتحان مٿا آهن، شام جو پارٽ ٽائيم جاب بہ ڪريان ٿو، ڪجهہ وقت ترسو." هن فيڪلٽيءَ ۾ روئڻهارڪو ٿي تڏهن پنهنجي دوستن کي ٻڌايو. جڏهن رزلٽ آئي ۽ هن لُنبي بلا جهڙي ماستر پن جي ٻيڙي جهڙي سگريٽ مان ڦوڪيل دونهن ڪڍندي کيس مڪار واري مسڪراهٽ سان چيو هو "اسان سان هوندين تہ اهڙا مزا هوندءِ، اسان بہ آمريت واري ويڙهہ ائين تہ ڪونہ وڙهي هوندي نہ. ڪا تہ اٽڪل ستڪل ڪري هٽي وڃي هنڌ ڪيو هوندوسين."

اهڙا ڪيئي ڪوتاه قد ۽ ڪوتاه سوچ وارا اسان جي آس پاس پيا ڦرن، جيڪي پنهنجو وارو نٿا ڇڏين ۽ ڏڪ هڻندي دير نٿا ڪن. بلڪل اهڙي اٽڪلي پروفيسر ۽ اين جي او سٽ جيان جنهن جو ڳوٺ تہ تازو مها ٻوڏ ۾ ٻڏي ويو، پر سندس سالن کان مڙيئي چرندڙ ڪاروبار چمڪي پيو. هاڻي هو عمر جي ان حصي کي وڃي پهتو آهي، جتي مرد پنهنجي جنسي حوس صرف حسرتن ۾ ئي پوري ڪري سگهندو آهي، پر هو اجان بہ عادت کان مجبور اهڙو اسپيد بريڪر ٿي بيٺو آهي ، جتي ڪيترين ئي محنتي ۽ پر عزم  چوڪرين جا ڪيريئر يا تہ جهڪا ٿين ٿا يا موروڳي تباه ٿي وڃن ٿا. تازو ئي ٻوڏ پراجيڪٽ  ۾ هن جنهن خوبصورت، پر ذهين ڇوڪريءَ سان فلرٽ شروع ڪيو تنهن بيزار ٿي پنهنجي هڪ سهيلي کي ٻڌايو تہ "يار هن پوڙهي پراجيڪٽ مان تہ اصل اڙجي ويئي آهيان، وڏو ڏجو آهي هنن ماڻهن سان ڪم ڪرڻ- هڪ تہ هنن جي اين جي او بہ سنپاليو ۽ ٻيو وري ساڻن عشق بہ فرمايون." ڪجهہ ئي وقت کان پوءِ هن پوڙهي پروفيسر جي اين جي او ڇڏي وڃي هڪ ساک واري اين جي او جوائن ڪئي  ۽ سک جو ساه کينو. رڳو اين جي او ئي نہ، پر سياست جي ريگستان ۾ بہ اهڙا خطرناڪ ماڻهو آهن، جيڪي چورن سان بہ گڏ تہ ساڌن سان بہ سنمک رهن ٿا.

اهڙي ئي هڪ ازدها بلا هڪ اپرندڙ اڳواڻ کي اهو چئي ڏڪ هنيو هو تہ هاڻي ملڪ جون ڳجهيون طاقتون توکي ختم ڪرڻ پويان آهن. اهڙ ي ڪچهريءَ کان فوري بعد ان سياسي اڳواڻ هڪ نامعلوم نمبر واري ڪال اٽينڊ ڪئي. اهڙا نامعلوم نمبر ڳجها ادارا ئي استعمال ڪندا آهن. ڪال ڪندڙ ڪيس ٻڌايو تہ يا تہ اسان سان ملي ڪم ڪري يا خراب حشر لاءِ تيار ٿي وڃ.“ اهڙي ڪال اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ هن ساڳي ئي خطرناڪ ماڻهوءَ سان مشورو ڪيو. جنهن ڪيس هٿ ملائڻ جو مشورو ڏيندي چيو تہ ”ابا هنن جي آڏو پيٽي جو پٽ بہ ڪجهہ ناهي، ان کي بہ رستي ويندي گهر اڳيان قتل ڪرا ڪري ڇڏين . تون اسان تہ هنن لاءِ ڪوليون ماڪوڙا ٿياسين.“

ہہ طرفي عذاب ۽ ذهني دٻاءَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ان رات هن تمام گهڻو نشو ڪيو پر نشي بہ جڏهن اثر نہ ڏيکاريو تہ هن ڪمري ۾ دوستن جي موجودگيءَ جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ تمام گهڻيون رڙيون ڪيون، رنو ۽ پٽين کي ٽڪر هنيا. ڪجهہ نانگن جو زهر واقعي بہ ڏاڍو درد ۽ عذاب ڏئي ٿو پر ڇا ڪجي اسين اهڙي تہ دور ۾ زنده رهڻ لاءِ ڇو بچيا آهيون، جتي نانگن روپ بدلائي ڇڏيا آهن ۽ جوڳي اصلي نانگن کان واندا ٿي هاڻي پنڻ تي مجبور ٿيا آهن. ماضيءَ جي هڪ ڪن ڦاڙ جوڳي سان رستي ويندي ملاقات ٿي، پڇيومانس ”ڪر خبر ڪي نانگ بلائون هٿ ڪرين ٿو يا ڪونہ؟“ اکين ۾ ڇپيون پيل ان جوڳيءَ پنهنجي لپ جيڏين لپڙ مڇن تي هٿ ڦيريندي چيو، ”نانگ آهن تہ گهڻا، پر اهي پنهنجي ڪل مٽائي چڪا آهن، پڙهيل لکيل بوٽ سوٽ وارن نانگن تي اسان جي پير مرشد گوگي ڇهواڻ جو ڏارو اثر ئي نٿو ڪري، ڇو تہ اهي انساني روپ ڌارڻ کان پوءِ بہ پنهنجي اصلي عادت نٿا ڇڏين. اهي تہ وجهہ ملڻ تي پيو تہ ڇڏيو پنهنجا ٻچا بہ کائي چٽ ڪريو ٿيون ڇڏين.

# قبر جنهان دي جيوي هو!! . . .

ڪيئن چئجي تہ صوفين جي سوز ساز ۾ ڪهڙا عجب اسرار سمايل آهن، ڇو تہ جڏهن انهن جو سڏ ٿئي ٿو تہ هر طبقي ۽ هر عمر جا ماڻهو اچي ميدان تي پهچن ٿا. آچر جي رات اهو سڏ انٽرنيشنل صوفي فائونڊيشن ڏنو ۽ حيدرآباد ۾ اچي هنن ميڙو مچايو. لاڙڪاڻي کان ڪهي آيل هي صوفي رات جو پڙهيل لکيل صوفي ذهنن کي روحاني راحت ڏئي ڳائي وڃائي. نچي ڪڏي صبح سان شهر مان ائين نڪري ويا، جيئن جوڳي نہ ڪنهن جا مِتَ! سنڌين جي رواداري تہ ڏسو جو هنن وقت جي مقبول قومپرستاڻي لهر جي باوجود سورنهن سؤ ايڪانوي ۾ گذاري ويل پنجابي صوفي شاعر سخي سلطان باهو جي نالي منسوب ڪيل ڪانفرنس کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ باهو جي شاعريءَ تي تاڙيون وڃائي ”حق حق“ جا نعرا هڻي داد ڏنو. جيئن سلطان باهو پاڻ چيو آهي تہ

چڙهہ چنان تي ڪرن روشنائي، ذڪر ڪريندي تاري هو
گليان دي وچ ڦرن نماڻي لعلان دي ونجهاري هو
شالا مسافر ڪوئي نہ ٿيوي ڪک جنهان ٿو ڀاري هو
تاڙي مار اڏارنہ باهو اسان آپي اڏن هاري هو!!

جڏهن لاهور کان آيل پنجابي شاعره عائشہ اسلم پنهنجي مقالي ۾ سلطان باهو جو اهو شعر پڙهيو تہ ٻڌندڙ سنڌين ڀرپور تاڙيون وڃائي ڪيس داد ڏنو. ائين پئي لڳو ڄڻ تہ ڪک کان هلڪي مسافر واري تشبيهہ يا پاڻ ئي اڏري وڃڻ واري تشبيهہ هنن جي هن رياست اندر اجتماعي اڪيلائيءَ جو اظهار هجي ٿي. نشستون حاضرين لاءِ آزمائش جون گهڙيون هونديون آهن، ڇو تہ اسان جا محقق دوست تمام محنت سان ڊگها ڊگها مقالا لکي ايندا آهن، جيڪي وقت جي ڪمي سبب کين مختصر ڪرڻا پئجي ويندا آهن. حيدرآباد واري صوفي ڪانفرنس ۾ جيڪڏهن چئجي تہ لاهور کان آيل پنجابي شاعره جي تقرير لڳي تہ غلط نہ ٿيندو، ڇو تہ هن اچڻ سان ڏاڍي نماڻائيءَ ۽ نفاست سان سنڌين جي حساس رڳ شاهہ ڀٽائيءَ تي هٿ رکيو. هن ڀٽائيءَ کي مخاطب ڪيل پنهنجو اهو نظم ٻڌايو جنهن ۾ بيو تہ گهڻو ڪجهہ لکيل آهي، پر اهو بہ چيل آهي تہ.

”اي منهنجا شاهہ ڀٽائي،
هڪ پنجابڻ پيرين اگهاڙي
ميلن جو طويل سفر ڪري تنهنجي آڳنڌ ۾ آئي“

هاڻي سائين سنڌي اڳي ئي ”تخت لاهور“ جا ستايل، انهن کي تخت لاهور جي پنجابي حڪمرانن کان سالن جون شڪايتون پنهنجي جاءِ تي، پر جڏهن هڪ پنجابڻ پيرين اگهاڙي هنن جي مرشد وٽ

اچي وڃي تہ پوءِ سنڌي داد نہ ڏين تہ آخر ڇا ڪن. مقالن جي طويل نشست ۾ ڊاڪٽر تهمينہ پنهنجو ئي لڪيل مقالو پڙهڻ مهل بار بار خبر ناهي ڇو منجهندي رهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي بہ چڱيون ڳالهيون ڪيون، ائين جيئن صدارتي خطاب ڪندڙ ڊاڪٽر سلطان الطاف علي ڪجهہ چڱيون ڳالهيون ڪيون. هن اردوءَ ۾ خطاب ڪيو پر ان ڪانفرنس جي عجب اسرار واري ڳالهہ اها بہ هئي تہ ڪنهن اردوءَ ۾ خطاب تہ ڪنهن سنڌي ۽ پنجابيءَ ۾، پر اگهاميا اهي، جن ڳالهہ عشق جي سليقي سان ڪئي.

جس منزل نون عشق پهنچا پوي
ايمان ڪنون خبر نہ هوا!

حيدرآباد ۾ هي ميڙاڪو انهن ڏينهن ۾ ٿي رهيو آهي، جڏهن راولپنڊيءَ ۾ انتهاپسندي عروج تي آهي، جتي وڪيلن جي ضلعي بار گڏجي هڪ قتل جو اعتراف ڪندڙ کي گلن جا هار پارائي ٿي ۽ گهٽين ۾ غازين جا سرٽيفڪيٽ ورهايا وڃن ٿا. پر سنڌين جي حيدرآباد ۾ حق جا نعرا لڳن ٿا ۽ پنجابي شاعر کي مٽي پڄاڻان بہ ساراهيو وڃي ٿو جنهن انتهاپسنديءَ کي للڪاريو. جنهن جي پيغام سبب سندس قبر اجان بہ چئي پئي تہ

تي نام فقير دان باهو قبر،
جنهان دي جيوي هوا!

انتهاپسنديءَ جي خوف مان نڪري تاج جويي پنهنجي تقرير ۾ پنجاب جي مقتول گورنر سلمان تاثير جي قتل جي مذمت ڪئي. ان قتل کي سڀ ۽ رواداريءَ تي ائين هڪ وار قرار ڏنو ويو. جيئن ڪجهہ ڏينهن اڳ حيدرآباد جي سول سوسائٽي سلمان تاثير جي تصوير آڏو ميڻ بتيون ٻاري کيس خراج تحسين پيش ڪيو هو. صوفي دانشورن جي ڊگهن مقالن جڏهن حاضرين کي بور ڪرڻ شروع ڪيو تہ تڪڙ ۾ صوفي ايوارڊ ورهائي ان مانجهي فقير کي اسٽيج تي ڳائڻ لاءِ سڏيو ويو جنهن جي هاڪ تہ اسان اڳ ٻڌي هئي پر فقير جا درشن آڇر رات ٿيا. مانجهي فقير جي آواز ۾ جيڪا اپيل آهي، تنهن اڇڻ سان هڪل ڪئي تہ،

عجب اهو اسرار تہ ماٺهو مارڻ ثواب،
نفعي ڪارڻ نفس جي ٿو جوٺا ڪرين جهاد.

مانجهي فقير رات جو يارهين وڳي جيئن اسٽيج تي پهتو تہ سندس اٺ کن سازندا ۽ ساٿي اڳ ۾ ئي وينل هئا. مانجهي فقير، پنهنجي مختصر محفل ۾ جي شروعات نماڻائي سان ڪئي تہ” مجهي هر ڪلي شجر ۾، تيرا نور نظر آيا“. صوفي ڪانفرنس ۾ جيستائين فقير ڳائڻ شروع ڪيو، تيستائين ميزبانن ريفريشمينٽ جي نالي حاضرين کي پيٽ پرڻ جيترو لنگر ڪرائي ڇڏيو. پري محفل ۾ مانجهي فقير جڏهن سچل جو سرور پريو ڪلام:

جنهن دل پيتا عشق دا جام

سا دل مست و مست مدام،
حق موجود سدا موجود!

سر مستيءَ ۾ ڳائڻ شروع ڪيو تہ حاضرين پنهنجن سيٽن تي اٿي جھومڻ ۽ نچڻ تي مجبور ٿي پيا. مانجھي فقير دنياداريءَ ۾چرندڙ پرندڙ ماڻهن کان ايترو تہ لڪو گھمي لوڪ ۾، جو ڪيترن ماڻهن پڇيو اهو مانجھي فقير آهي، ڪير ۽ ڪٿان جو؟ مانجھي فقير روايتي صوفين جيان نہ گيڙو ڪپڙا، نہ الفيون پائي ٿو نہ ئي ڪو سُنگ جي نالي ۾ سورنهن ماڻهو گڏ ڪٽي گھمائيندو وتي ٿو. چار درجا سنڌي پڙهيل، باقي صفا ٺپ اڻ پڙهيل هي الستي فقير مقالن واري نشست ۾ بہ منهنجي سيٽ کان بہ سيٽون پويان سنگت سان ويٺو رهيو. اهو بہ مون کي هالار ٻڌايو جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پي ايچ ڊي جو شاگرد آهي. پر بقول ان جي تہ هو مانجھي فقير جي جتي کڻڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو. مانجھي فقير اصل ۾ شاهپورچاڪر لڳ هڪ ڳوٺ لوداٽي ۾ ويٺل آهي، جنهن پنهنجي حياتي صوفياٽي راڳ ويراڳ کي ارپي ڇڏي آهي. هو پنهنجي راڳ ۾ اڪيون پوري ايترو تہ مست رهي ٿو جو ڪيس ڪا پرواهہ نٿي رهي تہ سندس آواز جي جادوءَ تي ڪو سيد ٿو نچي يا امتي. هو ڄڻ تہ منظر تان غائب ٿي پنهنجي محبوب يا پنهنجي مالڪ سان مخاطب رهي ٿو. آڇر رات هو اڇا ڪپڙا پائي، ڪاري ڪپڙي جو ڳارو ڳچيءَ ۾ وجھي سنڌي ٽوپي پايون مقالن واري نشست ۾ ويٺل رهيو تہ اسان مان اڪثريت کي خبر ڪونہ هئي تہ اهو مانجھي فقير آهي، جنهن جي اندر ۾ اها آگ ۽ زبان ۾ اها جرئت آهي، جيڪو زماني جي بڇڙائپ ۽ منافقت کي چئلينج ڪري ٿو. مانجھي فقير سلطان باهو ۽ سچل جي ڪجھہ دوهيڙن ۽ ڪلامن کان سواءِ باقي شاعري اها ڳائي، جيڪا بظاهر هن اڻ پڙهيل صوفي راڳي جي پنهنجي ميراث آهي. هڪ هنڌ هن شاعريءَ ۾ پٿرن جون اهڙيون اهڙيون تشبيهون ڏنيون، جو چڱن ڀلن جي عقل تي پٿر اچي وڃي، هو چوي ٿو تہ ”خود هي هون ظلمات مين، خود هي روشن راهہ هون.“

انتهاپسنديءَ جي وڏندر خوف ۾ هاڻي جڏهن نام نهاد قومي پريس جا اهي ڪالم نگار بہ ڊڄي رهيا آهن، جن انهن جهادي ۽ انتهاپسند جي نرسرين جي سالن کان پٺي آبياري ڪئي، اهڙي گھٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ صوفين ۾ الڳ ٿلڳ آواز مانجھي فقير جو اڀري ٿو جيڪو ڪنهن بہ روايتي گاديءَ جي تابع ناهي، جيڪو آزاد طبيعت ۽ فقير آهي. ۽ چوي ٿو تہ:

لايون نڀايو اها ريت اسان جي،
ڪڏي ڪنڌ ڪپايون، اها ريت اسان جي!

مانجھي فقير جي ويجھن دوستن ٻڌايو تہ فقير جي طبيعت ناساز آهي. ڪجھہ مهينا اڳ فالج حملي کان پوءِ هو ٿورو لڏي لمي هلي ٿو ۽ صوفي ڪانفرنس مهل بہ کيس بخار هو. پر جڏهن راڳي ۽ ٻڌندڙن جو روحاني رشتو جڙي ٿو وڃي تہ پوءِ اهي دنياوي درد ثانوي حيثيث اختيار ڪري وڃن ٿا. ائين ئي مانجھي فقير بہ بہ دفعا اسٽيج تان اٿي هليو وڃڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ۽ ماڻهن کيس ڪنهن پاپ سنگر

جيان ”ونس مور“ جون رڙيون ڪري روڪيو. مانجهيءَ پنهنجي محفل جي آخر ۾ پنهنجو ئي ڪلام ٻڌايو تہ:

اوهان جا عاشق هزارين آهن
اسان جي ياري قبول پوي شل

حيدرآباد ۾ هي صوفي ڪانفرنس انتهاپسندي خلاف وڙهندڙ حڪومت جي ڪنهن بہ قسم جي سهڪار کان سواءِ ڪاميابي سان ٿي. صوفي فائونڊيشن جي دوستن ڊاڪٽر صابر ابڙو ۽ خالد چانڊيو ٻڌايو تہ هنن اها ڪانفرنس پنجاب جي گورنر سلمان تاثير جي قتل کان پوءِ خصوصي طور نہ سڏائي آهي, اهو سندن ساليانو اجتماع آهي, جيڪو هو گذريل ستن اٺن سالن کان لاڙڪاڻي ۾ ڪندا پئي آيا. هن ڀيري هنن حيدرآباد جو رخ ڪيو ۽ ايندڙ سالن ۾ سندن اڳيان پنجاب ڏانهن آهي, جتي هاڻي صوفين جي آواز کي انتهاپسند جي لهر ائين دٻائي وينا آهن, جيئن ڪو ظالم باز معصوم ڪبوتر کي هيسائي ڇڏيندو آهي.

# ٿينڪ يو جسٽس...!

معاشرو ڪيترو بہ خراب هجي ۽ آسپاس جون حالتون ڪيتريون بہ ناخوشگوار هجن، پر ڪنهن بہ اهم عهدي تي هڪ همدرد ۽ نيڪ دل ماڻهو جي موجودگي سماج مٿان ڪيترو نہ مثبت اثر وجهي سگهي ٿي، ان جو نظارو تہ ڇڏيو ان جو اندازو بہ اسان جهڙن سماجن ۾ گهٽ نظر اچي ٿو پر سنڌ جي هاڻوڪي چيف جسٽس سجاد علي شاھ جي سربراهيءَ ۾ قائم سليڪشن ڪميٽي هڪ اهڙو تاريخي ڪم ڪيو آهي، جو غريبن جي اولاد جو جج ٿيڻ وارو خواب پورو ٿي چڪو آهي. سنڌ جي مختلف ضلعن سان واسطو رکندڙ هڪ سؤ اٺونجاھ نوجوانن کي سول ججن ۽ جڊيشل مئجسٽريٽن جي حيثيت ۾ ارڙهين گريڊ ۾ بنا ڪنهن سفارش ۽ بنا ڪنهن رشوت جي ڀرتي ڪرڻ هاڻوڪي دجالي دور ۾ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. انهن نوجوانن کي ذاتي طور تہ آئون نہ سڃاڻان، نہ ئي انهن ڪامياب اميدوارن ۾ منهنجو ڪو مائٽ شامل آهي، پر انهن جي اڪثريت غريبن جا ٻار آهن تہ اهي منهنجا پنهنجا ٿيا نہ مون کان اوپرا ڪيئن ٿيا.

انهن سيني نوجوانن کي جڏهن فيس بُڪ تي مبارڪون ملڻ شروع ٿيون تہ منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ رهي. انهن نوجوانن ۾ ڪجھ اهڙا بہ اميدوار هئا، جن کان بار جي ڪجھ عهديدارن ۽ ڪجھ وزيرن مشيرن جي ماڻهن ويھ ويھ لک رپين واري ڊيل ڪئي ، پر سنڌ جا ڀاڳ ڀلا جو ان سليڪشن ڪاميٽيءَ جو سربراھ ڪو ڪرپٽ ڀوتار مافيا جو نمائندو نہ هو ۽ هو ميرٽ تي ڪامياب ٿي ويا. انهن ڪامياب اميدوارن منجهان ڪجھ اميدوارن جا تفصيل تہ اوهان ڪاوش ۾ پڙهي چڪا هوندا تہ ڪيئن نہ لاڙڪاڻي جي ڪورٽ ٻاهران چانھ وڪرو ڪندڙ چاچي جو پُٽ سول جج ٿي ويو آهي ۽ هو اکين مان لُڙڪ نہ سگهيو آهي. چيف صاحب کي اندازو آهي، الائي ڪونہ تہ سنڌ جي غريبن وٽ ڪنهن محبتيءَ ماڻهو جي آجيان لاءِ اهي ئي بہ ٽي لڙڪ ۽ ٻہ ٽي گيت وڃي بچيا آهن، ”باقي تہ مال ڪائين“ سڀ وڏيرا وارا ڪم لڳو پيو آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ چيف جسٽس سجاد علي شاھ جو دور سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو تہ جنهن دور ۾ سنڌ جا ڀوتار هڪ پٽيوالي ۽ سپاهي جي نوڪري ٽن چئن لکن ۾ وڪرو ڪري رهيا هئا، ان دور ۾ پورن هڪ سؤ اٺونجاھ نوجوانن کي ميرٽ تي مفت ۾ ارڙهين گريڊ جون نوڪريون مليون. هڪ باعزت روزگار سان گڏ کين اهو موقعو بہ مليو تہ هو عدل ۽ انصاف واري سنڌ قائم ڪرڻ ۾ مددگار ٿين. هاڻي اهو انهن ڪامياب نوجوانن مٿان فرض آهي تہ هو سنڌ جي غريب ۽ لاچار ماڻهن جون تڪڙيون شنوائيون ڪن ۽ تڪڙا فيصلا ڏين تہ جيئن عدالتن مٿان عوام جو اعتماد وڌيڪ بحال ٿئي. عدالتي ڪيس تڪڙا اڪلائڻ سان گڏ ڇا اهي نوجوان اهو بہ عزم ڪندا تہ هو پنهنجي ڪيريئر تي توجھ ڏيندا ۽

نندين عدالتن ۾ هلندڙ رشوت جي بازان ۾ پنهنجي ميرٽ يا پنهنجي نالي کي ميرو نہ ڪندا؟ اها ڳالھ ڪنهن پڪ سان تہ نٿي چئي سگهجي، ڇو تہ اهو هر ڪنهن انسان جو يا هر جج جو پنهنجي اندر جو ضمير يا ايمان جو فيصلو هوندو آهي، پر مون کي اميد آهي تہ انهن نوجوانن جي اڪثريت سنڌ جي ايماندار ججن جي هڪ ڊگهي قطار جوڙيندي، جيڪا سنڌ جي عدالتي نظام بابت جُڙيل پراڻي تاثر کي يقينن تبديل ڪندي.

مون کي خبر ناهي تہ چيف جسٽس صاحب ڪاوش اخبار پڙهندو آهي الائي نہ. مون کي اها خوشي آهي تہ هن ڪراچيءَ جو هزارھ اسپيڪنگ جج هوندي بہ اسان سنڌين سان اهڙي پلائي ڪئي آهي، جيڪا ڪنهن ڪاموريءَ يا سنڌي پوتار بہ نہ ڪئي هوندي. هونئن هاءِ ڪورٽ تہ ڇڏيو سپريم ڪورٽ جو اڳوڻو جج جسٽس جواد ايس ايچ خواجہ بہ سنڌي نہ هوندي بہ ڪاوش اخبار پڙهندو هو ۽ هن تہ هڪ دفعي پيري عدالت ۾ سنڌ جي اٽارني جنرل کي سنڌي ۾ چئي ڏنو هو تہ، ”غلط بياني نہ ڪر. مون صبح سان ڪاوش پڙهي آهي.“ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس صاحب سنڌي ڄاڻي نہ يا نہ مونکي سندس هي عملي ڪم ايترو تہ پسند آيو آهي، جو منهنجي وس ۾هجي ۽ سندس پروٽوڪول ڪيس اجازت ڏئي تہ آئون هڪ ڀرپور عوامي ميڙ ۾ ڪيس سونو تاج نہ سهي، پر سنڌي پڳ ضرور پارائيندس، ڇو تہ سنڌ جي ڪرپٽ مافيائن واري دور ۾ هن هڪ نئين تاريخ لکي آهي. هن هڪ ڏڪ ۾ ايترا جج ڪنيا ۽ انهن ۾ اقليتن ۽ عورتن کي بہ شامل ڪيو اٿائين. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ويب سائيٽ تي جڏهن انهن ڪامياب اميدوارن جي فهرست تي نظر پيم تہ ان لسٽ ۾ ٽئين نمبر تي هڪ هندو نوجوان پوپٽ راءِ ولد پاوچند اگراڻي جو نالو لکيل هو جيڪو شايد مٺي جو آهي. ان طرح سان لسٽ ۾ اسي نمبر تي مس نسرين، تهمينہ پناڻ ۽ ثناءَ عباس دشتي جا نالا بہ شامل آهن، جن کي سول جج واري نوڪري ملي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سجاد علي شاھ کي ٽينڪ يو چوڻ سان گڏ سليڪشن ڪاميٽي ۾ شامل جسٽس احمد علي شيخ ۽ ٻين ميمبرن جي بہ مهرباني جن حڪومتي وزيرن مشيرن جي ڏنل لسٽ کي نظرانداز ڪندي ميرٽ جو هڪ انوکو مثال قائم ڪيو. مونکي سندس ميرٽ تي اعتبار شايد ڪڏهن بہ نہ اچي ها، اگر لاڙڪاڻي واري عدالت ٻاهران چانھ وڪرو ڪندڙ جي پُٽ واري خبر نہ پوي ها ۽ حيدرآباد ۾ واڏو واھ تي چانھ جي هوٽل تي هڪ اهڙي نئين پيرتي ٿيل سول جج سان ملاقات نہ ٿئي ها، جيڪو ملنگ ماڻهو آهي، جنهن پنهنجيون سموريون توانايون ان امتحان ۾ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ وقف ڪيون هيون. ان ئي ڪامياب اميدوار ٻڌايو تہ سول جج وارو آخري انٽرويو ڏيڻ لاءِ هڪ اهڙو هندو نوجوان بہ آيل هو جنهن کي وڪيلن وارو ڪو موچارو ڪوٽ بہ پنهنجو ڪونہ هو ۽ انٽرويو مهل ڪيس اسان اڌارو ڪوٽ ڏنو. چيف جسٽس سجاد علي شاھ کي ٽينڪ يو چوڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ سندس هن قدم سان منهنجي سنڌ جي محنتي ۽ پڙهيل لکيل نوجوانن جو ادارن تي اعتماد بحال ٿيو تہ ڪو هڪ ادارو اهڙو بہ موجود آهي، جتان ميرٽ جي اميد آهي. ورنہ هو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ٿيل تازو تماشو ڏسي وينا آهن. هو انهن يونيورسٽين مان ڊگريون وٺي آيا آهن، جن

ادارن جا سربراهہ پوليس آفيسرن جيان ڪروڙن جون رشوتون ڏيئي پوسٽنگون وٺي آيا هئا. هو انهن گهٽين مان نڪري وڏا ٿيا آهن، جتي پٽيواليءَ ۽ ماستريءَ جي نوڪرين جا واڪ لڳندا هئا. هو سٺن سالن دوران پنهنجي شهرن جي انهن گندين گهٽين مان گذريا آهن، جتي نوڪرين جا آرڊر پوتارن جي بنگلي تي وڪرو ٿيندا هئا، اهڙي جنگل جي قانون واري دور ۾ هڪ غير سنڌي جج جڏهن ميرٽ جي بنياد تي هڪ سؤ کان مٿي سول جج ڪٽي ٿو تہ يقين خوشي ٿئي ٿي ۽ دل چوي ٿي تہ ڪيس ٿينڪ يو چيف صاحب چئجي.

پر ڇا اهو ممڪن آهي تہ اهڙي ميرٽ جو مثال ڪڏهن سنڌ پوليس جي سپاهين ۽ آفيسرن جي ڀرتين دوران نظر اچي؟ ڇا سنڌ جي نوجوانن کي هاڻوڪو آءِ جي اي ڊي خواجہ اهو يقين ڏياري سگهي ٿو تہ سنڌ پوليس جي ڀرتين ۾ شفافيت ٿيندي، ڇو تہ سنڌ نوڪرين ۾ ميرٽ جي لتاڙ ۾ تمام گهڻو پوڇيو آهي. هاڻي اهو سلسلو صرف عدالتي نوڪرين ۾ نہ، پر هر جڳهہ تي هلڻ گهرجي تہ جيئن عام ماڻهن جو ادارن مان ڪچي ويل اعتماد بحال ٿئي. اهڙن شفاف ۽ عوامي ڪمن جو اثر ايندڙ ڏهاڪن تائين ماڻهن مٿان قائم رهي ٿو، ڇو تہ غريب دوست ۽ ايماندار ٿيڻ لاءِ ضروري ناهي تہ اوهان آڪسفورڊ جي ڊگري وٺي اچو يا ڪيمبرج مان پڙهي اچو تہ پوءِ اوهان کي ميرٽ جي اهميت جي خبر پوندي، ايئن تہ هي چيف جسٽس بہ اسلاميہ ڪاليج ۽ ايس ايم لا ڪاليج ڪراچي جو پڙهيل آهي، پر سندس فيصلن سان ميرٽ کي ترجيح بڻائڻ سان گهڻن غريبن جا مسئلا حل ٿين ٿا. اهي سپاهي جيڪي فتح علي خواجہ پوليس ۾ ڀرتي ڪيا، سي ڪيس هاڻي بہ دل سان دعا ڏيندا آهن ڇو تہ انهن کان نوڪرين عيوض هن هڪ رپيو بہ رشوت نہ ورتي هئي. اهڙن عملن جي گونج سالن تائين سماج ۾ هڪ بهتر مثال طور قائم رهي ٿي. باقي بدبودار ڪردار تہ اسان جي سماج ۾ ايترا آهن، جو هڪ کان مُنهن موڙيو تہ ٻيو مُنهن ۾ ضرور لڳندو.

سنڌ جي چيف جسٽس سجاد علي شاهہ جي ان قدم جا اثر سنڌ جي عدالتي نظام مٿان گهرا رهندا ۽ ايندڙ وقت تائين سندس حوالو هلندو رهندو، ڇو تہ انهن انٽرويوز دوران ٽن هاڻوڪن ايم پي ايز جا ويجها مائٽ فيل ٿي چڪا آهن ۽ خود وڏي وزير جا ويجها عزيز پڻ اسڪريننگ مان آئوٽ ٿي ويا هئا. انهن ٻيهر اپيل بہ ڪئي پر انهن جون مارڪون سامهون آڻي ڳالهہ صاف ڪئي وئي تہ هاڻي ججن جي مقرري سفارشن سان نہ ٿيندي، اهو تہ چيف صاحب جو تمام بهتر قدم آهي. پر ڇا اهڙي ميرٽ سنڌ جي ٻين ادارن ۾ لاڳو نہ ٿي ڪري سگهجي؟

# درويش جي دنيا!

ڪلاچيءَ جي سمنڊ ڪناري مٿان اربع جو سج اجان مڪمل ڪونہ لٿو هو تہ اسان ان درويش جي تلاش ۾ نظرون ڊوڙائيندا سي ويو واري بيچ تي پهتاسين. جيڪو سنڌ ۾ ڪجھہ حڪمرانن جو موسٽ فيورٽ رهيو آهي. هو ڪنهن دور ۾ ڪپڙن کان آجي حالت ۾ گهمندو هو پر هاڻي شلوار قميص پائي ٿو. جيئن جيئن اسان سي ويو جي ويجهو پهتاسين، تيئن تيئن اسان اهو سوچيندا رهياسين تہ اڄ فقير موجود هوندو الائي نہ. ڇو تہ اسان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ئي سندس تلاش ڪئي، پر اسان کي پهچندي شايد دير ٿي وئي هئي، جو هو گڏ آيل پنهنجي همراه سميت واپس هليو ويو.

اسان جيئن ئي ان جاءِ تي ويجهو پهتاسين تہ مون سان گڏ ويٺل سندس معتقدن ٻُڌايو تہ "اهو سامهون سائين ويٺو آهي." سمنڊ ڪناري ماڻهن جي شور کان پري هو هڪ نويڪلائيءَ واري جڳهہ تي سمنڊ کي ڏنل ديوار مٿان اوڪڙو ويٺل هو. سندس پرسان سندس هڪ دوست الائي معتقد پڻ ويٺل هو، جيڪو پنهنجي گاڏيءَ ۾ روزانو درويش کي سمنڊ ڪناري هڪ مخصوص ٽائيم تي وٺي اچي سير ڪرائيندو آهي ۽ وري واپس وٺي ويندو آهي. مون کي يقين نہ پئي آيو تہ تہ سادي ڪاٽن جي هلڪي بوسڪي ڪلر جي شلواز قميص پائي، ڳلي جا ڦُل بٽڻ کولي، مٿي ۽ بدن کي اجرڪ ويڙهي ويٺل هي شخص اهوئي ماڻهو آهي، جنهن وٽ پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ آڪسفورڊ جي پڙهيل محترمہ بينظير ڀٽو سيڙجي پهتي هئي ۽ ڪيس پنهنجي هيليڪاپٽر ۾ ڪٽي گُهمايو هو. مون کي واقعي يقين نہ پئي آيو تہ هن درويش وٽ سنڌ جو اڳوڻو وزيراعليٰ سيد عبدالله شاه پنهنجي هيليڪاپٽر ۾ ايترا دفعا آيو جو هن سرائيڪيءَ ۾ سندس نالو "ڦيريان والا شاھ" رکي ڇڏيو تہ جڏهن بہ ڦيري ڏئي ٿو هيليڪاپٽر ۾ مون وٽ ضررو ٿو اچي. مون کي تہ اهو ٻُڌي بہ عجب ٿيو تہ سنڌ جو هڪ ٻيو وزيراعليٰ ۽ تبليغي جماعت وارو سرگرم رُڪن ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم بہ وٽس حاضري ڀرڻ ايندو آهي. "اهو تہ هاڻي بہ مهينو کن اڳ وٽس ڳوٺ آيو هو." مون کي سندس معتقدن ٻڌايو.

ڪراچيءَ جي سمنڊ ڪناري منهنجي سامهون اجرڪ ۾ معصوماڻي انداز سان اوڪڙو ويهي "الله خير، الله خير." جو ورد ڪندڙ درويش ۽ اهو ساڳيون جهڏي وارو لالڻ لاشاري آهي، جنهن کي پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس وارا درويش مڃيندا هئا پر ڪيس سنڌ سطح يا ملڪي سطح جي شهرت تڏهن ملي، جڏهن آڪسفورڊ جي پڙهيل پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو سندس ڳوٺ جو دورو ڪيو. سندس معتقدن ٻڌايو تہ، "محترمہ اهو دورو سيد عبدالله شاھ جي مشوري تي ڪيو هو. جنهن ڪيس لالڻ لاشاري جي درويشيءَ جا ڪجھہ اهڙا قصا ٻڌايا، جو هوءَ متاثر ٿي اچي جهڏي پهتي."

ان وقت مشهور ٿيو هو تہ لالڻ لاشاري کان جڏهن محترمہ پُڇيو تہ "اوهان کي جيڪو گهر جي ٻُڌايو." تہ

ان وقت لالڻ هيليڪاپٽر ۾ گهمڻ جي فرمائش ڪئي هئي. مون اها پڪ ڪرڻ خاطر خود لالڻ کان پُڇيو پر هن وضاحت ڪئي تہ. "اهڙي فرمائش مي ڪونہ ڪيتي هيمانس، مائي آپ آکيا ها. . ."

لالڻ هوندي تہ سنڌي بہ سُٺي ڳالهائيندو آهي، پر اسان جي گروپ سان هن سرائيڪيءَ ۾ ڪچهري ڪئي. لالڻ لاشاري سال جا ڪجهہ ڏينهن ڪراچي اچي سمنڊ ڪناري پنهنجي معتقدن سان گڏ گهمي ٿو. شايد سمنڊ ۾ ڪا اهڙي ڪشش ضرور آهي، جو عاشقن ۽ اوشاقن کي پاڻ ڏانهن سڏيندو ٿو رهي. پر عجيب ڳالهہ اها بہ هئي تہ هي درويش سمنڊ ڪناري بلڪل ان جاءِ تي ويٺل هو جتان ڪجهہ سال اڳ اسان جو هڪ دوست خودڪشي ڪرڻ جي ارادي سان آيو هو ڇو تہ جنهن محبوبہ ساڻس چانڊوڪي رات ۾ سمنڊ جي لهرن ڳڻيندي واعدو ڪيو هو تہ هو هميشہ ساڻس گڏ رهندي، سا ڪائنس جدا ٿي ويئي هئي. هن پنهنجي پيار جو اظهار بہ انهن لهرن جو مثال ڏيندي ساڻس ڪيو هو تہ "جيئن سمنڊ جو لهرون نہ ٿيون ڳڻجي سگهجن، تيئن ئي منهنجو پيار تون نہ ٿو ڳڻي سگهين." ان نوجوان چانڊوڪي رات ۾ ئي ان سمنڊ ڪناري ان ئي بيچ تي ڪيئن اچي خودڪشي ڪئي هئي، سو قصو ڪنهن ٻئي پيري، پر منهنجي سامهون اهو لالڻ ويٺل هو جيڪو سنڌ جي هاڻوڪي "حڪمران عورت" کان سخت بيزار هو. ان مٿان سخت تبصرا ڪندي چوڻ لڳو "اينهن مائي ملڪ تباه ڪر ڇوڙيا هي، ڦتيان دا فصل ڏيکو ڪنهن ڪون رقم ونهي ملي، سپ ڪا ڇوڙيا هئس."

لالڻ لاشاريءَ سان ملاقات کان اڳ آئون کيس هڪ اهڙو مجذوب ماڻهو سمجهندو هُئس، جنهن کي دنيا جهان جي ڪا خبر شايد نہ هوندي ۽ پنهنجي ڌُن ۾ رهڻ وارو هوندو. پر هي لالڻ لاشاري نہ رڳو هاڻوڪي سياسي صورتحال ۾ دلچسپي رکندڙ هو پر ان کان بخوبي واقف بہ هو. هو حڪمرانن جي رُتبي سان گڏ پنهنجي رُتبي جو بہ گهڻو خيال رکندڙ نظر آيو. جنهن کي جڏهن فقير سائين ڪري مخاطب ٿيس تہ هن ان لفظ کي نامناسب قرار ڏيندي چيو "فقير لفظ جي اڳ اهميت ۽ عزت هوندي هئي، پر هاڻي پنڻ وارن فقيرن اها وڃائي ڇڏي آهي، تنهن ڪري مونکي درويش چئو الله جو درويش، جيئن بيا غوث قطب بزرگ آهن." هن جي پنڻ وارن فقيرن سان ايتري تہ نفرت هئي، جو ڪجهہ جوڳي جڏهن سندن نظرن اڳيان گُذريا تہ هن مُنهن موڙي سمنڊ طرف ڪري ڇڏيو جيستائين اهي گذري نہ ويا، هن پنهنجو مُنهن اسان ڏانهن نہ ڪيو. پر هن عورتاڻي ڊريس ۾ خيرات لاءِ آيل ڪدڙي فقير سان ڏاڍي شفقت سان ڳالهايو ۽ کيس ٻُڌايو تہ "مان الله جو درويش آهيان، دعا ڪندوسانءِ." تہ هن فقير کيس وراڻيو تہ "ڪجهہ پئسا ڏيو باقي دعا تہ مان پاڻ جام ڪندو آهيان." لالڻ لاشاري اقتداري سياست ۾ ايترو تہ اپ ڊيٽ هو جو کيس خبر هئي تہ زرداري گرفتاريءَ جي ڊپ کان ٻاهر ويل آهي ۽ جنرل راحيل شريف ڪراچي ۾ امن ڪرايو آهي. هن جنرل جو نالو ڪڍڻ کانسواءِ چيو "اهو جيڪو فوجي هي نہ اهو ماڻهو بلا هي. . . ڪم پلي پيا ڪريندا هي. . . ڪراچي مين ڏيکو اسان سُک نال ٻيٺي هون، اهو فوج دا ڪم هي. . . " جڏهن مون کيس ٻُڌايو تہ اهو جنرل هاڻي چند مهينن ۾ ريٽائر ٿيڻ وارو آهي تہ هو ايئن خاموش ٿي ويو، جهڙوڪر کيس اها ڳالهہ نہ وڻي هجي. . .

ڪراچيءَ ۾ لالڻ وٽ ٿي سگهي ٿو ڪنهن وقت خاص ماڻهن جي ڪا رش ٿيندي هجي، پر جنهن مهل اسان پهتاسين، ان مهل هو صرف پنهنجي هڪ ساٿيءَ سان گڏ ڪچهري ۾ مصروف هو. ڳالهيون هلنديءَ مون ڪيس هڪ پٺاڻ جو قصو ٻُڌايو. جيڪو بہ پاڻ کي درويش سڏائيندو آهي. سوات کان ڪراچي اچي ٿو ۽ اويس مظفر جو مرشد سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو ڊفينس ۾ پنهنجي مقبوليت ايتري ماڻي چڪو آهي، جو سڀ وڏا پنهنجون پنهنجون شرٽون ڪڍي ويٺل هوندا آهن. هو سوالين جي آنڊل شرٽ کي چنبڪو ڏيئي ان مان سندن سامهون تعويذ ۽ تالا ڪيرائي ڏيکاريندو آهي تہ " ڏس تو مٿان ڪيتري بندش آهي." هڪ پٺاڻ معتقد کي تہ هن تالن ۽ تعويذن بدران ان شرٽ مان گوليون ڪيرائي ڏيکاريون تہ ڏس ڪيترا دشمن تنهنجي جان جي پويان لڳل آهن. پر لالڻ جو خيال هو تہ اويس مظفر وارو مرشد ڪرتب باز آهي. لالڻ کي تہ اها بہ خبر هئي تہ اويس، زرداريءَ جو ڪهڙي قسم جو ياءِ آهي، جنهن مان اندازو لڳو تہ هو اقتداري ڪلاس جي ماڻهن کان ڪيترو نہ ويجهڙائيءَ کان واقف آهي.

لالڻ لاشاريءَ سان گپ شپ هلي رهي هئي تہ پنهنجي فيس بڪ لاءِ سندس فوٽو ڪڍڻ جي فرمائش ڪيم، پر هن ۽ هُن جي معتقدن منع ڪيو تہ "سائين فوٽو نہ ڪڍرائيندو آهي." وري بہ اصرار ڪيم تہ هن چيو "تون ٿي وي وارو آهين، نہ ... پوءِ اهو ٿي ويءَ وارو فوٽو ڪڍ، باقي هي صحيح ناهي .. .اهي فوٽو اخبارن ۾ اچن ٿا اخبارون رديءَ ۾ وڃن ٿيون ۽ ماڻهن جي پيرن ۾ لتاڙجن ٿيون تہ الله جي درويشن جي بيحرمتي ٿئي ٿي، تنهن ڪري تون جهڙي اچ تہ توکي بيان ڏيندس." هن فريال ٽالپر جو طنز مان هڪ مخصوص نالو رکي ڇڏيو آهي ۽ مون کان پڪ ورتائين تہ "اگر ان خلاف بيان ڏيان تہ هلائيندين." منهنجي ها ڪرڻ تي پنهنجي هڪ معتقد کي تاڪيد ڪئي تہ "هن کي جهڙي ضرور وٺي اچجان تہ جيئن ريڪارڊنگ ڪري سگهي." هن پنهنجي مختصر ڪچهريءَ ۾ ڪي وڏا راز، ڪي اصرار تہ اسان سان شيئر نہ ڪيا. پر وٽس ايندڙ سياسي اڳواڻن ۽ عام ماڻهن جا حال احوال ضرور بيان ڪيا، جنهن مان عبدالله شاه لاءِ نہ، ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم تہ هن دعويٰ ڪئي تہ هو سندس دعا سان وزيراعليٰ ٿيو هو. لالڻ جي ڳالهہ ٻُڌي مون مسڪرايو. چو تہ ارباب پاڻ ان نوڪريءَ لاءِ ڪنهن درويش جو نہ، پر هڪ جنرل جو نالو وٺندو رهيو آهي، پر ٿي سگهي ٿو درويش جي دُعا ۽ جنرل جي سفارش ڪٿي ڪنهن موڙ تي گڏجي پيا هجن ۽ سنڌ ۾ اهڙو ڪو معجزو ٿي پيو هجي، جو هڪ سيٽ وارو ارباب وزيراعليٰ بڻيو هجي، ڇو تہ سنڌ هونئن ئي معجزن واري سرزمين آهي، جتي ڪنهن بہ وقت ڪو بہ معجزو برپا ٿي سگهي ٿو.

# ميِ رقصم وارو من!

سندس طبيعت تہ گھڻي وقت کان خراب هئي، پر هاڻي جڏهن سندس طبيعت جي ٻيهر خرابيءَ ۽ دوائون نہ کائڻ جي خبر پڙهيم تہ پهريان دل ست ڪاڏي تہ هڪ پيرو وري ڪيس روبرو ڏسي اچان، پر پوءِ ائين رسمي عيادت کان پري ٿي ويهي رهيس، جنهن ۾ نہ ڪا ڳالهہ ٻولهہ هجي نہ ئي ڪو سياري جي ڪافي جهڙو ٿڌڪ ۽ لالي جي اکين جي شرارت جهڙو تازو شامل هجي. ڇو تہ هو ڪو رسمي ماڻهو تہ ناهي پر سنڌي ادب ۾ سالن کان اوچي ڳاٽ ٻيڻل اهڙو ليکڪ آهي، جنهن جي دل هاڻي بہ پنهنجي ڌرتي لاءِ ڌڙڪي ٿي. هو جيڪو سموري حياتي روايتي سنڌي ادبي تڪرارن کان پري ٿي ويٺو ۽ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو رهيو. تنهن پختي ارادي واري ماڻهو ڪي هاڻي حياتي جي آخري ڏينهن واري هيٺي حال ۾ ڪيئن ڏسي سگهان. هو جنهن جي فطري ساهہ ڪڻڻ واري ڪوتا هاڻي ختم ٿي چڪي آهي ۽ هو هٽردو مشينن تي جيڪا گهڙي ساهہ کڻي ٿو تہ تنهن ۾ بہ چئي ٿو ”من منهنجو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو آهي، اڃان ڪجهہ لکڻو هيو.. “ اها ڪنهن ليکڪ لاءِ ڪيتري نہ ڏکائيندڙ ڳالهہ هوندي سا ڪنهن ليکڪ کي ئي خبر هوندي تہ هو ڪجهہ لکڻ چاهيندو هجي پر وٽس وقت باقي نہ بچيو هجي. . .

ان ڏينهن روبرو ڪچهري دوران بہ هن پنهنجو نهايت ئي نفيس منهنجي هٿن ۾ ڏيندي چيو هو تہ ”جڏهن ڊاڪٽر وٺ وٺي ويا تہ ان کي بہ اهو چيم تہ مونکي ٻيو نہ تڏهن بہ ايتري مهلت ملي جو جيڪي بہ ڪتاب لکڻا آهن، سي لکي وٺان. . . “ پر ڪيئن چئجي تہ هاڻي آغا کي اها مهلت ملندي بہ الائي نہ . . !

منهنجي هڪڙي خراب يا سٺي چئو پر عادت اها آهي تہ جنهن کان آئون وڌيڪ متاثر هوندو آهيان يا جيڪو مونکي وڌيڪ پسند هوندو آهي ان سان جاڻي واڻي ملڻ کان لنوائيندو آهيان. موقعا ۽ وقت وسيلا هوندي بہ ان شخص کان پيو لنوائيندس. اگر ڪٿي ڪنهن محفل ۾ملي بہ ويو تڏهن بہ ڪيس اهيو ڪونہ ٻڌائيندس تہ آئون ڪيترو نہ ساڻس پيار ڪريان ٿو. . . پر دل ئي دل ۾ ڪيس محبت جي اوچي خاني ۾ رکندو ايندس. ”همہ اوست“ ۽ ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ جهڙا ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ آغا سليم کي بنا ٻڌائڻ جي دل واري ان خاني ۾ رکي ڇڏيم. باقي سالن ۾ هن سان ڪي مختصر ملاقاتون ٿيون پر ڪڏهن بہ ساڻس تفصيلي ڪچهري ڪونہ ٿي. پر جڏهن سندس بيماري جي خبر پڙهيم تہ پوءِ خاموش ڪيئن رهان ، ڪيس ڪراچي واري شهر ۾ ائين ڳولي لڌوسين جيئن علي بابا کي ڳولي هٿ ڪيو هئوسين.

ڪراچي ڊيفينس واري سندس گهر جي ائڊريس ڳولڻ ۾ ڪراچي جي ائڊريسن کي برزبان ياد ڪندڙ پياري نديم وڳڻ کي ساڻ ڪري جڏهن اسان شام ڏاري سندس دروازي تي پهتاسين تہ ان وقت سندس فزيوٿراپسٽ ڊاڪٽر بہ آيل هيو پر آغا جي مهرباني جنهن ڪمري اندر اچڻ جي اجازت ڏني.

جيڪا سندس فيملي جي مرضي خلاف هئي، ڇو تہ ڊاڪٽرن ڪيس مڪمل آرام جو مشورو ڏنو هيو، جنهن ۾ گهٽ ڳالهائڻ بہ شامل هوندو آهي. پر مون سان ملندي ئي چوڻ لڳو تہ تنهنجا ڪالم ڪافي دفعا پڙهيا اٿم نثار... پر مليو اڄ آهين تہ توکي ڪيئن ٻڌايان تہ تون ڪيترو سٺو لکندو آهين... لکڻ ۾ مزو اٿئي يار لکندو ڪر... آغا سليم جي ڏاڙهون جهڙي ڳاڙهي حسين چهري ۽ نفيس طبيعت جا تفصيلي تعارف تہ پياري نصير مرزا جي لکڻين ۾ پڙهي چڪا هئاسين، پر مون جڏهن اڪ ڪٽي ڪيس گهوري ڏٺو تہ هو اسي سالن ۾ بہ ڏاڍي پرڪشش پرسنلٽي لڳو پيو هو. هن پنهنجي ان ٻانهن کي قميص جي بٽڻ سان بند ڪري رکيو هو جن مٿان ڊاڪٽري انجيڪشن جا نشان ڪارا داغ ڇڏي چڪا هئا. هو سنگل بيڊ پلنگ تي وهاڻن جي ٽيڪ سان آهليو پيو هو. ڀئي پاسي ڪان سندس دوائون ۽ مشينون لڳل هيون. ڪمري ۾ ٻيل ٻئي سنگل بيڊ پلنگ تي سندس فزيوٿراپسٽ ڊاڪٽر وينل هو. اسان آغا سان هڪ مختصر ڪچهري ڪري واپس ٿيڻ جو ارادو ڪري آيا هئاسين پر هن جڏهن جهوڪ جي شاهہ شهيد عنايت جي پراسرار انقلابي واٽ جا ورق کوليا ۽ ڪلهوڙا دور جي تاريخ ۾ لڪل حڪمران ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جا قصا ڪڍيا تہ آغا جي محفل مان هاڻي ڪير ڪافر اٿي...؟ توڻي جو سندس تيمارداري لاءِ مقرر ملازم بار بار ڪمري اندر اچي اسان کي باور ڪرائي رهيا هئا تہ هاڻي ملاقات جو وقت ختم، پر انهن جي اشارن کان وڌيڪ عزيز اسان کي آغا جي اها فلاسافي لڳي رهي هئي، جيڪا بيان ڪندي هو وجد ۾ چئي رهيو هو "سر بازار ۾ رقصم ... سردار مي رقصم..." هو اسان کي سمجهائي رهيو هو تہ تاريخ تہ بيشمار ظالم، بزدل ۽ بيڪار حڪمرانن جي تعريفن سان پري پئي آهي، جنهن ۾ ڇمچاگيري بہ شامل آهي پر تاريخ جي دز ڪجهہ حقيقي ڪردارن کي اهڙو لڪائي رکيو آهي، جو شاهہ عنايت شهيد بہ اسان کي صدين کان پوءِ ٿو سمجهہ ۾ اچي. ائين ئي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو اٿئي نثاڙ.... ان شام واري ڪچهري ۾ آغا سليم بار بار ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ۽ شاهہ عنايت شهيد جو ذڪر ڪندي نيٺ چئي ڏنو تہ سنڌ جي تاريخ ۾ انهن ٻنهي ڪردارن مٿان ڪو گهربل تحقيق يا ڪم نہ ٿيو آهي. سو جنهن لکڻ جي تمنا ڪريان ٿو يا جيڪي ڪتاب مون کان لکڻ ۾ رهجي ويا آهن، اهي انهن ٻنهي ڪردارن بابت آهن. هاڻي اگر صحتمند ٿيندس تہ پهريون ڪم اهو ڪندس.

ان شام آغا سان مختصر ملاقات ۾ اسان سالن جو سفر طئہ ڪيو. هن ريڊيو سان پنهنجي طويل سفر جو دور ٻڌايو تہ ڪيئن نہ گلگت ۽ اسڪردو جي هڏ ٺاريندڙ سردين ۾ بہ هو ڊيوٽي ڪري آيو جتي رات جو اڪ ان وقت پاڻي ڪلي پوندي هئي، جڏهن هيٽر بند ٿيندو هو. زندگي جي ان رنگ يعني نوڪري واري سفر جي پڄاڻي تہ هن جي بقول هن شڪر ادا ڪيو جو سندس ڳچي مان اهو طوق لٿو ۽ هن لکڻ پڙهڻ کي ڀرپور وقت ڏنو. سندس اکين ۾ ان ڏينهن عجيب چمڪ هئي جنهن ۾ ڪا پريشاني، پڇتاءُ يا ڳڻتي نہ هئي. نہ تہ اسي سالن جو ڪو پوڙهو خطرناڪ بيماري جي بستري تي هجي ۽ ٿڌ ساهہ نہ ڀري، سو ڪيئن ممڪن آهي پر هي سردار مي رقصم وارو من هيو جنهن جي اکين ۾ ان اميد نئين ڇاول ٻار جيان اکيون کولي رهي هئي. هو سنڌ جي ايندڙ نسل مان مطمئن هيو. سندس موڪلائڻ جو انداز بہ

عجيب هو. پنهنجي ويجهو ڪري پنهي هٿن سان منهنجي چهري کي ڇهي چوڻ لڳو ”تون اسان جو ٻچو آهين اسان جي روايت ۾ وڏا ائين پار ڪندا آهن. مايوس ناهيون اها پڪ سمجهہ ڇو تہ سنڌ جيئندي ۽ شاهہ عنايت شهيد واري فلاسافي بہ سمجهندي. اهيو اسان نہ ڪيو تہ ايندڙ نسل ضرور ڪندو تنهنڪري ڪا مايوسي ڪا پريشاني ناهي.“

# بادل کي سمجهاءِ ! ! ....

ان ڏينهن عرفانہ ملاح جي فيس بڪ وال تي هي خبر پڙهي حيران رهجي ويس جنهن ۾ لکيل هو تہ جهڏو پرسان ايل بي او ڊي لڳ ڍورو پراڻ مان 50 عورتن ۽ ٻارڙن جا لاش مليا آهن، جيڪي ٻکن وگهي پاهہ تي برساتي پاڻيءَ اندر مري ويا. مئل ٻارڙا مائرن جي پاکر ۾ هئا جن کي شايد ان جو ڏاڍو ڀہ نہ مليو ۽ مائرن کي اهڙي ڪا خشڪ جاءِ نہ ملي جتي ڪين دفنائن. اها هڪ اهڙي دکدائڪ خبر هئي جنهن کي مون پنهنجي وال تي ٻہ تڪڙ ۾ جيئن جو تيئن شيئر ڪيو. جڏهن ڪمينٽس اچڻ شروع ٿيا تہ لڳ ڀڳ سڀني دوستن ان جي تصديق ڪرڻ لاءِ خبر جو ذريعو پڇڻ شروع ڪيو. لڳ ڀڳ سڀني دوستن جو اهو اصرار هو تہ جيڪڏهن اها خبر جيئن جو تيئن درست آهي تہ پوءِ اها خبر اڃان تائين مک ميڊيا ۾ ڇو نہ آئي آهي. مون عرفانہ کي ميسيج ڪيو تہ سندس ان خبر جو ذريعو ڪهڙو آهي تہ جيئن باقي دوستن کي ٻڌائي سگهجي. عرفانہ جواب ۾ پروفيسر محمد اسماعيل ڪنڀر جو نالو ورتو جيڪو بقول سندس آرمي ريسڪيو ٽيم سان گڏ انهن علائقن ۾ وڃي ڪم ڪري چڪو آهي. اهڙو ئي ذڪر اسماعيل ڪنڀر صاحب آچر 11 سيپٽمبر واري ڪاوش اخبار ۾ لکيل پنهنجي خط ۾ ڪيو آهي.

برساتي تباهي ۾ ٻکن ۾ پاهہ ٿيندڙ سنڌ هڪ عجيب تماشي لاءِ تيار ڪيل اسٽيج بڻائي وئي آهي ، جتي "برساتي ۽ امدادي سياست" زورن تي آهي، ماڻهو آهن، جن کي پاڻيءَ نهوڙيءَ وڌو آهي ۽ ڪين اهڙو ڪو خشڪ ٽڪرو نٿو ملي جتي هو سنڌي چوڻي موجب "سوين پيرن کان پني ورتل" پنهنجن پيارن کي دفنائن ۽ اسان جا اختيار ڌڻي آهن جيڪي احساسن کان ايترا تہ عاري ٿي چڪا آهن جو ملڪ ۾ تہ پاڻي حد کان وڌيڪ آهي پر انهن جي اکين جو پاڻي لڳي ٿو سڪي ويو آهي، جيڪي اهڙي آفت ۾ عياشي وارا بيان "ڏيئي چون ٿا تہ ڪئمپن ۾ جاءِ ناهي تہ برسات متاثرن کي ترسائڻ لاءِ هوٽلن جا ڪمرا بڪ ڪرايو. انهن ئي جا اهي بيان ٻہ عوام کي ياد آهن جن ڪٽڪ جي اٽي جي بحران وقت چيو تہ ، "اٽو ناهي تہ ماڻهو چانور کائين." اهڙن بيانن منجهان ٻيو ڪجهہ ظاهر ٿئي يا نہ حڪمرانن جي سنگين مسئلن ڏانهن سنجيدگي بلڪل واضع آهي تہ هو عوام جي اهنجن کي ڪيترو نہ سنجيدگي سان وٺن ٿا. بدين جيڪو تازين برساتن ۾ تباهہ ٿي ويو اتان جي چونڊيل نمائندن ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ ڊاڪٽر فهميده مرزا کي ماڻهو دبئي ۾ شاپنگ ڪندي ۽ شوٽنگ مقابلن ۾ حصو وٺندي ڏسي حيران ٿي ويا تہ هي اسان جي انهن علائقن جا چونڊيل نمائندا آهن، جن جو عوام پاڻيءَ ۾ ٻڏي رهيو آهي. بلڪل ائين جيئن تازو وزيراعظم کي ايران ۽ قازقستان جي دورن تي ويندو ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا. صدر زرداري اڳ ۾ ئي نوابشاهہ ۾ "پائنچا پسائڻ کان پوءِ صدارتي جهاز ۾ لنڊن پهچي چڪو آهي ۽ علاج سان گڏ الطاف حسين سان ٻہ رازو نياز جون ڳالهيون پيو ڪري، اهو تہ شڪر ٿيو جو ميڊيا جي تنقيد کان پوءِ وزيراعظم گيلاني پنهنجو آمريڪي دورو ملتوي ڪيو آهي، جنهن ۾ هو وڃي تہ صرف اقوام

متحده جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪري ها، پر وفد اسي ماڻهن جو ويو پئي. ان وفد کي ته ڇڏيو صرف وزيراعظم جو روزانو 40 کان 50 هزار ڊالر خرچ جو ڪاٽو لڳايو ويو هو.

جنهن ملڪ جا سربراهه پنهنجي عوام جي ان تباهي تي ايترا ”ڳڻتيءَ“ ۾ ورتل هجن ته پوءِ باقي دنيا ۽ امدادي ادارا آفت ستيل علائقن جي ڳڻتي ڇو ڪن. هي ڪو جاپان ناهي جتان جا حڪمران زلزلي ۽ سونامي کي ڇهه مهينا گذرڻ جي باوجود سڪتي ۾ ورتل آهن. يارهين سيپٽمبر تي هو نئين وزيراعظم سميت ڪنڌ جهڪائي چند منٽن جي خاموشي ۾ بيٺل هئا. قدرتي آفتون رڳو سنڌ ۾ نٿيو اچن سڄي دنيا ۾ اچن ٿيون پر فرق صرف ايترو آهي ته باقي دنيا وارا انهن آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ آئينده ان کان محفوظ رهڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪن ٿا. برساتن جي تباهي سنڌ ۾ نئين شاعري کي به جنم ڏنو آهي. ڪنهن دوست ايس ايم ايس ڪيو ته:

”مالڪ هر انسان ٻڏي ويو
بابي گڏ جو ڏاج ڪيو هو
سارو سو سامان ٻڏي ويو
رات مليو خيرات ۾ جيڪو
پيٽ ٻکين جو نان ٻڏي ويو
مالڪ سڏڪا دانهو سڻ تون
جيجل جو پٽ جوان ٻڏي ويو
مال لئه تيلو گاهه جو ڪونهي
ٻک تي هر حيوان مري ويو
ٻڏڻ وارو ڪو ناهي
سارو ڇڻ ته جهان ٻڏي ويو

حڪمران جڏهن عوام جي اهنجن کي سنجيدگي سان نٿا وٺن ته عوام به اهڙن حڪمرانن کي ڪنهن خاص سنيجدگيءَ سان نٿو وٺي. علي قاضي هرويرو نٿو چئي ته ”بابا هي اندازِ حڪمراني هي طرز عمل گهڻو وقت نه هلي سگهندو.“ ڇا هنن حڪمرانن ڪڏهن اهو غور ڪيو آهي ته هيلوڪيون برساتون ”موسمياتي تبديليءَ جون تباهيون آهن. سنڌ موسمياتيءَ تبديليءَ جو شڪار ٿي آهي. ان کي عام رواجي ڳالهه نه سمجهو ان کي چند ووٽن ۽ چند امدادي ترڪن جي ڳالهه نه سمجهو. جيڪڏهن پنجاب ۾ ڊينگي وائرس جي ايمرجنسي آهي ته هنن سريلنڪا مان ماهر ڊاڪٽر گهرائي ورتا، شهباز شريف ته هڪ طنز به تقرير ۾ ڪري ويو ته جيڪڏهن ڊينگي مڇر اسپري سان نٿو مري ته اسان جنرل ڪياني کي چونداسين ته ٽينڪون موڪلي ته مڇر ماريون. سوال اهو آهي ته توهان ۾ موسمياتيءَ تبديلي جي آيل آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي؟ اختيار ڏٽين جي غير سنجيدگيءَ ۽ گذريل ٻوڏ دوران ڪيل رڪارڊ بدعنواين کي ڏسي عالمي ملڪ ۽ عالمي امدادي ادارا هاٿي پوئتي هٽي

ويا آهن. اسان پنهنجي ساک ايتري وڃائي چڪا آهيون, جو ريڊ ڪراس جهڙا عالمي ادارا توبهہ ڪري پڇي ويا, جيڪي جاپان ۾ ڇهہ مهينا گذرڻ جي باوجود ڪمن ۾ مک ڪردارا ادا ڪري رهيا آهن. ريڊ ڪراس سان سنڌ ۾ اها حالت ٿي جو ان جو گڏ ڪيل امدادي سامان جيالن پنهنجن گودامن ۾ بند ڪري ڇڏيو.

سرڪاري ادارن ۾ عدم شفافيت ڪري 13 لک متاثرين اڃا بہ امداد کان محروم پٽيل آهن. اها هڪ عالمي اداري جي سروي آهي جيڪي عدم شفافيت سبب آفت هوندي بہ امدادي ڪمن ۾ حصو نٿا وٺن. انهن جو چوڻ آهي تہ سرڪار تہ سرڪار, مقامي اين جي اوز بہ عالمي امدادي ادارن سان بہ هٿ ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن. گذريل ٻوڏ دوران سنڌ جي هڪ اين جي اوز ان متاثرن کي ڇهہ هزار ٽينٽ ڏئي عالمي اداري کان 75 هزار ٽينٽن جو بل ورتو. جاپان ۾ زلزلي ۽ سونامي ۾ 20 هزار ماڻهو مري ويا ۽ 80 هزار بي گهر ٿيا هئا. اسان مالديپ جي چاليهہ سالہ صدر محمد نشيد کان وڃي ٽيوشن وٺڻ گهرجي, مالديپ لڳ ڀڳ ٻارنهن سؤ جزيزن تي مشتمل ملڪ آهي, سمنڊ جي سطح وڌي وڃڻ ڪري مالديپ جا ڪوڙ جزيزا پاڻي هيٺ اچڻ جو خطرو آهي. نوجوان صدر جيڪو مامون عبدالقيوم جي 30 سالہ آپيشاهي کان پوءِ پهريون چونڊيل ۽ جمهوري صدر آهي. تنهن هاڻي کان پئي انڊيا ۽ سريلنڪا سان زمين حاصل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون شروع ڪيون آهن تہ جيئن ساموندي پاڻي اچي وڃڻ ڪري هو پنهنجا ماڻهو منتقل ڪري سگهي. مالديپ جي ان صدر کي 2009ع ۾ ٽائيم ميگزين ”ماحولياتي هيرو“ قرار ڏنو هو. 2010ع ۾ اقوام متحده کيس ڌرتيءَ جو چيمپئن قرار ڏنو. 2010ع ۾ ئي نيوز ويڪ جهڙي معتبر رسالي دنيا جي 10 بهترين اڳواڻن واري فهرست ۾ سندس نالو ڏنو. هالي ووڊ سندس ڪردار تي ”آءِ لينڊ پرزيڊنٽ“ جي نالي سان فلم ٺاهي. سبب آخر ڪهڙو سبب آهي سندس پذيرائي جو؟ ڇو تہ هو پنهنجي ماڻهن کي ٻڏندو ڇڏي لنڊن يا آمريڪا جي دورن تي نہ هليو ويو هو پر لنڊن مان خود ساختہ جلاوطني ختم ڪري اچي پنهنجي ماڻهن سان بيٺو.

# اڏائي ڪلاڪ ارباب سان!

هاڻي جڏهن سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت خلاف گرينڊ الائنس ٺهڻ جو اعلان ٿي ويو آهي تہ مون کي ان جي سربراهن ۾ ٽر جو اهو ارباب بہ نظر اچي رهيو هو جنهن جي حڪومت سنڌ ۾ هڪ اصطلاح مشهور آهي ۽ ارباب دور جو اهو اصطلاح سنڌ حڪومت جي مشير مولا بخش چانڊيي بہ پنهنجي تازي بيان ۾ استعمال ڪيو آهي تہ سنڌ ۾ ڇا ارباب دور واپس آڻڻ چاهين ٿا. ارباب رحيم پيپلز پارٽي ۽ ان جي حامين لاءِ هڪ اهڙي ڪوڙي گوري هو جنهن جي حڪومت دوران سندس خلاف ڪيترائي پوڳ ۽ چرچا ايئن مشهور ٿيا، جيئن جنرل ضياءَ جي دور ۾ اهڙا چرچا مشهور ٿيا هئا. ارباب دور جو اهو خوف ۽ جبر ان ڪري بہ هو جو سندس پٺيان اڳوڻو آمر جنرل مشرف بيٺل هو.

سنڌ ۾ اهڙي خوف وارو هڪڙو ڄام صادق جو بہ هو جنهن جي نالي ٻُڌڻ سان ڪيترائي پ پ اسيمبلي ميمبر ايئن ڇرڪجي ويندا هئا، جيئن اڄڪلهہ ڪرپٽ ڪامورا رينجرز اچڻ جو نالو ٻُڌي ڏڪي ٿا وڃن. اهڙن ڪڙڪ حڪمرانن سان پنهنجي مڙئي گهٽ پوندي آهي ۽ هونئن بہ اقتدار انسان کي وقتي طور سپر مين بڻائي ڇڏيندو آهي، تنهن ڪري پاڻ سپر مينن کان پاسو ڪري ”لڪا گهُمن لوڪ ۾“ جيان گهمندا آهيون. پر هاڻي پ پ مخالف اتحاد واري وڏيرن جي جهرمٽ ۾ جڏهن منهنجي نظر ارباب رحيم تي پئي تہ مون کي ساڻس گڏ ڪيل اسلام آباد وارو اهو سفر ياد اچي ويو، جنهن ۾ هن عام ماڻهو جيان پنهنجي طبيعت موجب کلي ڳالهايو هو. ان وقت هو مون کي عام مسافر لڳو جنهن جي هٿ ۾ هڪ سادو فون هو جنهن جي هيڊ فون کي هن ڪنن ۾ وجهي، باقي سيٽ هٿ ۾ رکي پئي ڳالهايو. هن ويهڻ وقت آخري فون بدين مان ڪنهن همراهہ جي اٽينڊ ڪئي، جنهن ڪيس مرزا ۽ پوليس جي جهيڙي واري تازي خبر ٻُڌائي. ويهڻ شرط مون ساڻس هٿ ملائيندي، پنهنجو تعارف ڪرايو جنهن جي جواب ۾ هن رُکي لهجي ۾ پُڇيو ”ڪٿان جو ڪوکر آهين.“ کيس مڪمل تعارف ڪرائيندي ٻُڌايم تہ ”ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي مدرسي ۾ تڏهن ملاقات ٿي هئي، جڏهن اسان جي شهيد ڪئميرامين منير سانگي جي تعزيت ۽ ڪيس جي سلسلي ۾ آيا هئا.“ هن ڪنڌ ڌوڻيو پر مون کي پڪ هئي تہ کيس اها ملاقات ياد نہ هوندي، اسان ٻنهي جي سيٽن جي وچ واري سيٽ تي صحت وارو صوبائي سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد احمد مگهيجو ويٺل هو جنهن کي بہ هن بعد ۾ سُڃاتو.

ڳالهين مان ڳالهيون نڪرنديون ويون ۽ جيئن جيئن هو ڳالهائيندو رهيو، تيئن تيئن منهنجي صحافتي اک کيس جانچيندي رهي ۽ سوال بہ اهڙا ڪرڻ لڳس. سنڌ ۾ بهتر حڪمرانيءَ جو تاثر ڇو نہ ٿو ملي ۽ سنڌ جا وزيراعليٰ رهندڙ ماڻهو ان وقت آخر ڪهڙين مصروفيتن کي سبب کان وڌيڪ ٽائيم ڏيندا آهن. منهنجي اهڙن سوالن تي هن هاڻوڪي وزيراعليٰ مٿان طنزيہ جملو اڇليو تہ ان کي تہ نئين

ديري هائوس، نوابشاهہ ۾ ڪراچي جي سفرن ئي ٽڪائي وڏو آهي تہ عوام کي ڪھڙو ٽائيم ڏيندو پر منهنجو وڏ ۾ وڏ وقت اهي شاديون ۾ فنڪشن وڃائيندا هئا. جن ۾ وڃڻو بہ ضرور پوندو هو. مون کيس ٻڌايو تہ "اسان ڪجهہ مهينا اڳ وزيراعليٰ پنجاب جي دوري تي لاهور ويا هُئاسين، جنهن ۾ ان جي سيڪريٽري معين الدين واني، جيڪو سکر ۾ ايس ڊي ايم بہ رهي چڪو هو تنهن ٻڌايو تہ شهباز شريف صبح جو ڇهين وڳي اٿندو آهي، ستين وڳي تائين اخبارون پڙهي ساڍي ستين يا اٺين وڳي کان مختلف آفيسرن کي آفيسن جي نمبرن تي فونون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي." ايئن سندن صوبي جي ڪامورن جي مشينري مٿان کان هيٺين سطح تائين صبح جو ستين اٺين وڳي جاڳي پوندي آهي.
ارباب کلي چيو "سنڌ ۾ تہ ايئن مشڪل آهي، پر مان سوير اٿندو هئس. نماز مهل نماز پڙهي ناشتو ڪري وري سُمهي پوندو هئس. پوءِ يارهين وڳي کان شام تائين ڪم ڪار هلندو رهندو هو." هن جڏهن نماز جي ڳالهہ ڪئي تہ مون کانئس پڇي ورتو تہ "اوهان تبليغن تي بہ ويندا هئا ۽ ان دور ۾ ٻڌو هيوسين تہ ڪو مئخانو يا بار جيڪو وزيراعلي هائوس ۾ ان کي بہ ڊهرائي توهان ان جڳهہ تي ئي مسجد تعمير ڪرائي هئي." اها توڙي جو سندس لاءِ ڪريڊٽ جي ڳالهہ هئي، پر هن انڪار ڪندي چيو تہ "نہ وزيراعليٰ هائوس ۾ اها مسجد مون نہ، پر سائين غوث علي شاهہ تعمير ڪرائي هئي، جنهن کي فنڪشنل مون ڪيو جو ان ۾ وڃي نماز پڙهندو هئس." هي کِلي چيو "هاڻي تہ ٻڌون ٿا ويران پئي آهي." ارباب جي ڪچهريءَ ۾ اهو بہ ذڪر نڪتو تہ "رئيس وڏي" ڪراچيءَ ۾ گاڏين کي بلٽ پروف ۽ بم پروف بڻائڻ جي فيڪٽري بہ هنئي آهي، پر اها خبر ڪنهن کي بہ نہ هئي تہ سنڌ جي وزيراعليٰ جي گاڏي بہ اتان بلٽ پروف ٿي آئي آهي يا نہ، ڇو تہ تازو ئي سندس هڪ گاڏيءَ جو شيشو گولي نہ، پر پٿر لڳڻ سان ٽُٽي پيو آهي."
سنڌ ۾ بدانتظامي ۽ بدعنواني جي وڏي ويل وبا بابت هن سيڪريٽري صحت ڏانهن اشارو ڪندي چيو "هن کان پُڇو منهنجي دور ۾ ڪڏهن بدلي جي عيوض يا پوسٽنگ تي هنن پئسا پريا . . . ڪلام پاڪ ڏئي پُڇوس تہ نہ چوندو، ڇو تہ ذاتي طور اهي معاملا مون هڪ ايماندار ۽ بظاهر ڏاڙهيءَ واري ايوب شيخ تي ڇڏي ڏنا هئا. ان اگر ڪنهن کان پوسٽنگ جا پئسا ورتا هجن تي خدا کي خبر. سنڌ ۾ مون چونڊي چونڊي ايماندار ماڻهو لڳرايا هئا، پر اها بہ حقيقت آهي تہ اهو ايماندار بہ ڪنهن ڪم جو ناهي، جيڪو صرف ايماندار هجي ۽ پنهنجو ڪم ئي نہ ڪري، ڪجهہ عملدار اهڙا آهن، جيڪي هاڻ بہ چوندا آهن، اهو ڪم نہ ٿيندو، اسان ايماندار آهيون. اڙي بابا ماڻهن جا ڪم نہ ٿا ڪريو تہ پوءِ توهان جي ايمانداري ڪهڙي ڪم جي ." مون سندس اهڙي گُفتگو ٻڌي کيس چيو "ان جو مطلب تہ ڪجهہ ڪم ايماندار هجن ۽ ڪجهہ پئسا ڪمائين.يعني سٺ ۽ چاليهہ سيڪڙو واري روش تي ڪم هلي ويندو." جنهن جي جواب ۾ هن سنجيدگيءَ سان چيو، "اسان جو سماج اهڙو ٿي ويو آهي، جو توهان ڀلي رشوت کائو پر ماڻهن جا ڪم ڪريو تہ بهتر آهيو پر اگر ڪم ئي نہ ڪريو ۽ چئو تہ ايماندار آهيون تہ اهڙي ايمانداري ڪهڙي ڪم جي." ارباب رحيم سان ڪچهري هلندي رهي، جنهن دوران پي آئي اي

جي فلائيٽ وارن سينڊوچ ڏنا. جيڪي اسان اتي ئي کائي ختم ڪيا. سندس مذهبي لاڙي سبب ڪُلي ڪري کانئس پُڇيم تہ،”توهان وٽ تہ ايتريون سيٽون ئي نہ هيون. پوءِ ڪنهن جي دعا سان وزيراعليٰ ٿيا؟“ هن کِلي چيو، ”مون کي تہ اميد ئي ڪونہ هئي تہ ڪو وزيراعليٰ ٿيندس. پر اسان جو بہ اوچتو ڀاڳ کُلي ويو.“ مون سندس مخالف اميدوار بابت سندس جملي تي اعتراض ۽ حيرانگي ڪئي تہ هن پُڇيو، ”چو توکي ناهي خبر . . . “ مون چيو ”نہ سائين مون کي ناهي خبر.“ تہ هن بي رخيءَ مان چيو تہ، ”پوءِ تون کهڙو صحافي آهين. جو سياستدانن جي راتين جي خبر نٿي پوي.“

ڊاڪٽر ارباب رحيم کي سيڪريٽري صحت ياد ڏياريو تہ ، هو سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ۾ سندس سينئر هو. جنهن جي جواب ۾ هن چيو ”ها مون فرسٽ ايئر ۾ ئي ميڊيڪل پڙهائي ڇڏي ڏني هئي. جو ميرپورخاص ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين چونڊجي ويو هئس.“ هن سان ڪچهري هلندي هلندي جهاز جڏهن اسلام آباد پهتو تہ سيڪريٽري صحت هٿ ڇڏائي وڃي، بس ۾ چڙهيو. اسان ٻئي ڪوسٽر ۾ اچي اسٽيٽ لائونج لٿاسين. جتان هن منهنجو لگيج بہ پنهنجي لگيج سان گڏ گهرايو. سندس گاڏي منهنجي هوٽل واري گاڏيءَ کان اڳ اچي وئي، پر مون کي چيائين، ”پهريان پڪ ڪري وٺ، اهي هوٽلن وارا وڏا نياڳا هوندا اٿئي، ڪڏهن گاڏي موڪليندا، ڪڏهن نہ . . . “ مون کيس چيو ”توهان ڀلي هلو سائين آئون ٽيڪسي ڪري هليو ويندس.“ پر هن ايئن نہ ڪيو ۽ منهنجي هوٽل تائين مون کي ڇڏڻ آيو. جيڪو سندس روٽ کان گهڻو پري هو. . . موڪلائڻ مهل کيس صرف ايترو چيم، ”ڪاش سنڌ جا سمورا وزيراعليٰ پنهنجي ذاتي ايجنڊا سان گڏ سنڌ جي ڪنهن ايجنڊا تي بہ سچا ٿي هلن. نيڪ نمازي پرهيزگار هجن يا گناهگار، پر پنهنجي ڪم ڪار جي صبح سنتين ائين وڃي ڪن تہ جيئن سنڌ جي هر ننڍي وڏي آفيس جو ڪاروهنوار صبح سوير شروع ٿئي، پوءِ اهو ايمانداريءَ سان ٿئي يا ڪٽي چاليهن سٺ واري سيڪڙي جي نسبت سان ٿئي، پر سنڌ جي عام ماڻهن لاءِ آفيسن جا در صُبح سوير کُلن . . .

ارباب رحيم شروع کان پ پ مخالف سياست ڪئي آهي ۽ هاڻي بہ ڪري ٿو پر کيس پڪ آهي تہ جيستائين پ پ مخالف ڪا وڏي جماعت نہ ٿي جُڙي، تيستائين هو مخالف ڪندا رهندا، جيڪي ايترا اثرانداز نہ ٿيندا، جيتري ڪا هڪ مڪمل سياسي پارٽي اثرانداز ٿيندي.